

موُر نہ وسران سنڌ





چيتو لالواڻي

مور نہ وسران سنڌ

(سنڌ جو سفرنامو)

- جيتو لالواڻي

استيج پبليڪيشن

37، آدتيہ بنگلوز، آواس پارڪ اندر،

نوبل نگر پرسان، احمدآباد-382340.

فون : 079-22813312 (Ph.) M. 9879563312

ارپڻ

پرم پوڄنيہ پنهنجي پتا صاحب ۽ امڙ
جي نانءُ جن مونکي ننڍپڻ کان ئي
سنڌيت جا سنسڪار ڏنا ۽ منهنجي
سوچ، فڪر، وهنوار ۾ سنڌ جي حب،
پريم، محبت جو صادق جذبو ڀري
منهنجي علم ۾ اضافو ڪيو.
اُنهن جي چرن ڪملن ۾ آسيس جو دعاگو
- ڄيٺو لالواڻي

ڪتاب جو نالو : **مور نہ وسران سنڌ**

(سنڌ جو سفرنامو)

ليکڪ : **جيٺو لالواڻي**

ڇپائيندڙ : **اسٽيج پبليڪيشن،**

37، آدتيہ بنگلوز، آواس پارڪ اندر،

نوبل نگر پرسان، احمدآباد-382340.

فون : 079-22813312 (Ph.) M. 9879563312

E-mail:jetholalwani@gmail.com

ڇاپو : **٢٠١٠**

ملهہ : 250-00 **روپيہ**

ڇپيندڙ : **اِسڪين ڪمپيوٽرس**

٣، راڌيشيام اپارٽمينٽ، پاٽيا، نروڙا روڊ،

احمدآباد-382340.

فون : 079-30246776 (Ph.) M. 9327007002

MUR NA VISIRAN SINDH

(Travelloge of Sindh)

By : **JETHO LALWANI**

Publisher : **STAGE PUBLICATION**

37, Aditya Bunglows, Inside Awas Park,

Noblenagar, Ahmedabad-382340.

Ph. : 079-2281331 (M.) 09879563312

E-mail:jetholalwani@gmail.com

Year : 2010

Price : 250-00 Rs.

Printed by : **SCAN COMPUTERS**

3, Radheyshay Appartment, Patia,

Naroda Road, Ahmedabad-382340.

Ph. 079-30246776 (M.) 9327007002

امرتسر کان واپس موٽڻ بعد هو ڪافي رُنو هو.

چينو هر بار مونکي چوندو هو تہ پاڻ سان گڏ سنڌ وٺي هلو ۽ مون هن سان انجام ڪيو هو تہ ''مان توکي سنڌ ضرور وٺي هلندس'' ۽ سنڌ جي پهرين ياترا هن مونسان ئي ڪئي. چينو ٽي دفعا سنڌ جي زيارت ڪري آيو آهي جنهن ۾ ٻہ دفعا هوُ مونسان گڏ هو.

لالواڻيءَ پنهنجي سنڌ ملاقات جو بيان-ورتانت هر بار ڪيو آهي ۽ سمورو بيان ڪتاب **''مور نہ وسران سنڌ''** ۾ درج ڪيل آهي.

مون انيڪ ڀيرا سنڌ جو سئر-سفر ڪيو آهي. عالمي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي آهي ۽ پنهنجا آزمودا، سنڌ وارن جي سڪ،محبت، مهمانوازيءَ جو وقت بہ وقت ذڪر جدا جدا رِسالن-مخزنن ۾ ڪيو آهي. چيني پڻ جدا جدا اخبارن، رسالن ۾ سنڌ جي ياترا جو تفصيلي ورنن ڪيو جيڪو عوام ڪافي پسند ڪيو آهي. هاڻي مڪمل ڪتابي صورت ۾ توهان جي مبارڪ هٿن ۾ آهي.

هن سفرنامي جون جيڪي مونکي خوبيون نظر آيون اُهي ڪجهہ هن ريت آهن:

اڪثر گهڻن سنڌ جي سفرنامن ۾ سنڌ جي شهرن ۽ هنڌن جي جاگرافيائي بيان، تفصيل درج ٿيل هوندا آهن پر هن سفرنامي ۾ فقط لالواڻيءَ شهرن ۽ هنڌن جي جاگرافيائي مقاميت بيان نہ ڪئي آهي پر اونهو وڃي اُنهن جي اِتهاسڪتا ۽ اهميت تي بہ روشني وڌي آهي. گڏوگڏ سنڌ ۾ اڄ ڪهڙيون سماجي، سياسي ۽ ثقافتي حالتون آهن، اُتان جي عوام جو ڪهڙو سوچ ۽ اِڇائون آهن، اُنهن تي بہ اونهي نظر وجهي اُنهن جي تصويرڪشي ڪئي آهي.

ٻنهي ملڪن جي سنڌين وچ ۾ رشتي، پيار ۽ محبت کي پاڻ محسوس ڪري اُن کي اظهاريو آهي. ننڍيون-ننڍيون ڳالهيون جيڪي ئي سچ پچ وڏين ڳالهين کي اظهار ڏينديون آهن اُنهن کي ڌيان ۾ رکي اُن جي صحيح پس منظر ۾ پيش ڪيو آهي. اڪثر آدرياءُ، آجياڻين، سٽڪارن ۾ ننڍيون ڳالهيون، واقعا نظر نہ ايندا آهن پر لالواڻيءَ شارپ نظر سان، باريڪ ڳالهين کي بہ ڌيان ۾ رکي اُنهن کي بہ شدت سان پيش ڪيو آهي.

چينو هڪ نهڻو، نماڻو، همٿ وارو، عملي ڪم ۾ وشواس رکندڙ ڪنهن کان بہ نہ ڊڄندڙ، ستيہ ۽ سنڌيت خاطر ڪنهن بہ سياستدان سان مهاڏو اٽڪائي اُن کي منطقي پڇاڻيءَ تي پهچائڻ جي سگهہ رکي ٿو. سنڌي ٻولي، ساهت، سنسڪرتيءَ جي لالواڻي اڄا بہ سيوا ڪندو رهي، سنڌي ادب جا گهڙا ڀريندو رهي، مان هن جي وڏي صحتمند آورجا ۽ نين سڦلتائن جو دعاگو آهيان.

- **هيرو ٺڪر**

مهاڳ

ڊاڪٽر ڄينو لالواڻي، سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب، جاڪوڙي ۽ ثابت قدم سنڌيت پريمي رهيو آهي. هن مختلف موضوعن تي ڪيترا ئي ڪتاب قلمبند ڪيا آهن. مضمون، ڪهاڻيون، ناٽڪ، تنقيد، ٻال ساهت، لوڪ ادب، کوجناتمڪ ڪارج، اخبارنويسي، ناٽڪ منچن، هدايتڪاري، اداڪاري، ڪهڙن-ڪهڙن ن مختلف ۽ گوناگون کيترن ۾ ڪم ڪيو آهي. پر ناٽڪ ۽ لوڪ ادب واري ميدانن ۾ هن اهم ڪم ڪيو آهي. ڄيني لالواڻيءَ جي ڪم جي حصي ۾ لڳ ڀڳ ٽيهارو ڪ ڪتاب آهن، جيڪي سنڌي ادب، ڪلا، تاريخ ۽ ٻوليءَ کان وٺي سماجي، سياسي ٻهبوديءَ تائين جي گهري اڀياس جي ساک ڀرين ٿا ۽ موضوعن جي وسعت رکن ٿا لالواڻي سنڌ-سنڌيت جي ٻرندڙ مسئلن تي به مضمون لکندو رهيو آهي جيڪي هند سنڌ جي مختلف رسالن، مخزنن، اخبارن ۾ شايع ٿيندا پئي رهيا آهن. هن پنهنجي ڪيريئر ۾ ملڪ ۽ سنڌ جا ڊؤرا ڪيا آهن، ڪيترين ئي ڪانفرنسن اجلاسن، سيمينارن ۾ شرڪت ڪري مختلف موضوعن تي کوجناتمڪ مقالا پڙهي آهن ۽ تحقيقي تقريرون ڏنيون آهن. لالواڻي ٻهو-ٻهورنگي شخصيت آهي.

ڄيني لالواڻيءَ جي دل ۾ سنڌ لاءِ اٿاهه محبت رهي آهي. سنڌ کي پنهنجي وڏن جي اک، تصور ۽ اُنهن جي ٻڌايل ڳالهين مان هن سنڌ جو تصور ۽ ذهني سـ ماڻيو آهي. هن جي ماتا-پتا جي نه وسرندڙ سنڌ جي سارونين ۽ يادگيرين لالواڻي کي به سنڌ ڏسڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ هوُ سنڌ ڏسي پنهنجي زندگيءَ جي پورڻتا حاصل ڪرڻ لاءِ، وقت به وقت سنڌ ياترا جا موقعا ڳولهيندو رهيو ۽ جڏهن آيل موقعا هٿ مان سرڪي ٿي ويس تڏهن هوُ ڪافي اُداس ۽ نراس ٿي ويو هو. مونکي ياد آهي ڄيني جي پاپي، منهنجي ڌرمپتني پوڄا هيرو نڪر ٻڌايو هو ته شداڻي دربار جي جٿي سان لالواڻيءَ جو سنڌ وڃڻ جو ڪارج ڪرم ٿيو هو. هو ڏاڍو خوش هو، امرتسر پهچندي جڏهن هن کي ڄاڻ ملي ته هن جي ويزا پاڪستان حڪومت ر ڪري ڇڏي آهي. تڏهن هوُ اُداس، هتاش، مرڻينگ حالت ۾ منهنجي گهر دهلي پهتو هو. مان ڪنهن ضروري ڪم سانگي ممبئيءَ ويل هئس. هن جي اکين آنسون ڏسي، پوڄا هن کي دلداري ڏني هئي، همٿ وڌائي هئي ته ’نراشا جـ پنيان آشا امر آهي‘، توهان کي هڪ ڏينهن سنڌ وڃڻ جو موقعو ضرور ملند

ٻڌجي رهيون آهن، وقت ۽ حالتون مٽجي رهيون آهن، هوائن ۾ ڦيرو اچي رهيو آهي. نوجوان پيڙهي پنهنجين جڙن جي تلاش ڪري رهي آهي. ڀائپيءَ جو هڪ نئون دؤر شروع ٿي چڪو آهي.هند-سنڌ (پاڪستان) امن جي راهہ تي وک وڌائي رهيا آهن. مونکي پڪ ۽ وشواس آهي تہ ايندڙ نسلن تي صدين تائين سنڌي سڀيتا جي ٿڌي ڇانوَ رهندي ايندي سنڌ سان صدق ۽ محبت ۾ اضافو ٿيندو رهندو.

سنڌ ياترا دؤران اسان پاڻ ۾ ڀائپيءَ ۽ محبتن جا انيڪ پاڪر پاتا آهن. اسان پنهنجي وطن سان سچي عالم جي امن جي دعا گهري آهي.

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

امن صوفي مت ئي اسان جي سنڌ ۽ اسان جي سڃاڻپ آهي. مون سنڌوءَ جو پوتر جل پيتو ۽ اکين سان سنڌ جي مٽي ڏٺي ۽ مستڪ لڳائي سيس نوايم، شال سدائين سنڌ پونءَ جي نت مستڪ رهندو اچان اهڙي پريوءَ در پرارٿنا. مون سنڌ جا ٽي ڀيرا سفر ڪيا آهن. تنهي جو ورتانت قلمبند ڪيم، پهريون ڊاڪٽر گهنشيام هوتوملاڻيءَ سال ٢٠٠۴ ۾ ”سنڌ جي زيارت“ نالي ”سنڌين جو سنسار“ رسالي ۾ قسطن ۾ شايع ڪيو. شري شيام رامرڪياڻيءَ ٻئي دؤري جو سفر نامو ”امن جا پکي اُڏاڻا سنڌ“ پنهنجي روزاني ”زندگي سماچار“ اخبار ۾ سال ٢٠٠۵ ۾ نيمائتين قسطن ۾ شايع ڪيو ۽ شري نرمل گوپلاڻيءَ ”سچائي“ هفتيوار اخبار ٢٠٠٩ ۾ ”مور نہ وسران سنڌ“ نالي لڳاتار مهنن جا مهنا نيمائيتون قسطون شايع ڪري، منهنجي سنڌ دؤري کي عوام تائين پهچايو. جنهن عوام کي ايترو تہ متاثر ڪيو جو جتان ڪٿان سنڌ زيارت جو سلسلو ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جي گهر ٿيندي رهي. مان شڪرگذار آهيان شري جئڪشن سگنومل ادناڻي، شري گنگارام شيامداس ادناڻي (سورت)، شري جيرامداس داساڻي (معزز شخصيت-سورت) جن هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي مدد جو هٿ ڊگهيڙي، اُتساهت ڪيو. عوامي گهر کي مانُ ڏيئي ”مور نہ وسران سنڌ“ ڪتاب جي اشاعت ۾ هر قسم جي نہ صرف مدد ڪئي پر ڪافي اُتساهت پڻ ڪيو.

مان اخبارن ۽ مخزنن جي سمپادڪن جو بہ ٿورائتو آهيان. وڌيڪ مان احسان مند آهيان پنهنجي وڏي ڀاءُ عالمي محقق جناب هيري ٺڪر جو جنهن سنڌ جي زيارت ڪرائي، منهنجو جيون سڦل بڻايو. جن بہ سڌي اڻسڌي نموني مدد جو هٿ ڊگهيڙيو آهي، سنڌ سفر لاءِ اُتساهت ڪيو، سنڌ ۾ جن قرب، محبتون ڏنيون،.مهمانوازي ڪئي. سڀني جا ٿورا...

ٿورا نہ ٿورا مون مٺان ماروئڙن جا.

- جيلو لالواڻي

پيش لفظ

منهنجو جنم سونهاري ڀلاري ڀونءِ سنڌ ۾ ٿيو. وڏن ڪان-بزرگن ڪان سنڌ ديس
جون انيڪ ڳالهيون ٻڌيون، جن سنڌ ڏسڻ لاءِ من ۾ نہ صرف آنڊ مانڊ پئدا ڪئي
ڳڏوڳڏ انيڪ خواهشن ۽ ارمانن بہ جنم ورتو. مون پنهنجي سوچن خوابن، تصور
واري سنڌ وقت بہ وقت ڏسڻ چاهي. خاص طور اُهو هنڊ-شهر جتي منهنجو جنم ٿيو
ماتا صاحب جن گود ۾ کٽي لولي ڏني، هندوري ۾ جهولائي منڙي ننڊ ڪرائي
منهنجو سنڌ تي پيرا وجڻ ٿيو. ياترائن دؤران دوستن، پنهنجي وڏن ۽ ڪتابن
پڙهيل ٻڌل ڳالهين کي اکہ سان ڏنم ۽ ماڻيم. هيءُ موقعا منهنجي يادگارن مان آهن
هئڻ بہ گهرجي ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي مٽيءَ جو ساءُ، هٻاءُ منهنجي سواسن ۾ آهي
سنڌوءَ جوپاڻي، سنڌو ماتا جي ٿڃ منهنجين نسن ۾ رت بڻجي وهي رهي آهي. وڏ
ڳالهہ تہ مان پنهنجين جڙين ڏانهن بار بار واپس وريو آهيان. مونکي سرهائي ۽ س
اِن ڳالهہ جو بہ آهي تہ سنڌ، جتي پيڙهين جون پيڙهيون منهنجا بزرگہ رهيا، منهنج
ماءُ جي ٻولي، جنهن جو نانءُ سنڌي ٻولي آهي، جنهن مونکي سڃاڻپ ۽ فخر
احساس ڏنو آهي. اسان جو تهذيبي ماڳہ موئن جو دڙو آهي اُن جو درشن ۽ سنڌو م
جا چرڻ ڇهڻ جا چاهيل موقعا مليا آهن. منهنجن بزرگن ٻڌايو هو تہ سنڌ وارا هند
مسلمان سدائين گڏ رهياسون. ڇاتم-پاتم اسين سنڌ-هند جا سنڌي پنهنجي تصور
عمل ۾ اڄ بہ هڪ آهيون ۽ سچ اِهو بہ آهي تہ ڀل سنڌي قوم ٻن ملڪن ۾ ورهائج
ويئي آهي، ڀل ساريرڪ طور جدا ٿيا آهيون پر ذهني طور، ثقافتي طور هڪ آهيون
سدائين هڪ رهنداسين. اسان جي عقيدي، وشواس جو ڪوبہ ورهاڱو نہ ڪري سگهند
سنڌ جي زيارت مونکي پورڻتا جو احساس ڪرايو آهي. سنڌ، سنڌ وارا، سنڌ
ٽوپي، اجرڪ وارا، حسين ۽ من موهڪ آهن. قربدار، مهمانواز ۽ محبتن وارا آهن
اِهو مون شدت سان محسوس ڪيو آهي.

منهنجي ذهن ۾ سدائين نارايڻ شيام جو گيت سدائين اُڀرندو رهندو آهي.

گنگا جمنا امرت-امرت
ليڪن ٿڃ تہ سنڌو آهي.

مونکي فخر آهي تہ سنڌ، سنڌي ٻولي اسان سڀني جو، سنڌ ۾ رهندڙ، سنڌ چاو
۽ هند چاولن جو گڏيل ورثو ۽ سرمايو آهي.

اڳي جيڪي دوريون ۽ فاصلا هئا اُهي هاڻي گهٽجي رهيا آهن. حالتون ساز

١- سنڌ جي زيارت

منهنجو جنم سونهاري سنڌ جي شهر ڪنڊياري، ضلعي نوابشاه ۾ ٿيو. هن شهر ۾ ڪنڊيءَ جا تمام گهڻا وڻ هجڻ ڪري ڪنڊيارو نالو پيو. ديس جي ورهاڱي جي ڪري سنڌ جا وڻ ڇڏڻا پيا.

مان جوان هئي ڀارت ماتا جي گود ۾ ٿيو آهيان. جنم ڀومي سنڌ ڏسڻ جي لالسا دل ۾ ننڍپڻ کان ئي رهي. وطن جي حب منهنجي لاءِ نيڪ جذبو رهيو آهي. سنڌ سان پيار ۽ سنڌيت سان لڳاءُ جا سنسڪار مونکي ورثي ۾ پنهنجن وڏن کان مليل آهن.

مونکي اڄ به ياد آهي ته منهنجو پتاشري ماڌوداس دونومل لالواڻي هر شام جڏهن ڪارخاني تان گهر واپس موٽندو هو ته سنان ۽ پاٺ پوڄا ڪري وراندي ۾ ويهي محفل سجائيندو هو. وقت گذرندي اچانڪ شاه صاحب جو ڪلام گنگنائڻ شروع ڪندو هو. شاه جي ڪلام ڳائڻ سان گڏ اسان کي جڏهن سنڌ جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو ته سندن اکين مان ڳوڙها ڳڙي ايندا هئا. پتاشري ۽ ماتا صاحب سنڌ جون انيڪ ڳالهيون اسان کي ٻڌايون. انهن ڳالهين پڻ منهنجي دل ۾ سنڌ جي سڪ ۽ ساروڻي کي وڌيڪ پختو ڪيو. منهنجا ماتا پتا جيستائين حيات هئا، ٻه دفعا سنڌ جي ياترا ڪري آيا هئا.

هنن واپس وري ڪانپوءِ سنڌ ۽ پنهنجي ڳوٺ، ٻنين، ٻارن، جاين ۽ جڳهين لاءِ يتريون ته ڳالهيون ڪيون هيون جو سنڌ ماتا کي ڏسڻ، جنم هنڌ جو درشن ڪرڻ سونهاري سنڌ جي سرزمين تي پير رکي مٽي مستڪ لڳائڻ ۽ ان کي چُمڻ لاءِ منهنجي دل تڙڦندي رهي.

تنهن ڪري سنڌ وڃڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ورتم. سنڌ ۾ رهندڙ ناناڻن، مامن کي خط لکيم ۽ سنڌ جي قلمي دوستن، واقف اديبن، کي سنڌ گهرائڻ لاءِ به خط لکيم. پر هر بار سياسي حالتن جي بگڙجڻ جي ڪري يا ويزا نه ملڻ جي ڪري دل جو ارمان دل ۾ ئي رهجي ويو.

ان سلسلي ۾ هڪ ڀيرو 1996ع ۾ شداڻي دربار جي جٿي سان وڃڻ جو پروگرام

فهرست

تهڙي تياري ڪري امرتسر پهتس. اُتي اسين هڪ هوٽل ۾ رهياسين. رات جو لڇمڻ پڇيو، ”پنهنجي لاءِ وسڪي-ٻسڪي ڪنئي اتئي ڪين نه، اُتي تڪليف ٿيندءِ.“ مون وراڻيو، ”مان سنڌ وسڪي پيئڻ نه پر سنڌوءَ جو امرت پيئڻ تو هلان جيڪو منهنجي لاءِ آبحيات آهي.“ وري پڇيائين، ”ڀلا پاڻ سان ڇا کنيو اٿئي؟“ مون آکيو، ”ٿورا پان، ٻيڙيون، ڪاچو، ڦوٽا، ڪارا مرچ ۽ مناڻي.“ مون لڇمڻ کي ٻڌايو ته، ”جڏهن منهنجا پتا صاحب سنڌ گهمڻ ويا هئا تڏهن پاڻ سان اِهي شيون کڻي ويا هئا. اِن لاءِ مون به مٽن مائٽن، عزيزن، دوستن لاءِ اهي شيون کنيون آهن.“ اسان کي اسٽيشن تي فورم وارا وٺڻ آيا هئا. هنن سن سٽي ٽاور هوٽل پيڙو ڪيو.

آنڌ مانڌ ۾ سڄي رات ننڊ نه آئي. صبح جو سوير لگزري بسن ۾ امرتسر يونيورسٽي وٺي ويا. جتي ناشتي جو بندوبست ٿيل هو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اطلاع ڏنو ويو ته ويزائون اچي ويون آهن.

دل ۾ دٻيل ڊپ سان پنهنجي نمبر واري روم ويس. اُتي جڏهن پنهنجي نالي واري ويزا ۽ پاسپورٽ حاصل ڪيم ته ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيس. ايتري خوشي ۽ آنند زندگيءَ ۾ ڪڏهن به محسوس نه ٿيو هو. مونکي ڄڻ قارون جو خزانو ملي ويو. ان وقت ڪومل ۽ هيري نڪر جا لفظ ياد اچي ويا ته، ”لالواڻيءَ! هن ڀيري توکي سنڌ ضرور وٺي هلنداسين.“

سيني کي لگزري بسن تي چاڙهي واگها بارڊر پهچايو ويو ۽ چيو ويو ته ڪسٽم ۽ ايڪسائيز جي چيڪنگ کانپوءِ پيرين پنڌ ـ ـ-پاڪ سرحد پار ڪرڻي آهي ما..، ڪسٽم جي جاچ کانپوءِ ڊوڙي هند سرحد پار ڪري پاڪ جي سرحد ۾ پير پاتم. آٿت ٿيم ته هاڻي پاڪستان جي سرزمين تي آهيان.

سرحد تي فورم جا دوست موجود هئا. جن سهڻي نموني آجيان ڪئي ۽ ڪراچي ڪنوينشن جو شاندار بيج سيني تي لڳايو. آجيان ڪندڙن ۾ ٻه ٽي سنڌي به هئا. تنهين مونکي ڪيڪاريو ۽ ڀاڪر پري آجيان ڪئي.

مان هنن کان موڪلائي پاڪ ڪسٽم پهتس. جلدي جلدي سامان چيڪ ڪرائڻ جي لاءِ رکيم. پر منهنجي لاءِ ان وقت عجب جي حد ئي نه رهي جڏهن مونکي ٻڌايو ويو ته توهان جي پاسپورٽ تي ڪليئرنس جو ٺپو لڳي چڪو آهي، توهين سامهون واري پنڊال ۾ وڃي ويهو.

اُتي هڪ شاندار تنبو لڳل هو جتي سماج جي هر حصي جهڙوڪ ليکڪ، پترڪار،

ٿيو. دربار وارن اطلاع ڏنو تہ ويزا جو بندوبست ٿي ويو آهي ۽ مڪمل تياري ڪ
امرتسر پهچڻو آهي. اُن کان اڳ يارن دوستن کي سنڌ ۾ فون ڪيم تہ مان ج
سان گڏ سنڌ پهچي رهيو آهيان. پر جڏهن مدن جماڻي ۽ رام لعلچندائي سان
واگها بارڊر تي پهتم تہ معلوم ٿيو تہ منهنجي ويزا رد ڪئي ويئي آهي ۽ ان
ڪوبہ سبب نہ ٻڌايو ويو. ويزا رد ٿيڻ جو ٻڌي منهنجن پيرن هيٺان جڻ زم
نڪري ويئي.

ان ڪانپوءِ جڏهن سنڌي اڪادمي دهلي جي سيڪريٽري جي عهدي تي منهن
مقرري ٿي تہ اُتي لڇمڻ ڪومل سان ملاقاتون ٿينديون هيون ۽ وڏي ڀاءُ هي
ٺڪر سان بہ گهڻو وقت گذرندو هو. ان وقت سنڌ مان جيڪي بہ اديب ايندا
تن سان بہ ملاقات ٿيندي هئي. انهن سان ملاقاتون ڪري ڳالهيون ٻڌي خبر
حاصل ڪري پنهنجي من کي دلاسو ڏيندو هوس. ان دوران ڪيترن اديبن
اڪادمي پاران ساهتيڪ پروگرام، گڏجاڻيون پڻ رکيم. سنڌ جا اديب سنڌ ا
جون دعوتون پڻ ڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن لڇمڻ ڪومل ٻڌايو تہ دهلي ۾ ”انڊو-پاڪ پيپلس فورم فار پ
ائنڊ ڊيموڪريسي“ نالي هڪ سنسٿا قائم ٿيل آهي جيڪا ٻنهي ملڪن جي و
امن ۽ دوستي جي لاءِ ارپت ٿيل آهي ۽ اها ٻنهي ملڪن مان ڪنهن نہ ڪنهن
۾ گڏيل ڪنوينشن ڪندي آهي. هن ڀيري اُهو ڪراچي ۾ ٿيڻ وارو آهي ۽ جيڪ
سنسٿا جا ميمبر آهن تن کي ان ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملندو. سو مون
ميمبرشپ فارم ڀريو. ان مقصد سان تہ شايد اهو هڪ ذريعو بڻجي پنهنجي
ڀومي ڏسڻ جو.

منهنجا ڀاڳ ڀلا هئا. سنسٿا ڄاڻ ڏني تہ ڪراچي ۾ 14-12 ڊسمبر 2003
ڪنوينشن ٿي رهيو آهي. مون سنسٿا کي فارم ڀري گهربل رقم ۽ پاسپورٽ ڏي
موڪليو. شري هيري ٺڪر ۽ شري لڇمڻ ڪومل مونکي چيو هو تہ ”اسان ت
سنڌ ضرور وٺي هلنداسين.“

پوءِ شروع ٿيو انتظار، ويزا جي پڇا ڳاڇا تہ پوزيشن ڇا آهي، دهليءَ بہ ر
ويم. اُتي ڄاڻ ملي تہ ڀارت مان ڪُل 240 ڄڻن کي ويزا ملي آهي جنهن ۾ ما
شامل هوس. پر منهنجي ويزا جي ڪٿان تصديق نہ پئي ٿي سگهي. سڀني کي
ويو تہ سڀ امرتسر پهچن تہ اُتي ويزا ڏني ويندي. وري دل کي ڌڌڪو لڳو تہ
ڀيهر امرتسر کان واپس نہ اچڻو پوي. خير، دل من هٽندي بہ چتي من سان ج

شام هرهڪ جي حاضري ورتي ويندي آهي. ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪو شخص ضروري حاجت جي لاءِ به ويندو آهي ته ان تي به نظر رکي ويندي آهي.'' مطلب ته جٿو/وفد هر وقت چئني طرفن کان پاڪ جاسوسن جي گهيري ۾ هوندو آهي ۽ ياتري جڻ نظر نه ايندڙ جيل ۾ بند هوندا آهن. مونکي به لڳو ته ڪٿي اسان به ان گهيري ۾ گهيريل ته ناهيون؟

پر وقت گذرڻ سان معلوم ٿيو ته اهي سادن ڪپڙن ۾ سڪيورٽي وارا ته هئا، پر هو اسان يارتين جي سلامتي جي فرض تي لڳل هئا. پاڪستاني سرڪار کي اهو ڊپ هو ته ڪٿي سنڌ جي ياترا تي آيل هند جي امن جي پکين تي ڪي باز، ڳجهون حملا نه ڪن ۽ شانتيءَ ۾ ڀنگ نه وجهن.

چانهه پاڻي کانپوءِ آيل ڊيليگيشن جي لاءِ دستوري آجيان جي رسم شروع ٿي. منچ تان ''انڊو-پاڪ پيپلس فورم فار پيس ائنڊ ڊيموڪريسي'' جي ٻنهي ملڪن جي چئپٽرس جي عهديدارن ٻنهي ديشن جي وچ ۾ نفرت کي ختم ڪرڻ ۽ ڀائيچاري، دوستي ۽ وشواس کي قائم ڪرڻ جون اپيلون ڪيون. هندو-مسلم-سک-عيسائي ڀائي ڀائي جا نعرا هنيا ۽ پڻ جنگ پرست دهشتگردن ۽ عام جنتا جو قتل ڪندڙن کي گهٽو ننديو ويو. ان کانسواءِ شاعرن پنهنجي شاعري ذريعي امن ۽ دوستي جو مزو وٺايو. ان جلسي ۾ پاڪستان ۽ لاهور جي واپارين ۽ ڪارخانيدار سنسٿائن جا عهديدار ۽ لاهور جو ميئر پڻ موجود هئا. جلسي ۾ لاهور شهر جي اِتهاس ۽ ترقي تي روشني وڌي ويئي ۽ ٻڌايو ويو ته اکنڊ ڀارت جي وقت لاهور ۾ هندو، مسلم ۽ سک، شانتي ۽ ڀائيچاري سان رهندا هئا. مائيڪ تي لاهور جي ڀائيچاري ۽ شانتي واري اتهاس جو اعلان ڪيو پئي ويو، پر منهنجي ذهن ۾ ورهاڱي وقت ٿيل اتياچار، ظلم، حيواني ۽ شيطاني ڪاروايون ۽ قتلن جون ڳالهيون جيڪي مان پنهنجن وڏڙن کان ٻڌيون هيون، ذهن جي پڙدي تي سئنيما جي فلم وانگر ڦرڻ لڳيون. لاهور، سنڌ ۽ سڄو پاڪستان ان وقت شيطانن جي چنگل ۾ ڦاسي چڪو هو. جتي ڪٿي باهيون لڳل هيون. اِنسان رڍن ۽ ٻڪرين جيان وڍجي رهيو هو. فضا ۾ باهه جا شعلا ۽ دونهون ڇانيل هو. انهن وحشي حملن دوران انيڪ عورتن جي عزت لُٽي ويئي هئي. عورتن جا اُرهه بيرحمي سان ڪٽيا ويا هئا. بيشمار نارين پنهنجي عزت بچائڻ جي لاءِ زهر کائي موت کي گلي لڳايو هو. مطلب ته نفرت، ڌڪار، ڪروڌ، ڳوڙها، بک ۽ پياس جهڙيون مصيبتون هر هنڌ موجود هيون پر ان جي باوجود نفرت ۽ خون جي سمنڊ ۾ ڪي شانتي ۽ دوستي جا بيت اجا بچيل

چونڊيل ميمبر، ڪارخانيدار، تعليمدان اسان جي آجيان جي لاءِ موجود هئا. اس
جو گلن سان سواڳت ڪيو ويو. شاميانو جو ماحول سڳنڌت هو. سڀني جا چ
خوشي ۽ آنند ۾ چمڪي رهيا هئا.

مان به هڪ ڪرسي تي ويهي شربت جو گلاس هٿ ۾ ڪٽي سڀني جا چهرا تڪ
لڳس.

امرتسر جي گرونانڪ ديو يونيورسٽي ۾ رهندي ۽ بسن ۾ سفر ڪندي ڀارت
وفد ۾ شامل ڪن نوجوانن ۽ شخص سان واقفيت ٿي چڪي هئي. جڏهن اس
ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ نو مين لئنڊ جو 70-60 ميٽر رستو پار ڪري پاڪستا
اندر پهتاسين ته اُتي دروازي تي سڪيورٽي وارن ماڻهن جي وچ ۾ وچولي عمر
هڪ پيارو ڀاءُ به موجود هو. جنهن هري موتواڻي ۽ نند جويري کي ڪيڪار ڪندي
”ڀلي ڪري آيا... توهان جو سواڳت آهي.“ جي لفظن سان مخاطب ٿي، ٻانهو
ڦهلائي سڀني سان ڀاڪر پائي مليو. اُهو سنڌ جو هر دل عزيز پيارو ۽ سڪ وارو ڀاءُ ا
عبدلرحمان شورو هو. جنهن پاڪستان ڪسٽم ۾ ڪافي سال نوڪري ڪري تازو ئ
رٽائر ڪيو هو. جيتوڻيڪ هو ڀاءُ هن وقت ڪراچي ۾ رهيو پئي، پر هوُ اُتان هوائ
جهاز رستي کهي اچي لاهور پهتو هو ۽ خاص اسان جي لاءِ هوُ پاڪستان جي سرح
تي آيل هو. هن اسان جي آجيان دل سان ڪئي. سنڌ وارن جا سلام ڏنا ۽ هند ج
سنڌي اديبن جي رام ست قبول ڪئي.

”انڊو-پاڪ پيپلس فورم فار پيس ائنڊ ڊيموڪريسي“ جي پاڪستاني چئپٽ
وارن ڀارتي وفد جي آجيان جي لاءِ وڏو شاهي شاميانو لڳايو هو ۽ لنچ لاءِ ٽيبلون
وڇايل هيون. چانهه ۽ ٿڌي شربت جو به شاندار بندوبست ٿيل هو. جيتوڻيڪ شاميان
۾ ڀارتي وفد ۽ پاڪستان جا سرڪردا ۽ ڪجهه ٻيا معزز شخص موجود هئا، جيڪ
به منهنجي پر ۾ اچي ٿي وينا يا منهنجي آس پاس گهمي رهيا هئا. پر نه ڄاڻ ڇ
مان انهن کي شڪي نگاهن سان ڏسي رهيو هوس. ان جو شايد هڪ اهو ڪارڻ به ه
ته مونکي ٻڌايو ويو هو ۽ جن دوستن سنڌ جا سفرناما لکيا هئا، انهن ۾ به پڙهيو هئ
ته ”جڏهن به ڪو ڀارتي جٿو (شداڻي دربار جو جٿو) وغيره پاڪستان جي ڌارمڪ
آستانن جي ياترا لاءِ ايندو آهي، تڏهن واگها سرحد کان ئي پاڪستان جي مختلف
جاسوسي کاتن جا ماڻهو جٿي جي هرهڪ ميمبر تي نظر رکڻ لاءِ سادن ڪپڙن ۾
شامل ٿي ويندا آهن.“ ائين به ٻڌو هئم ته ”جٿي ۾ جيترا ياتري شامل هوند
آهن انهن کان وڌيڪ پاڪستاني جاسوس جٿي جي آس پاس گهمندا آهن. صبح

واري سپرفاسٽ ٽرين تيزگام ايڪسپريس ۾ سوار ٿيٺو هو، جنهن ۾ اسان جون ٽڪيٽون بُڪ ڪرايون ويون هيون. بسين جو قافلو جيئن ئي سرحد کان لاهور اسٽيشن جي لاءِ روانو ٿيو ته اسان جي بسين جي اڳيان ۽ پويان فوجي گاڏيون هلي رهيون هيون. جڻ ڪنهن صدر، وزيراعظم جي ياترا جو بندوبست هجي. ان طرح پاڪ سرڪار شانتي ياترا جي پانڊيئڙن جي سلامتي جي لاءِ جوڳو بندوبست ڪيو هو. مطلب ته ڪراچي پهچڻ تائين پاڪستان سرڪار اسان جي سلامتي جو سٺو ۽ سخت ڪڙڪ بندوبست ڪيو هو.

ريل گاڏي ۾ سوار ٿيڻ وقت اسان سوچيو هو ته پاڪ ريلويز جي گاڏين ۾ ڀارتيه ريلويز وانگر سک ۽ سهولتون ميسر هونديون، پر گاڏي ۾ ويهڻ کانپوءِ معلوم ٿيو ته سهولتون گهٽيون گهٽ، نه جهڙيون هيون. اي.سي ڪوچ ۾ به ويهڻ جون سيٽون ڪاٺ جون ٺهيل هيون. گاڏي ۾ نه بسترن جو بندوبست ۽ نه کاڌي پيتي جو بندوبست. پيئڻ جو پاڻي به ندارد. گاڏي هلڻ شروع ڪيو ته شري لڇمڻ ڪومل ۽ شري نند جويري پنهنجي رات واري کاڌي ۾ جنبي ويا. بنهي سڃڻن چٽي مؤج مچائي ڏبي ۾ پاڪستاني چٽپٽر جا مرد ۽ عورتون به اسان سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا.

اسان جي ڪمپارٽمينٽ ۾ هڪ خوبصورت عورت به لاهور کان چڙهي هئي هن جي سونهن، سوڀيا، هار-سينگار به چئي ڪٽي بس ڪر. هن اهڙو ڪو سينٽ (عطر) لڳايو هو جو سڄو گاڏو هن جي مهڪ سان پرجي ويو هو. لڇمڻ ڪومل هن اپسرا سان چڱو وقت روح رهاڻ ڪئي هئي.

اڌرات تائين سمهڻ جي لاءِ نه بسترو مليو ۽ نه وري وهاڻو. کائڻ لاءِ به هڪ معمول پئڪيٽ هٿ ۾ ڏنو ويو. جنهن ۾ برياني ۽ ٿڌي دال هئي. ٽرين جي رفتار جيئن وڌندي رهي تيئن رات به اڳتي وڌڻ لڳي. ٿنهنڪري ٿڌڪار به وڌيڪ محسوس ٿيڻ لڳي. بسترا ته اسان پاڻ سان گڏ کنيا ڪونه هئا جو فورم اهڙي ڪا به ڄاڻ ۽ هدايت جاري ڪونه ڪئي هئي. پاڻ سان گڏ ڪجهه گرم ڪپڙا کنيا هيم، سي پهري شالون اوڍي جيئن تيئن ڪري رات گُذارڻ جي ڪوشش ڪيم.

شري ڪومل کي سندس مستي ۽ خماري به ٿڌ سان مقابلي ڪرڻ ۾ ڪا مدد ۽ نه ڪئي. هو سرديءَ ۾ ڏڪي رهيو هو. اڌرات جو شري هري موٽواڻي پنهنجي گرم لوئي ڪومل مٿان وجهي اُن کي ننڊ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ پاڻ ويهي سڄي رات جاڳي گُذاري ۽ سامان جي رکوالي پڻ ڪئي.

هئا. نيڪ مسلمان پاڙيسرين هندو ۽ سک خاندانن کي پناھ ڏيئي بچايو هو ۽ انھ
جي ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪيو هو.

ورهاڱي وقت نفرت ايترو تہ وڌي ويئي هئي جو پوليس بہ هندو-مسلمان
ورهائجي ويئي هئي. سرڪاري خذمتون ڊانواڊول ٿي چڪيون هيون. ان ئي
ماحول ۾ بنا ڪاڏيِ ۽ پاڻي جي ڏينهن جا ڏينهن ٽرين جو سفر ڪري شرنارٿي
هندوستان اچي پهتا هئا. مونکي منھنجي پتاصاحب ٻڌايو هو تہ جڏهن لاهور کا
اسين سفر ڪري رهيا هئاسين تہ رستن ۽ ريل جي پٽڙين ويجهو لاشن جا ڍير لڳ
پيا هئا. پتا جن ٻڌايو هو تہ سنڌ جي مدبر اڳواڻن ٻڌايو هو تہ هندوستان جو ورهاڱ
نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن ٿيو تہ اسان جي لاشن تي ٿيندو. پر ان واعدي تي ڪنھن
عمل نہ ڪيو. پتا جن جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن گانڌي چاهي ها تہ ورهاڱي کي
روڪي سگهي ها. ان وقت گانڌي ۽ جناح جو نالو وڏيڪ گونجندو هو.

مان ان لاهور ۾ وينو هوس جنھن جي دهشتگيري ۽ وحشيت جون ڳالهيون مو
ننڍپڻ ۾ ٻڌيون هيون. ملڪ ورهائجي ويا. پاڪستان ۾ هندن جا ڇڏيل گهر
ملڪيتون اڄ مسلمانن وٽ آهن. مان پنھنجا اجها پڪا ڏسڻ لاءِ پاڪ جي سرزمي
تي پير رکيو هو.

لاهور لاءِ پڙهيو هوم تہ شري رام جي پٽ لوَ هن شهر کي اڏيو هو. سکن جي
مهاراجا رنجيتسنگھہ لاهور جو جوهر ۽ جلوو وڌايو هو. ”ٽانگا لاهوري تہ گهو
پيشوري.“ چوڻي بہ ٻڌي هئم، ٻڌو هوم تہ هتان جو رنگ ڍنگ نرالا هئا پر هاڻ
هن نورنگي شهر ۾ صرف هڪ سائو رنگ نظر اچي رهيو هو ۽ گندگيءَ جا ڍير.

سواگتي جلسي ڪانپوءِ لنچ جو پروگرام شروع ٿيو. هر قسم جا طعام، مرغگوشت
قيما،ڪباب،مڇي، وغيره غير ويشنو چاهي ويشنو هر قسم جي ميناج سان پريو
شيون ذائقيدار، سوادي ٿڌيون مٺ ڪلفيون، رس‌ملائي ۽ هرقسم جو فروٽ موجو
هو. جنھن کي جيترو وڻي، جيڪو وڻي کائي ۽ پيئي. ڪابہ روڪ ٽوڪ نہ هئي
سڀئي هڪ ٻئي سان پريم ۽ آدرڀاءُ سان ملي رهيا هئا. ڳالهيون ڪري رهيا هئ
اسان کي لڳو تہ اسان ڪنھن ڌارئي ملڪ ۽ ڌارين ماڻهن جي وچ ۾ نہ پر پنھنجي
ئي ملڪ ۽ پنھنجن جي وچ ۾ هئاسين. آدرڀاءُ، آدستڪار، مهمان نوازي، مِ
محبت، شانتي، ڀائيچارو ۽ برابري هن آجياڻي جون خاص خوبيون هيون.

منجهند جي رسوئي پوري ٿيڻ سان سرحد وٽان ئي سيني کي بسين ۾ چاڙهي
لاهور اسٽيشن تي آندو ويو. چاڪاڻ تہ لاهور کان ڪراچي لاءِ شام جو ڇهين بج

رننگ ڪمينٽري ذريعي شهرن ۽ ڳوٺن جي ڄاڻ ڏيندو رهيو. ٻڌو هيم تہ پاڪستان- سنڌ ۾ پردي جو گهڻو رواج آهي ۽ ان تي ڪافي سختي سان عمل ڪيو ويندو آهي. پر ڏٺم تہ ٽرين ۾ سفر ڪندڙ عورتن، گاڏيءَ جو انتظار ڪندڙ عورتن ۽ ڳوٺائي عورتن ۾ بُرقعي جو رواج گهٽ هو. گهڻو ڪري عورتون بنا بُرقي جي هيون. البت ڪجھ عورتون بُرقعي ۾ بہ هيون. مونکي لڳو تہ نوجوان ڪنواريون ۽ نئين شادي ڪيل عورتون ڍڪ پڙدي ۾، بُرقعي ۾ ٻاهر نڪرنديون هونديون. باقي وچولي، وڏي عمر واريون ۽ اسڪول ويندڙ ڇوڪريون بنا پردي گهمي رهيون هيون. باقي هڪ ڳالھ شدت سان محسوس ڪيم تہ سنڌ جي ڳوٺن، شهرن جا گهر جيڪي گهڻي ڀاڱي ڪچا ڦڪا، ڀڳل، ٽٽل، ڀُريل هئا، انهن گهرن جاين جا منهن، دريون دروازا جيڪي ريل جي پٽڙين طرف هئا، انهن مٿان وڏا وڏا ڪارا ۽ جدا رنگن جا پردا لڳل هئا.

ٽرين هلندي هلندي هڪ پُل تان لنگهي تہ هريءَ ٻڌايو تہ پُل هيٺان واري سنڌو ندي آهي. مون سنڌوءَ کي نمن ڪيو. ڏٺم تہ سنڌو جنهن کي مهراڻ سڏيو ويندو هو، اها ندي بلڪل سُڪل هئي. ڪٿي ڪل ڪل ڪري وهندڙ سنڌو درياھ ۽ ڪٿي هيءَ سڪل ندي واري ئي واري. پاڻي بدران جتي ڪٿي واري واري نظر اچي رهي هئي. سنڌوءَ جي گجگوڙ، سونهن، پاڻيءَ جو ذڪر مون ويدن جي واڻي ۾ پڙهيو هو. وڏن جي واتان ٻڌو هو. سنڌوءَ جي سونهن، سيتلتا تي رچيل ڪوتائون پڙهيون هيون. سنڌوءَ جو جيڪو سهڻو، شاندار ۽ رونقدار تصور منهنجي ذهن ۾ هو، ان جي اُبتڙ سڪل وارياسي سنڌوءَ کي ڏسي منهنجي دل کي ڪافي ڌڪڪو رسيو. سنڌوءَ جي رونق بيذوق هئي. اوڏ سنڌوءَ مان گڏهن تي واري ڍوئي رهيا هئا. هڪ پاسي نالي وانگر سنڌوءَ جو پاڻي وهي رهيو هو، جنهن ۾ پڻ ڪافي گند هو. ٻڌو هيم تہ سنڌوءَ جي ڪناري سنڌي سنان ڪندا هئا، موج مستي ڪندا هئا. ٻار ٽٻيون هڻي، واريءَ جا گهرڙا ناهي رانديون ڪندا هئا. وڏا مالشون ڪرائيندا هئا ۽ سنڌوءَ جي واري اندر پڪل پلا کائي موج ڪندا هئا. پر جيڪو ڪنارو مون ڏٺو اُتي اهڙو ڪجھ بہ ڪونہ هو. سواءِ ٽٽل ريتيءَ جي ۽ گندگي جي ڍيرن جي. ان ڳالھ مونکي ڪافي ڏکہ پهچايو. ڏسي من پرچي ٿو اچي پاڻ روڪي نٿو سگهان جهر-جهر ڪري لڙڪ وهي ٿا ڇڏن.

صبح جو لڳ ڀڳ ساڍي نوين بجي ڪراچي ڇانوٽي اسٽيشن جي پليٽفارم نمبر هڪ تي گاڏي پهتي. اسان کي فورم جي بانيڪارن خبرداري سان ريل مان

صبح جي پهنجي ان وقت جاڳ تي جڏهن هري ۽ سڏ ڪري ڪومل کي جاڳايو، نوابشاهه شهر ۽ اسٽيشن ڊيڪارڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪومل ڪنڌياري جو آهي. منهنجو جنم بہ ڪنڌياري، ضلعي نوابشاهه ۾ ٿيو آهي، سو مان بہ آواز تي جاڳي اُٿيس ۽ آسائتين نظرن سان شهر نوابشاهه کي ٽرين جي درين مان پنهي پاسي ڏسندو رهيس.

صبح جو ٽرين حيدرآباد (سنڌ) جي اسٽيشن تي پهتي. جيئن ئي ٽرين بيٺي مان ٽپو ڏيئي پليٽ فارم تي لٿس ۽ سنڌ جي سرزمين تي پهريون ڀيرو پنهنجا قدم رکيم. قدم رکندي ئي هڪ انوکي خوشي جو احساس پاتم. جنهن جو ذڪر مان لفظن ۾ ڪرڻ کان لاچار آهيان. مان سنڌ جي زمين کي سلام ڪيو ۽ مٽي کڻي مستڪ تي تلڪ لڳايم. سنڌ ماتا کي سجدو ڪري سنڌو نديءَ جو جل پيئڻ جي لاءِ پليٽفارم تي هيڏانهن هوڏانهن نهاريم. جتي ڪٿي پلاسٽڪ جي بند شيشن ۾ پاڻي موجود هو. آخرڪار پرپان هڪ ڪنڊ ۾ مٽ رکيل هئا. مون ڊوڙي مٽ مان جيءَ ڀري پاڻي پيتو ۽ سنڌوءَ جو جل پي ڪافي ترپتي حاصل ڪيم. ڄڻڪ مون امرت جو رس پيتو هجي. جيستائين گاڏي اسٽيشن تي بيٺي هئي مان پليٽفارم تي ٿهلندو رهيس. اُتي موجود گهورڙين، ڪُليُن دڪاندارن سان ڳالهيون ڪندو رهيس ۽ واهُ سواءُ ونندو رهيس. اسٽيشن تي روزاني ”ڪاوش“ اخبار ڏٺم. خريد ڪرڻ تي دل ٿي. پر مون وٽ پاڪستاني ڪرنسي ڪونہ هئي جو سرحد تي مون ڪرنسي مٽائي ڪونہ هئي. پارتي نوٽن تي اخبار ملندي يا نہ؟ اجا اهو ئي سوچي رهيو هوس تہ سامهون ڪماري نندينا پاوناٽي ايندي ڏٺم، جيڪا اسان سان وفد ۾ گڏ هئي. ان کان پاڪستاني ڏهين روپيہ جو نوٽ وٺي ”ڪاوش“ اخبار خريد ڪيم ۽ چانهہ بہ پيتم.

گاڏي سيٽي هنئي. اسين ڪراچي طرف روانا ٿياسين. گاڏي ۾ نند جويري کان ڏهہ روپيہ وٺي پيڻ پاوناٽيءَ کي ڏنم. نند وٽ پاڪستاني ڪرنسي هئي ۽ هوُ اسان سڀني جو خرچ ڪري رهيو هو. گاڏي ۾ ئي نيرن لاءِ پئڪيٽ ڏنا ويا. مان نيرن ڪري اخبار نظر مان ڪيي. سنڌيءَ ۾ وڏيڪ صفحن واري روزاني اخبار ۽ وري تمام نندي فانٽ ۾ شايع ٿيل رنگين فوٽن سان مون پهريون دفعو ڏٺي هئي جو پارت مان هندستان ۾ هندو شايع ٿيندڙ روزانيون صرف چار پيج ئي شايع ٿينديون هيون. بلئڪ ائنڊ وائيٽ ڪالم بہ وٽندڙ هئا. دريءَ مان سنڌ جي ڳوٺن، شهرن، گهرن، کيتن ۽ عام ماڻهن کي ڏسندو رهيس. هري موٽواٽي ان دوران

۽ وچ ۾ لکيل هو: هند-پاڪ بهتر لاڳاپا ڏکڻ ايشيا ۾ امن لاءِ ضروري آهن. ڪبوترن جا چتر اهڙي نموني لڳي رهيا هئا جڻ پاڪ فوج جا لڙاڪو هوائي جهاز آسمان ۾ اُڏامي رهيا هئا.

اسٽيشن جي ٻاهران هڪ ڪنڊ ۾ پڃرن ۾ بند ڪبوتر رکيل هئا جن کي امن جي ياترين جي پهچڻ کانپوءِ آزاد ڪري کلئي آسمان ۾ اُڏايو ويو. ڪبوتر آزاد ٿي، آسمان ۾ لامارا ڏيئي، ڪن ڊيليگيٽس جي اچي ڪلهن تي ٿي وينا ۽ غُٽر غون غون ڪري جڻ چئي رهيا هجن: ڀلي پڌاريا-جيءُ آيا-نج آيا. هڪ ڪبوتر هڪ سپاهي جي اُپي ڪيل بندوق جي نال تي اچي وينو. سپاهي هن کي اُڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوُ شانت بندوق جي مٿان وينو رهيو ۽ سپاهي کي جڻ چئي رهيو هو ته ”هاڻي بندوقون شانت ڪريو. گوليون وسائڻ جو زمانو هليو ويو. شانتي جا پوڄاري، پريم پوڄاري صلح جي تلاش ۾ آيا آهن.“ مون به اڳتي وڌي ڪبوتر اُڏايا. ڏٺم ته مون کان اڳ ڪبوتر اُڏائڻ جي ميڙاڪي ۾ شري هيرو ٺڪر به شامل هو. هوُ به ڪبوتر ڪٺي اُڏائي رهيو هو ۽ سندس چوڌاري فوٽوگرافرن ۽ پترڪارن جي ڀيڙ لڳل هئي. ان وقت سنڌي ٽي. وي. چئنل ڪي.ٽي.اين. جو خاطو ارباب ابڙو به پنهنجي ڪئميرا ٽيم سان اچي پهتو ۽ هيري کان انٽرويو ۽ شانتي ياترا جي باري ۾ ڪجهه سوال جواب ڪيائين. ان بعد ابڙي اسان ۽ ٻين کان پڻ پارت جي سياست ۽ امن ياترا جي مقصد بابت سوال ڪري جاڻ حاصل ڪئي. ريلوي اسٽيشن تي ئي ڀاءُ شورو پنهنجي ٻيبيءَ ۽ پٽ سان اسان جي آجيان لاءِ بينو هو. سندس سڪ، پنهنجائپ ۽ پاڪر ايترو ته خوشي جو احساس ڏياريو جو خوشي وچان اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

پاڪستاني ابهم ٻارن، شاگردن جي خوشي ۽ اُمنگ جو اظهار ۾ ڏاڍو آنند مليو. مون کي وشواس ئي نه پئي آيو ته جتي پاڪ حڪمران ڀارتواسين جي خون جا پياسا آهن، فوجي حڪومت هوندي به عوام ۽ ٻارن پاران ڊيليگيٽس جو اهڙو شاندار سواگت ڪيو ويو. اهڙي مرحبا، پيار، صدق، حب ۽ پنهنجائپ مون هن کان اڳ ۾ ڪٿي به نه ڏٺي هئي.

ڀارتي ۽ پاڪستاني هرهڪ وفد ۾ شامل ميمبرن جو انگ 235 هو، جن جي رهائش جو بندوبست هوٽل مهراڻ ۽ هوٽل بيچ ۾ ڪيل هو. اسان کي ايئرڪنڊيسنڊ ڪوچ ۾ پاڪ فوج جي نگراني ۾ پنج ستارا هوٽل مهراڻ پهچايو ويو.

12- ڊسمبر 2003 تي شام جو ڇهين بجي هوٽل بيچ لگزري جي ساوڪ سان

لهڻ جي لاءِ چيو، چاڪاڻ تہ اسان جي آجيان ڪرڻ لاءِ سڄو پليٽ فارم حشام
ماڻهن سان ڀريو پيو هو. انهن ماڻهن جي هٿن ۾ بئنر هئا جن تي هيٺيان نعرا
لکيل هئا :

شانتي جي پکين جي آجيان، خوش آمديد.

هند پاڪ دوستي زنده‌باد.

امن زنده‌باد.

نفرت ختم ڪئي وڃي.

ترقيءَ لاءِ امن ضروري آهي.

نفرت اِنسانيت جي دشمني آهي.

اسان کي امن کپي.

ان ڪانسواءِ آجيان لاءِ ايندڙ ماڻهن جي هٿن ۾ ٻنهي ديشن جا قومي جهنڊا هئا. ان سان گڏ هو زور زور سان نعرا بہ هڻي رهيا هئا ۽ آجيان جا گيت بہ گونجي رهيا هئا. بئنر اُردو ۽ هڪ اڌ هندي ۾ هئا. ڪٿي بہ سنڌي ۾ لکيل بئنر نظر نہ آيو. ڀائيچاري، امن، صلح شانتي جي نعرن جي وچ ۾ اسين ٽرين مان هيٺ لٿاسين. پليٽفارم تي حاضرين سيني کي کُلي دل سان ڪيڪار ڪئي، هٿ ملائي ڀليڪار ڪئي ۽ ڀاڪر پائي آجيان ڪئي. پليٽفارم تي پاڪستان سرڪار اسان جي سلامتي جو جوڳو ۽ چست بندوبست ڪيو هو. اسين پيڙ کي چيريندا اسٽيشن کان ٻاهر واري سڙڪ تي اچي پهتاسين. اُتي پڻ وڏو شاميانو لڳل هو. هزارين ماڻهن ٻارن زالن ۽ مردن هٿن ۾ ڀارت ۽ پاڪستان جا جهنڊا لهرائي، گلاب جي گلن جي پنکڙين سان ورڪا ڪري، مهمان ڊيليگيشن سان ڀاڪر پري گلي لڳي رهيا هئا. اسڪولي ٻار يونيفارم ۾ بئنڊ باجن سان قطارن ۾ بيٺا هئا. بئنڊ، توتارن ۽ مرلين جي مڌر آواز سان سيني کي سلامي ڏيئي رهيا هئا. اسٽيشن جي بلڪل سامهون ڪراچي واسين جو هڪ ٽولو شرنائي وڄائي ۽ نچي ڪري پنهنجي خوشي ظاهر ڪري رهيو هو. جن ۾ ڪراچي جا ڪجهہ سنڌي اخبار نويس تعليم دان، اديب ۽ ڏاها بہ شامل هئا. رستي تي جتي ڪٿي امن، صلح ۽ شانتي جا بئنر لڳل هئا. هڪ بئنر تي لکيل هئو : هندستان ۽ پاڪستان هٿيار خريد ڪرڻ بدران پاڻ ۾ دوستي ۽ کي اهميت ڏين. ٻئي بئنر تي لکيل هو : پاڪستاني شهرين کي نفرت نہ پيار کپي.

هڪ شاهي بئنر لڳل هو جنهن تي اڇن ڪبوترن جي قطارن جو نظارو چٽيل هو

12 ڊسمبر تي ڪي.ٽي.اين. وارن مهنجو، شري موٽواڻي ۽ لڇمڻ ڪومل جو خاص اِنٽرويو ورتو. جنهن ۾ هنن ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين جو حال احوال، سماجي رتبي، مالي حالتن ۽ واپار سان گڏ سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻولي، سينيما ۽ سنسڪرتي بابت سوال پڇيا. اسان هنن کي ٻڌايو ته ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي شڪيا ستابا ۽ معاشي طور مضبوط آهن ڀارت جي ترقي ۾ سنڌين جو ڪافي رول آهي. سنڌين . . ڀارت جي شهرن جي واپار، ڪارخانن ۽ مارڪيٽ تي ڪنٽرول آهي. سنڌين ڀ ر - ۾ انيڪ تعليمي تنظيمون، ڪاليج، ڌرمشالائون، اِسپتالون ۽ مندر جوڙايا آهن. هنن اوچ تعليم به حاصل ڪئي آهي، پر سنڌي ٻولي جي حالت هيٺي آهي. گهرن ۾ سنڌي ٻولي گهٽ وڌ ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌي ٻولي تعليم ۾ به پنتي آهي. سنڌي ميڊيم اسڪول ڏيري ڏيري بند ٿي رهيا آهن. جيتوڻيڪ سنڌي ساهت ۽ ڪلا جي ترقي جي لاءِ جدا جدا اڪادميون، مرڪزي اڪادمي ۽ قومي سطح تي سنڌي ٻولي جي ترقي لاءِ قومي ڪائونسل موجود آهن، پر عوام ۾ سنڌي ساهتيہ، ڪلا ۽ تعليم لاءِ جيڪا جاڳرتا، چاھ ۽ لگن هئڻ کپي اها تمام گهٽ آهي. سنڌي لوڪ ادب، سنڌي نرتيہ ۽ سنڌي سنگيت گُم ٿيڻ جي حالت تي اچي پهتا آهن.

”عوامي آواز“ هن اِنٽرويو جو حوالو ڏيندي فرنٽ پيج نيوز ڏني: هندستان ۾ سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم جو مستقبل روشن ناهي- ڊاڪٽر چينو لالواڻي.

بيچ لگزرِي هوٽل ۾ دير رات تائين ڪلچرل پروگرام جو لطف ماڻي اسين هوٽل مهراڻ پهتاسين. اُتي سنڌي اديبن سان هڪ يادگار محفل متي. جنهن ۾ ڪراچي جي سنڌي ليکڪن سان فجر تائين ڪچهريون هلنديون رهيون.

ڪچهري ۾ شري تاجل بيوس، شري آغا سليم، ماهوار مخزن سوجهرو جو سمپادڪ تاج بلوچ ۽ ٻيا ڪيترائي موجود هئا. ڪچهري ۾ سنڌ جي هاڻوڪي صورتحال ۽ آئينده سان گڏوگڏ سنڌ ۾ سنڌين جي سماجڪ، آرٿڪ (معاشي) ۽ سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ٿي. شري تاج بلوچ ٻڌايو ته سنڌ جيڪا رشڪ (ريس) جي لائق هئي سا اڄ رحم جي لائق بڻجي ويئي آهي. سنڌ کي مهاجرن، ڌارين سان گڏ پنهنجن به لٽيو، رنجايو ۽ آزاريو آهي. سنڌ واسين جا قدم دوزخ طرف وڌي رهيا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ ۾ بدامني، اغوا، قُرلُٽ سان گڏ ڪارو-ڪاري به وڏو مسئلو آهي. ڪاريءَ جي ٻهاري ڪاريءَ جي بي گناهہ، ابهم ٻيار ڪندڙ نياڻين کي شينهن ڪلهي چاڙهڻ بدران انهن کي بيرحمي سان قتل ڪيو ويندو آهي. وڏي ڳالهه اِها آهي ته اهڙي خون جي ڪابه داد فرياد ٿي نه

پربل شاهي ان تي لڳايل تنبو ۾ ڪشادي ناهيل اسٽيج تي هزارن ماڻهن ج
حاضري ۾ بخشڻ مهراڻوي، سنڌ جي سونهاري شاهه لطيف جي ڪلام ڳائي پروگرا
جي شروعات ڪئي. هڪ اسڪٽ ۾ جنگ سان ٿيندڙ بربادي ۽ اِنساني ڪوس
وار ڪاندارينڌڙ وحشي منظر ۽ امن مان حاصل ٿيندڙ ترقي جون ڪجهه جهلڪي
پيش ڪيون ويون. اسڪٽ جو نالو هو: ”اب جنگ نهين هوگي.“

سنڌ ۽ پاڪ چئپٽرن جي بانين ۽ عهديدارن اشوڪ مترا، تپن بوس، گوتم نول
رشيد رحمان، افراسياب خٽڪ، انيس الرحمان، مير سڪندڙ علي ٽالپر، ڊاڪ
مبشر حسن، بخشن مهراڻوي، غفور حسين، ڊاڪٽر نرمل چندرا ۽ ٻين فورم ج
مقصدن، هند-پاڪ دوستي، پارٽي اُپکنڊ ۾ آسودگي ۽ وڪاس حاصل ڪرڻ، اه
لاءِ ضروري ڳالهين ۽ ورتل ڪوشش بابت تقريرون ڪيون ۽ اُميد ظاهر ڪئي
ٻئي ديش هٿ هٿ ۾ ملائي قومن جي وچ پيل نفرت جي ڪاهي کي دور ڪر
جي ڪوشش ڪندا ۽ مذهبي جنون کي ختم ڪري بي گناهن جو خون وهائڻ ب
ڪندا.

انيس حسن جي شڪرگذاري سان مهورتي رسم پوري ٿي. ان موقعي تي ه
وڏي هال جي ديوار تي امن قائم لاءِ ”فليگس آف پيس“ نالي سان تصوير
نمائش ۽ هڪ وڏي پئنڊال ۾ ڪتابن جي نمائش رکيل هئي. ڪتابن جي نمائ
۾ ڀارت ۽ پاڪستان جي پبلشرن جا هندي، انگريزي ۽ اُردو ۾ وڪري لاءِ ڪتا
موجود هئا، پر افسوس جو هڪ به سنڌي ڪتاب يا ڪئسيٽ رکيل نه هئي. الب
وڪري لاءِ تصويرن ۾ سنڌ جي سيپتا پسائيندڙ ۽ ڳوناٽي جيوت جا ڪي چتر شا
هئا. اُتي پڻ جدا جدا اسڪولن جي شاگردن سواگت ۽ پرارٿنا جا اسم نرتيه ج
روپ ۾ پيش ڪيا. رات جي ماني جو بندوبست ڪراچي چيمبر آف ڪامرس ائ
انڊسٽري پاران ڪيل هو. ماني ڪانپوءِ دير تائين ڪلچرل پروگرام پيش ڪيو و
جنهن ۾ عُظما نوراني، خالد احمد، مشتاق احمد يوسفي گيت، ڪوتائون ۽ مختل
اسم پيش ڪيا. اتهاسڪ ناٽڪ مغل ٻچا عصمت چغتائي جو لکيل، رتنا پاٺڪ
طرفان هدايت ڪيل پارٽي ڪلاڪارن پاران پيش ڪيو ويو. ان ئي موقعي
سنڌي پترڪارن ۽ ميڊيا سان جڙيل شخصن جي اسان سيني سان واقفيت ٿ
پترڪارن ۾ سنڌي اخبارن عوامي آواز، ڪاوش، شام ۽ ڪوشش ۽ اڙدو اخبار
ڪي.ٽي. اين. جا عيوضي سڪ ۽ پريم سان مليا. هنن اسان سيني کان جدا ج
موضوعن تي ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ اِنٽرويو پڻ ورتا.

جا ناتا وڌيڪ جڙي سگهن ٿا. سنڌين ۽ خاص طور تي نئين ٽهي ۾ سنڌي ٻولي جي لاءِ چاهه پيدا ڪري سگهجي ٿو ۽ پنهنجي سنڌو ورثي جي ڄاڻ ڏيئي سگهجي ٿي. پر سوال اهو آهي تہ ان جي شروعات ڪير ڪندو؟ ڀارت ۾ سنڌين، جن جو وڏ ۾ وڏ مقصد پئسو ڪمائڻ هجي، جن سنڌي ٻولي کي درڪنار ڪري ڇڏيو هجي، انهن کي اهڙي سوجهہ ٻوجهہ ڪير ڏيندو؟

13 ڊسمبر 2003 تي صبح جو ٻيهہ لگزري هوٽل ۾ ٻئي ڏينهن جو پروگرام شانتي گيت سان شروع ٿيو. جنهن ۾ ڪراچي ڪاليجي ۽ اسڪولي شاگردن شرڪت ڪئي ۽ شانتي جو سنديش سنسار کي ڏنو. ڪراچي جي شاگردن قومي ايڪتا ۽ ڀائيچاري جو گيت پيش ڪيو. بعد ۾ جدا جدا موضوعن (وشين) تي پيپر پڙهيا ويا. جن جا تفصيل هن ريت آهن:

- دهشت جي خلاف عالمي سنگهرش ۽ جمهوري حق (تپن ڪي بوس)
- رياستي شهريت، سموئڻ ۽ الڳہ ڪرڻ جي پاليسي (ڪماري نگهت اي خان)
- غير فوجيت ۽ نيڪليئرائيزيشن جي تازي صورتحال (پرويز هوديائي)
- اسهپ (آءِ.اي. رحمان)
- عالمگيريت (سُهيل خان)
- ڪشمير (گوتم نولکا)

مٿين موضون تي ڪافي گنڀيرتا سان خيالن جي ڏي-وٺ تي ۽ مختلف گروپن ۾ ورهائجي بحث مباحثو پڻ ڪيو ويو.

منجهند جي رسوئي /ماني وقت ڪراچي جا سنڌي اديب، اخبار نويس ۽ انيڪ ڏاها اسان سان ملڻ آيا. جن ۾ ذڪر جوڳا نالا هئا شري اين. ڪي. شاهاڻي، نورناز آغا، ستار پيرزادو، سارنگہ لاشاري، ڊاڪٽر اي. ڪي. پنجواڻي، آفتاب ملڪ، مهرومل، رمضان چانڊيو، رڪيل مورائي، اعظم لوهر، امير اقبال خان، سيد غُلام شاهہ، گوپ واڌواڻي، عنيات بلوچ ۽ حميده کهڙي جو سيڪريٽري ۽ ڪيترائي ٻيا. هنن اسان جي ڪافي آجيان ڪئي. ڪيترائي ڪتاب سوکڙي طور ڏنا ۽ هنن سان جدا جدا موضوعن تي خيالن جي ڏي-وٺ پڻ ٿي. شام اخبار جي بيورو چيف حميد ڀٽو مونکان ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي باري ۾ انٽرويو ورتو. مون کيس ٻڌايو تہ ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪ ڪافي لوڪپريہ ۽ ڪامياب ٿيو. سنڌي ناٽڪ جو ڪنهن زماني ۾ سونهري زمانو هو. جتي ڪئي ناٽڪ منڊليون برپا ٿيون. ڪلاڪارن، ناٽڪ نويسن هر قسم جا ناٽڪ لکيا ۽ ناٽڪ

سگھندي آهي. ڪاري ۽ جو مسئلو سنڌ جي خواري آهي. عورت ماءُ آهي، نياڻي
ست قران آهن، پوءِ به سنڌي عورت،نياڻي کي پوپريءَ وانگر ڪڏايو پيو وڃي
بلوچ چاڻايو ته جيتوڻيڪ سنڌ جي ليڪن ان ڏس ۾ قلم هٿ ۾ ڪنيو آهي پر
لاءِ اجا تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي ته جيئن سماج ۾ سجاڳي پيدا ٿئي. مون ڪار
ڪاري تي اخبارن ۾ ڪيترا قصا پڙهيا هئا ۽ دوستن وٽان ٻڌا هئا. پر ان مسئل
تي تفصيلي بحث منهنجي چاڻ ۾ اجا وڌيڪ واڌارو ڪيو.

اغوا جي حوالي ۾ مونکي اِها ڳالهه ياد آهي ته ڪجهه سال اڳ منهنجي مام
سندرداس جي نياڻي کي اغوا ڪيو ويو هو ۽ ان کان وڏي رقم گهري ويئي هئي
ان رقم نه ڏيڻ ڪري سندس لاش ڦٽين جي ڪارخاني مٿان مليو هو. ان وارد
ڪندياري ۾ ايڏو ته ڏهڪاءُ پيدا ڪيو هو، جو منهنجي ناناڻن جا گهڻا گهر س
ڇڏي هند اچي رهيا هئا. اغوا جي ڏهڪاءُ، ڦُرلٽ ڪيترن ئي سنڌين کي س
ڇڏڻ جي لاءِ مجبور ڪيو آهي ۽ انهن پنهنجا اباڻا اجها، زمينون، جائدادون
ڪارخانا ڇڏي سنڌ کي هميشهه جي لاءِ الوداع ڪيو آهي. مون واقعي کي ڪ
”هڪ ٻيو ورهاڱو“ ڪهاڻي قلمبند ڪئي، جا ادبي حلقن ۾ خوب ساراهي ويئي
مون جڏهن اغوا جي باري ۾ پڇيو ته هنن ٻڌايو ته اغوا ڪري وڏيون رقمون گهر
جو مسئلو سڄي سنڌ جو مسئلو آهي. اهو صرف سنڌي هندن سان مسئلو ڪونهي
سنڌ ۾ جيڪي به شاهوڪار ماڻهو آهن، انهن سڀني کي اغوا ڪيو ويندو آهي ۽ ڀُ
حاصل نه ٿيڻ جي حالت ۾ قتل ڪيا ويندا آهن. داد فرياد ٿيندي آهي پر پوءِ
اغوا جو ڏهڪاءُ اڃ ڏينهن تائين جيئن جو تيئن قائم آهي ۽ جيئن تڏ تيئن
واري ڪار آهي.

اغوا ۽ قتل جي وارداتن هڪ ٻئي ورهاڱي کي جنم ڏنو آهي ۽ انيڪ سنڌ
هندو سنڌ کي الوداع چئي هند جي جدا جدا شهرن ۾ اچي رهيا آهن. ڳالهين
ڳالهين ۾ شري آغا سليم پڇيو ته ڀارت ۾ سنڌي پنهنجي تهذيب، ڪلا ۽ سنسڪرت
جي ترقي جي لاءِ اڳيان ڇو نه ٿا اچن جڏهن ته هوُ ڪافي ڌنوان آهن، سن
ڪاروبار ۽ رتبو سڄي سنسار ۾ ڦهليل آهي. هنن تعليم جي ڏس ۾ اسڪول
ڪاليج قائم ڪيا آهن. وڏيون وڏيون اِسپتالون جوڙايون آهن، مندر نهرايا آهن
ڪافي دان پڃ جا ڪم به ڪن ٿا. گڏوگڏ هن هڪ تجويز به ڏني ته، سنڌ، هند
سنسار جا سنڌي پاڻ ۾ گڏجي هڪ سنڌي ٽي.وي. چئنل شروع ڪن، جنهن ذري
سنڌي سينا، ڪلا ۽ ساهتيه جو وڪاس ڪري سگهجي ٿو. سنڌ ۽ هند جي سنڌ

جھڙو معياري ادارو هجي ها.

هند ۾ سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ انيڪ رياستي اڪادميون، مرڪزي اڪادمي ۽ راشٽريه ڪائونسل سان گڏ نيم سرڪاري ادارا آهن. ان سان گڏ اکل ڀارت سطح جون ساهتيه سڀائون به آهن. سرڪار سنڌي ٻولي جي ترقي جي لاءِ لکين روپيه خرچ ڪري ٿي. پر اسان جهڙي رقم هئڻ جي باوجود سنڌ جي اِتهاس ۽ ثقافت کي محفوظ رکڻ لاءِ سنڌ ۾ قائم سنڌالاجي جهڙو ثقافتي مرڪز قائم نه ڪري سگهيا آهيون. ثقافت جا شاندار نمونا نئين پيڙهيءَ کي نه ڏيکاري سگهيا آهيون. آديپور، ڀارت ۾ قائم سنڌالاجي جي ڪتاب ڇپائڻ، سنگيت چونڪين، ڏڻ وار ملهائڻ ۽ سرڪاري اڪادمين کان سهڪار وٺي سيمينار وغيره ڪرڻ کان وڌيڪ ثقافت ۽ تاريخي ورثي جي ڏس ۾ ڪجهه نه ڪري سگهي آهي. جناب شوري ۽ وليرام ولڀ ٻڌايو ته سنڌ سرڪار ادارن جي ترقي جي لاءِ محدود رقمون ڏئي ٿي. ان رقمن مان عملي، ڪارائتا ۽ ڪوجنا وار ڪم ڪيا وڃن ٿا. پر ڀارت ۾ مرڪزي سرڪار ۽ رياستي سرڪارون سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي ترقي لاءِ جيتري مدد ڏين ٿيون، ان نسبت سان سنڌي ٻولي جو وڪاس ۽ ڪوجنا نٿي ٿئي.

جناب غُلام علي الانا ڀارت جي تازي دوري دؤران هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو ته ڀارت سرڪار جيتري سهايتا جيڪڏهن سنڌ سرڪار اسان کي سنڌي ٻولي جي ترقي جي لاءِ فراهم ڪري ته سنڌ ۾ اجا به وڌيڪ سنڌي ٻولي جي ترقي ٿي سگهي ٿي. هن صاحب چيو ته هند ۾ تنقيد ۽ تحقيق نه جهڙي ٿي آهي، جيڪا لازمي طور تي ٿيڻ گهرجي.

انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي نئين چونڊ ۾ تاج جويو سيڪريٽري چونڊجي آيو. ان سنگت ڀاران ڀارتي سنڌي ساهتڪارن جي مان ۾ هڪ وڏي هوٽل ۾ آجياڻو رکيو. بدقسمتي سان ان آجياڻي ۾ اسان ڀاران رگهو لڇمڻ ڪومل ئي شامل ٿي سگهيو. چاڪاڻ ته ان وقت سنڌي سيٽيلائيٽ چئنل ڪي.ٽي.اين. وارن سنڌن اسٽوڊيو ۾ اسان جو آجياڻو ۽ ڳالهه ٻولهه جو بندوبست ڪيو هو. جتي هيري ٺڪر، هري موٽواڻي، نند جويري ۽ مون کان خاص انٽرويو ورتا ويا.

شري ڀاٽيا سنڌي ادبي سنگت واري آجياڻي ۾ اسان ڀاران عالماڻي تقرير ڪئي. جنهن دواران هن سنڌ-هند جي سنڌي ساهتڪارن جي لاڳاپن ۽ ساهت جي ستا-ستا جي باري ۾ ڳالهايو ۽ سنڌ جي ساهتڪارن ڀاران هند جي ساهتڪارن جي ڀلي آجيان ۽ محبتي مهماني جا ٿورا مڃيا.

استيج ڪيا ۽ جهڙي انداز ۾ سنڌي درشڪ (ڏسڻ وارا) پيدا ڪيا. ايتري قدر
ناٽڪن جون سلور جبليون ۽ گولڊن جبليون ملهايون ويون. ان سان گڏوگڏ آل اِ
سطح تي ايڪانڪي چاهي ته ٽرانڪي ناٽڪن جا ناٽڪن جا ميلا ۽ چٽاپيٽ
ٿيون. پارٽ جي ناٽڪ منڊلين خاص طور تي وديش ۾ دُبئي، سينگاپور، ه
ڪانگ ۽ پڻ ٻين ڪيترن ئي ديشن ۾ سنڌي ناٽڪ پيش ڪري ناٽڪن جي ڏ
جمائي ڪافي اوسر پاتي. ناٽڪ نويسي ۽ رنگ منچ جي ڏس ۾ ڪافي تجربا
ويا آهن. فيسٽول ۽ چٽاپيٽيون ٿيون. هند ۾ ريڊيو ناٽڪن پڻ ڪافي اوسر حا
ڪئي. ناٽڪ نويسي ۽ رنگ منچ جي ڏس ۾ انيڪ تجربا ڪيا ويا آهن. ال
سنڌي ٽي.وي. ناٽڪ جيترو سنڌ ۾ لوڪپريہ بڻيو آهي ۽ اوسر حاصل ڪئي آه
اوترو پارٽ ۾ ان ڏس ۾ ترقي نہ ٿي آهي. منهنجو ورتل انٽرويو آرتوار 16 ڊس
2003 تي حيدرآباد سنڌ جي اخبار **''هام''** ۾ ڇپيو.

ميٽنگ کان فارغ ٿي اسين نما شام جو هوٽل مهراڻ پهتاسين. اُتي ولي
ولپ ۽ اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو جو ڊائريڪٽر شوڪت حسين ش
خاص حيدرآباد مان کهي اسان سان ملڻ آيا. سنڌي ادب، اديب، ثقافت ۽ تع
جي ڏس ۾ هنن سان پائراٽي ۽ ساهتيڪ ماحول ۾ خيالن جي ڏي-وٺ ٿي. ان
گڏوگڏ سنڌ جي سياسي حالتن جو جائزو بہ ورتو ويو. جناب شوري سنڌالاجي
ڪم ڪار بابت مختصر ڄاڻ ڏني. هن ٻڌايو تہ سنڌالاجي جي ترقي جي
ماهوار گڏجاڻيون ڪيون وڃن ٿيون. ان سان گڏ علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرم
پڻ ڪيون وينديون آهن. سنڌالاجي جي پاران سنڌ هٿ هنر، سنڌي ثقافت
نمونن ۽ ماڊلن جي نمائش بہ رکي ويئي هئي. شري شوري ٻڌايو تہ سنڌالاجي
ريسرچ لائبرري سان گڏ مائڪرو فلم پرزرويشن جو شعبو پڻ آهي. ان ڪانسواءِ
سنڌ ائنٿراپالاجيڪل ريسرچ سينٽر (ميوزم) پڻ برپا ڪيل آهي. ان
ڊاڪيومينٽيشن ريسرچ سيڪشن پڻ برپا آهي. سنڌالاجي ۾ دستاويزي ويڊيو فل
فنڪارن جي آواز کي پڻ محفوظ ڪيو ويو آهي. اڄ صدي اڳ جا گراموفون رڪ
پڻ سنڀالي رکيا ويا آهن. سندس ڳالهين مان خبر پيئي تہ سنڌالاجي سنڌ ۾ سن
ثقافت جو وڏي ۾ وڏو ادارو آهي ۽ ثقافتي سرمايو تمام جهڙي انداز ۾ گڏ
ويو آهي. شوڪت شوري جون ڳالهيون ٻڌي منهنجي خيال يڪدم آديپور ۾
اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ دل مان هڪ ٿڌي
نڪتي: ڪاش! هند ۾ بہ سنڌ جي امير ثقافت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سنڌالا

آف فئنس'' مطابق اُن عرصي جو چالو حالت ۾ پراڻي ۾ پراڻو پروجيڪٽر پڪچر هائوس جو هو ۽ ٻيون نمبر احمدآباد جي ''انگلش'' سئنيما جو. هن ٿئيٽر ۾ ڪاليجي اڀياس دؤران مون انيڪ هندي-انگريزي فلمون ڏٺيون هيون. مون اُهو ڏسڻ چاهيو، نورناز ٻڌايو تہ هاڻي اُن جي جڳهہ تي اوچي عمارت ڪڙي ڪئي ويئي آهي. سئنيما ٿئيٽر ٽوڙي اُنهن جڳهين تي وڏيون عمارتون، شاپنگ سينٽر، مول ناهيا ويا آهن. مول ناهڻ جديد دؤر جي وڪاس ۽ واڌاري جو هڪ حصو آهن. هر ملڪ ۾ ائين ٿئي پيو، هند جي انيڪ شهرن خود اسان جي احمدآباد ۾ پڻ انگلش سئنيما ۽ ٻيا ٿئيٽر ٽوڙي شاندار، عاليشان عمارتون، شاپنگ سينٽر، هوٽلون ڪڙيون ڪيون ويون آهن.

شهر جي فلائنگ وزٽ وٺندي ڪياماڙي بندر، منهوڙي، رام باغ، نيٽي-جيٽيءَ وٽ پهتاسين تڏهن هري موٽواڻيءَ ٻڌايو تہ هتي هندو سنڌي عورتون اٽي جون گول گول ننڍيون چاڻيون ناهي چاڙهڻ ايندڀون هيون، ٻار، ڳيرو جوان سمنڊ ۾ ترڻ ۽ مڇين کي اٽي جون گوليون کارائڻ ايندا هئا. بولٽن مارڪيٽ ڪان ڪارو در، منو در، لياري ڪوارٽر ۽ شو مندر ڏنوسين. ٻڌايائون تہ ڪراچي اصلوڪي شهر کي ٻہ در هئا. سمنڊ طرف جنهن در جو منهن هو اُن کي ڪارو در ۽ برسات ۾ پرجي ويندڙ نئين طرف منهن وارو منو در سڏيو ويندو آهي. گاڏي خاطي مان لنگهندي پنهنجي سس-سهري جي جاءِ ڏسڻ تي دل ٿي جو اُهي گاڏي خاطي ۾ رهندا هئا. منهنجي ڏرمپتني جيوتي 'الواڻي (پيڪو نالو ڪلي ڏرماڻيءَ) جو جنم اُتي ٿيو هو، صرف ايتري ڄاڻ پيم تہ فلاڻيءَ گهٽيءَ ۾ سيٺ گهمٽمل ڏرماڻي فروٽ مرچنٽ ۽ ڏرماڻي ڪٽنب رهندا هئا. هلندڙ ڪار مان هري موٽواڻيءَ فوٽ پاٿ تي بيٺل ڪن ڏاڙهي ۽ پڳڙي ڌاري ماڻهن ڏانهن اِشارو ڪري ٻڌيائين تہ هيءُ حُر اٿئي. توکي حُرن بابت ڄاڻ هوندي. جواب ۾ مون ها ڪئي. حُرن جي جانبازيءَ ۽ پير پاڳاري جون ڳالهيون وڏن وٽان ٻڌيون هئم ۽ شري بلديو ڳاجرا جي ڪتاب ۾ ''سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل ۾'' ۾ پڙهيو هوم. اِهو بہ ٻڌو هئم تہ پير پاڳاري کي ''حُر'' خدا کان بہ وڌيڪ مڃيندا آهن. حُرن جي رسم موجب نڪاح پڙهي حُر پنهنجي زال کي پهرين رات پير وٽ موڪلڻي پوندي هئي. جيترا ڏينهن پير چاهي پاڻ وٽ رکي پوءِ اُن جي شوهر جي حوالي ڪندو هو. عجيب ۽ وشواس ۾ نہ ايندڙ رسم بابت ٻڌو هئم.

سسئي جي بنگلي تي سندس پتا غُلام قادر پليجو ۽ ماتا اختر بلوچ اسان جي

انڊو-پاڪ پيپلز فورم فار پيس اينڊ ڊيموڪريسي پاران رات جو ڊاڪٽر حمي
کُهڙو جي بنگلي تي رات جي ماني ۽ سنگيت جو پروگرام رکيو ويو هو. کُهڙ
پريوار سڀني آيلن جو دل سان سواگت ڪيو. ڪلچرل پروگرام ۾ سنڌي-پنجاب
لوڪ گيت شامل ته هئا ئي، پر ان سان گڏ سنڌ جي پاپ ڳائڻن به نئين انداز
پنهنجو پاڻ ملهايو. ڀارت جي ڳائڻيءَ راجيءَ ۽ ٻين گيت ڳائي ۽ نرتيه ڪري را
کي رونق بخشي ۽ ماحول کي خوشنما بڻايو.

ڪانفرنس جي موقعي تي اسان سان ڪيترين ڀينرون به گڏيون هيون. ج
سان اسان جي واقفيت هري موٽوائي ڪرائي. جيڪو سنڌ باقاعدگي سان اين
رهندو آهي ۽ سندس مخزن ”ڪونج“ جيتري ڀارت ۾ هاڪاري آهي، اوترو ئ
سنڌ ۾ به لوڪپريه آهي. اُتي اسان سان سسئي پليجو ۽ نُزهت پناڻ به گڏي
هيون. ٻنهي ڄڻين سنڌ جي سياست ۾ ڪافي سرگرم ڪردار ادا ڪري گهڻو ن
ڪڍيو آهي. هوُ ٻئي سنڌ اسيمبلي جون چونڊيل ميمبر آهن ۽ سنڌ جي مسئلن ت
وڏي واڪي پنهنجي سوچ کي سنڌ اسيمبلي ۾ پڌرو ڪنديون آهن. ٻئي ڄڻي
پڙهيل ڳڙهيل، فضيلت واريون ۽ مهمان نواز آهن. ان وقت سسئي اسان ک
پنهنجي گهر منجهند جي ماني جي دعوت ڏني. جيڪا اسان قبول ڪئي.

ٻئي ڏينهن تي اسان کي سسئي جون ڪارون هوٽل مان لنچ لاءِ وٺڻ آيو
ساڳئي ڏينهن تي فورم پاران ڪراچي درشن جو به پروگرام رکيل هو. پر جيئن
هڪ ڏينهن اڳ اسان کي نورناز آغا پنهنجي ڪار ۾ ڪراچي جو چپو چپو، گهم
لائق آستان، بزاريون ۽ مارڪيٽ گهمائي آئي هئي، ان ڪري اسان ان پروگرام
شامل نه ٿياسين.

ڪراچيءَ جو پراڻو نالو ”ڪلاچي“ هو. ڪراچي يونيورسٽي ”ڪلاچيءَ“ نا
تحقيقي جرنل پڻ شايع ڪندي آهي. شاندار ڪراچي شهر جيڪو ايشيا جو صا
سٿرو شهر هو اُن کي مهاجرن گند جا ڍير، مڇرن-مکين جو گهر بڻائي ڇڏيو ه
پڙهيو هوم ته ڀارت جو ٽپال سرشتو ڪراچيءَ مان ئي شروع ٿيو هو. پهريون-پهري
هوائي جهاز به اکنڊ ڀارت وقت هتي ئي آيو هو. ڏينهن جو جتي ڪراچي بدصور
پاسي رهي هئي رات جو هن شهر جي رؤنق ڏسڻ وٽان هئي، بتين جي جهرم
رنگين، چمڪندڙ سائين بورڊ ۽ اکيون چرخ ڪندڙ رؤنق.

ڪٿي اِهو به پڙهيو هوم ته ايشيا جو جهوني ۾ جهونو ٿيئٽر ”پڪچر هائوس
ڪراچيءَ ۾ هو. بندر روڊ تي پهچندي اُن ڳالهه ذهن ۾ اُيرڪو ڪاڏو. ”گنيز ب

لاءِ چا ڪري رهي آهي؟

افسوس واري لهجي ۾ تڏو شوڪارو پريندي چيائين، ”بُکَ ۽ بيروزگاري ختم ڪرڻ بدران ۽ پيداوار جي وسيلن کي وڌائڻ بدران پڙهيل ۽ اعليٰ تعليم يافته بيروزگارن کي روزگار ڏيڻ بدران اُلٽو باروزگار نوجوانن کان نوڪريون کسيون پيون وڃن. اڄ جي ئي خبر آهي ته سنڌ جي تعليم کاتي پاران نان-فارمل تعليم جي شعبي مان به سو اسڪولن کي تالا لڳايا ويا آهن. اُستادن کي پگهارن کان محروم رکيو ويو آهي. ڇهن مهنن کان کين پگهارون ڪونه مليون آهن. سنڌن جيون جي گاڏي هلائڻ مشڪل ٿي پيئي آهي. هو لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور آهن. اٺ هزار ٻارن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي. روز قتل رواجي ڳالهه آهي. حڪومت جا فيصلا بي بقا آهن. پيٽرول جي قيمت 17 پيرا وڌائي ويئي آهي ۽ 9 پيرا گهٽائي ويئي آهي. ڪهڙيون ٿو سرڪار جون ڳالهيون پڇين؟

ها پر هڪ ڳالهه سني ٿي رهي آهي ته ڀارت سامونڊي حدن ۾ هاٽ لائين قائم ڪرڻ جي تجويز قبولي آهي. پاڪستان ڀارت سرڪار کي ميري ٽائيم ۽ ڪوسٽ گارڊز جي وچ ۾ هاٽ لائين وجهڻ لاءِ رٿ ڏني آهي جا ڀارت قبولي آهي. ان فيصلي سان سمنڊ جي حفاظت ٿيندي ۽ مهاڻن کي پڻ مدد ملندي.

تاجل ڀارت جي (ان وقت جي) پرڌان منتري اٽل بهاري واجپائي جي سارڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت جي اعلان جي آجيان ڪئي. جنهن سبب ٻنهي ديشن جا واپاري، مالي ۽ ڪلچرل لاڳاپا مضبوط ٿيندا ۽ ٻنهي ديشن جي وچ ۾ سياسي مسئلا حل ٿيڻ جي عمل کي هٿي ملندي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ريل ۽ هوائي رابطا بحال ٿيندا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ-راجسٿان سرحد کُلڻ جي ڪري ٻنهي ديشن جي وچ ۾ وقت ۽ پيسو بچندو. مون کيس ٻڌايو ته سنڌ-راجسٿان رستي کي کولڻ جي لاءِ پڻ فورم پڻ پنهنجي پڌرنامي ۾ ذڪر ڪيو آهي.

ان وچ ۾ فون آيو ته اسٽيشن پهچائڻ جي لاءِ لگزري بسون تيار آهن. مان تاجل کان موڪلائي، اچي بس ۾ وينس. تاجل جو پاڪر، سِڪ، حُب، قُرب ۽ مهمان نوازي اڄ به سوچن ۾ تازي ۽ توانی آهي.

ڪراچي جي ڪينٽ اسٽيشن تي پهچي بس مان لٿاسين ته اُتي پڻ حسام ماڻهن جا موجود هئا. سيني قرب ۽ پيار وچان گلي ملي موڪلايو. هنن جي اکين ۾ اجهل ڳوڙها هئا. اُهي ڳوڙها خوشي ۽ غم جا هئا. هڪ آس سمايل هئي ته وري هڪ ڏينهن ضرور ملنداسين. هنن کي وشواس هو ته امن ۽ شانتي لاءِ ڪوششون ضرور

آجيان جي لاءِ دروازي جي مُهڙ وٽ گُلن سان موجود هئا. ان ڪانسواءِ سسئي جي
سڄو خاندان اسان لاءِ جڻ تہ اکيون وڇايو ويٺو هو. جنهن ۾ سسئي جي ننڍي ڀيڻ
پرد بہ شامل هئي. سسئي ان ڊنر جي دعوت فورم جي پارٽي صدر اشوڪ مترا، ٻين
ڪراچي جي شخصيتن، پارٽي نمائندن، اخبار نويسن ۽ ڪي.ٽي.اين. وارن کي
بہ ڏني هئي. منجهند جي ماني دوران پارٽ-پاڪ لاڳاپن، پارٽ ۽ سنڌ ۾ سنڌين
جي حالت ۽ سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ تعليم ۽ ثقافت بابت خيالن جي ڏي-وٺ ٿي
ٽي.وي. وارن ۽ اخبار نويسن سيني کان واري وٽي سان مٿي ذڪر ڪيل سين
موضوعن/وشين تي انيڪ سوال پڇيا ۽ انٽرويو رڪارڊ ڪيا.

لنچ ٽيبل تي گهڻيون ئي ذائقيدار چيزون ميسرڪيل هيون. پر سنڌ جي پلي
جا، جنهن لاءِ ٻڌو هيم تہ سنڌو ندي جي ڪناري ريتي ۾ پچائي. اسان جا و
کائيندا هئا، بہ ٽي نمونا موجود هئا. پلي جي آنيءَ ۽ ٻيا ذائقيدار نمونا مون ۽ ٻي
دل سان کاڌا. اُتي اسان کي ٻڌايو ويو تہ سنڌوءَ جي سُڪڻ ڪري هاڻي سنڌ
سنڌي پلو کائڻ لاءِ بہ سِڪي رهيا آهن ۽ پلي جا ڪيترا قسم تہ ڏسڻ لاءِ بہ ڪون
ملن!

جدا جدا سوادي طعام ورتائڻ کانپوءِ مون ۽ اشوڪ مترا ميزبانن کان هوٽل وڃ
جي لاءِ اِجازت گُهري، جو ان ڏينهن اسان جي پارت موٽ هئي. جنهن لاءِ لاه
وڃڻ جي لاءِ ڪراچي کان ريل تي وڃڻو هئو. سسئي جي گهر ٻيا دوست موجود ره
پر اسان بہ ٽي چڙا موڪلائي گهڻو پيار، قرب ۽ يادگيريون ڪٺي ۽ اجرڪن جو
سوکڙيون ساڻ ڪري سسئي جي ئي ڪار ۾ هوٽل پهتاسين. سسئي جي گهر
مجلس دوران سنڌ جي بهادر ۽ بي‌باڪ پترڪار فقير محمد لاشاري جي ڌي
نصرت ۽ پُٽ سارنگ لاشاري سان بہ ملاقات ٿي هئي. سارنگ اسان کي هوٽل تائي
پهچائڻ آيو. سسئي جي گهر پڻ ڪي.ٽي.اين. چينل وارا حاضر هئا. اُنهن پ
هرهڪ کان جدا-جدا وشين تي خاص اِنٽرويو ورتو ۽ مونکان ”پارت ۾ نانڪ
سنڌي لوڪ ادب جي صورتحال“ تي اِنٽرويو ورتو.

هوٽل تي تاجل بيوس موجود هو. تاجل مونکي رهڻ لاءِ زور پريو ۽ سندس گ
رات جي مانيءَ جي دعوت پڻ ڏني. مون کيس ٻڌايو تہ پارت ۾ مونکي پنهنجيو
ذميواريون پڻ نڀائڻيون آهن. سنڌ ۽ توهان کي ڇڏي وڃڻ تي دل بہ نٿي ٿئي.
مجبوري آهي. منهنجي ريل ۾ اجا وقت هئو، سو تاجل سان اوپاريون لهواريو
ڳالهيون شروع ڪيم. ان دوران تاجل کان پڇيم تہ موجوده حڪومت سنڌي ق

هدايتڪارن، ناٽڪ ڪارن جو انداز وڌيڪ هو. اسان هنن کي ٻڌايو تہ ”لالواڻي راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد ڀارت سرڪار جي بالا ڊائريڪٽر پد تي براجمان آهي ۽ اِن پد جون انيڪ جوابداريون آهن اِنڪري هوُ ويزا وڌايل هئڻ جي باوجود بہ پنهنجا فرض ۽ جوابداريون نڀائڻ لاءِ موٽي ڀارت ويو. لالواڻي هڪ فرض شناس شخص آهي.“

گاڏي هلڻ شروع ڪيو. سڀ هٿ لوڏي سدائين گڏ-وري گڏجنداسين چئي هڪٻئي سان موڪلائي رهيا هئا. سنڌ واسي پليٽ فارم تي تيسين نظر آيا جيستائين ٽرين رفتار پڪڙي نظرن کان گُم نہ ٿي هئي. مان هتي اها ڳالهہ بہ چوڻ واجب ٿو سمجهان تہ عام طور تي اهو اثر سيني جي دلين تي ويٺل هو تہ پاڪستاني گاڏيون وقت تي نہ هلنديون آهن ۽ سدائين ليٽ هونديون آهن پر اسان کي اهڙي قسم جو ڪوبہ آزمودو ڪونہ ٿيو.

مان پنهنجي سيٽ تي اچي ويٺس ۽ دريءَ مان سنڌ جي ڇڏيل رستن کي آسائتين اکين سان ڏسندو رهيس. وقت گذرڻ سان ٻاهر ڪاري ٻاٽ ڇانيل هئي. سو ڪجهہ بہ نظر نہ اچي رهيو هو. صرف ريل جو آواز فضا ۾ گونجي رهيو هو.

اچانڪ منهنجو ڌيان منهنجي ڀر ۾ ويٺل شخص جي ڳالهين طرف ويو. حميد قريشي ۽ واحد قريشي ٻئي سڳا ڀائر هئا ۽ ڪشمير گهاٽيءَ ۾ رهندا هئا. ڪشمير جي جهڳڙي ٻنهي ڪٽنبن کي الڳہ ڪري ڇڏيو هو. ٻنهي جي گهرن جي وچ ۾ صرف 4 فرلانگن جو فاصلو هو، پر ٻنهي ملڪن جي فوجن هنن جو گڏجڻ محال ڪري ڇڏيو هو. خوشي ۽ غمي ۾ هوُ هڪ ٻئي وٽ اچي وڃي نہ ٿي سگهيا. ايتري قدر جو هوُ پنهنجي پتا جي موت تي هڪٻئي سان پرچاڻي بہ نہ ڪري سگهيا هئا. پلو ٿيو هو فورم جو جن ويهن سالن کان وڇڙيل ٻنهي ڀائرن کي ملايو هو. فورم ۾ هڪ هندستان جو عيوضي هو ۽ ٻيو پاڪستان جو. هنن جون ڳالهيون ٿينديون رهيون. اِنساني حقن جو ذڪر ٿيو. بنا ويزا پاسپورٽ هڪٻئي ملڪ ۾ اچڻ-وڃڻ جي ڇوٽ ملي، سرحدون کوليون وڃن، آمدرفت ٻنهي طرف شروع ڪئي وڃي وغيره-وغيره تي بحث ٿيندي رهي. هنن جون ڳالهيون جاري هيون تہ مونکي ننڊ اچي ويئي.

صبح جو لاهور اسٽيشن تي پهچي ٻنهي ڀائرن کي ڳالهين ۾ رُڌل ڀاتم. ڄاتم تہ ٻئي ڄڻا ڀرپور ڳالهين ڪرڻ جي چاهنا دل ۾ ڌاري وينا هئا. سڄي رات ڀاڻ ۾ ڳالهيون، ڪچهري ڪندا رهيا هئا جو هنن جون اکيون ننڊاکڙيون هيون. وري

رنگ لائيندبون. ڀارت واسي امن جا پوڄاري، پاڪستان ۾ روشني جي ڦولها ۾ آ
هئا، اُها روشني ضرور ٿيندي. اُتي پڻ سنڌي صحافي ۽ چينل وارا حاضر هئ
هنن پڇيو ته سنڌ جو سفر ڪيئن رهيو ۽ امن ڪانفرنس ڪيئن رهي؟ مون هن
کي ٻڌايو ته سنڌ زيارت منهنجا ست جنم سڦلا ڪري ڇڏيا. تمام گهڻيون محبتو
مليون، سڪون مليون پر هڪ آس دل ۾ اڌوري رهي ته مان پنهنجي ڳوٺ، جن
ڀومي جو درشن ڪري نه سگهيس، پنهنجن اباڻن جا اجها ڏسي نه سگهيس. باق
هر لحاظ کان سنڌ سفرخاص ڪراچي ۾ ڪانفرنس بامقصد رهي. هڪ وشواس قائ
ٿيو ته پاڪستان جو عوام شانتيءَ جو خواهان آهي، هنن کي جنگ نه پر امن کپي
ڀائيچارو ۽ ملڪ جو وڪاس گهرجي. هنن کي مذهبي ايڪتا گهرجي. هن ڪانفرن
۾ پاڪستان جي عوام اِهو ثابت ڪيو آهي ته نفرت ناگرڪن ۾ عوام ۾ ڪونهي
مذهبي ڪٽر پنٿين ۾ آهي، سياستدانن ۾ آهي ۽ جيڪي ستا ۾ آهن اُهي پنهنج
ستا ۾ سوارٿ قائم رکڻ لاءِ عوام کي ڀڙڪائين ٿا. پر اڄ پاڪستان جا ناگرڪ، عوا
سجاڳ آهي ۽ وشواس آهي ته هڪ ڏينهن نفرت جي ديوار ٽٽندي، وشواس قا
ٿيندو، پيار محبت ۾ اضافو ٿيندو. اچ-وڃ جا رستا هڪ ڏينهن ضرور کلندا. هي
امن ڪانفرنس ٻنهي ملڪن لاءِ شانتي قائم ڪرڻ جي هڪ پل آهي. ماڻهن س
ماڻهن جو رابطو ئي صلح جي صحيح واٽ آهي. جيئن جيئن ٻنهي ملڪن جا
طبقي رابطا وڌندا، محبت وڌندي ۽ نفرت دور ٿيندي. دلين مان نفرت دور ٿ
سان وشواس، ميناج محبت ۽ امن قائم ٿيندو ۽ وڪاس جا دروازا هڪ ڏينهن ضر
کلندا اهڙو منهنجو وشواس آهي.

شري هيرو ٺڪر، هري موٽواڻي ۽ نند جويري اُتي رهيل هئا. اُنهن ٻڌايو هو
تنهنجو اِهو رايو ڪي.ٽي.اين. وارن بار بار پئي پيش ڪيو. ڀارت پهچڻ س
اُلهاسنگر، ڀوپال، اندور، آديپور، احمدآباد وغيره شهرن کان فون رستي ٻڌايائون
تنهنجو اِهو اِنٽرويو اسان ٻڌو، ڏاڍو پسند پيو. خوبي اِها هئي ته ٻين ڀارتواس
جا اِنٽرويو تاثرات هندي، انگريزيءَ ۾ هئا پر توهان جو سنڌيءَ ۾ هو اِنڪري
بار اُن کي ڏُهرائي رهيا هئا. ٻئي ته ڪاوش، ڪوشش ۽ ٻين اخبارن پڻ منهن
الوداعي اِنٽرويو جا ڪجهه انش خاص خبرن طور شايع ڪيا.

جناب هري موٽواڻيءَ ٻڌايو ته ''شام'' اخبار ۾ جيڪو شري حميد ڀٽي تنه
ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪن بابت تفصيلي اِنٽرويو شايع ڪيو هو اُن بعد اسان جتي
وياسين، اُتي تنهنجي نالي جي پڇا ٿي رهي هئي جن ۾ سنڌ جا ناٽڪ فنڪا

Karachi Declaration
December 2003

We the delegates to the 6th Joint Convention of the Pakistan India People's Forum for Peace and Democracy, are convinced that the people of the world in general and South Asia in particular. face new forms of imperialistic globalisation that is today.

i) increasingly aided andabetted by local interests and constituencis.
ii) imposes aniniquitous system on tne developing countries.
iii) destroys the livelihood of common people.
iv) undermines the political and economic independence of countries.
v) directs violence against societies with different political and social ideals. particulary Muslim people. and
vi) terrorises entire countries in the name of fighting terrorism.

The Convention solemnly declares

"That the future of the people of Pakistan and India as independent countries is contingent upon permanent peace and harmony in order to fight the imperialist machination of subjugating and exploitation of the resources and the people of our countries. The Forum welcomes the recent confidence building measures announced by the two governments and demands their immediate implementation in full."

"To build resistance against the IMF, World Band and WTO, as well as the agents of imperialist globalisation. build strong trade and economic cooperation between the two countries and in entire South Asia to foster independent development."

Reiterates its call for global nuclear disarmament, and an immediate de-alert and then destruciton of all nuclear weapons by the tow countris, a 25% reduction in conventional forces. and the immediate removal and an end to the use of landmines.

ملاقات ٿئي يا نہ. هن گڏجاڻيءَ جو ڀرپور لاڀ، محبت، سک هنن ونڃ چاهي
هئي. ان دوران لاهور اسٽيشن تي بہ اسان جي آجيان ۽ موڪلاڻي وڏي شان مان
سان ڪئي ويئي.

اسان واگها سرحد پار ڪري ڀارت جي سرحد ۾ پهتاسين. موٽندي ڀارت جي
ڪسٽم آفيسرن پڻ اسان سان سٺو وهنوار ڪيو، سهڪار ڪيو. ڪراچي ڪنوينشن ۽
پاڪستان جي عوام جي رُخ ۽ وهنوار بابت انيڪ سوال پڇي ڄاڻ حاصل ڪئي.

فورم جي امرتسر چئپٽر طرفان سرحد تي اسان کي ونڃ جي لاءِ بسون موجود
هيون. بسن ۾ چڙهي اسان امرتسر جي خالصا ڪاليج ۾ پهتاسين. اُتي رات جي
ماني کائي، سڀني هڪبئي کان موڪلايو. سڀني کي امرتسر ريلوي اسٽيشن ۽ بس
اڏن تي پهچايو ويو.

اسان سڀني جو مقصد هو امن، شانتي ۽ صلح ٻن ملڪن جي وچ ڀائيچارو
نفرت کي ٽوڙي پريم، ڀائپي ۽ صدق وڌائڻ. سياسي هٺرادو ديوارن کي ٽوڙي
ٻنهي ملڪن جي باشندن جو دليون جيتڻ. مونکي لڳو تہ برلن واري ڀت ٽٽي
سگهي ٿي، ڏکڻ آفريڪا خونريزي ڇڏي نيلسن منڊيلا جو ناهيل هڪ انڊلٽ جهڙ
ملڪ بڻجي سگهي ٿو. رشيا ۽ چين ٻئي جيڪي هڪ ٻئي جا ڪٽر دشمن هئا اُهي
هڪ ٻئي جا دوست بڻجي سگهن ٿا، تہ ڇا ڀارت-پاڪستان جن جي سنسڪرتي
هڪ ئي آهي ڇا اُهي پاڻ ۾ دوستاڻا ناتا قائم ڪري، اقتصادي سهڪار وڌائي
اجاين نفرتن کي گهٽائي امن وڌائي ڇو نہ ٿا سگهن. ڀارت جي وزير اعظم جناب
اٽل بهاري باجپاءِ دهليءَ ۾ ٿيل امن ڪانفرنس ۾ بہ چيو هو تہ ”ڏکڻ ايشيا کي
نفرتن کان آجو علائقو ناهي سگهون ٿا. گلوبلائيزيشن ۽ عوامي جذبا ۽ خواهشون
اسان کي اِن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿيون.“ امن
ڪانفرنس ٻنهي ملڪن جي عوام، واپاري ۽ ٻين تنظيمن سان ويجها ناتا قائم
ڪرڻ جي انتظار ۾ آهي. ڀارتي اداڪار نصير ال دين شاهہ جي گهرواري رتن
شاهہ جيڪو ”جنگہ نہ امن ڪپي“ ٽيبلوز تي پيش ڪيو هو سو ذهن ۾ اُڀري آيو
مان سنڌواسين سان گڏجاڻيون ڪري، ڪانفرنس جي امن جو سنديش ڏيئي
قرب ۽ سک جي سنيهہ ڀري آدر ستڪار حاصل ڪري ساهہ سان سانڍڻ جهڙيون
يادگيريون، انيڪ قيمتي تحفا ۽ سنڌ جي ڪلچرل سوکڙي اجرڪ کڻي آيو آهيان
سنڌ جي مٽي جي مهڪ سان اڄ بہ منهنجو من-تن ۽ دماغ ڀڪي رهيو آهي. □

civil society initiavtives for peace. We call upon our governments to repeal all discriminatory anti-women laws (such as the Hudood Ordinances in Pakistan), and to enact enabling legislation, especially laws on violence against women, through cross-cutting, non-partisan political processes, for women's empowerment and gender equality. Recognise the universal right of divided families to reunion, and allow cultural exchanges and interaction between civil society organisations, particularly youth to counter the atmosphere of hate and distrust, remove restriction on exchange of literature, books, films, music, dance, sports and other art forms.

In order to ensure systematic and concerted pursuit of the objectives of the Forum the convention decides to appoint Three Joint Committees, Kashmir Committee, Peace and Reconciliation Committee and Minorities Committee;

a) **The Joint Committee on Kashmir** will arrange for and facilitate a dialogue between the people on both sides the LOC and interact with all organisations involved in the efforts to achieve peace and democratic resolution of the Kashmir issue and ensure 50% participation for women.

b) **The Joint Committee on Peace** will prepare an immediate and short-term plan for confidence builiding and normalcy in the region and a long-term strategy for establishing a just and durable peace in th subcontinent. For this purpose the committee will vist different parts of India and Pakistan, hole extended discussions with various sections of the society, including political parties, business community, women's groups, farmers and workers organisations and other people's movements.

c) **The Joint Committee on Minorities** will deal with the issue relating to the issue of protection of minorities and their rights in the two countries. ❑

Settle the Kashmir dispute respecting the aspirations of the people of Jammu and Kashmir on both sides of LoC, withdrawal of armed forces and armed groups on both sides, establish an effective and accountable mechanism to ensure protection of life and liberty of the people of J & K, particularly women.

Believes that the persistence of majoritarian politics and increasing communalisation of the polity pitting one disadvantaged section against the other deprives the people of their right to self-realisation. We stress the without adequate protection of religious, linguistic, cultural and political minorities there can be no democracy.

There can be no justice without granting redress to the victims of human rights abuses -especially with the connivance of the state, particularly women and children, as in Gujarat.

All those who were forced in the past to leave their homes and migrate to other countries or to other parts of their country, must be given the opportunity to return of their original settlements.


All regimes and laws that deny the human rights of the person withour citizenship status, such as migrant workers and those who cross the border by mistake, must be scrapped.

India and Pakistan must sign a protocol on exchange of prisoners and respect the rights of refugees.

Non-delimitation of maritime boundaries is depriving thousands of fisher people of their livelihood. We demand immediate cessation of the harassment of fisher people and thos arrested must be repatriated immediately with their boats, equipment and property.

We call upon the two governments to remove all restriction on travel between the countries. and the institution of a regime of issuing visas on arrival.

We call upon both governments to recognize the disadvantaged position of women in our countries; to count the productivity of women and their contribution to the GDP; to ensure the provision of basic minimum needs to women, particularly health, nutrition, education and employment; and, in view of the documented feminization of poverty in both our countries, to foces on rural women in poverty reduction measures. Women must be included in all government and



شيخ اياز ڪانفرنس وقت منچ
تي جينو لالواڻي، ڊا. قريشي ۽ ٻيا.



ايئرپورٽ تي تاجل بيوس، عبدالا جيسر، تاج جويو،
رڪيل مورائي، سسئي جيسر، هيرو نڪر ۽ جينو لالواڻي.



''شاھ، سچل، سامي'' امن ڪانفرنس وقت جناب
سريش ڪيسواڻي، جينو لالواڻي سنڌ جي صحافين سان



دادوءَ پرسان شاھ بلاول جي درگاھ تي ڊا.
اياز قريشي، جينو لالواڻي، هيرو نڪر ۽ شوڪت شورو



جينو لالواڻي، شوڪت شورو، هيرو نڪر،
ڪماري سسئي، رڪيل مورائي، تاج جويو ۽ عبدالا جيسر.



ھال ادب 'مجتا اوارڊ' وقت حاضرين
سان مخاطب ٿيندي جينو لالواڻي.



''شاھ، سچل، سامي'' امن ڪانفرنس وقت منچ
تي جناب سريش ڪيسواڻي ۽ جينو لالواڻي.



منو مهري، هيرو نڪر، جينو لالواڻي،
مشتاق شورو، ننڍي جي شاھ جهاني مسجد ۾.

٢- امن جا پکي اُڏاڻا سنڌ

سنڌ ۽ سنڌيت منهنجي لاءِ سدائين صادق جذبو رهيو آهي. جڏهن کان سنڌي
تحريڪ سان جڙيو آهيان. جنم يومي سونهاري سنڌ جنهن جو پاڻي رت بڻجي
نسن ۾ وهي رهيو آهي. اُن سنڌ کي ڏسڻ، سنڌ جي زيارت ڪرڻ جي چاهنا کي
ڪافي سالن کان جنم ڏنو. ننڍپڻ ۾ ماتا پتا، وڏن کان بڌل سنڌ جي ڳالهين، سن
بابت پڙهيل ڪتابن سپنن ۾ تہ سنڌ جي ياترا ڪندو رهيس پر سنڌ جنم يومي
تي پير رکڻ، وڏن جا اجها، پنهنجو ڳوٺ، پنهنجو جنم اِستان ڏسڻ لاءِ سدائير
تڙڦندو رهيس. سنڌ وڃڻ لاءِ سالن کان ڪوششون ونندو رهيس پر هند پاڪ جا نا
سازگار نہ هئڻ ڪري ڪافي ڪوشش جي باوجود بہ پنهنجن اِڇائن، چاهنائن
سپنن کي ساڪار روپ ڏيئي نہ سگهيس. سال 2003 جي ڊسمبر مهني ۾ اِندو پاڪ
پيوپلس پيس فورم دهليءَ جي زير سايع ڪراچي سنڌ جي سرزمين تي پير رکڻ
اُتان جي مٽي مستڪ تي لڳائڻ جو موقعو نصيب ٿيو ۽ ڪراچي ڏسڻ جو موقع
مليو. پر سنڌ جا ٻيا پويتر اِستان، جنم ڳوٺ، جڳهہ ڏسڻ ۽ مائٽن سان ملڻ جي آس
اڌوري ئي رهجي ويئي، نہ ڄاتو هئم تہ وري ڪو اهڙو سڀاڳو واءُ لڳندو جو هڪو
ٻيهر سنڌ ڏسڻ جو موقعو ملندو.

ممبئيءَ ۾ راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد طرفان رتيل سنڌي سنگيت
راڳہ راڳڻين سيمينار جي موقعي تي ٻڌم تہ سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفا
اڪادميءَ جي ميمبرن، عهديدارن ۽ ڪن سنڌي اديبن جي هڪ شانتي وفد س
گرئجوئيٽ ائسوسئيشن، ڪراچيءَ جي نينڊ تي ڪراچي، سنڌ جي ڏؤري ت
وڃي رهي آهي ۽ جن اديبن جي پسندگي ڪئي ويئي هئي اُنهن کان فارم پرا
تي ويا. ڪن دوستن پڇيو هو 'تون سنڌ هلين ٿو؟' منهنجو جواب هو 'مونکي ني
نہ آهي.'

جنوري-فيبروري 2004 ۾ سنڌي اڪادمي دهليءَ سنڌ جي اديبن کي ني
ڏئي، ڀارتي سنڌي اديبن ۽ سنڌ جي سنڌي اديبن جي هڪ ساهتيڪ ڪانفرن
دهليءَ ۾ ڪوٺائي هئي اُن جي تحت اِهو بہ ويچار ڪيو ويو هو تہ هند-سنڌ ج




يٽ شاهه تي جينو لالواڻي، جهمون چڳاڻي،
سريش ڪيسواڻي، ڊا. ستيش روهڙا ءِ لڇمڻ پاتيا.



سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر مظهر ال
صديقي جيني لالواڻيءَ جو سنمان ڪندي.



ماروت سندري‌بائيءَ سان گڏ
جينو لالواڻي پنهنجي جنم گهر ڪنڊياري ۾.



پارٽي وفد جو شاندار آجياڻو




حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي جناب نصير مرزا اسٽيشن ڊائريڪٽر سان
جينو لالواڻي، هيرو ٺڪر ۽ ٻيا بالا عملدار.



امن ڪانفرنس وقت ڇينو لالواڻي، تاجل بيوس،
جهمون ڇڄاڻي، جڳديش لڄاڻي ۽ پروين انواڻي.




شاهه بلاول جي درگاهه تي
شوڪت شورو، هيرو ٺڪر ۽ ڇينو لالواڻي.



جي. ايم. سعيد جي مزار تي ارجن حاسد،
ڊا. ستيش روهڙا ۽ ڇينو لالواڻي عقيدت پيش ڪندي.



ايئرپورٽ تي ڪي.ٽي.اين.
چئنل کي انٽرويو ڏيندي.



ديوار تي ’قاضي قادن‘ جي اُڪريل بيتن جي
نمونن پرسان جهمون ڇڄاڻي ۽ ڇينو لالواڻي.



رني ڪوٽ تي هيرو ٺڪر ۽ ڇينو لالواڻي.



شهيد راڻي بي نظير ڀٽو پنهنجي ڪٽنب سان

سنڌي اديبن، صحافين، ڪلاڪارن، دانشورن جون گڏجاڻيون، ڪانفرنسون لڳاتار نيمائتو وڏي پئماني تي ٿيڻ ڪرجن جيئن ٻنهي ملڪن جي اديبن فنڪارن، تعليمدانن جو رابطو رهندو اچي. اِن سنڌي اڪادمي دهليءَ کي هڪ دفعو سنڌ وارن سنڌ ۾ وفد وٺي اچڻ جي ڪوٺ ڏني هئي. ڪوٺ قبولي شري سريش ڪيسواڻي اڳوڻو راڄيہ سڀا ميمبر، نائب صدر سنڌي اڪادمي دهلي ۽ برک شاعر اخبار نويس، اڪادميءَ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبر شري لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل سنڌ وڃڻ جي تيارين ۾ لڳي ويا.

هڪ رات اچانڪ شري لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل جو فون آيو، ’لالواڻي، تون سنڌ هلڻ چاهين ٿو پنهنجو پاسپورٽ ۽ تفصيل ورندي ٽپال ۾ موڪلي ڏي‘ ۽ ٻئي ڏينهن ڪومل ويزا فارم بہ موڪلي ڏنا. منهنجي چڻ لاٽري لڳي هئي. مون ترت پاسپورٽ، ويزا فارم ۽ ضروري تفصيل دهليءَ ڏياري موڪليا ۽ طئہ ڪيل پروگرام مطابق احمدآباد مان سرو شري ارجن حاسد، واسديو موهي، گوبند خوشحالاڻيءَ سان گڏ سنڌ-پاڪستان شاهہ سچل سامي اِنٽرنئشنل پيس ڪانفرنس، ڪراچيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دهليءَ پهتاسين.

سنڌي اڪادمي دهليءَ جي نائب صدر، ڀارتي پارليامينٽ جي اڳوڻي ميمبر لاڙڪاڻي جائي شري سريش ڪيسواڻيءَ جي اڳوانيءَ ۾ ڪراچيءَ لاءِ صبح جو ساڍي نوين بجي اِندرا گانڌي اِنٽرنئشنل ايئرپورٽ تي پهتاسين. دهليءَ جو سماجڪ ڪاريہ ڪرتا ۽ ڪانگريس جو اڳوان شري جئڪشن پنهنجن ساٿين سان گڏ ايئرپورٽ تي حاضر هو. هنن سنڌ-ڪراچيءَ ويندڙ سڀني دوستن جو اجرڪ سان سواگت ڪيو ۽ دؤري، سفر جي ڪاميابيءَ لاءِ شڀ ڪامنائون ڏنيون.

ڀارتي اديبن جي وفد ۾ ڊاڪٽر موتي پرڪاش، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، واسديو موهي، شريڪانت صدف، جگديش لڇاڻي، نند جويري، ڪرشن راهي، مايا راهي، هيرو شيوڪاڻي، ومي سدارنگاڻي، گوبند خوشحالاڻي، ڊاڪٽر جينو لالواڻي، ارجن حاسد، رشمي راماڻي، جهمون چڳاڻي، سندر اگناڻي، ڊاڪٽر سي. جي. ڏاسواڻي، لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل، دشينت آهوجا اديبن، شاعرن، محدود فنڪارن سان گڏ سنڌي اڪادمي دهليءَ جا ميمبر سروَ شري گهنشيام گيهاڻي، رينو عيدناڻي، سريش سچديو، موتيلال گرناڻي، ڊاڪٽر آر. ڪي. اروڙا، اُما لالا، شريڪانت ڀاٽيا، سبينا ڀاٽيا ۽ اڪادميءَ جي عملي مان ڪي. آر. مينديرتا، رميش لال ۽ پروين انواڻي شامل هئا. وفد جو اڳوان هو مربي مانوارو شري سريش ڪيسواڻي.



هيرو ٺڪر ،جينولالواڻي ۽ اَياز گل



هيرو ٺڪر ۽ جينو لالواڻي.



ڊاڪٽر قريشي ،هيرو ٺڪر، جينو لالواڻي



سنڌ اسيمبلي ميمبر محترما رخسانه
شاهه بخاري سان هيرو ٺڪر۽ جينولالواڻي



ٺٽي ۾ شاهه جهاني مسجد ۾ مِٺو مهري، هيرو ٺڪر،
جينولالواڻي، نواب منظور ٽالپر، مشتاق شورو



پوج هندو پنچايت شهدادپور ۾ رڪيل آجياڻي ۾
'سامي جا سلوڪ' ڪتاب تحفي طور حاصل ڪندي جينولالوا



سنڌ جون صُرحايون

جذبات کي جاڳائڻ لاءِ مون وٽان ڪوشش ڪئي. جيئن تہ مان ٻيو دفعو سنڌ-
ڪراچيءَ جي زيارت ڪرڻ ويو هئس جنهن ڪري ٽي.ويءَ ۽ صحافين، اديبن جن
سان اڳ ۾ ملاقات-واقفيت ٿيل هئي اُهي ٻين وفد جي ميمبرن کي ڇڏي مونکي
وڪوڙي ويا، پاڪر ۾ پرڻ لڳا، گلاب جي گلن ۽ اجرڪن سان سٽي ڇڏيو. هڪ ٻہ
جيڪي نوان صحافي هئا اُنهن پنهنجن ساٿين کان پڇيو تہ ”ڇا هيءُ سريش
ڪيسواڻي آهي؟“ ٻيا جواب ڏين مون وچ ۾ ئي آکيو تہ ”مان ڇينو لالواڻي آهيان.
شري سريش ڪيسواڻي اڄا ايئرپورٽ جي اندرئين حاطي ۾ آهن.“
نالو ٻڌندي ئي هنن مون کان ٽي.وي. ملاقات وٺڻ شروع ڪئي. سنڌ بابت،
هند بابت، سنڌ جي زيارت بابت انيڪ سوال پڇيا. مان سنتوش ڪارڪ جواب
ڏيندو رهيس. اڇانڪ منهنجي نظر پريان ايندڙ شري سريش ڪيسواڻيءَ ۽ اُنهن
سان گڏ ساٿين تي پيئي. مون هڪدم صحافين کي ڇاٽايو تہ سامهون شري
ڪيسواڻي صاحب پڌارجي رهيا آهن. هو مونکي ڇڏي اُن طرف وڌيا. هڪ صحافيءَ
منهنجي ڳالهہ-ٻولهہ جاري رکي. مونکي لڳو تہ شري ڪيسواڻيءَ ۽ ٻين جو منهن
لاٿجي ويو هو. مونکي گهوري گهوري غصي وچان نهاري رهيو هو. مونکي محسوس
ٿيو تہ صحافي، ٽي.وي. چينل وارا مونسان ڳالهائي رهيا هئا اِها ڳالهہ شري
ڪيسواڻيءَ کي نہ وڻي. پر مان ڇا ٿي ڪري سگهيس. صحافي منهنجو اِنٽرويو
پورو ڪري، سريش ڪيسواڻيءَ ۽ اُن سان گڏ بيٺل پيڙ طرف وڌيو. مان ٻين دوستن
سان ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويس. دير رات رهيل روم ۾ زباني حڪم-آرڊر مليو تہ
سياڻي کان وني وفد سان آيل ڪوبہ شخص بنا اجازت صحافين، ٽي.ويءَ وارن
سان ڪنهن بہ وشيہ تي نہ ڳالهائيندو. سواءِ جناب سريش ڪيسواڻيءَ جي اگر ڪو
انٽرويو ڏيندو تہ اُها ڇاڻ ڏيڻ لازمي آهي ۽ هن شاهي حڪم جي بجاوري نہ
ڪندڙ، تاناشاهي حڪم ٽوڙيندڙ خلاف قدم کنيا ويندا. مان شري ڪيسواڻي ۽ اُن
جي ساٿين جي اهڙن حڪمن تي سدائين ڪن لاٿار ڪندو پئي رهيو آهيان هاڻي
بہ ڪيم. ٻڌو اٿبڌو ڪري ڇڏيم جو اِهو حڪم غير لوڪشاهي ۽ اِنساني حقن جي
خلاف هو. سريش ڪيسواڻيءَ ۽ ٻين جي اڳيان شهنائي وڄائي ڇيڇ هٽڻ شروع
ڪيائون. شاندار مرحبا، ڪيڪار، پلي ڪار ڪانپوءِ اسين بسين ۾ چڙهي فائيو اسٽار
هوٽل بيچ لڪزريءَ ۾ پهتاسين. جتي اسان جي رهائش ۽ ڪانفرنس جو بندوبست
ٿيل هو. ڇنڇر 18 ڊسمبر 2004 تي رات جو انين بجي هوٽل بيچ لڪزريءَ جي
شاندار ايئرڪنڊيشن هال ۾ رنگ‌برنگي پردن، بجلي بلبن سان سجايل منچ تي

آخرڪار اسان جي اِنتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون. 10-12 جي بدران اس
31 چٽا 3 بجي پاڪستان ايئرلائينس جي هوائي جهاز ۾ ويهي ڪراچي پاڪست
طرف اُڏام ڀريسين. جهاز ۾ ئي اسان کي پاڻ ۾ سنڌي ڳالهائيندو ٻڌي، جهاز
ٻه سنڌي ايئر هوسٽ وزير علي شاهه رهواسي سکر ۽ شري غلام شبير ميمڻ اس
سان اچي روبرو ڀاڪر پائي مليا ۽ سنڌ پهچڻ کان اڳ ئي نه صرف هنن اسان س
ڪچهري ڪئي پر هوائي جهاز ۾ ئي ڏاڍي خاطرداري ۽ مهمانوازي ڪئي. جن
کي جيڪا شيءِ گهربل هئي آڻي ٿي ڏني. ور ور ڪري دل سان ڪاڻ لاءِ زور ڏ
ڀريو. سنڌ جي سنڌين جي محبت، سڪ، پيار ۽ مهمانوازي دهلي ايئرپورٽ ت
ئي شروع ٿي ويئي. هنن هوائي جهاز ۾ سنڌي روزانيون اخبارون ڪاوش، عبر
عوامي آواز آڻي ڏنيون. جتي ٻيا مسافر انگريزي، اُردو اخبارون پڙهي رهيا
اُتي اسان سنڌي اخبارن جي خبرن جو لطف ماڻي رهيا هئاسين.

ميمڻ ۽ علي‌شاهه ٻڌايو ته ’زبان ۽ ڌرتيءَ جي محبت کان وڌيڪ ٻيو ڪجه
نه آهي. مذهب، ڌرم پوءِ جي چيز آهي. سيني کان مٿي آهي اِنسانيت. سنڌ ج
سنڌين جا اهڙا ويچار ٻڌي، سڪ ڏسي دل ڏاڍي باغ بهار ٿيڻ لڳي.

ارجن حاسد ۽ مسٽر گرناڻيءَ کي ننڍپڻ ۾ ڪراچي، سنڌ ۾ گهاريل پلن ج
يادگيريون آيون، هو سچي وات سنڌ جون ڳالهيون ڪندا، جڳهين کي ياد ڪ
رهيا.

شام جو پنجين بجي جناح اِنٽرنئشنل ايئرپورٽ ڪراچيءَ تي اسين لٿاسي
جهاز دهلي، جيسلمير، حيدرآباد، نواب شاهه کان ٿيندو 36 هزار فوٽن جي اوچائ
تي 770 ڪ.م جي تيزيءَ سان اُڏام ڀريندو ڪراچيءَ پهتو هو. اسين جهاز م
هيٺ لٿاسين. ٻاهر سنڌ گرئجوئيٽ ائسوسئيشن جا ٻانيڪار، سنڌ جا سنڌي اديب
اخبار نويس، جدا جدا ٽي. وي. ڪي.ٽي.اين.، ڪاوش، پاڪ ٽي.وي.، س
ٽي.وي. وغيره جا نمائندا ۽ حشام ماڻهن جا اسان جي آجيان لاءِ حاضر هئا. گ
جي گلن جي ورکا ٿي رهي هئي. گلاب جا هار سيني کي پائي، ڀاڪرن ۾ ڀ
پيار، محبت جو اِظهار ڪندي شاندار نموني ڀليڪار آجيان ڪئي ويئ
فوٽوگرافر، ٽي.وي. وارا اُتي ئي سيني کي ويڙهي ويا ۽ سيني کان اِنٽرويو و
شروع ڪيائون، تاجل بيوس، تاجل جويو، شمشير حيدري، رکيل مورائي، ش
وغيره مونکي به گلن سان سٽي ڇڏيو. ڪي. ٽي. اين. پاڪ ٽي.وي. ۽ سنڌ ٽي.و
جي حميد پٽي هڪوار ٻيهر ڪراچي-سنڌ اچڻ جي خوشيءَ جو اِظهار ڪن

تهذيب امن ۽ ڀائيچاري جي شاندار روايتن جي امين رهي آهي.'' سونيا گانڌيءَ اُميد ڏيکاريندي چيو تہ ''هيءَ ڪانفرنس ٻنهي ملڪن جي عوام جي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿيندي. هينئر سنڌ جي ماڻهن کي ميزبانيءَ جو موقعو مليو آهي، اُميد تہ اِهو ساڳيو موقعو ڀارتي سنڌين کي بہ ملندو. اِها ڪانفرنس اڳتي هلي پاڪ-ڀارت جي ترقيءَ لاءِ ماحول سازگار ڪندي.''

هن موقعي تي برک شاعر هري دلگير کي شرڌانجلي ڏني ويئي. ۽ شري لالچند امرڏني‌مل جي اِڇا مطابق هن جون هائيون ڀارت مان سنڌ آڻي سنڌو درياهہ ۾ پروان ڪيون ويون هن جو ذڪر پڻ ڪيو ويو. اِهو بہ سمجهاوَ ڏنو ويو تہ شاهہ، سچل، سامي، امين اڪيڊميءَ برپا ڪئي وڃي، جيڪا دائمي طور ٻنهي ملڪن جي امن-صلح لاءِ ڪاريہ ڪري. قمر شهباز کي نوٽ پيش ڪيو. ڀارتي اديبن جو اجرڪن ۽ گلن سان سواگت ڪيو ويو. شڪرگذاريءَ سان مهورتي اِجلاس پورو ٿيو.

تاريخ 18 ڊسمبر 2004 تي ئي مهورتي اُتسو کان اڳ اڪادمي آف ليٽرس طرفان سٽي ڪلب ۾ وفد جي ميمبرن سان هڪ شاندار گڏجاڻي ۽ منجهند جي رسوئيءَ جو بندوبست ڪيل هو. ڊائريڪٽر آغا نور محمد سيني جو گلن ۽ اجرڪن سان سواگت ڪيو. تاج جويو سيني جي واقفيت ڪرائي. هن موقعي تي شري سريش ڪيسواڻيءَ ڳالهائيندي چيو تہ 'مان توهان جي دلين ۾ سنڌيت، سنڌي زبان، سنڌي ٻوليءَ لاءِ چِڪ ڏسان ٿو. مان توهان جي محبتن جو ذڪر ڪهڙن لفظن ۾ ڪيان، مون وٽ لفظ ڪونہ آهن. اُها چِڪ، محبت، پيار محسوس ڪرڻ جي چيز آهي ۽ اسين توهان جي قربن لاءِ توهان جا ٿورائتا آهيون، اسان شانتيءَ جو پيغام کڻي آيا آهيون اسان نفرتن جي ديوار کي ٽوڙي ڀائيچارو قائم ڪرڻ آيا آهيون.''

شري لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل چيو تہ 'اسين سنڌ مان ورهاڱي وقت جسماني طور هليا ويا هئاسين، پر سدائين جڙيل رهيا آهيون. اسان جاڳندي، سمهندي سپنا ڏسندا رهياسين تہ اسين ڀائر پاڻ ۾ وري گڏجنداسين. اسين سٺونجاهہ سالن بعد توهان سان گڏجڻ آيا آهيون. سنڌي اڪادمي دهلي ۽ شري سريش ڪيسواڻيءَ سان جي سپنن کي ساڪار بڻايو آهي. اسان جي ثقافت، ڌرتي ساڳي آهي، اسين پاڻ ۾ ڀائر آهيون ڀائر ٿي رهنداسين.'

شريمتي مايا راهيءَ چيو، ''سنڌ سياڻي آهي، جنهن پنهنجي فرزندن کي پاڻ ت گهرايو آهي.'' گڏوگڏ هن نديڻ جي يادگيرين کي دهرايو.

سنستا طرفان آرگنائيز ڪيل ”شاهہ سچل سامي عالمي ڪانفرنس“ شروع ٿ
منچ تي براجمان هئا- سينيٽ چيئرمن محمد ميان سومرو، سريش ڪيسوا
قمر شهباز، سنڌ گرئجوئيٽ ائسوسئيشن جو چيئرمن جناب انتام حسين، لڇ
ڪومل ۽ ٻيا. منچ کي شاهہ، سچل، سامي ۽ جي بيتن-ڪوتائن سان سجايو ويو
پليڪار ڪانپوءِ گئس جوت جلائي ڪانفرنس جو مهورت ڪيو ويو. سراجو
ميمڻ قران جي آيتن سان پاڪ ڪلام پيش ڪيو. منو مصري ۽ شاهہ جي سر ڪن
۽ ساموندي ۽ سان چند بيت پيش ڪري ڪانفرنس جو آغاز ڪيو ۽ سلسلو شروع
تقريرن جو.

سينيٽ چيئرمن محمد ميان سومري سيني جي آجيان ڪندي چيو
”پاڪستان ۽ ڀارت جي سنڌين کي گهرجي تہ نہ رڳو هوُ پاڻ هڪ ٻئي جي م
اچن وڃن پر پنهنجي اؤلاد کي بہ موڪلين. جيئن ٻنهي ملڪن ۾ امن ۽ ڀائپ
قائم ٿي سگهي. اِن سان گڏوگڏ هر طبقي اديبن، ڪلاڪارن، ڊاڪٽرن، وڪي
اِنجنيئرن، صحافين، دانشورن جا ٻيا بہ وفد ٻنهي ملڪن ۾ اچڻ وڃڻ گهر
انهي ۽ سان ٻنهي ملڪن جي ترقي ٿيندي ۽ رابطا قائم ٿيندا. رشتا-ناتا مض
ٻڌبا، جيڪا سڪ ڀارتي اديب کڻي آيا آهن اُها ئي سڪ هتان جا اديب ڀارت ک
ويندا.“

شري سريش ڪيسواڻي ۽ چيو تہ ’محمد ميان سومري جي تجويز ڀارت
سينيٽ چيئرمن کي ٻڌائيندس.‘ هن وڌيڪ چيو تہ ”سنڌ جا ماڻهو ڪٿي بہ وڃ
صديون ڇو نہ گذري وڃن پر ڪين سنڌن زمين-ڌرتي ضرور ڇڪي ٿي. اسان
گڏجي ٻولي ۽ ثقافت کي بچائڻ لاءِ اهڙو رستو ناهڻ گهرجي جو ٻارن کي پنهن
ٻولي سيکاري سگهون. سنڌي جتي بہ هجن شاد هجن آباد هجن پنهنجي م
کي نہ وسارين. هن اِهو بہ ڄاڻايو تہ دهلي ۽ جي مکيہ وزير شريمتي شيلا دڪش
هن وفد ڪانفرنس ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿي هئي پر اچانڪ طبيعت ناساز هجڻ ڪ
هوءِ نہ اچي سگهي. پر هن جون شڀ ڪامنائون اسين ساڻ کڻي آيا آهيون.“ ش
ڪيسواڻي ڪانگريس اڌيڪش شريمتي سونيا گانڌي ۽ جو پيغام انگريزي ۾ پڙ
ٻڌايو جنهن جو سنڌي انواد شري لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل پيش ڪيو.

پيغام ۾ شريمتي سونيا گانڌي ۽ چيو تہ ’مونکي خوشي ٿي آهي تہ ڀارتي دانش
جو هڪ وفد شاهہ، سچل، سامي عالمي سنڌي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سنڌ
رهيو آهي. پاڪستان ۽ هندستان جا اديب هڪ ئي ڏور ۾ ٻڌل آهن. سنڌ

ڪي جهومائي ڇڏيو. پر پارٽي وفد جي ميمبرن کي منچ تي نچڻ ۽ جهومڻ لاءِ مجبور ڪيو. سنڌ ٽي.ويءَ جي ڊائريڪٽر حميد ڀٽي سيني جي پليڪار ۽ آجيان ڪئي. منچ تي ڳهرائي عوام سان واقفيت ڪرائي هرهڪ کي مخاطب ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ اجرڪن جا تحفا ڏنا ويا. سنڌي موسيقيءَ جي هن محفل کي سجايو ڪلاڪارن طفيل سنجواڻي، ليليٰ لطيفي، شاز باحشڪ، صادق فقير، برڪت ڀٽ، ناهير علي، احمد مغل، مظهر حسين ۽ ٻين. احمد مغل پڳت ڪنوررام جا گيت 'ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان'، 'نالي الکہ جي ٻيڙو تار منهنجو' ڳائي عوام جي دلين کي جيتي ڇڏيو.

شري سندر اگناڻي هن پروگرام ۽ ڪلاڪارن کان ايترو متاثر ٿيو جو پڇيائين 'لالواڻي اسين اکل پارت سنڌي ٻولي-ساهت سڀا پاران هنن مان ڪن ڪلاڪارن کي پارت گهرائي گيت-نرتيہ، سنگيت جي ڌوم مچائينداسين. هڪ ٻہ نہ پر پنجن ڇهن شهرن جو پروگرام رٿينداسين تون ساٿ ڏيندين نہ؟' ۽ موٽ ۾ مون 'ها' ڪئي جو مان بہ ساڳي ڳالهہ دل ۾ سوچي رهيو هئس. اِهو سمورو پروگرام سنڌ ٽي.وي. لائيوَ براڊڪاسٽ ڪيو جيڪو سڄي سنڌ-پاڪستان سان گڏ دنيا جي ڪن ملڪن ۾ پڻ ڏنو ويو.

سومر 20 ڊسمبر 2004 تي صبح جو 11 بجي ڪانفرنس جي ٽين بئٺڪ شروع ٿي. منچ تي حاضر رهيا شري قمر شهباز، مايا راهي، سندر اگناڻي، حافظ محمد صديق ۽ مسلم شميم.

هن بئٺڪ ۾ مقالا پيش ڪيا ويا سنڌي شاعريءَ ۾ روشن خيالي-تاج جويو، ورهاڱي کانپوءِ پارت جي سنڌي شاعريءَ جو جائزو-ڪرشن راهي، سنڌي شاعريءَ ۾ معاليت-سحر امداد، سنڌي غزل-ارجن حاسد، هند سنڌ ۾ شاعريءَ جا نوان لاڙا-حميد سنڌي، ورهاڱي کانپوءِ سنڌي شاعريءَ جون ڌارائون-شريڪانت صدف، سنڌي شاعريءَ ۾ نوان آواز-واسديو موهي. ارباب نيڪ محمد راجسٿان، ڪڇ ۽ سنڌ جي لاڳاپن جو ذڪر ڪيو ۽ ڏورو-ٽيهہ لوڪ گيت پيش ڪيا.

منجهند جي مانيءَ کانپوءِ ڪانفرنس جي چوٿين بئٺڪ شروع ٿي ۽ جدا جدا وشين تي مقالا پيش ڪيا ويا. صدارت ڪندڙ هئا شري تاجل بيوس، ڊاڪٽر جيتو لالواڻي، ڊاڪٽر حميدا حسين، سحر امداد ۽ گوبند خوشحالاڻي.

هن بئٺڪ ۾ سنڌي ڪهاڻيڪارن جي نئين کيپ-تاج بلوچ، نارايڻ شيام جي شاعريءَ ۾ جماليات-واسديو موهي، هندستان ۾ سنڌي ڀاشا ۾ آيل تبديل-ڊاڪٽر

تاجل بيوس جي شڪرگذاري ۽ ڪتابن جي سوکڙين سان ڳنڍجاڻي خوشگ
ماحول ۾ پوري ٿي.

سيني جي چهرن تي مرڪ هئي ۽ دلين ۾ وشواس هو تہ اسين نفرتن
ديوارن کي ٽوڙينداسين. پنهنجي ملڪ سنڌ، تهذيب کي اسين سلامت رکنداس
وڪاس ۽ واڌاري طرف قدم ضرور وڌائينداسين.

آرتوار 19 ڊسمبر تي صبح جو 11 بجي ڪانفرنس جي پهرين بئنڪ شروع
جنهن ۾ جدا جدا وشين تي هند-سنڌ جي برک اديبن عالماڻا مقالا پيش ڪي

پهرين بينڪ جي صدارت ڪئي شري ايم. ايڇ. پنهور، ڊاڪٽر شريف ميد
ڊاڪٽر ستيش روهڙا، شري حميد سنڌي ۽ ڊاڪٽر موتي پرڪاش، ڪارروائي ها
شمشير حيدري.

هينئين وشين تي مقالا پيش ڪيا ويا.

رتيءَ جي رهاڻ-لڇمڻ ڪومل، شاهہ هر دؤر جو شاعر-انور پيرزادو، شاهہ س
۽ ساميءَ جي شعر ۾ اِنساني برادريءَ ۽ عالمي امن جو پيغام-ڊاڪٽر موتي پرڪا
قدرتي حالتون جن ۾ شاهہ جي ڪلام ۾ پڱتي ڌارا-هيرو شيوڪاڻي، رشتن
پڇاڻ ۽ ڪائنات-ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، شاهہ جي نظر ۾ قلامي رياست
تصور- بدر ابڙو، شاهہ جي ڪلام ۾ سيڪيولرزم-هدايت بلوچ ۽ شاهہ ۾ لفظن
واهپو شري گوبند خوشحالاڻي.

منجهند جي رسوئيءَ کان پوءِ ٻين بئنڪ شروع ٿي. منچ سجايو ڊاڪٽر
علي شرف، نوردين سرڪي ۽ شري تاج بلوچ.

هن بئنڪ ۾ هيٺ ذڪر ڪيل وشين تي مقالا پيش ڪيا ويا.

سچل امن ۽ آزاديءَ جو رهبر-ڊاڪٽر ستيش روهڙا، سچل اِنساني عظمت
شاعر-ڊاڪٽر نواز علي شرف، سچل ۽ بنياد پرستي-ڊاڪٽر ادل سومرو، س
اِنساني محبت جو پرچارڪ-وي.اي. ٺارواڻي، سامي سهاڳڻ ۽ ويدانت-ا
حاسد، عالمي امن لاءِ ساميءَ جا سڏ-پروفيسر ناگپال ۽ سامي ويدانتي ملڪ جو
۾ وڏو سنڌي شاعر-تاجل بيوس.

رات جو دير رات تائين آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان- هال ۾ سنڌ فن
ويلفيئر ٽرسٽ، سنڌ ٽي.ويءَ جي ڳڏيل سهڪار سان گيت، سنگيت ۽ نرتيہ جو
رنگارنگي پروگرام پاڪستان، انڊيا پيس ڪلچرل شو جي نالي سان پيش ڪيو
جنهن ۾ انيڪ نوجوان فنڪارن پنهنجن گيتن، نرتيہ ڌمال سان نہ صرف حاض

ائسوسئيشن جي پائلٽ ڪار ۽ سنڌ سرڪار طرفان وفد جي سلامتيءَ لاءِ مقرر ڪيل پوليس ڪار هئي. ڳالهين دؤران ايسوسئيشن جي باني ڪارن ٻڌايو تہ سنڌ گريجوئيشن ايسوسئيشن ''سڳا'' جو تصور آهي ''پُر امن ۽ ترقي يافت سماج جي اڏاوت'' سڳا جا اصول آهن : پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، غفلت ۽ ڪاهليءَ کي پڇاڻڻ، محنت ۽ امن جو پيغام پهچائڻ ۽ روشني ڦهلائڻ. سڄي سنڌ ۾ هنن جون 120 شاخائون آهن. هوءُ سنڌي تعليم جي وڪاس سان گڏ انيڪ سماجڪ ڪم بہ ڪندا آهن. روشن تارا اسڪول هلائيندا آهن ۽ هڪ اِسپتال 24 ڪلاڪ اِمرجنسي هلائيندا آهن جيڪا ڪراچيءَ کان حيدرآباد ويندڙ سپر هاءِ وي تي آهي. حيدرآباد ويندي هنن اسان کي اُها اِسپتال بہ ڏيکاري ۽ اسان اڳتي وڌياسين جيئن جيئن اسين حيدرآباد جي ويجهو ٿي پهتاسين تہ رستي تي ايندڙ انيڪ ڳوٺن تي حشام ماڻهن جا وفد جي آجيان لاءِ جدا جدا رنگين بئنرن، گلاب جي گلن جي هارن، شهناين سان حاضر هئا. جيئي سنڌ جا نعرا هڻي رهيا هئا. باگري ويلفيئر ايسوسئيشن طرفان ڀائي تلسيداس بہ آجيان لاءِ حاضر رهيو. جتي ڪٿي نعرا لڳي رهيا هئا 'دنيا جا سنڌي زندهآباد، سنڌ ڄاوا ڀلي ڪري آيا، سنڌ-هند جا سنڌي اُٿو، سنڌ توهان کي پڪاري رهي آهي' وغيره وغيره. سنڌي ترقي پسند پارٽيءَ جو اڳوان ڊاڪٽر قادر بہ آجيان لاءِ حاضر هو. ڪيبر ڳوٺ ۾ شمع اڳوات ئي سنڌيش موڪلي ڇڏيو هو. حشام ماڻهن جا پليڪار لاءِ حاضر هئا. لائوڊ اسپيڪر تي جئہ جئڪار جا نعرا لڳي رهيا هئا. وقت گهٽ هجڻ ڪري شري سريش ڪيسواڻي مٿي جنهن جڳهہ تي آجيان لاءِ بندوبست ڪيل هو چڙهي ويو ۽ وفد طرفان آجيان قبول ڪئي ۽ سنڌ ۽ سنڌواسين جي ڏنل پريم، قرب لاءِ حاضرين جا ٿورا مڃيا. ڪافلو اڳتي وڌيو ۽ جهوليلال مندر تي پهتو. هتي پڻ شاندار نموني آجيان ڪئي ويئي. هن مندر جي خوبي اِها هئي تہ جهوليلال جي سماڌي، مندر ۽ جهوليلال جي درگاهہ گڏ نهيل هئي. ٻڌايو ويو تہ هن جڳهہ تي هندو چاهي مسلمان اچي ڪنا ٽيندا آهن. جهوليلال جي پوڄا، ارچنا، پرارٿنا ڪندا آهن. هيءَ آستان ڌارمڪ پوتر هئڻ سان گڏ هندو-مسلم ايڪتا جو هڪ زندہ مثال آهي جتي ٻنهي ڌرمن جا شخص وشواس ۽ عقيدت سان اچن ٿا ۽ سجدو ڪن ٿا. ٻڌايو ويو تہ جهوليلال جي مجار جو گاديءنشين ولي محمد علي اڪبر آهي ۽ مندر ديوان جيرامداس سنڀاليندو آهي. اِهو بہ ٻڌايو ويو تہ جهوليلال جو ميلو چيٽي چنڊ ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي اُن ڏينهن تي سنڌي ادبي ڪانفرنس پڻ ڪوٺائي ويندي آهي جنهن ۾ جهوليلال جي جيون،

ستيش روهڙا، سنڌي ناٽڪ جي اؤسر ۾ ٽي.وي.-ريڊيو جو يوگدان-شوڪت شو
سنڌي ٻوليءَ ۾ آءِ.ٽي. جي ضرورت-ٻُگهيو، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارنگاري
عبدل اضاف، سنڌي ڪتابن لاءِ مارڪيٽنگ جو مسئلو-عبدل ۽ ڀارت ۾ ڊرامانگاري
ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جا مقالا پيش ڪيا ويا.

شري شمش حيدريءَ پڌرائي ڪئي ته ”جيئن ته وقت جي ڪمي آهي اِنڪ
هند جي شاعرائن جي شاعريءَ ۾ عورت جو ڪردار-وِمي سدارنگاڻي، ڀارت
سنڌي ڪهاڻي-مايا راهي، گڏريل ڍاڪي جو ڀارت جو سنڌي ناٽڪ-ڊاڪٽر ج
لالواڻي، ڳهڻ قومي زبانن وارو ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو درجو-ڊاڪٽر چ
ڏاسواڻي، ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪ جي اؤسر-شري سندر اگناڻي، مقالا پيش ڪرڻ
اسين اسمرٿ آهيون اِنڪري اِهي مقالا پڙهيل سمجهيا وڃن ۽ اُهي سمورا م
ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويندا.“ هيءُ منهنجي زندگيءَ ۾ ٻين جو پهريون ان
آزمودو هو ته ٻن ڏينهن ۾ هند-سنڌ جي هيترن مقالا نويسن جا ساهتيہ
گوناگون صنفن تي مقالا پيش ٿيا هئا ۽ هند-سنڌ جي سنڌي ادب جو جائزو
ئي منچ تان ورتو ويو.

هن ئي موقعي تي سنڌ گريجوئيٽ ايسوسئيشن، سنڌي اڪادمي دهليءَ طر
هند-سنڌ جي تعلقات کي مضبوط بڻائڻ ۽ شروع ڪيل اچ-وڃ جي سلسلي
بنياد کي پڪو ڪرڻ لاءِ شري سريش ڪيسواڻي هڪ گڏيل پڌرائي ظاهر ڪ
جنهن ۾ ڇاڻايو ويو آهي ته ”ڀارت-پاڪ جي اديبن، فنڪارن، صحافين،
جدا دانشورن جون ڊيليگيشن سولائيءَ سان اچ-وڃ ڪري سگهن، اِن قدم کي
ملڪ اڳتي وڌائين، نئين ٽهيءَ-نوجوانن کي همٿائڻ لاءِ ٻنهي ملڪن ڏا
نوجوانن جون وفد موڪليون وڃن، سنڌي تعليم ريسرچ کي همٿائڻ لاءِ اِسڪالر
ڏني وڃي. ريسرچ جا موقعا وڌايا وڃن، ناٽڪ ڪارن، ڪلاڪارن ڳائڻن جا
موڪليا وڃن، ويزا کي ڍلو ڪيو وڃي، انفرميشن آءِ.ٽي. جي ڏي-وٺ ڪئي و
سنڌي ڪتاب-رسالا، مخزنون، ٻنهي ملڪن جي پڙهندڙن تائين پهچن اِن
ٽپال نرخ گهٽايا وڃن وغيره.“ خاص ڳالهين جو ذڪر اُن پڌرنامي ۾ ڪيل هو.
جو رنگارنگي ڪاريہ ڪرم سان سيني جو منورنجن ڪيو ويو.

21 ڊسمبر 2004 تي اسين سنڌ ياترا جي ڏؤري تي نڪتاسين. هن ياترا
مڪمل بندوبست سنڌ گريجوئيٽ ايسوسئيشن جي بانيڪارن ڪيو هو.
ايئرڪنڊيشن لڪزري بس ۾ حيدرآباد ڏانهن روانا ٿياسين. اڳيان سنڌ گريجو

ڪئسيٽن، وي.سي.ڊي ۽ سنڌي ثقافت جي تصويرن ۽ گريٽنگ ڪارڊ جي خريدي ڪئي. ساڳئي ڏينهن سنڌ ادبي بورڊ جي به ملاقات ورتي ويئي. اُتي به تمام سهڻي نموني آجيان ڪئي ويئي. غلام علي اِلانا، تاج جويو ۽ ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ۽ سيني جي آجيان ڪئي، ڪتاب سوکڙي ڪري ڏنا ويا، هدايت پريم سيني کي 'ڪينجهر' مخزن جا رسالا ڏنا، سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيندڙ 'مهراڻ' جا پرچا به سيني کي سوکڙيءَ طور ڏنا.

ڄام شورو جي تعليمي سنستائن مان ٿيندا سنڌ يونيورسٽيءَ جي جدا-جدا شعبن، لئبرريءَ جو معائنو ڪندا اسين حيدرآباد پهتاسين. جتي حيدرآباد جي ضلع گورنر شري مخدوم رفيق از زمن ضلع ناظم وفد جو شاندار سواگت ڪيو. هتي سنڌي ٻالڪين، سنڌ جي روايتي ڊريسن ۾ حاضر رهي، مٽڪين مان گلن جي ورکا ڪري، حاضرين جو نه صرف شاندار سواگت ڪيو پر آجيان گيت سان نرتيه ڪري سيني جو من موهي ڇڏيو. ڇهن-ستن سالن جي ٻالڪين سنڌ جي مهما ۽ مهانتا، مهمانوازيءَ جي ذڪر سان ڀرپور ائڪشن سانگ (نرتيه) پيش ڪيو. حاضرين ايترا ته متاثر ٿيا جو اُنهن سان گڏ نه صرف فوٽا ڪڍايائون پر اُنهن کي سوکڙيون به ڏنائون. ناظم طرفان هلڪي ناستي جو بندوبست ڪيل هو.

رات جو ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ جيڪو سنڌ ميوزم جي پرسان هو، هند-سنڌ جي هاڪارن شاعرن جو مشاعرو رکيو ويو. اِهو مشاعرو بزم روح رهاڻ، سنڌي ادبي سنگت-سنڌ جي سهڪار سان سڏايل هو، جنهن جو مڪمل بندوبست عبدالحميد سنڌي، پرواني پٽي ۽ تاج جويو ڪيو هو.

سڄو هال کچاکچ ڀريل هو. دير رات تائين مشاعرو هلندو رهيو. هاڪارن شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪيو. شاعري جا سرمور رهيا شري ارجن حاسد، واسديو موهي، شريڪانت صدف ۽ ٻيا. ارجن حاسد سيني جون دليون ايتريون ته جيتي ورتيون جو مشاعري ڪانپوءِ اُتان جون نوجوان شاعرائون ۽ حاضرين نوجوان حاسد کي گهيري ويا. ساڳئي نموني شريڪانت صدف به ڇاڪن، واهه واهه ڪندڙن سان گهيريل رهيو. سنڌ ڪان هند جي شاعرن جي شاعري وڌيڪ اُپري ٻيني ۽ عوام خوب ماڻي. رات جي رسوئيءَ جو بندوبست حميد سنڌي جي گهر قاسم آباد ۾ ڪيل هو. رهائش جو بندوبست سٽي گيٽ هوٽل ۾ ڪيل هو.

22 ڊسمبر 2004 تي سنڌي لئنگويز اٿارٽيءَ جي ملاقات ورتي ويئي. بااختيار سنڌي اداري جي ايوان ۾ 'پڙهو پڙهايو ذهن جاڳايو'، 'سنڌي ٻولي سؤلي ٻولي'،

پلئہ، پنجڙن ۽ جهوليلال جي سنديش قومي ايڪتا-سڌ ڀاونا بابت ويچار ڪ
ويندو آهي. هن ڪانفرنس ۾ هندو-مسلم اديب، شرڌالو شرڪت ڪندا آهن. اِ
ٻہ ٻڌايو ويو تہ هيءُ مندر موتيٻائي سنڀاليندي هئي. هاڻي هن جي ڌيءُ سش
ٻائي جيڪا ممبئيءَ ۾ رهي ٿي سنڀاليندي آهي. جيڪا سناتن هندو ڌرم
وشواس رکي ٿي. اُها هر سال چيٽي چنڊ جي موقعي تي ڀارت مان سنڌ ايند
آهي ۽ ٽن ڏينهن جي ميلي جو بندوبست ڪندي آهي. ٽيئي ڏينهن ڀنڊارو هلن
آهي هزارين هندو-مسلم شرڌالو ميلي ۾ حاضر رهندا آهن ۽ ڀنڊاري، لنگر
لاڀ وٺندا آهن. چيٽي چنڊ ڏينهن جهوليلال کي کير سان وينجهاريو ويندو آهي
اُن وقت مندر ۾ جيڪا پيٽ چڙهندي آهي اُها اُتي رهندڙ مسلمانن شيخن ک
ڏني ويندي آهي.

جهوليلال تي هوليءَ جو ڏڻ پڻ ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي. پرهلاد کي ي
ڪيو ويندو آهي. هتي اُمالاا ’جهوليلال، منهنجو اُڏيرولال‘ ۽ جهوليلال جا ٻيا گي
ڳائي حاضرين کي جهومائي ڇڏيو. جهوليلال جي مجار، مندر ۽ مسجد جي ملاقا
ڪري اسين اڳتي وڌياسين ۽ ڄامشورو ۾ اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ پهتاسي
در وٽ ئي سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر جناب شوڪت شورو، سنڌ يونيورسٽيءَ ج
وائيس چانسلر، يونيورسٽيءَ جا پروفيسر ۽ عملو آجيان لاءِ حاضر هئا. سنڌالاجي
جون جدا جدا گئلريون ڏٺيونسين. گئلريون ڏسندي سنڌ ٽي.ويءَ وارن مونک
پڇيو تہ ”توهين ڇا محسوس ڪري رهيا آهيو؟“ موٽ ۾ مون هنن کي ٻڌايو
هيءُ ميوزم هڪ ننڍڙي سنڌ آهي. سڄي سنڌ گهمڻ ۽ سنڌ جي ماڻهن سان گڏج
جو اگر ڪنهن کي موقعو نٿو ملي تہ سنڌالاجيءَ جي ملاقات وٺندي ڏسندي
پليءَ پٽ محسوس ڪندو تہ هنن سنڌ ڏٺي. سنڌ جي ثقافت، سنڌ جون قومو
اُنهن جي رهڻي ڪهڻي، سنڌ جا ساز، موئن ۽ هڙپ سنسڪرتين مان حاصل ٿ
اٿليءَ شيون، هر شهر جي ڪاريگريءَ، پوشاڪ، کاڌ-خوراڪ جا نمونا، سنڌ جو اِتهاس
سنڌي اديبن، فنڪارن جي هر معلومات هتي حاضر آهي. سنڌو سنسڪرتيءَ
اهڙو لاثاني مرڪز دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ ڪونهي. سنڌ کي نزديڪيءَ س
ڏسڻو، ماڻڻو هجي، ڄاڻ حاصل ڪرڻي هجي تہ هيءُ ميوزم هڪ بهترين ج
آهي.“ منجهند جي رسوئي سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ڪرائي وئي. يونيورسٽ
جي پير حسامودين آڊيٽوريم ۾ هڪ شاندار آجياڻو رکيو ويو. سيني کي اجرڪ
ڪتابن جي سوکڙين سان نوازيو ويو. حاضرين اديبن سنڌالاجيءَ مان انيڪ سنڌ

سرحدي علائقن جي سنڌي ڳائڻا لنگها، ميراثي، منگڻهارن جي ڳائل شاهه جي سٽن سورمين تي ڪافي سهڻو ڪم ڪيو آهي البت هنديءَ ۾ آهي. مون اِنهن بنهي تيسزن تي هڪ وڏو مقالو لکي ''سپڙن'' کي موڪليو هو اُن شايع ڪيو ۽ اڄ ئي اُن جي ڪاپي به ملي آهي ۽ ڊاڪٽر لالواڻيءَ سان روبرو گڏجاڻي. هن جي اِهڙي سهڻي، معياري ڪم لاءِ آجيان ڪجي ٿي.'' شري سريش ڪيسواڻي، لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل، شريڪانت ڀاٽيا ۽ ٻيا مون طرف غصي ڀريل نظرن سان نهاري رهيا هئا. ڊاڪٽر الانا مونکي ڀر ۾ خالي صوفا تي گڏ وٺ ريو. اِهو واقعو منهنجي ذهن ۾ سمايل آهي.

اسان جو ڪافلو سوائي شهدادپور طرف اڳتي وڌيو. رستي تي جتي ڪٿي حشام ماڻهن جا گلاب جي گلن جا هار ڪٽي آجيان لاءِ بيٺا هئا. منياري ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران مخطوم قاضيءَ آجيان جو بندوبست ڪيو. ايم.بي.اي. سيد، جلال شام ڄاموٽ جي فرزند غلام محبتي، سيد فدا حسين شاهه ۽ ٻين وفد جو شاندار سواگت ڪيو. دهلارين سان چيچ جهمر هڻندا رهيا. 'هندستان جا سنڌي ڀلي ڪري آيا، ڌرتيءَ ڄاوا ڀلي ڪري آيا.' جي نعرن سان فضا گونجي رهي هئي.

ساڻ ساڻ فضا ۾ گونجي رهيو هو 'بولي مني مٺيادار، ڪيتري نه پيار ڀري آ' سنڌ جرڪي پيئي، سنڌ مرڪي پيئي، منهنجي ڌرتيءَ ڄاوا آيا، اسان جا ٽيا لايا سجايا، هيرن جهڙا موتين جهڙا منهنجا سنڌي آيا، هندستان جا سنڌي آيا، ڀلي ڪري آيا.'

سوائي شهدادپور ۾ پهچڻ تي شري سندر اگناڻيءَ ۽ شري گوبند خوشحالاڻيءَ جي چهرن تي خوشيءَ جي رونق وري آئي. سندر ته خوشيءَ ۾ اچي ڪافلي اڳيان نچڻ شروع ڪيو ۽ چوندو رهيو، ''توهان جي منهنجي جنم ڳوٺ ۾ آجيان آهي. ڀلي ڪري آيا، منهنجين اکين تي آيا.'' هتي سوائي صاحب ۽ درگا ماتا جو مندر آهي سائين موهن گر صاحب جي پوڄ ڏاڏي اندر گر سائينءَ جي مندر جي پاسي ۾ سماڌي پڻ ٺهيل هئي. شاندار شامياني ۾ آجيان جو بندوبست ڪيل هو جتي شهدادپور جا انيڪ معزز شخص حاضر هئا. شامياني تائين پهچڻ واري رستي جي بنهي پاسي بالڪنين ۾ بيٺل ٻارن، عورتن، نوجوانن، مڙدن گلن جي ورڪا پئي ڪئي. اِهو ٻڌايو ويو ته پوڄ سڌي سوائي صاحب گوسوامي 108 هن مندر جي استاپنا ڪئي هئي. هيءَ سوائي گذريل ست اٺ سؤ سالن کان برپا ٿيل آهي، جنهن جا سترهن گاديسر ٿي گذريا آهن. جن جون سماڌيون مندر جي هڪ روم ۾

’سنڌي ٻولي پنهنجي ٻولي‘، ’علم وڌايو سنڌ وسايو‘، ’سنڌ جي ٻولي-سنڌي ٻولي
پڙهو ۽ پڙهايو‘ وغيره نعرا اُڪريل هئا. اداري جي وڏي هال ۾ وفد جي شاندا
آجيان ڪئي ويئي. اجرڪن سان سواگت ڪيو ويو. سنڌي سيکارڻ لاءِ اداري طرفا
تيار ڪيل سي.ڊي. ۽ ٻيا سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائيءَ ۾ مدد روپ ٿيندڙ جدا جد
ڪتاب وفد کي سوکڙيءَ طور ڏنا ويا. دادي ليلاوتي ته دل جي گهراين سان خوشي
جو اِظهار ڪيو. ’’سنڌڙي سونهاري او جيجل پياري، سياڳي سدوري، منڙ
موچاري، سنڌي سونهاري‘‘ گيت پيش ڪري سڀني جون دليون جيتي ورتيون
اداري ۾ سنڌيءَ جي جدا جدا لپين جون رنگين ٽائيلس لڳل هيون. جنهن
ڀارت جي محقق ادبي هيري نکر جي قاضي قادن جا بيت ۽ ڪوجنيڪ جهمو
ڇپائيءَ جي ’’مهامتي پراڻ ناٿ‘‘ جي واٽي به شامل هئي.

سنڌي ادبي بورڊ جنهن کي سائين جي.ايم. سيد 1940 ۾ برپا ڪيو هو اُن ک
مارچ 1955 ۾ خودمختيار اِداري طور حيثيت حاصل ٿي هئي. ادبي بورڊ طرفا
تحقيقي رسالو ’’مهراڻ‘‘ عورتن لاءِ ’’سرتيون‘‘ ۽ ٻارن لاءِ ’’گل ڦل‘‘ مخزن شا
ڪندو پيو اچي ۽ سوَن جي تعداد ۾ جدا-جدا صنفن جا ڪتاب شايع ڪيل آه
جنهن ۾ سنڌي لوڪ ادب جي ڏاهي نبي بخش خان بلوچ جا لوڪ ادب سلسلي
ڪتاب به شامل آهن. بورڊ طرفان ڪليل حاطي ۾ پليڪار لاءِ بندوبست ڪيل ه
جتي سنڌ جو دانشور محمد ابراهيم جويو سان گڏ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس
چانسلر مظهر ال حق صديقي، اديب رسول بخش پليجو، امداد حسيني (مهرا
جو ايڊيٽر) سندس رفيق حيات سحر امداد، ڏاهو، سنڌي ٻوليءَ جو ماهر ڊاڪ
غلام علي الانا ۽ ٻيا حاضر هئا. آجياڻي ۾ سڀني جي آجيان اجرڪن ۽ گلاب ج
گلن سان ڪئي ويئي. مان پنين قطار ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو هوس، مون سان تاج ج
ويٺو هو. جيئن ئي ڊاڪٽر الانا جي منهنجي مٿان نظر پيئي هن صاحب پاڻ و
گهرايو ۽ پنهنجي اجرڪ مونکي پهرائي منهنجي واقفيت ڏيندي ڄاڻايو ته، ’’ڊاڪ
جيٺي لالواڻيءَ جو ٻني-ڪڇ تي ڪيل تحقيقي ڪتاب ’’ٻنيءَ جا سنڌي لو
گيت‘‘ پڙهيو آهي. کوجنا جي ڏس ۾ هڪ وڏيڪ اضافو آهي. ڌيان جوڳي اِها ڳا
آهي ته ٻنيءَ جي سگهڙن عوام سان گڏجي مچ ڪچهريون ڪري لوڪ گيت رڪا
ڪيا ويا آهن ۽ بعد ۾ سهيڙي ترتيب ڏني ويئي آهي. فيلڊ ورڪ تي ڪم ڪ
ڪيترو ڏکيو آهي مان ڄاڻان ٿو. پر آفرين ڊاڪٽر لالواڻيءَ کي جنهن اِهو مشڪ
ڪم پار ڪيو آهي. مون لالواڻيءَ ۽ پروفيسر وشني ڦلواڻي جنهن وري راجستان

سنگيتميہ بڻائي ڇڏيو. شاھہ جا راڳي پڻ حاضر ھئا. جن شاھہ جي سر ساموندي ۽ سر کاموڏ جو ڪلام - راڳ پيش ڪيا. وفد جي سڀني ميمبران شاھہ تي گل چاڙھيا. شري ڪيسوائيءَ چادر چاڙھي دعا گھري. پٽ شاھہ جي پرسان ئي سنڌ جي ٻئي سرمور شاعر شيخ اياز جي مجار تي ڊاڪٽر موتي پرڪاش اياز جا گيت گونجائي عقيدت پيش ڪئي. اياز جي گيتن کي اديبن گڏجي ڳاتو ۽ موتي پرڪاش جي سُر ۾ سُر ملايو. ٻڌايو ويو تہ سيٺ گاگنداس اياز جي ورسي ھر سال ملھائيندو آھي ۽ مڪمل بندوبست ڪندو آھي.

رات جو 11 بجي کن وفد يوسف لغاريءَ طرفان ڏنل ڊنر تي پھتي جتي دير رات تائين ڪاڏي پيتي جي محفل متي. شاھہ سچل سامي - عالمي امن ڪانفرنس 2004 جي حوالي سان ھند مان آيل سنڌي ٻوليءَ جي معروف ليکڪن آرٽسٽن ۽ اڪاڊميءَ سان لاڳاپيل مانائتن شخصن جي آجيان ۾ 'راڳ رھاڻ' جو بندوبست ڪيو ويو ھو، جنھن ۾ ھند کان آيل راڳي دشينت ڪمار آھوجا، اُما لالا ۽ سنڌ جي معروف فنڪارن شفيع فقير، صادق فقير، مظھر حسين، صنم مارئي، عبداللھ خان (شھاءِ نواز)، قادر بخش مٺو ۽ غلام حسين (مور) پنھنجي فن جو مظاھرو ڪيو. پروگرام سڄي رات ھليو. اُما لالا ۽ دشينت آھوجا محفل تي ڇانيل رھيا. سڄو ھال ڪڇاڪڇ ڀريل ھو. تر ڇڻڻ جيتري بہ جاءِ ڪونہ ھئي.

تاريخ 22 ڊسمبر 2004 جي ڏينھن تي شروعات ٽيليفون شاعري سان ٿي. زيب نظامائي شاعر - ڪھاڻيڪار سان فون تي رابطو ارجن حاسد ڪيو. ٻنھي فون تي ئي ھڪ ٻئي کي شاعري ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏي. زيب اُردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ پنھنجون رچنائون ٻڌايون. جيتوڻيڪ زيب جون رچنائون مان نہ ٿي ٻڌي سگھيس جو فون حاسد جي ڪن تي ھو پر حاسد صاحب زيب جي شاعريءَ کي نہ صرف دُھرايو پئي پر پني تي اُتاريو بہ پئي جنھن ڪري مان اُن جو لطف ماڻي سگھيس. زيب جو پٽ نظاماڻي ھڪ سٺو ناٽڪ - ڪار - اداڪار بہ آھي. زيب پاڻ بہ ريڊيو، ٽي.وي.، فلمن جي سٺي اداڪار آھي. ٻنھي سان سنڌ جي سنڌي ناٽڪن بابت منھنجي گفتگو ٿي ۽ زيب مونکي بہ پنھنجون تازھہ ترين رچنائون ٽيليفون تي ٻڌائي، موٽ ۾ ھند جي سنڌي ناٽڪ، رنگ منچ ۽ ڪلاڪارن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. گڏوگڏ اِھو بہ ڄاڻايو تہ توھان جا ناٽڪي فن تي قلم بند ڪيل ڪتاب مون پڙھيا آھن ۽ ورھاڱي بعد ھند ۾ سنڌي ناٽڪن جي ڄاڻ ۽ تواريخ حاصل ڪئي آھي.

فون مشاعرو ماڻي اسان رھڙڪي صاحب ڏانھن روانا ٿياسين. ڪافلو اچانڪ

ٺهيل آهن. هن وقت جو ڏيسر سائين موهن گر صاحب آهي. مندر ۾ ئي پو
هندو پنچايت طرفان آجياڻو رکيل هو ۽ رسوئيءَ جو بندوبست ڪيل هو. شري
رامچند پنچايت جو صدر پڻ اُن وقت حاضر هو. هن ٻڌايو تہ پوڄ سڌي سوائي
صاحب گوسواميءَ کي جهوناڳڙهہ ۾ سوا گهڙيءَ ۾ گيان حاصل ٿيو هو ۽ اُنهن هتي
اچي سوائي مڙهي وسائي هئي.

هن موقعي تي اُتان جو ايم.ايل.اي. ديوداس ۽ ايم. پي. اي. ڊاڪٽر پاڳچند
بہ حاضر هو. وفد جي پرشن جي آجيان پاڳ پائي پرشن ڪئي پر وفد سان شامل
ڀينرن جي آجيان پنچايت جي حاضر عورتن پاڳ پائي ڪئي. پاڳ ۾ پر
وقت هنن جي اکين ۾ خوشيءَ جا آنسون هئا. اُتي ڊاڪٽر منوج، ڊاڪٽر نن
گوپالداس جهامناڻي بہ گڏيا جن ٻڌايو تہ اسان جا مائٽ احمدآباد ۾ سردارنگر
مٽينگر ۾ رهندا آهن، هوُ خود هڪ بہ دفعو گهمڻ مائٽن وٽ پارت ۾ آيا هئا. پڳ
ديارام مڙهيءَ جي شيوا سان گڏ پڄن پاوَ ڪندڙ آهي. هن موقعي تي اُما لا
’سنڌي ماڻهو سهڻا، جڳہ جڳہ شال جيئن، سنڌڙي منهنجي امڙ، منهنجي جيجل
توسان ناتو شال نڀايان‘ گيت ڳائي حاضرين کي جهومائي ڇڏيو. پيار جي پانڌيئڙن
محبت ڪرڻ وارن سنڌ جي سنڌين جا شري سريش ڪيسواڻيءَ ٿورا مڃيا
اڪاڊميءَ طرفان آنڌل سوکڙين سان بانيڪارن، معزز شخصن جي آجيان ڪئي
سندر ۽ گوبند اِن وچ ۾ پنهنجو ڳوٺ جنم آستان گهمي آيا هئا. منهن تان ٻنهي کي
پنهنجي اباڻي شهر اچڻ لاءِ مبارڪون ڏنيون ويون. سندر جون اکيون آنسن سان ت
هيون. هوُ ڏاڍو گدگد ٿيو هو هن وٽ کي اکر ڪونہ هئا جيڪي خوشيءَ جو اِظها
ڪري سگهن پر پاوَ ۽ احساس نظر اچي رهيو هو تہ هو زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايتر
خوش ٿيو آهي.

اسان شهدادپور واسين جو قرب، محبتون کڻي اڳتي جي منزل طرف قد
وڌايا. رستي ۾ هالا هندو پنچايت طرفان شهناين سان سواگت ڪيو ويو. آيولا
جهوليلال جي نعرن سان فضا گونجڻ لڳي. روشن تارا اسڪول ۾ اسڪولي شاگردن
سنستا جي بانيڪارن طرفان بہ اڻوسرندڙ، شانائتي آجيان ڪئي ويئي. روشن تا
اِسڪول جي مهڪ کڻي ڪافلو ڀِٽو ڀِٽ شاهہ تي، سنڌ-هند جي سرمور شاعر شاه
عبداللطيف جي مجار تي، هتي سنڌ جي نقشي ۾ لکيل هو ’سنڌ ڪان وڇڙيل هن
جي سنڌي اديبن، شاعرن کي ڀِٽائيءَ جي ڀونءِ تي ڀليڪار چئون ٿا‘ درگاهہ تي
شري تاج جويو ۽ شري لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل شاهہ جا بيت، وايون ڳائي ماحول کي

ڪاهي قاسم جي مهڙ وٽ پهتاسين. جتي سنڌي ادبي سنگت پاران نارايڻ شيام روڊ جو مهورت شري سريش ڪيسواڻي، ارجن حاسد ۽ لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل گڏجي ڪيو. نارايڻ شيام جا گيت ڳاتا ويا. ڳوٺ ۾ نارايڻ شيام جي گهر جي ملاقات ورتي ويئي. ٻڌايو ويو ته هن وقت نارايڻ شيام جي گهر ۾ حاجي منظور ميمڻ رهندڙ آهي اُن جي پٽ جو نڪاح شڪارپور ۾ آهي، اِنڪري گهر جا ڀاتي ۽ ڪجهه عورتون نڪاح ۾ ويل آهن، پر جيئن ته هندستان جا اديب نارايڻ شيام جي گهر جي ملاقات وٺڻ لاءِ اچي رهيا آهن ٻڌي ڪري هنن ڪي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ اڌ زالون گهر ۾ رهيون جيئن گهر کليل رهي. هن ڳوٺ ۾ پڻ آجيان جو ڪاريه ڪرم رکيل هو.

جيئن جيئن ڪنڊيارو ويجهو اچي رهيو هو ارجن حاسد، لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل ۽ منهنجي دل پنهنجو جنم ڳوٺ-آستان ڏسڻ جي چاهنا دل ۾ ڇوليون ماري رهي هئي. هڪ فرمان جاري ڪيو ويو هو ته ”ڪوبه اديب-شخص وفد کي ڇڏي، پنهنجو ڳوٺ ڏسڻ نه ويندو.“ اِن فرمان به دل ۾ به چتائي قائم ڪئي هئي ته ڪٿي هن ڀيري به پنهنجي ڳوٺ پرسان لنگهڻ جي باوجود اِها آس اڌوري ته نه رهجي ويندي. پر تاج جويو هوشياريءَ کان ڪم وٺي نه صرف ڪنڊياري وڃڻ جو مڪمل بندوبست ڪيو هو پر ڪنڊياري منهنجي مامن، مارون کي جن جا دڪان چمن بزار ۾ هئا نياپو هليو هو ته چينو لالواڻي ڪنڊياري اچي رهيو آهي. هڪ ڪار ۾ ارجن حاسد، لڇمڻ ڀاٽيا ۽ نند جويري ڪنڊياري لاءِ روانا ٿيا، ٻيءَ ڊي.آءِ.جي. ڪار ۾ مان ۽ گيهاڻي ڪنڊياري طرف روانا ٿياسين. ڪنڊياري پهچڻ شرط بزار جي مهڙ تي حشام ماڻهن جا بينل ڏنم. ماما سندرداس، ڪنعيالال جي اؤلاد آجيان لاءِ حاضر هئا. شهرواسي منجهند کان وٺي گل هٿن ۾ جهلي اسان جو انتظار ڪري رهيا هئا. ڪار مان لهڻ شرط گلن-مالهائن، پاڪرن، اجرڪ ٽوپيءَ سان شاندار سواگت ڪيو ويو. جنهن جڳهه ۾ اسين رهندا هئاسين ۽ منهنجو جنم ٿيو، اُتي پهچڻ لاءِ رستي جي ٻنهي پاسي ماڻهو گلن جي ورکا ڪندا رهيا ۽ مامن خوشيءَ ۾ سڄي شهر کي ڪٺو ڪيو هو. شهنايون، ڍونڪلن جي ڇيڇ هٽندي، شاديءَ جي شاندار ڇڄ جيان جاءِ تائين وٺي هليا. در تي ماميون، ماروٽيون حاضر هيون. هنن جي پاڪر، درشن ۽ پيري پيئي آسيس ورتم ۽ جاءِ ۾ پير رکڻ سان دل ۾ عجيب خوشيءَ جو احساس ٿيو، اکين ۾ آنسون تري آيا. گلي ملڻ سان بيحد سڪون مليو. مان گهر اندر ويس، مونکي اُهو ڪمرو به ڏيکاريو ويو جتي منهنجو

رستي تي بيهي رهيو. اسان ڏٺو تہ پنيان پوليس جون موٽرون تيز رفتار سان آو
ڪنديون اچي رهيون هيون. اسان ڪجهہ سمجهون ئي سمجهون اِن وچ ۾ يونيفار
۾ نور حسن نٽو پيٽرولنگہ آفيسر بس ۾ چڙهي آيو ۽ سيني سان محبت جو اِظه
ڪيائين. هٿ ملائي آجيان ڪيائين. چيائين تہ ''اخبارن، ٽي-وي- چينل
توهان جا فوٽا ڏسي، سماچار پڙهي منهنجي بہ دل ٿي تہ توهان سان گڏجان.
مان توهان سان گڏجڻ، توهان جو درشن ڪرڻ آيو آهيان. ڀلي آيا سنڌ جي زمي
تي توهان جا پير پيا آهن. سنڌ سدائين سائي سبز رهندي.'' هن سان گڏ شري
ڪوشو شڪارپور واسي سينيئر پيٽرولنگہ آفيسر بہ گڏ هو اُهو بہ سيني سان خوشي
سان مليو. هن جي چهري تي بہ ڀرپور مشڪ ڇانيل هئي.
بڌو هئوسين تہ سنڌ-پاڪستان جي پوليس ڪڙڪ، بي رحم ۽ ظلمي آهي.
هنن آفيسرن جي اِنسانيت، پنهنجائپ واري وهنوار بڌل ڳالهين کي ڪوڙو ثاب
ڪيو. ڪافلو اڳتي وڌيو. آشا چاند دبئي مان فون ڪري، نند جويري، ڊاڪ
موتي پرڪاش، سندر اگناڻي، مونکان ۽ ٻين کان موبائيل تي سنڌ ملاقات ۽ سفر
حال چال پڇي رهي هئي. حيدرآباد مان رهڙڪي صاحب ڏانهن اُسرڻ کان
سوڀي گيانچنداڻي ۽ اُن جي ڌيءُ سان ملاقات تي. ڊاڪٽر گل ۽ رابيل نوش
فيروز خان ڪافلي سان اچي ڪنا ٿيا ۽ درازن تائين ڪافلي سان گڏ هليا.
نوشهرو فيروز ۾ شري حميد سنڌيءَ منجهند جي رسوئيءَ جو بندوبست ڪ
هو. هتي پڻ حشام ماڻهن جا حاضر هئا ۽ شاندار سواگت جو بندوبست ڪيل
مهراپور روڊ تي مير محمد پيرزادو، ساهر راهو، رحمت اَلا پيرزادو، سائل پيرزا
محمد صديق ميگهو شاعر، ڪهاڻيڪار آجيان لاءِ بيٺا هئا.
مورو باءِ پاس تي قومي محاذ جا اڳوان جهنڊا کڻي بيٺا هئا ۽ موٽر سائيڪ
تي سرگس جي اڳواڻي ڪيائون. اِتي مونکي لوڪ گيت ''مورو ناهي ٿورو ڏ
مورو ويني ڏيانءِ'' اچي ياد پيو. مورو ۾ پروفيسر شمشاد امن سومرو جنهن ڪ
سال اڳہ هندستان جي ملاقات ورتي هئي. راشد موسائي، عظيم سنڌي، ر
مورائي، محمد بخش چانديو (شاهہ جي ڪلام جو سگهڙ) سان نہ صرف ملاقات
پر هنن جيڪا سڪ، محبت ڏني اُها اڻوسرندڙ آهي.
فضا ۾ آواز گونجي رهيا هئا، 'سنڌ ڇاوا آيا آهن، موري جي مٽيءَ کي
مليو آهي. موري جي مٽي پاڻن واري آهي. مورو پوتر بڻيو آهي.'
نوشهرو فيروز جي مهمانوازي ماڻي اسين سداحيات نارايڻ شيام جي

اڄ رات اسان رهڙڪيءَ پهتاسين جتي پڻ سائين ساڌرام صاحب ۽ سنگت جنهن ۾ ڳالهون، ٻار، ٻڍا، نوجوان ۽ شيواڌاري حاضر هئا. منچ تي اديبن کي وهاريو ويو. سائين ساڌرام جن پروچن ڪيو. شري ڪيسواڻيءَ سنتن جو سنديش سڻايو. شري ڪرشن راهي، ڊاڪٽرستيش روهڙا امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جي جيون ڪاريہ، ڀڳتين تي روشني وجهي ڀڳت ڪنوررام سيمينار جو آغاز ڪيو.

تاريخ 24 ڊسمبر 2004 تي امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جن ۽ سائين سترامداس جن جي سماڌيءَ جي رهڙڪيءَ ۾ ملاقات وني، اُتان جي مٽي مستڪ تي لڳائي، سکر ڏانهن روانا ٿياسين. سائين سترامداس جن جي سماڌيءَ جي چوڌيوار تي سائين جن جي جيون جا چتر اُڪريل هئا. شهنشاهہ سائين سترامداس جن جي سماڌيءَ تي اُمالالا ڀڄن ڳائي ماحول کي ڀڳتيمير بڻائي ڇڏيو. ’امر شهيد ڪنوررام جن جي ٻانهڙي آهيان، مان جوڳڻي آهيان، مون ۾ عيب هزار سڄڻ مان ٻانهڙي آهيان، جوڳڻي آهيان.‘ اُما لالا جي گيت دلين کي راحت بخشي.

مون هتان جي پوتر مٽي ڪنئين جيئڻ گهروارن، مٽن مائٽن ۽ دوستن کي اُن جو تلڪ لڳايان.

جرواڙن سائين ڪنوررام جن جي جنم ڀومیءَ تي پڻ وفد جي آجيان ڍونڪن-ڇيڄ سان ڪئي ويئي. سائين ڪنوررام جي گهر ۾ سنت ڪنوررام جو آدم قد ڪرندڙ بُت قائم ڪيل هو. جنهن ۾ سائين ڪنوررام ننڍڙي ٻالڪ کي لولي ڏيئي رهيا هئا. روشن تارا اِسڪول جي ٻالڪن-ٻالڪين سيني جو سواگت ڪيو. سند ٽي. وي‌ءَ وارن سنت ڪنوررام جي جيون، سکيا بابت، سنت ڪنوررام جنهن ڪٽ تي هندا هئا اُتي بيهاري مونکان يادگار اِنٽرويو ورتو. منهنجي هن يادگار اِنٽرويو بعد وري فرمان جاري ڪي ويو تہ وفد جو ڪوبہ اديب ڪنهن بہ صحافي ۽ ميڊيا شخص سان مخاطب نہ ٿيندو ۽ نہ ئي اِنٽرويو ڏيندو سواءِ شري ڪيسواڻيءَ جي. سند جا نوجوان شاعر شريڪانت صدف کي گهيري ويا هن کان ڪوتائون لکائي ورتيون. اسين ڏوٽي صاحب سنت شدارام جن جي سماڌي، پوتر آستان حيات پتافي ڳوٺ ۾ پهتاسين هتي پڻ ’پيرن فقيرن جي سنڌڙي سونهاري‘ گيت سان آجيان ڪئي ويئي.

گهوٽڪيءَ ۾ روشن تارا اِسڪول ۾ ساڳا طرفان گيت-سنگيت جو پروگرام رکيل هو. رهڙڪيءَ ۾ رات رهي سوير صبح جو 25 ڊسمبر 2004 تي سکر ڏانهن روانا ٿياسين. سکر پهچندي رستي تي روهڙيءَ جي ملاقات ورتي ويئي. روهڙي جي

جنم ٿيو. سڄي جاءِ گهمائي ڏيئي، جملي 22 ڪن ڪمرا هئا، شاهي وراندو
ٻڌايو ويو تہ منهنجا وڏا اُتي رهندا هئا. ورهاڱي وقت لڏپلاڻ ڪري ڪانپور کي
مهاجر اچي اسان جي جاءِ ۾ نہ رهيا هئا پر اسان جا مائٽ، ماما وغيره اچي
رهيا هئا. باغ - زمينون بہ اسان جي وڏن پنهنجن هارين کي تحفي ۾ ڏ
ڇڏيون هيون. 1960 کان 1962 تائين منهنجي پتا، ماتا، منهنجي ننڍي ڀ
ڀيڻ سنڌ جي بہ دفعا ملاقات ورتي هئي.

مون جڳهہ جي درن ۽ درين کي چميو، مٽيءَ کي مستڪ تي لڳايو، چائنٽ
سجدو ڪيو. مٽي نڪاٽو نهيل هو جنهن ۾ ديو، ديوين، ڀڳوانن جا آدم قدبت
ڪيل هئا. مان اُتان آسيس وٺي مٽو ٽيڪي واپس وريس. مون زندگيءَ ۾ ڪڏ
بہ سوچيو ئي ڪونہ هو تہ منهنجي ڳوٺ ۾، ڳوٺ واسين طرفان منهنجي اِ
آجيان ٿيندي، مان سنمان ملندو. ڳوٺ واسين سان مليس، ڳوٺ جي پونءَ تي
ڊري، وڏن جي آسيس وٺي، سنڌ جي مٽي مستڪ لڳائي منهنجو جيون سڦلو
اِهو سفر تيرٿن کان بہ وڌيڪ پانيان ٿو. اِها ئي منهنجي زيارت، حج ۽ ياترا آه

منهنجا وڏا زميندار هئا اُنهن وٽ جيڪي هاري ناري ٻنين-باغن ۾
ڪندڙ هئا اُنهن جي اولاد بہ حاضر هئي. هڪ اسي سالن جي امان پاڪر ۾ پر
ڳراٽڙي ڏيندي چيو، ''اسان جو ننڍو زميندار آيو آهي، اسان جا لايا سڄايا
منڙو-ننڍڙو زميندار!'' مٽي تي پيار جا هٿڙا گهمايا. منهنجي اکين ۾ خوشي
آنسون پرجي آيا. ممتا ڏسي، ڏاڏيءَ-نانيءَ جي ممتا ياد اچي ويئي. امان
پاڪر ۾ ناني، ڏاڏي، ماءُ جي سڪ، پيار، ممتا سمايل هئي، آسيس هئي.

ارجن حاسد بہ پنهنجي جاءِ مڪان ڏسي آيو. اُتي جيتوڻيڪ مهاجر رهيل هئ
حاسد جي هنن شاندار آجيان ڪئي. سڄي جاءِ گهمائي ۽ ڪجهہ پل وهڻ جو م
ڏنو. حاسد پڻ در-درين کي چاهہ وچان چميو هو. هن جي اکين ۾ پڻ خوشي
آنسون هئا. ڪنڊياري جي سفر ۾ مونسان مسٽر گيهاڻي بہ هو. هوءُ ڳوٺ جي شا
آجيان کان ڪافي متاثر ٿيو هو. ڪنڊياري جا صحافي ۽ ٽي.ويءَ وارا بہ ح
هئا. هنن مونکان اِنٽرويو ورتو ۽ وڇڙيل ڪٽنبين سان يادگار فوٽا ڪڍيا.

رهڙڪي صاحب پهچندي رستي تي درازن سائين سچل سرمست جي در
جي ملاقات ورتي ويئي. جتي پڻ ارجن حاسد، لڇمڻ پانيا ۽ ڊاڪٽر موتي پرڪ
سچل جي گيتن جي گونجار سان ماحول کي خوشنما ۽ وڻندڙ بڻايو. آجياڻي ۾
لالا سچل جا گيت 'آءٌ جو ئي آهيان سو ئي آهيان' ۽ ٻيا ڪلام پيش ڪيا.

سيوهڻ ۾ شهباز قلندر صوفي سنت جي درگاهہ تي سجدو ڪيو ويو. هتي وفد جي آجيان امن جي روشني ٻاري، آتشبازي جلائي، رومالن سان نرتيہ ڪندي نوجوانن شهنائيءَ جي مڌر سُرن سان ڪئي.

سن ۾ سائين جي.ايم. سعيد جي مزار تي سجدو ڪيو ويو. هتي جي شاندار آجيائي ۾ منچ تي شري سريش ڪيسوائيءَ سان گڏ جلال محمد شاهہ، ارجن حاسد، ڪرشن راهي، لڇمڻ ڪومل ۽ ڊاڪٽر ستيش روهڙا براجمان هئا. جي.ايم. سعيد فائونڊيشن طرفان آجيان رکيل هئي. هن موقعي تي ابراهيم جويي جي ڪتاب 'سڌ-پڙاڏو' جو مهورت ڪيو ويو. ڪتاب ۾ ابراهيم جويي ڏانهن جي.ايم. سعيد جا لکيل خط شامل ڪيل آهن.

'توکي ڏسندي ٿيو ويساهہ، سنڌ جيئندي جيئندي سدا'، 'جيئي سنڌ-سدا جيئي'، جي نهرن سان آسمان گونججي رهيو هو. سن جي سنڌ ۾ اهڙي اهميت آهي جيئن سرير ۾ دل جي. رات واسو ڪينجهر جي ڍنڍ تي ڪيو ويو جتي شوڪت شورو آجيان لاءِ حاضر هو ۽ مڪمل بندوبست هن ئي ڪيو هو.

تاريخ 27 ڊسمبر 2004 تي ٺٽي جي شاهي مسجد جيڪا شاهجهان جوڙائي هئي. پوءِ دربار بابا سريچند صاحب، جيڪا گرونانڪ جي سپاتر بابا سريچند جي نالي سان جوڙيل آهي اُتي وڃڻ ورتو ويو. ڏوٽي صاحب جو درشن ڪري مڪليءَ جي دنيا پر مشهور قبرستان جي ملاقات ورتي ويئي. ڏوٽيءَ مان بہ تلڪ لاءِ مون رکہ ڪنئين وشواس آهي تہ جيڪو هن ڏوٽيءَ جو تلڪ ڏيندو آهي اُن جا سڀ دکہ دور ٿيندا آهن. دولهہ درياهہ خان شهيد جي قبر تي سجدو ڪري پريم ساگر ۽ ماتا نگم پواني شيوا منڊل ٺٽو جي مندر جي ملاقات وٺي رسوئي ورتائي، ڪراچيءَ جي بيچ لڪزريءَ ۾ اچي رات واسو ڪيوسين.

تاريخ 28 ڊسمبر 2004 تي پين فارپيس ۽ هيرالڊس آف پيس طرفان ڪانفرنس جي سماپتي بئنڪ تي جنهن ۾ انيڪ سوکڙيون پاکڙيون ورهايون ويئون. رات جو شري ڀڳوانداس چاولا جي گهر سنڌ جي عظيم فنڪارا عابده پروين جي شاندار گيت-سنگيت جو پروگرام رکيو ويو. هن يادگار دؤري کي سنڌ جي ميڊيا، اخبارن، ٽي.وي. چئنلن ڪافي ڪوريج ڏني.

29 ڊسمر 2004 تي ڪراچيءَ کان پارت طرفان سنڌڙيءَ جي مٺڙين يادگيرين سنڌ واسين جي محبتن، مهمانوازي، پائيچاري، پريم صدق کي ڪٽي موٽ ڪاڏيسين. سنڌ ۾ گهاريل خوبصورت گهڙيون، سنڌ واسين جي مٺڙي محبت اڄ بہ

پيرن، فقيرن جو پراڻو نگر آهي، جتي نئي بعد گهڻي ۾ گهٽيون قبرون آهن
آهن ته وري هندن جي سنتن، فقيرن جي به گهڻائي هئي. روهڙيءَ کي ”لوهر
به ڪري سڏيو ويندو آهي. چون ٿا ته سيد رڪن شاهه هن شهر کي آباد ڪيو هو.
جي پوئين راجا ڏاهر جي گاديءَ جو هنڌ الور به هن جي ويجهو هو. سنه 13
محمد بن قاسم کان ڏاهر هارايو، راڻي لاڏيءَ ٻيون سنڌي سورميون جيئري
چڪيا تي چڙهيون ائين ستي لڪڙيءَ جو (جوهر جو) رواج به پهرين سنڌ مان ش
ٿيو. ستين جو آستان به هن جي ويجهو آهي. هند ۾ بنارس ۾ وڃي پراڻ تياڳڻ
سڏبو آهي تيئن سنڌ ۾ ”ستين“ جي آستان تي پراڻ تياڳڻ پڇ ليکيو ويندو آ
ڪيترين ئي وڌوائون هتي اچي ستيون ٿينديون هيون. جتي سائين وسڻ
دربار جو پنڊارو، پاپڙ پاٽيءَ سان آجيان ڪئي ويئي. بيدل بيڪس ميونسپل لئبر
پرسان هڪ خوبصورت، ڪاٺ ۽ سرن جي عمارت جو درشن ڪري، سکر براج
ٿيندا اسان سکر سونهارو گلي گلزار شهر سنڌ جو ٽيون نمبر وڏو شهر، هتي
انگريزن امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاسي ڏني. سکر کي بسڪيٽن جو ش
سڏيو ويندو هو، بسڪيٽ معنيٰ جي. بي. منگهارام جا، اينرجي فوڊ بسڪ
جيڪي ڀارت ۾ اسان به کاڌا، پهتاسين. جتي سکر هسٽوريڪل سوسائٽيءَ ط
آجياڻو رکيل هو. سکر ساڌ بيلي جي ملاقات وٺي شڪارپور روانا ٿياسين.

اچانڪ رستي تي ڪافلو رڪجي ويو. پڇايو ويو ته ڪا نواءِ سبب ڪافلو ر
ويو آهي. رستي تي موٽرن، ٽرڪن جي پيڙ به جام ٿيل هئي ۽ ڇاڻ مل
جيڪب آباد، سکر، اپر سنڌ جي ڪن علائقن جي حالت خراب آهي. قبائلي جه
۽ هُرن جو ماڻهن کي اغوا ڪرڻ سبب پوليس سلامتيءَ جو بندوبست اُنهن علائ
ڪيل آهي. پوليس پهري هيٺ واهڻ اُنهن علائقن مان پسار ڪيا ويندا آهن.
جو ڪافلو به پوليس پروٽيڪشن هيٺ اُنهن علائقن مان گذريو. شڪارپور س
جي ڳوٺ جو درشن ڪري اسين اڌ رات لاڙڪاڻي پهتاسين. جتي سنڌ ني
دواران سنڌي فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ طرفان هڪ شاندار سنگيت پروگرام جو آ
ڪيل هو. جنهن ۾ هند-سنڌ جي فنڪارن گڏجي گيت-سنگيت جو مظاهرو
حميد پٽي سيني جي آجيان ڪئي.

تاريخ 26 ڊسمبر 2004 تي اُنڙ ۾ علي آباد جي گهران نيرن ڪري، موئ
دڙو جي ملاقات ورتي ويئي. سيوهڻ شريف جي ملاقات وٺي سن ۾ جلال محمو
جي گهر ملاقات ڪئي ويئي.

پبليڪيشن آفيسر ۽ شري رميش لال (پروگرام آفيسر) ساڻ هئا. جڏهن منهنجي مقرري سنڌي اڪادمي دهليءَ ۾ سيڪريٽري پد تي تي تڏهن هيءُ ٻئي عملدار ٻه مونسان گڏ فرض تي هئا. هنن مونکي ڪافي ساٿ سهڪار ڏنو هو. ايماندار، وفادار، چست ۽ ڦڙت هئا. هنن سان منهنجا خوشگوار ناتا رهيا هئا.

هنن منهنجو چهرو لٿل ۽ چنتائن ۾ گهيريل ڏسي ورتو اچي چيائون، ”سر! چا ڳالهه آهي، ڪافي اُداس تا لڳو، طبيعت ته نيڪ آهي؟“

مون هننکي شري ڪيسوانيءَ جو حڪم ٻڌايو ۽ کهڙيون تڪليفون آهن چاٽايم.

هو ٻئي شري سريش ڪيسوانيءَ جي سياءِ، سوچ ۽ وهنوار کان بخوبي واقف هئا. جڏهن مان سيڪريٽري پد تي رهيو هئس تڏهن شري سريش ڪيسواڻي اڪادميءَ جي نائب صدر پد تي هئا. هنن کي چاڻ ۽ آزمودو هو ته شري ڪيسواڻي جيڪي ڪجهه چاهيندو آهي، چوندو آهي اُن تي عمل ضرور ڪندو آهي.

هنن ٻنهي منهنجي همٿ وڌائيندي چاٽايو ته توهين چنتا نه ڪريو، دهليءَ ۾ ميٽنگ جي آستان ۽ ميمبرن جي رهائش ۽ کاڌي جو بندوبست اسين ڪري تا وٺون. مونکي ڪجهه آٿت ٿيو. ٻه ڏينهن دل ۾ آنڌ مانڌ رهي. ٻڙودا، دهليءَ مان فون ايندا رهيا. سنڌ پاڪستان مان فون تي ضروري هدايتون جاري ڪندو رهيس. رميش لال ۽ پروين انوانيءَ پرپور ساٿ ڏنو. شري پهلاج ۽ پريشد جي عملي ٻه ڪافي ساٿ سهڪار ڏنو. ڏينهن رات ڪم ۾ جنبيل رهيا. آخرڪار سڀ بندوبست مڪمل ٿي ويا. ميٽنگ جي ايجنڊا جي منظوري هيڊڪوارٽر مان وٺي سرڪيولر پڻ جاري ٿي ويا. ٻه ڏينهن سنڌ جي دؤري ۾ ڪِرڪرو پئجي ويو، ڪجهه ٻه منو ٿي لڳو. سنڌ ياترا جو اُتساهه ٻه گهٽجي ويو هو. آخرڪار مڪمل بندوبست ٿيڻ بعد مون شري سريش ڪيسوانيءَ کي چاٽايو ته توهان جي حڪم جي بجاوري ٿي وئي آهي. سڀ بندوبست ٿي ويا آهن. شري سريش ڪيسواڻي ۽ ٻين پريشد جي ميمبرن ڏندين آڱريون ڏنيون ۽ حيرت وچان منهن ۾ تڪڻ لڳا. هنن کي وشواس ئي نئي آيو ته سنڌ پاڪستان ۾ رهندي، ياترا ڪندي-ڪندي اِهڙو ڪم ٻه ٿي سگهي ٿو. هنن کي اِهو ڪرشمو ٿي لڳو.

اِهو منهنجي جيون جو سنڌ ياترا جو انوکو آزمودو هو. جنهن چوڻي ”همٿين مردان، مددي خدا“ کي ساڪار بڻايو هو.

سنڌ جي مهمانوازيءَ جا ٻه واقعا مور نه وسرندا. رهڙڪي صاحب دربار کان ٻين ٻاهر نڪتاسين ته سامهون هڪ گهوڙو ”منڪي جا ٻيهه“ جهلي بيٺو هو.

تازي تواني آهي.

سنڌ جي زيارت جي هڪ اهم ڳالهه اِها به رهي ته ڀٽ شاهه تي اسين شاهه
راڳين جي موڄ ماڻي رهيا هئاسين، سنڌي موسيقيءَ جي سماع جي جهلڪ پ
شاهه جي روضي اڳيان راڳي ٽولي شاهه جي ڪلام جو خاص انداز ۾ سچي ڌ
ويهي جڏهن اول آهستي-آهستي سازن جي سُرن سان پوءِ ڏيري-ڏيري بلند ت
آواز ۾ سر ساموندي ڳائي رهيا هئا، اسين اِنساني چيتناجي اُتاهين منزل
پهتاسين ته وچ ۾ شري سريش ڪيسواڻي نائب صدر راشٽريه سنڌي ٻولي وڪ
پريشد (ڀارت سرڪار) سڏ ڪري حڪم ڪيو ته 6 جنوري 2005 تي پريشد
جنرل باڊيءَ جو ميڙ دهليءَ ۾ ڪوٺاءِ. مان حڪم ٻڌي هڪو ٻڪو ٿي ويس. س
پاڪستان ۾ رهندي بئنڪ ڪوٺائڻ مشڪل نه پر مهامشڪل هئي. بئنڪ لاءِ جوڙ
مطابق پريشد جي چيئرمن شري ارجن سنگهه، وزير شري اِنساني وسيلا وزارت
اِجازت وٺڻي وري ايجنڊا تيار ڪرڻ، بئنڪ لاءِ دهليءَ ۾ رزرويشن ڪرائڻ،
سر ميمبرن کي ڄاڻ ڏيڻ، ايجنڊا طيءِ ڪرڻ وغيره-وغيره. مون شري ڪيسوا
کي ڄاڻايو ته ”پاڪستان دؤري تي رهندي بئنڪ ڪوٺائڻ ممڪن نه آه
کهڙيون-کهڙيون تڪليفون آهن ڄاڻايم.“ پر هن منهنجي ڳالهه تي ڪوبه
نه ڏنو. ٻڌو اڻٻڌو ڪري حڪم ڪيائين ”بئنڪ مقرر ٿيل تاريخ تي ٿيڻ گهر
اِهو منهنجو حڪم آهي، توکي ڇا ڪرڻو آهي، ڪيئن ڪرڻو آهي اِهو تنهنجو
آهي. پنهنجي جوابداري ۽ فرض نڀاءِ.“

مان ٽينشن ۾ اچي ويس. ”ڀٽ شاهه“ تان ٻاهر آيس سامهون ئي STD
PCO بوٿ هو. مون پريشد جي ٻڙودا آفيس ۾ اڪائونٽنٽ شري ٽيڪم پهلاج
کي فون ڪيو، هوُ به ٻڌي ڪجهه سُن ۾ پئجي ويو. ايترو جلد ميٽنگ ڪو
ڪافي ڏکيو هو. پر پنهنجي آزمودي مان ڪجهه هدايتون هن کي ڏنم. ده
وزارت جي عملدارن سان ڳالهايم. پهرين ته هنن به صاف اِنڪار ڪيوءِ ڄاڻا
سنڌ جو دؤرو اڌ ۾ ڇڏي اچ ۽ اچي ميٽنگ جا بندوبست ڪر.مون بالا عم
شريمتي بيلا بئنرجي جوائنٽ ڊائريڪٽر لئنگويز سان ڳالهايو، هن همٿ وڌا
ضروري منظوريون ترت وٺي موڪلڻ لاءِ ”ها“ ڪئي. منهنجو ڪجهه اُتساهه
مون شري پهلاج کي دهليءَ ۾ مون سان رابطي ۾ رهڻ جون هدايتون ڪ
پرمنهنجو من ڪافي اُداس هو. چهرو لٽل هو ته ڪٿي سنڌ ياترا اڌ ۾ ڇڏي و
ڀارت نه ورڻو پوي. هن ياترا ۾ سنڌي اڪادمي دهليءَ جا شري پروين انو

پاڪستانين کي هندي فلمن سان گڏ فلمي مخزنن جو بہ ڏاڍو شوق هو. فلم فيئر، اسڪرين، اسٽارڊسٽ، فلمي ڪليان وغيرہ فلمي مخزن اِسٽالن تي وڪامي رهيون هيون ۽ گهڻن جو ريل سفر جو اڪيلائپ ۽ منورجن جو ساڌن پڻ فلمي اخبارون هيون. مونکي ياد آيو هو تہ جڏهن اسين ”ڪلي-فلمي ماهوار“ (مکيہ سمپادڪ چينو لالواڻي، ساٿي (ڪوڏو)، شيام راولاڻي ۽ خوشحال موٽواڻي) شايع ڪندا هئاسين تڏهن اُن اخبار جا انڪ ۽ ٻيا ڪتاب سداحيات گنگارام سمرات سنڌ ڏانهن پنهنجي خرچ تي موڪليندو هو ۽ ٻڌايو هئائين تہ اُن ۾ شايع ٿيل هندي فلمي اداڪارن ۽ سنڌي فلمي ڪلاڪارن جا اِنٽرويو جيڪي مان فلمي اداڪارن سان روبرو گڏجي وٺندو هوس ۽ فوٽي سان شايع ٿيندا هئا اُهي سنڌ ۾ خاص پسند ڪيا ويندا هئا. ڪويتا ساهتيہ مالا طرفان شري شيام رامرڪياڻي ۽ منهنجي فلمي اداڪارن جا ورتل اِنٽرويو باتصوير ”فلمي اسٽار“ نالي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا هئا. اُن ڪتاب جون پڻ جهجهيون ڪاپيون شري گنگارام سنڌ موڪليون هيون. واہ سنڌ، سنڌي قرب وارا وساريندي نہ وسرن. □

چٽپٽا بيهه ڪائڻ تي دل ٿي. مون چاچي کي هڪ پن ناهڻ لاءِ چيو. هن ڪ
پريم قرب سان پن ناهي ڏنو. سوادي لذيذ بيهن جو مان ذائقو وٺي رهيو هئس
سامهون جهمون چڱاڻي ايندو ڏٺم، هن کي سڏ ڪري چاچي کي بيهن جو بي
ناهڻ لاءِ چيم. سامهون بيا به ايندا ويا ۽ بيهه کائيندا رهياسين. جان ته چاچي
سڀ بيهه خلاص ٿي ويا. مون چاچي کان پيسا پڇيا ته گهٽا ٿيا، چاچي جهٽ
جواب ڏنو، ”ڇا جا پيسا؟“ مون چيو ”اسان توهان جا بيهه کاڌا آهن، اُنهن
رقم؟“ قرب ۽ ميناج سان چيائين، ”ڇا، مان سنڌ چاولن، هند مان آيل مه
جي ايتري به مرحبا نتو ڪري سگهان.“ اسان سڀ هن جي چهري تي خوشي
پاوَ ڏسي دنگ رهجي وياسين. ڇا ته مهمانوازي هئي ۽ صدق هو هڪ غريب
ڳوناڻي جو.

سکر ۾ هلندي-هلندي منهنجي بوٽ جون ڪهيون ٽٽي پيون. سامهون
ڪنڌ ۾ موچي وينو هو اُن کان ڪهيون ورتم ۽ بوٽ پالش ڪرڻ لاءِ پڻ چيم. ج
پيسن جي آفر ڪيم چيائين، ”ادل! ايتري ننڍڙي ته، سنڌ جي اصلوڪن ما
جي شيوا ڪرڻ ڏيو. هن جي چهري تي تيز ۽ مرڪ هئي. گڏوگڏ چيائين،
چانهه پيئندا وڃو.“ مون چيو، ”مون سان بيا به گڏ آهن.“ چيائين، ”ڇا
سيني کي سڏ ڪيو ته گرمام ڦودني واري ڪتليءَ جي چانهه پيئڻ.“ مون ا
ڪيو. پر ڇا ته غريب جي دل هئي، واهه سباجهڙي سنڌ جا منهنجا مننار مڪ
سوين سلام.

سکر ۾ ئي جهمون چڱاڻيءَ جي ڪئميرا جا سيل ختم ٿي ويا هئا. دڪاند
اُهي بنا پيسا وٺڻ جي ڏنا هئا ۽ هڪ جوڙي وڌيڪ سيلن جي ڏيئي ڇڏي هئ
رستي تي ڪم ايندوَ.

اسان سنڌ جي زيارت دؤران خيرپور، گنبت، رائپور، ڪنديارو، نوشهرا، ف
مالا، پريا، پڊعيدن، نواب شاهه، شهدادپور، اُڏيرولعل، ٽ شاهه، ميهر، لاڙ
لب درياهه وٽ موئن جو دڙو، دادو، خداباد، بوبڪ، سيوهڻ، لڪي، سن
مانجهند، ڪوٽڙي، حيدرآباد وغيره بس ۾ سفر ڪندي ڏٺاسين. حشام
رستن تي گلاب جا گل ڪٽي آجياڻو ڪيو. سفر ڪندي بس ۾ مهيندي حس
غزل، آبدا پروين، جمن فقير ۽ مائي ڀاڳيءَ جون ڪئسيٽس ته وقتي محمد
مڪيش ۽ سرن جي راڻي لتا منگيشڪر جون هندي پراڻين فلمن جا يادگار
ٻڌندا رهياسين. مون سنڌ جي هن دؤري دؤران ۽ ٽرين ۾ سفر ڪندي

آهي، روح کي هڪ عجيب سڪون ملندو آهي. دل چاهيندي آهي تہ سنڌ ۾ ئي رهي پوان. پر وري ٻيءَ پل دل چونڊي آهي تہ ڇا اِهو جديد سياسي حالتن ۾ ممڪن آهي؟ ڪجهہ بہ هجي جڏهن بہ سنڌ جي ياد ايندي آهي پکيءَ ۽ هوائن جيان بنا ڪنهن پاسپورٽ، ويزا جي ڪلپنا ۾ اُڏامندي، پرواز ڪري پهچي ويندو آهيان.

منهنجي لاءِ اهڙو ئي 4 نومبر 2008 جو سڀاڳو ڏينهن هو. منجهند جو ٻارهين بجي ڏاري جناب هيري نڪر جو موبائيل تي فون آيو ”سنڌ مان جناب قاسم ٻُگهيو مونکي فون تي نينڊ موڪلي آهي تہ توکي-مونکي ٻين شيخ اياز بين الاقوامي ٻولي ۽ ادب ڪانفرنس جيڪا 7 کان 10 نومبر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ٿي رهي آهي، شرڪت ڪرڻي آهي. تون ڪيئن بہ ڪري، پنج اٺ وڳا ڪٽي، پاسپورٽ ۽ فوٽن سان سڀاڻي تاريخ 5 نومبر تي دهليءَ پهچي وڃ. سڀاڻي ئي ويزاونڻ پاڪستاني ايلچي‌خاني هلڻو آهي.“ مون بحث ڪيو ايتري ٿوري ۽ تنگ وقت ۾ ڇا دهليءَ پهچڻ ممڪن آهي؟ ڪوبہ مسافري ساڌن نہ آهي. ڪنهن بہ گاڏيءَ ۾ رزرويشن ملڻ مشڪل آهي. چيائين، ”اِهو تنهنجو ڪم آهي. سنڌ هلڻو اٿيئي تہ ڪجهہ بہ بندوبست ڪر، شام تائين احمدآباد مان دهليءَ لاءِ روانو ٿي، صبح جو دهليءَ پهچ، مان تنهنجو انتظار ڪندس.“ ۽ فون ڪٽجي ويو. مان گهري سوچ ۾ پئجي ويس. پر سنڌ جي سڏ مونکي هر حالت ۾ تياري ڪرڻ لاءِ آمادہ ڪيو. مان سڌو رزرويشن ايجنٽ وٽ ويس. هن بہ لاچاري ڏيکاري. گهڻي زوربار وينتيءَ تحد هن هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ جي خاطري ڏني نہ تہ بنا رزرويشن گاڏيءَ ۾ وهارڻ جي جوابداري پاڻ مٿان هموار ڪئي. مان سڌو گهر پهتس. تڙتڪڙ ۾ تيارين کي لڳي ويس. گهر وارا بہ حيران هئا تہ آخرڪار اِهڙي ڪهڙي ڀاڄ پيئي آهي. مون سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي سنڌ وڃڻ جي. ڇهري تي چانيل خوشي ڏسي هو بہ ڪجهہ ڪُڇي نہ سگهيا ۽ پيتي ناهڻ ۾ مدد روپ ٻڻيا. گاڏي ڇُٽڻ ۾ صرف بہ ڪلاڪ باقي بچيا هئا. جهڙي تهڙي تياري ڪري، گهران نڪري رهيو هوس تہ ايجنٽ شري ڪشنچند جو فون آيو تہ آشرم ايڪسپريس جي A.C. 2 ۾ وي.آءِ.پي. مان ڪنفرم رزرويشن حاصل ٿي آهي. مون سامت جو ساهہ کنيو. چوندا آهن، ”جتي چاهہ آهي اُتي راهہ ضرور ملندي آهي.“ مونکي بہ مسافريءَ جي راهہ ملي مون فون ڪري شري هيري نڪر کي دهليءَ پهچڻ جي ڄاڻ ڏني. هوُ ڏاڍو خوش ٿيو.

٣- مور نہ وسران سنڌ

سنڌ سدائين منهنجي لاءِ عقيدت ۽ زيارت لائق رهي آهي. سنڌ منهنجو شعو
ايمان ۽ ضمير آهي. جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم تڏهن کان منهنجين رڳن
رت بڻجي ڊوڙندڙ سنڌوءَ پاڻي، هر پل ڪڇندڙ ساهہ ۽ دل جي ڌڙڪن مونکي اِ
شدت سان محسوس پئي ڪرايو آهي تہ مان پنهنجي ڌرتي، سونهاري سنڌ، جن
يومي سنڌڙيءَ ڪانسواءِ اڌورو-اڌورو، خالي-خالي آهيان. ماءُ سنڌوءَ جو مون مٿ
قرض آهي جنهن پنهنجي گود ۾ مونکي جنم ڏنو. سنڌ ڌرتي تہ سدائين ڏيند
پئي رهي آهي، منهنجي خاندان، ڏاڏي، پرڏاڏي، تڙ ڏاڏي، نانو، ناني،
نانيءَ سان گڏ ستن پيڙهين کي بہ ڏنائين، ممتا ۽ محبت جا انبار. سنڌ جا اني
احسان آهن اسان مٿان، هر سنڌيءَ مٿان جيڪي انيڪ عمريون ماڻڻ، جنم و
ڪانپوءِ بہ لاهي سگهڻ ممڪن نہ آهي. سنڌ، سنڌي منهنجي سڃاڻپ آهي، منهنج
شخصيت آهي، سنڌ لاءِ سدائين مونکي صادق جذبو رهيو آهي جو سنڌ منهنج
اُمنگن، خواهشن، سوچن، خوابن، تصور جو سدائين ڪيندر پئي رهي آهي.

اِنساني عقيدت آهي تہ جڏهن ديوي ماتا جو سڏ ايندو آهي تڏهن ماتا
درشن ضرور ڏيندا آهن. مونسان بہ اِهڙو ڪجھہ ٿيندو پئي رهيو آهي. ورهاڱ
سنڌو ماتا جي سيني ۾ خنجر هڻي رتوڇاڻ ڪيو هو. نفاق، فرقي پرستيءَ، مذه
ڪٽرپڻي، جنون ملڪي محبوبن کي پنهنجو وطن ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. سنڌ
پنهنجا پڪا، اباڻا اجها، زمين-جائداد، بنيون ٻارا ڇڏي ڌرم جي بچاءَ لاءِ هند
لڏي اچي دربدر ٿيا، اٽي لٽي اجهي جي لاءِ ڀٽڪندا رهيا. پر پاڻ سان ڪڻي
هئا سنڌ يوميءَ جي سڪ، محبت، ان، هوا، پاڻي، پيرن، پيغمبرن، اوليا، سنت
درويشن جون آسيسون. وڏن جي مکہ مان سنڌ جون ساروڻيون ٻڌندي، هنج
هاربندي ڏسي، سنڌ لاءِ تهائين منهنجو نينهن وڌندو ويو. سنڌ درشن، زيارت
لالسا وڌندي ويئي ۽ جڏهن جڏهن سنڌو ماتا جو سڏ ٿيو مان ڊوڙندو هنجي گو
پهچي ويندو آهيان ۽ هر ڀيري سنڌ مان هڪ نئين شڪتي، ٻل، ست، سگ
وشواس، اُتساهہ، اُمنگہ کڻي موٽيو آهيان. منهنجي جيئڻ جي تمنا وڌي وين

موهي، شري لکمي ڪلاڻيءَ ۽ پيڻ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ کي انجور ۾ حاضر نه رهڻ لاءِ چاڻايم ۽ سنڌ ڪانفرنس جي چاڻ ڏنم. هوُ به ڏاڍا خوش ٿيا، واڌاين سان گڏ شڀ ڪامنائون به ڏنيون.

شام جو ويزا آفيس ٻاهران ستين ٽائين انتظار ڪرڻ بعد آخرڪار دري کلي، انڪوائري ڪرڻ تي ٻڌايو ويو ته ويزائون اڃا تيار نه ٿيون آهن، سڀاڻي صبح جو چاچ ڪجو. اسان نااُميد ٿي وياسين. رات جو لڱل ڪٽڪو سچ ثابت ٿي رهيو هو. پر دل پڪي ڪري، اُميد رکي گهر موٽياسين. ويزا ملندي يا نه؟ اِهو سوال ستائيندو رهيو.

آخرڪار 7 نومبر تي وري صبح جو دري کلڻ کان اڳ ئي پهچي وياسين. پيڙ بلڪل ڪانه هئي. ڪلارڪ هيري نڪر کي ويزا ڏني ۽ مونکي پاسپورٽ واپس ڪندي چيو، ’توهانجي ويزا نه ٿي آهي.‘ مون ڪارڻ چاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جواب ۾ چيو پاڪستان حڪومت وٽان اسلاماباد مان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ اسان وٽ جيڪا ياداشت پهتل آهي اُن ۾ توهان جو نالو درج نه آهي اِن لاءِ اسين لاچار آهيون. هيري ڪلارڪ کي چاڻايو ته اسان وٽ چاڻ آهي ته لسٽ ۾ نالو موڪليل آهي. اِها ڳالهه ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ ڪلارڪ ڪجهه غصي ٿيو، اٽوٽندڙ چهري ۽ رُکائيءَ سان لسٽ ڏيکاري چيو، ’’توهين خود هيءَ لسٽ ڏسي سگهو ٿا.‘‘ هيري هٿ ۾ فهرست وٺي ڏٺي. نمبروار نالا پڙهندو ويو. پر ڪٿي به منهنجو نالو شماريل نه هو. هيري مونکي به لسٽ هٿ ۾ ڏني، مون ڏڪندڙ هٿن سان لسٽ تي نظر ورائي. پر منهنجو نالو ندارد هو. مون عرض ڪيو هاڻي ڇا ڪجي؟ ڪو رستو آهي؟ ڪلارڪ وراڻيو ڪوبه رستو ڪونهي. توهين چئو ٿا ته اسلاماباد مان لسٽ ۾ نالو موڪليل آهي ته ٿي سگهي ٿو اسان وٽ نه پهتو هجي. مان لاچار آهيان، ڪابه مدد نٿو ڪري سگهان.

هڪ طرف هيري کي ويزا ملڻ جي خوشي هئي ته ٻئي طرف نراسائي مونکي ويزا نه ملڻ لاءِ. هاڻي هن کي اڪيلو ئي سنڌ وڃڻو پوندو. هن کي اِن ڳالهه جو به افسوس ٿي رهيو هو ته هن مونکي فون ڪري گهرايو هو ۽ مان ڪافي تڪليفن-ڏکيائن جي باوجود به وقت سر دهليءَ پهتو هوس. پر هُن دل نه هاري ترت سنڌ ۾ جناب ٻگهيو کي فون جوڙيو. جواب مليو ڪانفرنس جو مهورت علي رهيو آهي. هوُ مهمانن سان منچ تي ويٺل آهي.

اسان ٻئي نراس ٿي وياسين.هيري وري وڃي ڪلارڪ کي وينتي ڪئي ته ڪو رستو ڏس. هن گهڻي زوربار بعد ويزا آفيسر جناب شمشير خان جو فون نمبر ڏنو.

تاريخ 5 نومبر صبح جو 10 بجي چاڻڪي-دهليءَ پهچي، آٽو ڪري، پاڪستاني
ايلچي‌خاني پهتس. جتي اڳ ۾ ئي شري هيرو ٺڪر منهنجي انتظار ۾ بيٺو هو
ڪائونٽر سادي ٻارهين بجي بند ٿيڻو هو. تڙتڪڙ ۾ ويزا فارم ٽائيپ ڪرائي، فوٽ
لڳائي ڪائونٽر تي لڳل قطار ۾ پاسپورٽ ڏيڻ لاءِ بيهاسين. نمبر اچي ته ڪائونٽر
ڪرمچاريءَ ٺڪر جو پاسپورٽ ويزا فارم ورتو جو اُن کي سنڌ مان نينڊ پتر پهتل هو
پر مونکي پاسپورٽ واپس ڏيندي چيو، ”نينڊ پتر ڪانسواءِ مان نه وٺندس.“ هنجي
اِنڪار سان منهنجي دل سست ٿي ويئي مونکي نينڊ ته فون تي آيل هئي. هاڻي ڇ
ڪجي؟ دل ۾ انيڪ ويچار-خيال اُڀرڻ لڳا. من مايوس لڳو پيو هو. ٺڪر کي به چنت
ويڙهي ويئي. اُن سنڌ ۾ جناب ٻوگهيو کي فون ڪيو هن نينڊ اِي-ميل تي موڪلڻ
جي قبوليت ڏني. شري هيري پنهنجي نانيءَ جي اِي-ميل ائڊريس ڏني ۽ اسين
نينڊ جي انتظار ۾ ٻه چنائيءَ سان اچا گهر مس پهتاسين ته، سنڌ مان اِي-ميل
ذريعي نينڊ حاصل ٿيڻ جي ڄاڻ ملي. ازخود چهري تي مُرڪ وري آئي. خوشيءَ
وچان جناب ٻوگهيو کي ترت ريسپانس لاءِ داد ڏيندي شڪرانا بجا آندا. دل ۾
هڪوار ٻيهر سنڌ وڃڻ جي اُميد پختي ٿي. رات جو رسوئي ورتائي بستري ۾
ليٽندي سنڌ جا پور پچائيندو رهيس. دير رات تائين ننڊ به نه آئي. ڪُنڪو لڳو پيو
هو، رکي رکي اڻ لکو ڊپ به اُڀري رهيو هو. ٽينشن-ٽينشن ۾ نه ڄاڻ ڪيڏي مهل
اک لڳي. 6 نومبر صبح جو سوير جاڳي، تڙتڪڙ ۾ تيار ٿي چاڻڪيه پوريءَ پاڪستاني
ايمبسيءَ ۾ پهچي وياسين. نينڊ سان گڏ ڪائونٽر تي ويزا، پاسپورٽ پيش ڪيو
جيسنائين وارو اچي دل ۾ ڏاڍي آنڊ مانڊ هئي. آخرڪار پاڪستاني ڪارڪن
سڀ ڪاغذ ورتا، جاچي شام جو ويزا وٺي وڃڻ لاءِ ڄاڻايو. دل کي آٿت ٿيو ۽ ويز
ملڻ جي آس پختي ٿي. ويزا شام جو چئين-پنجين بجي ڏيندا آهن. اسين وقت
گذارڻ لاءِ آر.ڪي. پورم اين.سي.پي.ايس.ايل. جي دفتر ۾ پهتاسين. ڊائريڪٽ
ڊاڪٽر منوهر متلانيءَ سان ڳالهيون-ٻولهيون ڪيوسين. ڊاڪٽر متلانيءَ اسانجي
سنڌ وڃڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو. فون تي پنهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر بلديو متلانيءَ کي
ڄاڻ ڏنائين. هو به ڏاڍو باغ ٻهار ٿيو. اسان کي سنڌ ملاقات لاءِ خوب-خوب واڌايو
ڏنائين.

7 نومبر کان اندور ۾ سداحيات ڪرشن ڪتوانيءَ تي سيمينار شروع ٿيڻو هو
مونکي اُتي ڪرشن ڪتوانيءَ جي جيون-فن تي مقالو پيش ڪرڻو هو. مقالو ته مون
اڳ ۾ ئي روانو ڪري ڇڏيو هو پر سنڌ وڃڻ جي ڪاريه ڪرم ڪري شري واسدي

پر ڪنهن بہ عملدار هن ڪي بہ تريءَ تيل لڳائڻ نہ ڏنو. جناب حميد هاءِ ڪمشنر ائمبيسيڊر جو نمبر ڏيندي اُن کي وينتي ڪرڻ لاءِ چيو. هيري بنا وقت وڃائڻ جي ترت فون جوڙيو. سربستي ڳالهہ ٻڌائي ۽ پنهنجي اختياريءَ جو اُپيوگ ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. پهرين تہ هن بہ صاف انڪار ڪيو. پر پنجن منٽن بعد فون ڪرڻ لاءِ چاٿايو. اِن وچ ۾ سنڌ مان جناب رڪيل مورائيءَ جو فون آيو. چاڻ ڏنائين تہ جناب يعقوب علي زرداريءَ ڪراچيءَ مان اسلاماباد ۽ يارت پاڪستاني ايلچيخاني سان ڳالهايو آهي. اجا فون پورو ٿيو تہ حميدخان چيو، ”توهان کي اندر گهرايو اٿائون.“ اسان پنهنجا موبائيل ٻاهر ڪائونٽر تي رکي اندر وياسين. هڪ ايئرڪنڊيشن ويٽنگ روم ۾ وهاريو ويو. ڪوبہ ملڻ نہ آيو. ڇهہ وڄڻ تي هئا. آفيس بہ بند ٿي ويئي هئي. جمع هجڻ ڪري پيڙ بہ وڌيڪ هئي. ڇنڇر آرتوار موڪل هئي. وقت گذرندو رهيو. هيري کي تياري بہ ڪرڻي هئي اُن جي ڪٽنب ۾ رات جو شادي بہ هئي. آمريڪا کان مهمان آيل هئا. هن پچ ڊوڙ ۾ هوُ اُنهن سان بہ چڱيءَ طرح نہ گڏيو هو. رات جو فريداباد شاديءَ تي هن کي پهچڻو هو. رات پر تياري ڪرڻي ۽ وري هوائي جهاز وقت سر پڪڙڻو. وقت گهٽ ڪم تمام گهڻو. اسان جون دليون زور زور سان ڌڙڪي رهيون هيون. آفيسر جي پڇا ڪئيسين. چاڻ ملي سردارن جو هڪ ٽولو لاهور نانڪ ديرا وڃڻو آهي. ادائي تي سؤ کن پاسپورٽ آهن، اُنهن جي اڳوانن سان هڪ بئنڪ ۾ سڀ مشغول آهن.

آخرڪار ستين بجي هڪ عملدار آيو. پاسپورٽ گهريائين ۽ انتظار ڪرڻ لاءِ چيائين. هاٿي پڪ ٿي تہ ويزا ضرور ملندي. ڪٽڪو پورو ٿيو. هيري چاٿايو تہ منهنجي ٽڪيٽ بہ تہ وٺڻي آهي. هن ٻاهر وڃي فون ڪري ٽڪيٽ بوڪ ڪرائي. ٽراول ايجنٽ چاٿايو تہ ٽڪيٽ رات جو ئي حاصل ڪريو. هيرو مونکي وهاري ٽڪيٽ وٺڻ ويو ۽ اُتان ئي فريداباد شاديءَ تي وڃڻ لاءِ چاٿايو. مان انتظار ۾ اڪيلو ويٽنگ روم ۾ ويٺو رهيس. ٻيو ڪوبہ حاضر ڪونہ هو. صرف پتيون ۽ اُن تي ڪيل سجاوٽ جيڪا ڪافي سندر، جديد هئي پر منهنجو اُن ۾ چاهہ نہ لڳي رهيو هو. گهڙيءَ گهڙيءَ ٿوري بہ آهٽ ٻڌي، در طرف نظر تي ورايم. پر ڪوبہ نظر نہ اچي رهيو هو. وري خيالن سنائڻ شروع ڪيو. سنڌ جون تصويرون بہ اکين آڏو ڳ همڻ لڳيون. گهر وارن جو انتظار بہ ستائي رهيو هو جو چاڻ ڏني هئم تہ ويزا نہ ملڻ ڪري سنڌ نٿو وڃان. سياٽي احمدآباد موٽي ايندس. ٿڪاوٽ، سوچ سبب مٿو بہ ڪافي ڀاري ٿي ويو هو. تازو توانو ٿيڻ لاءِ ڪوبہ ساڌن، گوري ڪونہ هئي.

هيري اُن سان فون تي ڳالهايو. آفيسر روبرو اندر گهرايو. ڪاغذ وٺي اندر ويو.
ڪلاڪ بعد ڄاڻايائين تہ ''لسٽ ۾ نالو نہ هجڻ ڪري ويزا ڏيڻ ممڪن ڪونهي
۽ ڪاغذ موٽائي ڏنائين. هيري هن کي وينتي ڪئي ۽ سمجهايو تہ توهان جـ
اختياري آهي توهين چاهيو تہ ويزا جاري ڪري سگهو ٿا. چيائين، ''جڏهـ
پاڪستان حڪومت، اسلاماباد مان ويزا ڏيڻ لاءِ لسٽ جاري ڪري ٿي تہ اُن ب
اسان جي اختياري خود بہ خود ختم ٿي وڃي ٿي. مان لاچار آهيان.'' پر ڪا
زوربار پرڻ تي چيائين، ''ٺيڪ آهي، هينئر لنچ جو ۽ نماز جو وقت آهي توهـ
ٽين بجي ڊاري اچو، وڏي عملدار سان ڳالهيون ٿا.'' اسين هڪوار بيهر روشني
جو ترورو ڪٽي ايلچي‌خاني مان ٻاهر نڪتاسين.

جناب هيري کي پنهنجي ٽڪيٽ بہ وٺڻي هئي اسان آٽو ۾ ڪئنات پئليس پهتاسي
هيري 8 نومبر جي پي.اي.آءِ ۾ پنهنجي ٽڪيٽ بوڪ ڪرائي. صبح کان وٺي اُڃ
تي هئاسين. منهنجو چهرو پيلو ٿي ويو هو. نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا ويچار من ۾ اُڀر
رهيا هئا. ٽراول ايجنٽ چانهہ گهرائي اُها بہ نہ پئي وڻي. هر گهڙيءَ واچ طرف ڏ
ڏنم. وقت بہ ڄڻڪ بيهجي ويو هو. اُڻ تڻ لڳي پيئي هئي.

آخرڪار ٽين بجي ايلچي‌خاني پهتاسين. فون تي ڄاڻ ملي تہ ويزا آفي
پنهنجي ڌرمپتيءَ سان مارڪيٽ شاپنگ ڪرڻ ويو آهي. اجا نہ موٽيو آهي. اس
در ٻاهران انتظار ڪندا رهياسين. سنڌ مان فون تي ويزا بابت دوست پڇي ر
هئا. شري نڪر پنهنجي ويزا ملڻ ۽ هوائي جهاز رزرويشن جي تصديق ڪ
گڏوگڏ منهنجي لاءِ سنڌ مان ويزا لاءِ زوربار آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لاءِ پڻ چيو. ه
اسين مان ۽ هيرو جيڪا بہ واقفيت هئي استعمال ڪرڻ ۾ رُڌل هئاسين. هوڏان
سنڌ مان پروفيسر اياز قريشي، جناب شوڪت شورو، جناب رڪيل مورائي ۽
ڪوشش ڪرڻ لڳا. پر جتان ڪٿان انڪار، لاچاري پلئہ پئي پيئي. انتظار ۾ و
گذرندو رهيو. ويزا آفيسر شام جو 5 بجي موٽيو ۽ پنهنجي لاچاري ڏيکاري. ره
اُميد بہ پوري ٿي ويئي. ائين تہ پاڪستان ايلچي‌خاني جو عملو ڪافي رُ
لاپرواهہ ۽ ڪابہ مدد نہ ڪرڻ جو آزمودو حاصل ٿيو. پر ايلچي‌خاني جي دروا
جي رسيپشن ڪائونٽر تي ويٺل بزرگ حميدخان واقع ئي اللهہ لوڪ هو. هن
اسانجي حالت ۽ انتظار ڪندي ڏسندي ۽ اسانجا لٿل چهرا ڏسي ڏاڍو ڏک
رهيو هو. هُن خود عملدارن سان فون تي رابطو قائم ڪيو ۽ ڄاڻايو تہ اسان پڙه
ڳڙهيل، خانداني، شريف اِنسان آهيون ۽ ويزا ۾ مدد روپ ٿيڻ لاءِ التجا پڻ ڪ

تڪاوت ۽ ھٿ ۾ ويزا ھجڻ سان بستي تي ليٽندي ئي ننڊ اچي ويئي. رات جو جناب ھيرو نڪر ۽ پوڄا پاپي ڪيڏي مهل شاديءَ تان موٽيا ھئا سمڪ ئي نہ پيئي. گهر جي ٻي چابي ھنن وٽ ھئي.

سوير صبح جو ڪڙڪي تي جاڳ ٿي، ڏٺم تہ پاپي ۽ ھيرو مسافريءَ لاءِ سامان سڙو ڪنو ڪرڻ ۽ پيتي تيار ڪرڻ ۾ مشغول ھئا. مون بہ پنھنجي ڪليل سامان کي سهيڙڻ شروع ڪيو.

تاريخ 8 نومبر منجهند جو اڍائي بجي ھوائي جهاز جي اڏام ھئي. ٽي ڪلاڪ اڳ ھوائي اڏي تي پهچڻ لازمي ھو. اسان گهران يارھين بجي تيار ٿي اندراگانڌي انٽرنئشنل ھوائي اڏي ڏانهن روانا ٿياسين. گڏ پاپي پوڄا بہ ھئي. ھوائي اڏي تي ضروري قانوني ڪارروائي پوري ڪري، سيٽ نمبر حاصل ڪري، سڪيورٽي چيڪ مان ٿيندا لائونج ۾ پهتاسين. جيستائين ھوائي جهاز اچي، پرواز ڪري تيستائين سنڌ مان دوستن، اديبن جا فون ايندا رھيا. سيني کي جناح انٽرنئشنل ھوائي اڏي تي اسان جي پهچڻ جو انتظار ھو. مقرر وقت تي .PIA پاڪستان ڏانهن اُڏام پري. اسان جا موبائيل بہ خاموش ٿي ويا.

پارت مان عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ جن کي نينڊ موڪليل ھئي نهن ۾ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي شري سندر اگناڻي بہ شامل ھو. پر صرف چندر ڏاسواڻي اسان کان بہ ڏينهن اڳ پاڪستان روانو ٿي چڪو ھو ۽ اسان بہ ھوائي جهاز ۾ سوار ھئاسين.

ھوائي جهاز اُڏام پريندو رھيو. ھوائي جهاز اندر ٽي.وي. انڊيڪيٽر تي جهاز جي تيزي ڌرتيءَ کان ڪيترا ڪ.م. مٿي جهاز اُڏام پري رھيو آھي، طيءِ ڪيل مفاصلو، باقي رھيل مفاصلو، جهاز ڪهڙن ڪهڙن شهرن مٿان اُڏام پري رھيو ھو. اُھو سڀ ھند-پاڪستان جي نقشي تي واري واري سان ڏيکاري جاگرافيائي ڄاڻ پڻ ڏيئي رھيو ھو. ھوائي جهاز جي تيزيءَ سان گڏ منهنجا بہ ويچار تيزيءَ سان سنڌ ۾ اُڏامي رھيا ھئا. ڪنهن ڪنهن سان گڏجاڻي ٿيندي، اڳ ۾ بہ پيرا سنڌ جي زيارت ڪرڻ وقت جن دوستن، ساٿين سان، اديبن سان ملاقات ٿي ھئي اُھي ڏٺا يا نہ؟ ڪٿي گڏبا، ھوائي اڏي تي ڪير ڪير آيو ھوندو، انومان لڳائي رھيو ھئس. اچانڪ انڊيڪيٽر نوشهرو فيروز مٿان اُڏام جو تير ڏيکاريو. مون يڪدم دريءَ جي ڪاچ مان ھيٺ نهارڻ شروع ڪيو. نوشورو فيروز سنڌ جو نئون ضلعو ھو. ڪنڊيارو نوابشاھ ضلع ۾ ھو. ھاڻي اُھو نئين ضلع ۾ شامل ڪيو ويو ھو.

ايلچي‌خاني جو مکيه دروازو به لاڪ ڪيو ويو. سچو عملو به وڃي چڪو هو. ما
ويٽنگ روم ۾ آهستي آهستي چڪر لڳائي رهيو هوس. فون به ڪونه هو. زندگيءَ
ڀريون پيرو پاڻ کي سيني کان ڪٽيل محسوس ڪيم. پاڻيءَ جي طلب ٿي. ٻاه
نڪري ٽيبل تي رکيل بوتل مان پاڻي پي رهيو هوس ته هڪ شخص اچي چيو
”ويزا ته پاسپورٽ ۾ لڳي ويئي آهي. پر ويزا آفيسر ٻاهر ويل آهي جيستائين هو
ايندو صحيح سِڪا نه ڪندو ويزا ڏيئي نه سگهنداسين.“ هڪوار ٻيهر وڏو جهٽڪ
لڳو. پنهنجي قسمت تي ڦِٽڪار وجهڻ شروع ڪيم. پر ڇا ٿي ڪري سگهيس. لاچ
اخبارون، مخزنون اُٿلائيندي انتظار ڪندو رهيس. گهڙيال رات جي نوَن جا نڪ
هنيا. مون ڪنڌ مٿي ڪيو سامهون ويزا عملدار شمشير خان بيٺو هو. هن پاسپورٽ
ويزا ڏيندي چيو، ”توهين پاڪستان وڃي سگهو ٿا. مان توهان جي وشواس، همٿ
کي داد ٿو ڏيان.“ خوشيءَ وچان اکين ۾ آنسو تري آيا. مون شڪرانا بجا آند
سامهون جناب احمدخان به بيٺو هو. هن جي چهري تي به خوشيءَ جا ڀاوَ هئ
مونکي ڀاڪر ۾ ڀريندي، شڀ ڪامنائون ڏيندي چيائين ته، ”الله تعاليٰ ني
عرض اگهايو.“ مون هن جا چرن ڇهيا. آسيس ورتي هو مونکي ايلچي‌خاني ج
ٻئي مکيه دروازي تائين ڇڏڻ آيو.

مان ٽئڪسي ڪري ڪئنات پليس پهتس. اُتان سيني کي فون ڪيم. ويزا مل
جي ڄاڻ ڏنم. سڀئي ڏاڍا خوش هئا. هيري سنڌ به خبر پهچائي ڇڏي ته لالوا
کي ويزا ملي آهي. اسين ٻئي 8 نومبر هوائي جهاز رستي ڪراچيءَ پهچي ره
آهيون. سنڌ مان به دوستن جون واڌايون رات جو ئي وري ويئون.

هتي غور طلب آهي ته سال 2007 ۾ ڀرين عالمي شيخ اياز ڪانفرنس
شرڪت ڪرڻ لاءِ نينڊ شري هيري نڪر ۽ مونکي به حاصل هئي. اسان وقت
پنهنجا پنهنجا مقالا به موڪلي ڏنا هئا. اُهي پسندگي سمتيءَ کي قبول به پيا ه
پر اُن دفعي به سڀ فارملٽيون پوريون هئڻ جي باوجود پڻ هيري نڪر کي و
حاصل ٿي هئي پر پاڪستان ايلچي خاني بنا ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي مونکي و
ڏيڻ کان اِنڪار ڪيو هو. ويزا حاصل ٿيڻ جي باوجود به نڪر صاحب ڪانفرنس
نه ويو هو. پر اسان ٻنهي جا مقالا اُتي شايع ڪيا ويا هئا.

مونکي ويزا ملڻ جي وڏ ۾ وڏ خوشي هئي ڀاپي پوڄا نڪر، هيري نڪر ج
ڌرمپتني ۽ منهنجي گهرواري جيوتي لالوانيءَ کي.

ويزا ڪٽي رات جو گهر پريتم‌پورا پهتس. بار بار ويزا کي ٿي ڏنم. لڳاتار چن

وارا به پهچي ويا. هوائي اڏي تي ئي ڪوريج ڪرڻ شروع ڪيائون. ڪئميرائن جي فلئش تيندي رهي. بيني بيني اُتي ئي اسان ٻنهي جو اِنٽرويو به ورتائون. پڇيائون، ”پنهنجي جنم ڀومي سنڌ پهچڻ تي توهان کي ڇا محسوس ٿي رهيو آهي؟ ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي ڪهڙي حالت آهي“ وغيره وغيره. اسان سنتوشڪارڪ جواب ڏنا.

جناب تاج جويي خوشخبري ٻڌائيندي ڄاڻايو ته اڄ ئي سنڌي ٻولي بااختيار اداري جي سيڪريٽري پد جو حڪم هن حاصل ڪيو آهي. اُهو ڪٺي آيو ۽ سيني کان اول اسان کي ٻڌايائين. ڏيکاري خوشي ونڊيائين. جناب عبدالله جيسر مورو مان خاص ڪراچيءَ هوائي اڏي تي اسان جو آجياڻو ڪرڻ ۽ ڄام شورو پهچائڻ لاءِ ڏيءُ، پٽ ۽ ساٿين سميت ڪهي آيو هو. جناب قاسم ٻُگهيو پڻ اسان کي ڄامشورو وٺي وڃڻ لاءِ خاص ڪار موڪلي هئي. اسان سامان سان ٽانئيڪا تي ڪارن ۾ وهناسين. مون جناب رڪيل مورائيءَ کان فون ورتو ۽ جناب يعقوب علي زرداريءَ جو نمبر لڳائي ڏيڻ لاءِ چيو. اُن سان ڳالهائڻ تي ڏاڍي اُتڪنٺا ٿي رهي هئي. هڪ بار-احسان هو جنهن لاءِ ٿورا مڃڻ لازمي هئا.

زرداريءَ جو نالو ڪٺندي ئي رڪيل جي خوشيءَ ۾ ترندڙ منهن تي دک جي لهر ڇانئجي ويئي. غمگين ٿي چيائين، ”ادا، اُن جو اڄ شام ئي گهر ۾ حادثو ٿيو آهي. هوُ ڪوما ۾ آهي ۽ اِسپتال ۾ زير علاج آهي.“ ٻڌي اسان کي به صدمو رسيو. ايشور در هن جي ترت ڇاڪائيءَ لاءِ دل ئي دل ۾ ٻاڏائي دعا گهري، جئن سنڌ ملاقات دؤران هن سان ضرور گڏجاڻي ۽ ڪچهري ڪري سگهجي.

اسين موٽرن ۾ سوار ٿي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڏانهن روانا ٿياسين. تاجل بيوس جيڪو هر دفعي اسان جي سنڌ ياترا دؤران هوائي اڏي تي آجيان ڪرڻ، اپس ورندي عارضي موڪلائي ڪرڻ ايندو هو اُن سان ڀارت ۾ پڻ ڇٽيون ملاقاتون، ڪچهريون ٿيون هيون هن جي شاعريءَ جو لطف پڻ ماڻيو هو اُن وقت به وقت جناب هيري ۽ منهنجي مان ۾ ڪجهه ڪوتائون پڻ رچيون هيون اُهي پڙهي ڏآئيندي في الحال وري گڏجڻ جو واعدو ڪري اسان کان هوائي اڏي تان ئي موڪلايو. اسين باقي ساٿين سان گڏ اڳتي وڌياسين.

ڪراچي هوائي اڏي تان، سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، ڄامشورو ڏانهن اسان ٽن ڪارن ۾ روانا ٿياسين. شري هيرو ٺڪر، جناب عبدالله جيسر جي ڪار ۾ سوار و، مان جناب تاج جويو ۽ رڪيل مورائيءَ سان گڏ ڪار ۾ سوار هئس. ڪارون

ڪنڊيارو، منهنجو جنم آستان، جتي ٻاٻاڻا اڃا بہ رهن ٿا ۽ ٻئين سنڌ جي د
وقت پنهنجو گهر. جنم آستان، شهر ڏسڻ جو موقعو مليو هو. اُن کي هوائي
مان ئي پرڻام ڪيم. سنڌو نديءَ جيڪا ڪنهن وقت ڦوڪ جوانيءَ، گجگوڙ سان
جي وچمان وهندي هئي اُها هاڻي آسمان مان هڪ سُڪل زمين ۽ ڪٽي ڪٽي
نالي جيان پاسي رهي هئي. مون سنڌو نديءَ کي بہ نمن ڪيو.

مون سفر ڪندي اِهو بہ سوچيو هو تہ اُهو فرشتو جناب يعقوب
زرداري، جنهن سنڌ مان ويهي پاڪستان حڪومت کي ۽ دهليءَ ۾ پاڪستاني
ڪميشن سان رابطو جوڙي، منهنجي سنڌ جي ناممڪن ملاقات کي ممڪن
هو. اُن سان گڏجندس. پاڪر پائي هن جا تهدل سان شڪرانا بجا آڻيندس.
گهٽ ۾ گهٽ هوائي اڏي تي بہ هن کي فون سان رابطو ڪري شڪرگذ
ضرور مڃيندس، اِهو ڪم ڪراچيءَ ۾ منهنجي اوليت تي هو.

ايئر هوسٽيس اناؤنسمينٽ ڪئي، پنهنجيون پنهنجيون سيلف پٽيون
اسين ٿوري وقت اندر لئنڊ ڪرڻ وارا آهيون. سڀ مسافر تيار ٿي ويا. هوائي
قاعدي اعظم هوائي اڏي ڪراچيءَ تي لٿو. اسين هٿ وارو سامان سنڀالي
مان هوائي جهاز جي عملي ۽ ايئر هوسٽيس جي مڌر مسڪراهٽ ۽ شڪرگذ
جا لفظ ۽ ”خدا حافظ“ سان هيٺ لٿاسين. زمين تي پير رکندي مون سنڌ
جي زمين کي ڇهيو. مٽي کڻي مستڪ تي تلڪ لڳايو.

جڏهن ئي اچا اميگريشن هال ۾ پهتاسين تہ بہ ٽي سنڌي سڄڻ جيڪي پ
جا ڪرمچاري هئا اُهي اسان اڳيان وڌي آيا. سنڌيءَ ۾ آجيان ڪندي ٻڌايائ
اسين توهان کي وٺڻ آيا آهيون ۽ باقي ساٿي هوائي اڏي کان ٻاهر بيٺا
سڄڻن پاڪيون پاتيون، هٿ ملايا ۽ ضروري ڪاغذ وٺي وڃي پاڻ سڀ مسا
جون فارملٽيون پوريون ڪريون. اسان جو سامان ٻاهر ڪڍايو. ٻيا مسافر ج
وڏين قطارن ۾ بيهي پنهنجي-پنهنجي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا،
سڀني کان اول سامان ٽرالين ۾ کڻي، هوائي اڏي کان جيئن ئي ٻاهر نڪري
وڌايا تہ سامهون اڳ ۾ ئي انتظار ۾ بيٺل سروَ شري سائين دادڪلهوڙو، آغا
عبدالله جيسر پنهنجي پٽ هيموءَ ۽ ڌيءُ سسئيءَ سان گڏ رکيل موراڻي
جويو، تاجل بيوس ۽ ٻيا اڳتي وڌي آيا. گلاب جي گلن ۽ اجرڪن سان سٽي
لڳي، اسان جي آجيان ڪئي. ٻاهر بيٺل ماڻهو سڀ اسان طرف گهوري
نهاري رهيا هئا. اسان اچا پاڻ سنڀاليون اِن وچ ۾ ڪي.ٽي.اين. ٽي.وي.

ڪراچيءَ جي وڏين وڏين عمارتن تي مون رنگ برنگي روشنيءَ ۾ چمڪندڙ شاهي اشتهاري هوڊنگ ڏنا. جن تي وڏن وڏن رنگين اکرن ۾ اُردوءَ ۾ اشتهار ڏنل هئا. خوبصورت جوان عورتن جا چٽر، فوٽا بہ اُن ۾ شامل هئا. جن جي پنهنجي ڪشش هئي پر هڪ ڳالهہ جنهن منهنجو ڌيان ڇڪايو تہ هند ۾ جيئن وڏن چاهي ننڍن شهرن، ريلوي، بس اسٽاپ يا اخبارن ۾ جيڪي بہ اِشتهار ڏنل هوندا آهن اُنهن ۾ اڪثر اڌ اُگهاڙيون، ننگيون عورتن جون تصويرون شامل هونديون آهن جيڪي ڏسڻ سان جذبات کي ڀڙڪائينديون آهن. پر ڪراچيءَ ۽ قومي شاهي رستي جي ٻنهي پاسي اِشتهاري بورڊ تي عورتن جا چٽر بہ سُنيگل لڳل هئا پر اُنهن ۾ ڪٿي بہ فاحشپڻو، ننگائپ نظر نٿي آئي. ڪپڙن مان پل جواني ليئاڪا پائي پئي اُها جذبات کي ڀڙڪائيندڙ نہ بر خوبصورتي، سونهن، فضيلت ۽ چهري تي مڌر مشڪ جي نمائش ڪندڙ فوٽا-چپيل هئا. پاڪستان هڪ ڪٽروادي مسلم ملڪ آهي. پردي، برقعي جو رواج آهي. عورتن مٿان ڪافي ڌارمڪ، سماجڪ پابنديون آهن پر ڪلئي عام استري چٽر اِشتهاري بورڊ ۽ رستن تان هلندڙ مسلم عورتن ۾ برقعي جو رواج گهٽ نظر ٿي آيو.

ڪراچي ۽ پاڪستان جا ڪجهہ وڏا شهر ماڊرن طرز تي، وديشي پٽي جي اثر هيٺ آيل ٿي لڳا. انيڪ دڪانن تي، واهڻن پنيان سنڌ جي عظيم نياڻي شهيد بيرڻي نظير ڀٽو جا عادم قد چٽر، فوٽا، ڪٽ آئوٽ، تصويرون لڳل هيون. ڪٿي ڪٿي هن جي پتي آصف علي زرداري، پتا ذوالفڪار علي ڀٽو جا فوٽا، تصويرون لڳيل هيون تہ وري هن جا اولاد (ٻارن) سان گڏ ڪشش ڪندڙ فوٽا چنبڙايل هئا.

غور طلب هو تہ تازو ئي پاڪستان جي وحشين، دهشتگردن محترما بي نظير جو قتل پاڪستان ۾ ٿيندڙ چونڊن دؤران ڪيو هو. بعد ۾ چونڊن جي پرچار ۾ بي نظير ڀٽو جي سياسي ڌر پاڪستان پيوپلس پارٽيءَ پنهنجي چونڊ پرچار ۾ محترما ڀٽو جي شهادت کي ڪٽي ووٽن جي گهر ڪئي هئي ۽ بي نظير جي عوامي همدرديءَ پاڪستان پيوپلس پارٽيءَ کي گهڻائيءَ سان چونڊي پاڪستان ۾ جمهوري حڪومت برپا ڪرڻ لاءِ وجهہ ميسر ڪري ڏنا هئا.

هتي غور طلب آهي تہ محترما بي نظير ڀٽو سنڌ جي عظيم بهادر نياڻي، اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزير اعظم طور اُها بہ سنڌياڻي دنيا ۾ شهرت حاصل ڪندڙ اڳواڻ بي نظير ڀٽو ساڍن اٺن سالن جي جلاوطنيءَ کان پوءِ 18 آڪٽوبر 20 تي پنهنجي جنم ڀومي سنڌ ۾ قدم رکيا هئا. هنجي پرڏيهہ مان پنهنجي

ڪراچيءَ جي شاهي رستن تان علي رهيون هيون. مونکي بار بار جناب يع
زرداريءَ جو خيال ستائي رهيو هو. گهر ۾ ڪيئن حادثو ٿيو هوندو. سمجهه ۾
آيو. مون رڪيل کان حادثي بابت پڇيو، چيائين جناب يعقوب پنهنجي بن
صاف ڪري رهيو هو اچانڪ هن مان گولي ڇٽي ۽ زرداريءَ جي پيٽ ۾ ل
مون لاءِ اِهو ڏاڍو ڏکوئيندڙ خبر هئي. مان يعقوب زرداريءَ لاءِ سوچڻ لڳس. ج
هيري هوائي جهاز ۾ ٻڌايو هو تہ يعقوب زرداري پاڪستان ريلوي ۾ هڪ
عملدار هو. هن سپريٽنڊنٽ آف ريلوي طور رٽائرڊ ڪيو هو. هوُ وڏي ڏاڪ وارو،
وارو، نماڻو، سانتيڪو ۽ بيحد پيارو شخص هو. سڀ هن جي عزت ڪندا هئا.
جو عملي ڪم ۾ وشواس هو. هن جا سڀ دوست هئا ڪوبہ دشمن ڪونہ هو. ج
زرداريءَ 1996 ۾ پهرين انٽرنئشنل ڪلهوڙا ڪانفرنس ڪوئائي هئي جنه
دنيا ڀر مان جهجهي تعداد ۾ عالم، تواريخدان حاضر رهيا هئا. اِها ڪانفر
بيحد ڀيڪي سان ڪئي ويئي هئي. عالمن کي سنڌ جو سئر بہ ڪرايو ويو هو
يادگار اِتهاسڪ ڪانفرنس ۾ ڀارت مان جناب ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ شري ه
نڪر شرڪت ڪئي هئي. اِها ڀارتي سنڌي ودوانن جي پهرين سنڌ جي ملا
هئي.

اهڙي دلبر، محبوب شخص جنهن سان منهنجي ڪابہ گهرائي ڪونہ
صرف سال 2003 ۾ سنڌ دؤري وقت هن سان هڪ مٽاڇري ملاقات ٿي هئي
شخص منهنجي سنڌ ياترا ۾ ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ تڪڙيون ڪوششون ورتيون.
هن جو مون مٿان هڪ وڏو احسان هو. اللهہ در دعا گهريم تہ جلد هوُ زرداريءَ
چاڪ چڱو ڀلو ڪري جيئن سنڌ ڇڏڻ کان اڳہ هن سان هڪ روبرو ملاقات ڪ
ڪريان. بار بار هن جو ڪوما ۾ ورتل چهرو ذهن ۾ اُڀري رهيو هو.

مون پنهنجو اُلجهيل من ٻئي پاسي ڪرڻ لاءِ ڪار مان ٻاهر نهارڻ شروع ڪ
ڪراچي شهر ۾ واهڻن جي ڪافي ڀيڙياڙ هئي. جيتوڻيڪ هر چوڪ تي ٻن
ڏاري پوليس وارا ۽ ڪٿي ڪٿي فوجي بہ بيٺا هئا پر واهڻ هلائيندڙ، ٽرافڪ ن
جو ڪوبہ پالن نہ ڪري تيز رفتار سان واهڻ هلائي رهيا هئا. گهڻن هنڌ ٽرافڪ
جام لڳي ويئي هئي. پر ڪوبہ ٽرافڪ پوليس وارو، ٽرافڪ گهٽائڻ، اُن کي ه
۾ مدد روپ نہ ٿي رهيو هو. مونکي لڳو جيئن هند جي عوام ۾ ٽرافڪ سينس
آهي، اُن کان وڌيڪ لاغرض واهڻ هلائيندڙ مونکي هتي نظر آيا. اِهو بہ ٻڌ
ٽرافڪ پوليس وارا صرف هفتا وصوليءَ ۾ ئي مشغول هوندا آهن.

نظربند ڪيو ويو. هن کي جلاوطن بڻجو پيو. هوءَ دلير ناري هئي. هن ڪڏهن
به همت نه هاري.

بي‌نظير ڀٽو پنهنجي حڪومتي ايامڪاريءَ ۾ پاڪستان جي جمهوريت کي
برقرار رکڻ لاءِ ڪافي سڌارا واڌارا ڪرڻ چاهيا هئا. هن پاڪستان کي مالي طور
مضبوط بڻائي وڪاس طرف قدم وڌائڻ تي چاهيا. پاڪستان جو وجود ڌارمڪ
جنون تي قائم ٿيو هو. آزاديءَ کان وٺي اُتي ڪڏهن به جمهوريت قائم نه رهي.
وقت به وقت سياسي بدلاءُ، ٿيندو رهيو. ڪوبه هڪ حڪومتي سرشتو قائم ٿي نه
سگهيو. هن وقت پڻ پاڪستان ۾ چار پاور مرڪز صاف نظر ٿي آيا. هڪ لشڪري
راج آءِ.ايس.آءِ.، ٻيو سياسي ڌريون، ٽيون دهشت گرد ۽ ڪٽروادي تنظيمون ۽
چوٿون مرڪز. ويچارو پاڪستاني عوام اِنهن ۾ ڪير ڪنهن وقت اثرائتو، مضبوط
بڻجي ملڪ تي حاوي ٿي ستاڌاري بڻجي ٿو اِهو طيءِ نه هوندو آهي. آزاديءَ کان
وٺي اڄ ڏينهن تائين سياسي وهڪرا بدلجندا پيا رهيا آهن. هڪ حقيقت اِها آهي
ته پاڪستان جي سياست لشڪر-فوجن کان منڍ کان وڌيڪ متاثر رهي آهي. صدر
مشرف، ضيا اُل حق يا ياياه خان کان وٺي ايوب خان جهڙن لشڪري تاناشاهن
هيٺ پاڪستاني عوام، سدائين هيسيل، دٻيل رهيو آهي، ظلم سهندو رهيو آهي.

ڀارت ۾ شريمتي اِندرا گانڌيءَ دهشت‌گرديءَ انتها پسند عناصرن جو خاتمو
ڪرڻ لاءِ سخت قدم کنيا هئا. هن خالصتان هلچل کي فوجي ڪارروائي دوران
ڪچلي ڇڏيو. پر ڌارمڪ جنون ۽ ڪٽر پنٿين خود هن جي سلامتي گارڊ هن جو قتل
ڪيو. هن خود چيو هو ته ”ڌمڪاءُ، ظلم ۽ ديش جي سلامتيءَ ۽ لوڪشاهيءَ کي
مضبوط ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن رت جو آخرين ڦڙو به وهائڻو پيو ته هوءَ تيار آهي“ ۽
اِيئن صدقي هن سيني ۾ گوليون سهي، شهادت جو جام پيتو. اِن وحشي، خونريزي
ڪارروائي تي دنيا ڀر جي ملڪن ڦٽڪار هنئين هئي. عوام پياري نيتا کي لڙڪن
سان شرڌانجلي ڏني هئي ۽ ملڪ ۾ ترت لوڪ سڀا جون چونڊون ٿيڻ سان ملڪي
عوامي همدرديءَ ڪانگريس کي گهڻائي سان جيت ڏياري ۽ هن جي سپاتر جناب
راجيو گانڌيءَ کي، اندرا گانڌيءَ جا سپنا ساڪار ڪرڻ لاءِ، ڀارت جو وزير اعظم
بڻايو. پر هوُ به ايماندار، جنهن ديش کي ايڪويهين صديءَ ۾ وٺي وڃڻ تي
چاهيو، ديش دروهين ۽ دهشت گرديءَ هن کي به پنهنجو بک بڻايو. خودڪشي
بمبار جو شڪار بڻجي شهادت جو جام پيتو.

ساڳيءَ طرح محترما بي‌نظير ڀٽو پاڻ ته دهشت‌گردي، حيوانيت ۽ ڪٽرپڻي

ڏيھ واپس ورڻ جي ٻن مھنن ۾ نون ڏينھن ڪانپوءِ راولپنڊيءَ جي لياقت باغ
رات جي رھزنن ھن کي شھيد ڪري ڇڏيو. 27 ڊسمبر 2007 سنڌ پاڪستان ملڪ
تاريخ جو ھڪ اھڙو ڪارو ڏينھن ھو جنھن ڏينھن محترما بينظير ڀٽو لياقت
۾ پنھنجي تقرير ختم ڪري واپس موٽي رھي ھئي تہ دشمنن جون گوليون
جي دماغ کي چيريندڀون ٻاھر نڪتيون. ھن قھري ڪارروائيءَ کي پوري
سخت لفظن ۾ نندڀون. ھن جي مرتڪ مڙه کي ضلع لاڙڪاڻي جي اباڻي
ڳڙھي خدابخش ڀٽو واري قبرستان ۾ شھيد والد ڀٽو ۾ سندس پائرن جي
مٽيءَ حوالي ڪيو ويو.

27 ڊسمبر 2007 جي ڏينھن ئي آڪاشواڻي احمدآباد تان سنڌيءَ ۾
پرسارت ڪرڻ جي فرض تي مان حاضر ھئس. لڳاتار محترما بينظير ڀٽو
شھادت جون خبرون ۽ ھن جي حياتيءَ جا ورق ورايا ھئم.

خبرن ۾ ٻڌايو ھئوسين تہ شھيد بينظير جو جنم 21 جون 1953ع ۾
ذوالفڪار علي ڀٽو جي گھر ڪلفٽن ڪراچيءَ ۾ ٿيو ھو. سندس والده جو نالو
نصرت ڀٽو ھو، ھوءَ بيحد خوبصورت ھئي. پنھنجي والد جي محبت ۽ توجھ
ھميشھ مرڪز رھي. گلابي رنگ سبب جناب ڀٽو ھن کي پنڪيءَ جي نالي
سڏيندو ھو. ھن جي پرورش پتا جي سخت نظرداريءَ ھيٺ ٿي. جيئن ڀارت
پھرين وزير اعظم پنڊت جواھرلال نھروءَ پنھنجي سپتري اندرا گانڌيءَ کي سدا
پاڻ سان گڏ رکي، سياست جي سوجھ ٻوجھ ڏني تيئن جناب ڀٽو پڻ ڌيءُ پنڪي
(بينظير) کي ملڪ جي اڳواڻيءَ لاءِ اڳ ۾ ئي تيار ڪري ڇڏيو. ھر سفر ۾ ڀٽو
کي ساڻ رکندو ھو ۽ جواھرلال نھروءَ جيئن اندرا گانڌيءَ جي سڃاڻپ دنيا
مدبرن، اڳواڻن سان ڪرائي، اھڙيءَ طرح دنياپر جي سربراھن سان بينظير
ننڍي ھوندي کان ئي سڃاڻپ ٿي. پنھنجي تعليم آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ
ڪرڻ بعد 1979 ۾ پتا جي شھادت کان پوءِ پيپلز پارٽيءَ جي ھوءَ مڪمل
طور اُڀري. 18 ڊسمبر 1987 ۾ مشھور سياستدان حاڪم علي زرداريءَ جي
آصف علي زرداريءَ سان ھن جو نڪاح ٿيو. 21 ڊسمبر تي 1988 ۾ بينظير
پاڪستانجي پارھين ۽ اسلامي دنيا جي پھرين سنڌي عورت وزير اعظم طور پنھنجي
عھدي جي قسم جي رسم ادا ڪئي. ڪجھ مھنن بعد پاڪستان جي صدر
حڪومت جو خاتمو آندو. 19 آڪٽوبر 1993 تي ھوءَ پاڪستان جي ٻيو ڀيرو
اعظم چونڊجي آئي. وري ھنجي حڪومت ختم ڪري ھن جي مڙس

سان ڊوڙي رهيون هيون. ٻنهي پاسي اينديون-وينديون واهڻ، ترڪن جي روشنائيءَ
۾ ڪافي چمڪ دمڪ هئي. هر واهڻ، ٽرڪن، بسين، لگزري بسين وغيره تي
ڪافي چٽسالي ڪيل هئي. ريڊيم جا جدا جدا رنگن سان چٽيل چتر واهڻن جي
رونق-سونهن ۾ اضافو ڪري رهيا هئا. هي واهڻ به ڪنهن نئين هار-سينگار ڪيل
شادي شده ڪنوار کان گهٽ سجايل ڪونه هئا.

اسان جي ڀارت ۾ واهڻن ۽ ترڪن جي چترن سان ايتري چٽسالي نه ڪئي
ويندي آهي. البت عشقي شاعري ضرور اُڪريل هوندي آهي، پر سنڌ-پاڪستان
جا واهڻ شاعريءَ سان گڏ سنڌ جي چترن، رنگ برنگي ڪانچ جي ٽڪلن، جُگنوءَ
انگر اونده ۾ چمڪندڙ نمائش ڪندڙ هئا. جيڪي دلفريب ۽ اڪين ٺار هئا.
روشن-چمڪندڙ واهڻن سان، واهڻ سوار ۽ هلائيندڙ ڪي پري کان ئي اڳيان ويندڙ
واهڻن جو انداز لڳو تي جنهن ڪري هوُ پنهنجي واهڻ کي سهي، سلامت ۽ ضابطي
واري ڍنگ سان هلائي رهيا هئا جيئن ڪو حادثو اٽوٽندڙ واقعو، گهٽنا نه ٿئي، بند
واهڻن ۽ ترڪن جي ڏکائي ڀارت جي پيٽ ۾ وڏيڪ هئي. پريان هلندڙ-چرندڙ
روشنائيءَ سان واهڻ پرپور عمارت تي پاسيا.

هڪ طرف وڏا واهڻ هئا ته ٻئي طرف وري ننڍيون ننڍيون گڏه گاڏيون پڻ
هيون. ڪنهن ۾ هڪ گڏه ته وري ڪنهن ۾ ٻه گڏهن جڙيل هئا. گڏه گاڏيون
ريبن جي مال ڍوئي جيون گذارڻ ۽ ننڍن ڳوٺن ۾ عوام جي سواريءَ جو ساڌن هو.
گڏه گاڏين تي سٽيل مال ۽ وينل ماڻهن جي انداز مان ويچارن گڏهن تي قياس
ٿي رهيو هو. هڪ ته هي گگدام مال جي وزن سان سٽيل هئا وري مٿان چابوڪن
جي مار پئجي رهي هئي. جيئن ڪنهن زماني ۾ ظالم غلامن تي چابوڪن جو
ورڪو ڪندا هئا. پر ويچارا گڏه مار سهندي، بنا ڪجهه ڪُڇئي پنهنجي فرض
۾ لڳل هئا. وقتي آهستي، وقتي تيز ڊوڙي رهيا هئا..هنن جي نبل ڪمزور
جيرن خود پئي ٻڌايو ته هنن کي مالڪن پورو کاڌو نٿي کارايو. جڏهن ملڪ جو
عام بکيو، ڪمزور، اني لئي اجهي لاءِ مُحتاج هوندو اُتي ويچارن جانورن،
ڍامن جي ڪير سار سنڀال لهندو؟ ڀارت ۾ پکين، پسن، جانورن کي مارڻ،
شڪار ڪرڻ تي بندش آهي. ڀارتي اهنسا پرموڌرم ۾ وشواس رکندڙ آهن. جيو ديا
کي سمجهيو ويندو آهي. پر پاڪستان ۾ جيڪو ديا ۽ اهنسا کي ڪوبه وجود نه
آ. ٻڪري عيد هتان جو خاص ڏڻ آهي. وڏو ماس ڪلئي عام واهپي ۾ آهي.
پيرو ائين به نه آهي ته ڀارت ۾ سڀ ويشنو آهن. ماس نه ورتايو ويندو آهي. پر

جو شڪار بڻي شهادت حاصل ڪئي پر هن جي ملڪي محبت ۽ عوام جي همدرد
هن جي پيپلس پارٽيءَ کي چونڊن ۾ گهڻائيءَ سان جيتائي، مرڪز چاهي عو
۾ ستاڌاري بڻايو. بيگم بينظير جو پتي آصف علي زرداري پاڪستاني ع
بڻيو. پر زرداريءَ جي سهري ذوالفقار علي ڀٽو کي لشڪري صدر ڦاسيءَ
لٽڪايو هو. جناب زرداريءَ جا جتي ڪٿي، رستن، چوڪن تي فوٽا، تصوير
ڏسندي-ڏسندي من ۾ سوال اُٿيو ته جناب زرداري پنهنجي پتني جي
ڪٽرپنٿين ۽ دهشت گرديءَ جو شڪار ٿي هئي اُن جي قتل کي روڪي نه سگ
اُهو دهشتگردي وائرس کي ڪهڙي نموني مٽائي سگهندو؟ پنهنجي ستا ڪي
قائم رکي سگهندو؟ جڏهن پاڪستان ۾ بيبندوبستگي، بدانتظامي ڦهليل آه
پناڻ، بلوچ ۽ خود سنڌي مسلمان حڪومت مان ناراض لڳا پيا آهن.

سنڌ واسين کي في الحال خوش فهمي هئي ته پاڪستان ۾ سنڌين جي حڪوم
آهي. صدر سنڌي آهي ۽ پاڪستان پيپلس پارٽيءَ جو لڳاءُ وقتي سنڌ ۽ اُن
وڪاس سان رهيو آهي.

اسان جون ڪارون اڳتي وڌنديون رهيون. ڏٺم رستن جي چوڪن، گهٽين
موڙن ۽ وڏين عمارتن ٻاهران مشين گن سان فوجي پوشاڪ ۾ شخص بيٺل
جيڪي اچ وڃ ڪري پهريداري ڪري رهيا هئا. مونکي ڪجهه عجيب لڳو ته م
۾ جڏهن ڪابه نازڪ حالت نه آهي، ڪو هاءِ الرٽ ڏنل نه آهي ته پوءِ هيڏي سا
فوج اڪيلي ڪراچي شهر ۾ چپي چپي، ٽپي-ٽپي تي چو طعنات آهي؟ مون
جي ساٿين کان سوال پڇيو. هنن ڄاڻايو ته ڀلي ملڪ ۾ جمهوري حڪومت ق
آهي پر روز به روز ڏاڙيلن، وڏيرن جي ظلم، خونريزي، لُٽ ڦُر، اغوا، ڀونگن
واقعن عوام ۾ هڪ قسم جي غير سلامتيءَ جي ڀاونا کي جنم ڏنو آهي. عوام
پوليس، فوجن، ستاڌارين مان وشواس گهٽجي ويو آهي. اِن ڪري عوام، واپار
ڪارخانيدارن پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هٿيارن جي خريدي م
۾ وڌيڪ آهي. سولائي سان پستول، بندوقن، ٻين هٿيارن جا لائسنس حاصل ٿين
اِن ڪري اِهي سلامتي، هٿياربند شخص جيڪي مان جتي ڪٿي ڏسي رهيو هئس
گهڻي ڀاڱي خانگي سلامتي گارڊ هئا. فوجي ۽ پوليس وارا خاص خاص هنڌن ۽ سرڪا
عمارتن، بئنڪن ۽ سرڪاري عملدارن جي بنگلن ٻاهران تعنات ڪيل هئا.
احساس ٿيو ته غيرسلامتي ۽ ڊپ ۾ اِنسان ڪيئن وڪاس ڪري سگهندو.

هاڻي اسان جون ڪارون، ڪراچي شهر کي پٺتي ڇڏي، شاهي رستي تي تيز

ورتو. مشاعري ۾ سنڌي ۽ اُردوءَ ۾ ڪوتائون پيش ڪيون ويئون. هيرو نڪر جي ڪوتا ”ڏيندو، ڏيندو، ڏيندو ويو“ ايتري تہ پسند پيئي جو حاضرين تاڙين ۽ واهہ واهہ سان سڄي هال کي گونجائي ڇڏيو. ڪارروائي جناب اسحاق سميجو هلائي. صدر صاحب مشاعري جي صدارت ڪندي چيو تہ، ”اڄ جي مشاعري جو مور آهي ڀارتي شاعر جناب هيرو نڪر.“

مشاعري بعد منچ تان هيٺ لهڻ سان هال ۾ حاضرين سان ڀاڪر پائڻ، هٿ ملائڻ سان، محبتن جي ڏي-وٺ شروع ٿي ويئي. اسان حاضرين سان گهيريل رهياسين. جيئن تيئن پيڙ کي ڀاسيرو ڪري جناب شوڪت شورو، تاج جويو، رڪيل مورائي اسان کي ٻاهر ڪارن تائين وٺي آيا. جتان سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر جناب صديقي صاحب جي بنگلي تي ڊنر جو بندوبست ڪيل هو، وڃڻو هو. پر جناب شوڪت شورو ٻڌايو تہ ”توهان جي مان ۾ حيدرآباد ۾ جناب مير منظور ٽالپر محفل سجائي آهي جتي، حيدرآباد جا ٻيا معزز شخص ۽ هستيون اسان جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيون آهن. اسان کي اُتي پهچڻو آهي.“ اسان آرگنائيزرن کان ڊنر تي حيدرآباد وڃڻ جي اِجازت ورتي ۽ هنن سان همشريڪ نہ ٿيڻ جي لاچاريءَ لاءِ معافي بہ طلبي.

جناب عبداللهہ جيسر کي رات جو ئي ڳوٺ مورو واپس وڃڻو هو. پاڻ سان آندل ڪجهہ سوکڙيون-ڪتاب ڏيئي وري گڏجڻ جو واعدو ڪري موڪلايو. شري هيرو نڪر ڀارت مان عبداللهہ جيسر ۽ اُن جي ڏيءُ سسئي لاءِ ڪجهہ سوکڙيون آنديون هيون اُهي ۽ ڪتاب تحفي طور هن کي ڏنا. مون ڪجهہ پنهنجا ڪتاب بہ هن کي ڀيٽ طور ڏنا. موڪلائي اسين حيدرآباد ڏانهن روانا ٿياسين.

سنڌ هند جي عظيم شاعر شيخ اياز جي ياد ۾ 7 نومبر کان 10 نومبر 2008 تائين ٻولي، ادب ۽ تعليم جي ڏس ۾ رکيل بين عالمي ڪانفرنس جي ٽئين ڏينهن 9 نومبر 2008 تي اسين سوير صبح جو تيار ٿي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪانفرنس هال ۾ پهتاسين. جتي آمريڪا، برٽن، بيلجم، شريلنڪا، نيپال، ڀارت ۽ پاڪستان جي جدا جدا يونيورسٽين مان آيل عالمي عالم حاضر هئا. اسان جي آجيان ڪانفرنس جي چيئرمن ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فئڪلٽيءَ جي ڊين دانشور ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو ڪئي ۽ حاضرين ڊيليگيٽن سان اسان جي واقفيت ڪرائي. اُتي ئي سنڌ جي ٻال ادب جو ودوان جيڪو خود سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ آيو هو، جناب ادل سومري سان پڻ گڏجاڻي ٿي. اُن پڻ پاڪستان، سنڌ جي جدا جدا

پاڪستان ۾ گهٽائي ماس ڪائيندڙن جي آهي. تورا اُنهن ۾ به گهڻي پاڻي هن
ڪجهه وڌيڪ ويشنو آهن ۽ ڀاڄين جو واهپو وڌيڪ ڪندڙ آهن. اِها ڳالهه اڳ۾
دفعا ڪيل سنڌ جي دؤري وقت جدا جدا محفلن ، ورتل پوچ جي آڌار تي چٽائي
تصديق سان چئي سگهجي ٿو. شاهي رستي جي ٻنهي پاسي انيڪ هنڌن
مرغيون، ڪباب، وڏيل چيلا وغيره جا دڪان نظر اچي رهيا هئا.

اچانڪ جناب ٻوگهيو جو تاج جويو کي فون آيو ته اسان کي سڏو سنڌ يونيورسٽي
جي شيخ اياز آڊيٽوريم ۾ هلندڙ مشاعري ۾ وني اچن. مشاعري بعد رسو
ورتائي، انٽرنئشنل اسٽوڊنٽ هاسٽل جتي اسان جي رهائش جو بندوبست ڪ
هو اُتي وڃي آرامي ٿيندا.

اسان سڏو، ڪانفرنس دؤران جنهن انترراشٽريه مشاعري جو آيوجن ڪيو ويو
۽ جنهن ۾ پاڪستان جي مختلف شهرن، علائقن ۽ وديشن مان آيل شاعرن ڀاڱه و
هو تنهن مشاعري واري هنڌ تي پهتاسين. اڳ۾ ئي اسان جي آجيان ۾ ان
شخص، شاگرد حاضر هئا جو ڄام شورو پهچڻ کان اڳ ئي ڪي.ٽي.اين. هوا
اڏي تي ورتل انٽرويو سڄي سنڌ ۾ پهچائي ڇڏيو هو. اسين سيني سان گڏجن
هال ۾ گهڙياسين. مائيڪ تي حاضر اسحاق سميجو شري هيري نڪر کي سڏو م
تي وني ويو، اُن جي ۽ منهنجي واقفيت ڏيندي اسان جو اجرڪن سان سوا
ڪيو ويو. سواگت سان گڏ ٻهال ۾ وينل ڪنهن شخص جي موبائيل تان فضا ۾
اُپريو، ''سنڌوءَ جي جهولي، ماروئڙن جي منڙي ٻولي، گليءَ گليءَ ۽ گهر
گونجن سنڌ امڙ جا نعرا، جيئي سنڌ، جيئن سنڌ وارا، جيئن سنڌي ٽوپي اج
وارا.'' اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي نشاني آهي. سنڌي لباس ۾ به هن کي و
اهميت حاصل آهي. اجرڪ جو رواج سنڌ-ڪڇ ڪانسواءِ ڪٿي به ڪونهي. هر ا
چاهي سيپتڪ محفلن، اجلاس، مشاعرن، ڪانفرنس ۾ مهمانن جو آجياڻو اجرڪ
ڪيو ويندو آهي. هتي جاڻائڻ اِهو به واجب آهي ته سنڌ ۾ اجرڪ هر ماڻهو پهر
آهي. سيءُ هجي ته ڪلهن تي اوڙهين ۽ سمهڻ مهل مٿان چادر ڪري اوڍين، جبڪ
ميلي ملاڪڙي وڃن ته مٿي سان ٻڌن، جي ڪچهريءَ ۽ رس رهاڻ ۾ ويهن ته گوڏن
ٻڌي وهن.

مشاعري جي صدارت مايهناز شاعر امداد حسيني ڪري رهيو هو. جنهن ۾
سومرو، اسحاق سميجو، رکيل مورائي، امر سنڌو، رُخسانا پريت، صحر امد
ٻين انيڪ شاعرن سان گڏ جناب هيرو نڪر، ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ ۽ ٻين

ڊاڪٽر فهميده حسين جون رچنائون ’’ادبي چمن‘‘ ۾ شايع ڪري ادب ذريعي قومي ايڪتا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. ڪتاب وني اسحاق اکين تي رکيا. هن موت ۾ اِهو به ٻڌايو ته جئپور ادبي بئنڪ دؤران منهنجا ڏنل ڪتاب ’’ردي‘‘ ڪهاڻين جو مجموعو ۽ ’’مُڇر مامو‘‘ ٻال ناٽڪ هن چاهه سان پڙهيا آهن. موت ۾ هن صاحب پنهنجي سمپادڪيءَ ۾ شايع ٿيندڙ معياري ادبي رسالو ’’سارنگا‘‘ جو نمبر ٽيون ڏيندي ٻڌايو ته ’’ڀارت جي سنڌي اديبن جون سارنگا ۾ وقت به وقت رچنائون، ڪتابن تي تبصرا، تنقيد شايع ٿيندڙ آهي ۽ هن انڪ ۾ به چڱن ڀارتي اديبن جون رچنائون شامل آهن.‘‘ اسان سان گڏ جناب تاج جويو به هو، اُن ڄاڻايو ته احمدآباد مان جناب گوبند خوشحالاڻيءَ ’’ادبي چمن-2008‘‘ جا ڪجهه انڪ ڪن اديبن کي سنڌ ۾ تحفي طور پوسٽ دواران موڪليا هئا. رسالو سنڌ ۾ ڪافي مقبول ٿيو آهي.‘‘

غور طلب آهي ته 1991 جي واري عرصي ۾ ڀارت-پاڪستان جا رشتا ناتا سازگار نه هئا. اخبارون، ڪتاب، رسالا موڪلڻ پڻ سولو ڪم نه هو. اُن عرصي ۾، منهنجي گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ جي نائب صدر پد جي ايامڪاريءَ ۾ ادبي چمن-1986 کان هر سال شايع ٿيندو هو. سمپادن جي جوابداري مون مٿان هموار ٿيل هئي. اُن مشڪلات ڀريئي وقت ۾ گجرات سرڪار کان خاص منظوري حاصل ڪري ادبي چمن جا سيٽ سنڌ جي مختلف اديبن، ادبي، تعليمي ادارن ۽ صحافين کي جملي پنجاهه سيٽ سنڌ پاڪستان ادبي ڊي-وٽ طور سوکڙي ڪري موڪليا ويا آهن. انيڪ سنڌ جي اديبن ’’ادبي چمن‘‘ جي معيار ۽ ڪٽ جي ساراهه ڪئي هئي ۽ گجرات سرڪار جي گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ طرفان شايع ٿيندڙ رسالي، ڪتابن جي ڪافي ساراهه ڪئي هئي.

سنڌ جي عالم، مشهور اديب، دانشور ۽ لسانيات جي ماهر جنهن پنهنجي سڄي ڄمار سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ۾ گذاري ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ سالن جا سال سربراهه پروفيسر ۽ وائيس چانسلر تي رهيا سنڌي لوڪ ساهتيه جي محقق ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو هو ته

’’آءٌ ’ادبي چمن‘ رسالي کي مهراڻ جي معيار جو رسالو سمجهان ٿو. هن رسالي ۾ بهترين مضمون، مقالا، ڪهاڻيون،شاعري شامل ڪئي ويئي آهي. گجرات سنڌي ساهت اڪادمي کيرون لهڻي جنهن ايڏو معياري ۽ عظيم ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. ٽي سال کو وڏو عرصو ڪونهي پر ڪم جي رفتار سان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو

يونيورسٽين جي شعبن مان آيل ودوانن، حاضر صحافين، سنڌي چينلن جي ڪارپرزدارن سان اسان جي واقفيت ڪرائي.

پريان، دوستن سان بيٺل جناب اسحاق سميجو، اسان کي ڏسندي ئي ڊوڙندو آيو ۽ اچي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيائين. اسحاق سنڌي ادب جو هڪ سنو نقاد ۽ شاعر آهي. ڀارت ۾ سنڌ کان آيل وفد ۾ به ٻيرا ۽ جئپور ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا جي زير سايع راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي سهڪار سان سڏايل ”هند-پاڪ سنڌي ادبي ڪانفرنس“ جي موقعي تي جناب سميجي سان گهرائپ قائم ٿي هئي. دهليءَ ۾ جناب هيري نڪر جي گهر رکيل هڪ محفل ۾ به هن سان سنڌ ۾ سنڌي ادب جي صورتحال تي ڳالهائڻ ٿيو هو. هتي اِهو لکڻ غيرواجب نه ٿيندو ته ڪوجنيڪ هيري نڪر انيڪ ڀيرا سنڌ جي زيارت ڪئي آهي.هن جو لاڳاپو، رابطو، خطو ڪتاب سنڌ جي اديبن، فنڪارن، صحافين ۽ تعليمدانن سان وڌيڪ رهي آهي. جڏهن به ڪوبه سنڌ جو عيوضي ڀارت ايندو آهي ته اُهو جناب هيري نڪر سان ضرور گڏجاڻي ڪندو آهي. شري نڪر جي گهر ٻئنڪ، گڏجاڻي، محفل، ڪچهري ضرور مچندي آهي. نڪر صاحب جي پتني اسان جي پوجنيه ڀاڀي پوجا به سنڌ مان آيل مهمانن جي مهمانوازيءَ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيندي آهي. طعامن جا ڍير لڳائي ڇڏيندي آهي.

ڳالهه پئي هلي جناب اسحاق سميجي جي. هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ سنڌي وشيه پاڙهيندڙ وڏي ڄاڻ وارو پروفيسر آهي. هو بهترين انائونسر، ڪامينٽري ڏيندڙ به آهي. اڳين رات تي رکيل مشاعري جي پراثر انداز سان ڪارروائي هن ئي هلائي هئي. ٻيڙپاڙ هئڻ ڪري ملاقات ڪجهه اُچاتري رهي هئي پر هن سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٿيل گڏجاڻي وڌيڪ تازگي رکندڙ ۽ سڪون بخشيندڙ هئي. مون پنهنجا ڪتاب ”آزاديءَ جو پروانو امر شهيد هيمون ڪالاڻي“، سنڌي ساهتيه اڪادمي، گجرات راجيه جو ساليانو معياري رسالو ”ادبي چمن-2008“ جنهن ۾ ”سرحد پار جو ادب“ سري هيٺ سنڌ جي اديبن جون معياري رچنائون، ڪوجناتمڪ مقالا پهريون ڀيرو منهنجي سمپادڪيءَ هيٺ شايع ڪيا ويا هئا، ”ادبي چمن“ ۾ جناب اسحاق جي پڻ رچنا شايع ٿيل هئي سوکڙيءَ طور ڏنم.

مرڪزي ساهتيه اڪادمي، دهليءَ جي شري واسديو موهيءَ جي سرپرستيءَ ۾ سڏايل انٽرنئشنل سيمينار ۾، سرحد پار سونهاري سنڌ مان ڪهي آيل اديب سر
شري امداد حسينيءَ تاج جويو، اياز گل، اسحاق سميجو، ڊاڪٽر شوڪت شورو ۽

سنڌاحيات گنگارام سمرات سان گهرو ناتو هوندو هو. سائين گنگارام هن جا انيڪ
مضمون ڀارت جي جدا جدا رسالن ۽ مخزنن ۾ شايع ڪرايا هئا. شري گنگارام تن
ڏينهن ۾ ڀارت جي سنڌي ادب-اديبن ۽ سنڌ جي سنڌي ادب ۽ اديبن کي جوڙيندڙ
هڪ پُل هو. سمرات سنڌ مان انيڪ ڪتاب منگا ستام گهرائي سنڌ جي ادب جي
ڀارتي اديبن جي بکء-اُڃ مٽائيندو هو. موٽ ۾ ڀارت مان انيڪ ڪتاب موڪليندو
هو. شري گنگارام سال 85-1984 ڌاري منهنجا شايع ٿيل ناٽڪن ۽ ناٽڪ ڪلا سان
جڙيل ڪتاب 'تنهنجا غم منهنجا آهن' (ايڪانڪيون) ناٽڪ ۽ رنگء منچ ڪلا
(ناٽڪ ڪلا)، ناٽڪ ڪلا جو وڪاس (سنڌي ناٽڪن جو اِتهاس)، سنڌو ناٽيہ درشن
(ناٽڪن جي تواريخ) وغيره ڪتاب ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ کي موڪليا هئا. هوُ خود
ناٽڪن ۽ ناٽڪي فن جو ماهر آهي، جنهن سبب منهنجن ڪتابن جي موٽ هن
صاحب ترت ڏني هئي ۽ هن کي ڪتاب ڪافي پسند پيا هئا اُنهن تي هن سنڌ
جي اخبارن ۾ تبصرو بہ ڪيو هو. ڊاڪٽر پٺاڻ سان منهنجي سڌي، ڪافي سال
خطو ڪتابت رهي. جدا جدا وشين تي خيالن جي ڏي-وٺ بہ ٿيندي هئي. پر
چانڪ ڀارت-پاڪستان جا رشتا ناتا وڌيڪ بگڙڻ ڪري هر قسم جا رابطا ڪٽجي
يا هئا. اُن صاحب سان جڏهن روبرو ملاقات ٿي ۽ هن جو عالماڻو مقالو ٻڌڻ لاءِ مليو
ء مان پاڻ کي وڏڀاڳي سمجهڻ لڳندس. گذريل ماضي، يادگيريون، هڪ ٻئي کي
کيل خط حال ٻڌجي ذهن ۾ اُڀرڻ لڳا. سيمينار جي منجهند جي رسوئي اسان پاڻ
ر گڏجي کاڌي. انيڪ اوڀارين - لهوارين سان گڏ هند جي ادب، اديبن خاص طور
ري گنگارام سمرات جي باري ۾ ڳالهيون ٿيون. ڳالهين دؤران مونکي محسوس
يو تہ هن کي جناب گنگارام لاءِ هڪ تواريخ نويس، محقق، سنڌو سڀيتا جي
ڀياسو، عمدن لکڻين، ويچارن ۽ وهنوار لاءِ هن کي ڪافي-ڪافي عزت هئي.
اڪٽر درمحمد ڀارت اچي گنگارام سمرات سان گڏجڻ جو اِرادو بہ ڪيو هو. پر
ياسي حالتن هن جي مراد دل جو دل ۾ اڌوري ڇڏي هئي. ڊاڪٽر پٺاڻ اِهو بہ
ايو تہ هن وٽ هڪ شخصي خانگي لئبرري آهي جنهن ۾ هر وشيہ تي هزارين
تاب باترتيب ميسر ٿيل آهن ۽ اُن ۾ شري سمرات جا سڀ جا سڀ شايع ٿيل
تاب هندي، سنڌي، انگريزيءَ ۾ موجوده آهن. اُن لئبرريءَ جو انيڪ ايم. فل،
. ايچ.ڊي. جا شاگرد ۽ ٻيا اسڪالر، محقق لاڀ وٺندا آهن. ڊاڪٽر درمحمد
ڻ سان گهاريل پل اڄ بہ تازا توانا آهن.
عالمي سيمينار جي موقعي تي پروفيسر محمدخان سانگي، پروفيسر عظمي

ته اوهين ۽ اوهان جاساٿي سٺا ڪارڪن آهيو.''

جيستائين عالمي ڪانفرنس جو اجلاس شروع ٿئي، تيستائين سنڌ جي حاضرين اديبن سان ڀارت جي سنڌي ادب ۽ خاص ڪري احمدآباد جي سنڌي ادبي سرگرمين بابت حال چال ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ڳالهين دؤران اِهو به ذڪر هيٺ آيو ته سنڌي ساهتيه اڪادمي، گجرات راجيه طرفان مارچ 2008 ۾ شايع ٿيل مايهناز ڪوي جناب واسديو موهيءَ جو قلمبند ڪيل ڪتاب ''ورهاڱي کانپوءِ سنڌي غزل جو هئنڊبوڪ'' جون سنڌ ۾ ڪاپيون پهتل آهن. هي ڪتاب هند-سنڌ جي سنڌي غزل گو شاعرن جو ڀرپور دستاويزي ڪتاب آهي. جيڪو سنڌي غزل جي تاريخ تي، غزل جي آغاز کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اؤسر تي روشني وجهندڙ آهي. ڪتاب سنڌ ۾ ڪافي ڌيان ڇڪايو آهي. هنن جي ڳالهائڻ مان لڳو ته سنڌ ۾ هڪ شعوري پاٺڪ طبقو آهي. هند ۾ جتي سنڌي پاٺڪ ڏينهون ڏينهن گھٽ ٿيندا پيا وڃن، خود اديب به ٻين اديبن جا شايع ٿيل ڪتاب نه پڙهندا آهن. وڏا عالم ۽ مفڪر ته نون اديبن جي ڪتابن طرف نظر به نه ورائيندا آهن، اُتي سنڌ ۾ ذهني پاٺڪ طبقو ته آهي ئي، پر سنڌ جا نوجوان چاهي بزرگ اديب سنڌي ادب ڌيان سان پڙهن ٿا، مطالعو ڪن ٿا ۽ ڀارت ۾ شايع ٿيندڙ سنڌي ادبي ڪتابن لا هنن کي ڇڪ آهي. بک رهي ٿي، ڪتاب هٿن ۾ ملڻ شرط اُن کي ساهي پٽ ڪانسواءِ چاهه سان پڙهن ٿا. چنتن-منن ڪن ٿا. ڪنهن وقت اهڙي ڇڪ، ڪشش هند ۾ به سنڌي ادب لاءِ هئي. اُن کي هڪ زمانو ٿي ويو. سنڌي ڪتابن بابت ادبي ڪچهريءَ دؤران گهرائيءَ سان ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪتاب پڙهڻ جي رُچي سبب مون سنڌ جي اديبن، خاص ڪري نوجوان اديبن کي دل ئي دل ۾ سلام ڪي ۽ آفرين ڏني.

ڪانفرنس هلندي مهر خادم پنهنجي مقالي ۾ چيو ته شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ تمام گهڻن صوفين کي پنهنجو مرڪز بڻايو آهي. سنڌي شعبي جي اُستاد نور محمد شاهه مقالو پيش ڪندي چيو ته ڀٽائي نوريءَ جي نياز ۽ نوڙت واري ڪردار کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن سان نوريءَ جي وڏائي ظاهر ٿئي ٿي. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ مقالو پيش ڪندي چيو ته شيخ اياز سنڌ ٻيو وڏو شاعر آهي. سندس ادبي ڪم کيس تمام مٿاهين حيثيت واري مي بخشي ٿو.

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ سنڌي ادب جو عالم ۽ محقق آهي. هن جو ڀارت

محفوظ ڪيو. هن سنڌ کي وڏي ماءُ ۽ مائرن جي ماءُ وارو درجو عطا ڪيو ۽ اِن جذبي کي پنهنجين رچنائن ذريعي اُجاگر ڪيو. لطيف سائينءَ به پنهنجي رسالي ۾ ''سنڌ'' لفظ جو استعمال ڪري سنڌ سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

سر سارنگ ۾ چيو اٿس، ''سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار.''

سر بلاول ۾ فرمايو، ''جهڙس ڪونه جهان ۾، هند-سنڌ سورت هاڻ.''

اِن سانگي جذبي ۽ اُمنگ کي اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ ملائي چڏيو. اياز کي عمر ساز (Era Maker) شخصيت سڏيو ويو آهي. جنهن لطيف ڪانپوءِ مذهب جي ڪٽرپڻي واري ڏيڍ مان نڪري، ادب جا جديد قدر، سوچ، فڪر، کي بنياد بڻائي، سنڌي ادب کي وڏن قدرن جي شاعري ڏني. اياز جي شاعريءَ جو موضوع، جماليت، اصطلاح، تشبيهون، تمثيلون، استعارا ۽ علامتون جديد شاعريءَ جديد فڪر جي قدرن سان مالامال آهي. هن ڪانفرنس ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ جي پڙهيل مقالن مان ثابت پئي ٿيو ته هو عالمي شاعرن شيڪسپيئر، ڊانٽي، رومي، غالب ۽ ورڊ ڊسورٿ وغيره جيڏو شاعريءَ ۾ قد رکندڙ آهي. اياز واين ۽ گيتن جي حوالي سان اِهو درجو پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي ماڻي ويو آهي. هن جا خاص به ڪتاب ''پئُر پري آڪاس'' ۽ ''ڪي جو ٻيجل ٻوليو'' خاص ڌيان ڇڪائيندڙ آهن. اياز لکي ٿو:

''مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهه،
منهنجي من ۾ ڇوليون ماري، سنڌو تنهنجو ساهه.
جاڳ پٽائي گهوٽ، سنڌ ٿي توکي سڏي،
پرسان تنهنجي پٽ ڏٺي! جهلي بينس جهول!''

هن ڪانفرنس اياز جي اِن جذبي کي سيني جي دلين ۾ قائم ڪيو ته سنڌ سدائين اجر-امر آهي. هرڪو سنڌي سپوت، سنڌ لاءِ مرڪندي-مرڪندي مرڻ لاءِ هر وقت تيار آهي. هرهڪ سنڌ واسيءَ ۾ سنڌڙيءَ جو ساهه سمايل آهي.

''هڪ ڳالهه ته ٻڌ، منهن هيڏي ڪري.''

عالمي هاسٽل ۾ رات جو محفل ۾ وينا هئاسين. ڪچهري جميل هئي. اچانڪ تاج جويو جي مک مان مٿين سٽ نڪتي. مون ۽ هيري نڪر چيو اِهو ته ماسٽر چندر جو گيت آهي. هن وڏيڪ چيو توهين ڳالهين ۾ اهڙو ته مشغول ٿي ويا هئا جو توهان جو مون طرف ڪوبه ڌيان ڪونه هو. تڏهن چيم ''هڪ ڳالهه ته ٻڌ، منهن هيڏي ڪري.'' اڌ رات ٿيڻ تي آهي. مان هاڻي هلان ٿو، سڀاڻي توهان (پارٽي

حسن، ڊاڪٽر عبدال جبار جوڻيجو ۽ ٻين اسڪالرن ادب، ٻولي ۽ تعليم تي
پنهنجا مقالا پيش ڪيا. ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ عالمن، اديبن ۽ اسڪا
سنڌالاجيءَ جو پڻ دؤرو ڪيو. ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ اسڪالرن سماپتي اجل
وقت يڪراءِ ٺهراءَ بحال ڪري پاڪستان حڪومت کان گهر ڪئي ته ”دنيا
سمورن ملڪن ۾ ٽن ٻولين واري فارمولا قومي زبان، تعليم زبان ۽ مادري زبان
عمل ڪيو پيو وڃي هنن اِهو به ٻڌايو ويو ته ڀارت ۾ اِن فارمولا تي چستيءَ سان ع
ڪيو ويندو آهي جنهن ڪري ڀارت جي انيڪ صوبائي ٻولين ڪافي ترقي ڪ
آهي.“ اِها فارمولا پاڪستان ۾ به لاڳو ڪئي وڃي.

ڪانفرنس ۾ اِها پڻ گهر ڪئي ويئي ته پاڪستان جي يونيورسٽين جي فنڊ
ڪُتر نه وڌي وڃي. اُنهن کي گهربل ضروري ناڻو ميسر ڪري ڏنو وڃي. ڪانفر
جي عالمن اِها به زوردار گهر ڪئي ته پاڪستان ۾ ڳالهايون ويندڙ زبانن
ترقيءَ لاءِ متحد جماعت سانِ جڙيل ملڪن ۽ ٻين ملڪن وٽان مالي مدد حا
ڪئي وڃي.

موڪلاڻي اجلاس جي صدارت ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چان
مظهر الحق صديقيءَ چيو ته اسان کي بهتر تعليمي معيار لاءِ بهتر اُستادن
اوليت ڏيڻي پوندي. هن چيو ته شاهه لطيف جي ٻوليءَ جي ترقي ۽ تعليم
واڌاري لاءِ اسانجي اڳواڻن کي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر ان ڳالهه
نظرانداز ڪيو ويو آهي. پروفيسر چندرا موهن چيو ته سنڌي زبان ۾ تمام سنو
پيدا ٿي رهيو آهي. هن چيو ته سندس پڪو ايمان آهي ته سنڌ جو مستقبل تيا
روشن آهي. هن وڌيڪ فرمايو ته سنڌي زبان کي قومي زبان جو درجو ملڻ گهر
ڊاڪٽر تريڪا چيو ته اسان کي هن قسم جي ايڪيڊمڪ سرگرمين کي جاري
گهرجي. هن چيو ته اِها ٻولي ئي آهي جنهن سان خوابن کي ساڀيا ملي
ڊاڪٽر ٻگهيو، ڊاڪٽر رفيق ميمڻ ۽ ٻين پڻ خيالن جو اظهار ڪيو. شڪرگذا
تاڙين سان ڪانفرنس جا اجلاس پورا ٿيا.

ٻين عالمي شيخ اياز ڪانفرنس، سنڌ جي وحدت کي گيتن ۾ محفوظ ڪ
باغي شاعر شيخ اياز جي ياد ۾ سنڌ يونيورسٽي جام شورو طرفان سال 2007
ڪوٺائڻ جو سلسلو جاري ٿيل آهي.

شيخ اياز هن دؤر جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. شيخ اياز قوم پرستيءَ ۽
پسند لاڙن کي پنهنجي شاعريءَ جي جدا جدا صنفن بيتن، وائين، گيتن ۽ غز

وڌيڪ ٻڌايو ته احمدآباد ۾ پڻ هر سال ’راشٽريه پريم‘ اخبار جي ساليانې جلسي
سان ماسٽر چندر جو جنم اُتسو پڻ ملهايو ويندو آهي. گجرات سنڌي اڪادميءَ
ماسٽر چندر جي جيون-فن، گائڪيءَ تي راشٽريه سيمينار جو به آيوجن ڪيو هو.
وڌيڪ مون هنن کي ٻڌايو ته احمدآباد جي ئي اديب، ڪلاڪار، گائڪ ماسٽر چندر
جي ويجهي عزيز شري ارجن ڀمڀاڻيءَ ”سنگيت آچاريه ماسٽر چندر“ جي جيون،
گائڪيءَ، سنگيت تي به ڪتاب جوڙي شايع ڪيا آهن جن ۾ ماسٽر چندر سنڌ جي
ٻرک اديبن ذوالفقار راشدي، محمد عظيم مهر ۽ ادي ماهتاب محبوب ۽ ٻين جا
قلم بند ڪيل مضمون ۽ ڏنل شرڌانجليون شايع ڪيون آهن.
مون وڌيڪ ٻڌايو ته اسٽيج پبليڪيشن طرفان ماسٽر چندر جي سپاٽر مهيش
چندر جي جيون، فن تي به هڪ عالماڻو ڪتاب ”مهيش چندر - شخصيت پرچو“
شري چيني لالواڻي ۽ ارجن ڀمڀاڻيءَ جي سمپادڪيه ۾ شايع ڪيل آهي جنهن ۾
پڻ ماسٽر چندر جي عالماڻي گائڪيءَ جو ذڪر ٿيل آهي. ماسٽر چندر سنگيت
اڪادمي به برپا ڪيل آهي جنهن جي زير سايع هر سال فنڪارن، اديبن کي
”ماسٽر چندر اوارڊ“ ڏنا ويندا آهن.
شري هيري ٺڪر تصديق ڪندي ٻڌايو ته گذريل سال 2007 ۾ ٻين اديبن
سان گڏ ڊاڪٽر چيني لالواڻيءَ کي به ”ماسٽر چندر اوارڊ“ سان نوازيو ويو آهي.
محفل ۾ سيني حاضرين خوشيءَ جو اظهار ڪندي، دلي مبارڪون ڏنيون.
جناب تاج جويو تصديق ڪئي ته ماسٽر چندر ۽ مهيش چندر تي جيڪي به
ڪتاب شايع ٿيل آهن اُنهن جون ڪاپيون سنڌالاجي، بااختيار سنڌي ٻولي اداري
۽ ڪيترن اديبن جي خانگي لئبررين ۾ موجوده آهن.
جناب تاج جويو سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ڄاڻ ڏني ته ميان ميرخان چانڊيو
سال 2001 ۾ سنڌي گلوڪار منو ڪڇيءَ کان هڪ اِنٽرويو ورتو هو جيڪو حيدرآباد
ريڊيو اسٽيشن تان پرسارت ٿيو ۽ شايع به ٿيل آهي اُن ۾ چانڊيو منو ڪڇيءَ کان
هڪ سوال پڇيو هو ته ”اُستاد توهان جي دؤر جي ڳائڻ ڳوين جا نالا وٺو، جن اوهان
کي متاثر ڪيو؟“ جي جواب ۾ مِنوءَ چيو، ”ڪهڙن جا نالا وٺان، اُهي سڀ جڻ
پارس هئا. اُستاد بيبوخان، اُستاد امانت‌علي خان، امر شهيد ڀڳت ڪنوررام ۽
ماسٽر چندر. جن جا رڪارڊ مان بار بار ٻڌندو آهيان.“
سنڌ ۾ رکيل هڪ آجياڻي ۾ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي ڊائريڪٽر نصير مرزا
جو خود هڪ بهترين فنڪار، اديب ۽ اناؤنسر آهي پڻ پنهنجي پيشي جيون جي

اديبن) جي شان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هڪ شاندار آجيا
رکيل آهيَ. اجا ڪجهه تياريون ڪرڻ باقي آهن.“ مون پڇيو، ”پر اچانڪ توها
کي ماسٽر چندر جي ڳالهه ڪيئن ياد پيئي؟“ چيائين اسان ماسٽر چندر کي هر
جي هر جنم ڏينهن تي ياد ڪندا آهيون. نه صرف ايترو پر گذريل ڪن سالن کا
هن جي جنم ڏينهن تي ڊسمبر ۾، جنهن گهر ۾ هو صاحب رهندو آهي اُتي هاڻ
مهاجر رهندا آهن پر اُهي خود ماسٽر چندر جا عاشق آهن. اسين ماسٽر چندر جي
گهر وڃي، گهر ۾ رهندڙن سان گڏ چندر جو جنم ڏينهن ملهائيندا آهيون. راڳ
رنگ جي محفل مچائيندا آهيون. بيحد سڪ، شرڌا، صدق سان ماسٽر صاحب کي
ياد ڪندا آهيون. اُن جا ڳاتل گيت ڳائيندا آهيون. اخبارن ۽ ٽي.وي. چينل تي
خبرون ۽ ماسٽر چندر جا گيت پرسارت ڪندا آهيون.

منهنجي ۽ هيري نڪر جي مکه مان واهه واهه نڪتي. جناب شوڪت شوري
ٻڌايو ته ماسٽر چندر جا رڪارڊ هز ماسٽرس وائيس ۽ ٻين ڪمپنين جا پريل ڏري
گهٽ سڀ رڪارڊ، سنڌلاجي ڄامشورو ۾ محفوظ ڪري رکيل آهن. اُن کي باترتيب
سجائي محفوظ ڪيو ويو آهي. ايتري قدر جو ماسٽر چندر جو پريل رڪارڊ نمبر
ڊيسڪ نمبر ۽ ڳاني جا ٻول جي فهرست به تيار ڪئي ويئي آهي جيئن ڪوبه رڪار
گهربل هجي ته هٿون هٿ ملي وڃي. ماسٽر چندر هند-سنڌ جو عظيم ڳايڪ
سنگيتڪار ۽ شاعر ته آهي. اِن جا ڳاتل گيت سنڌي ثقافت جو امر آواز آهن
قيمتي خزانو آهن. هنن رڪارڊن ۾ ماسٽر چندر جي مڌر آواز سان گڏ پرسرا
ضيا، دادا هوندراج دکايل، شاهه صاحب، خانڻ ۽ خود سندس جا رچيل شاهڪ
گيتن جو سرمايو به رڪارڊن ۾ محفوظ ٿيل آهي. جيڪي سنڌي محقق سنڌ
سنگيت تي خاص ڪري سنڌي راڳ، تال، راڳڻين تي کوجنا ڪرڻ چاهين ٿا اُنه
لاءِ هي بي بها قيمتي خزانو هڪ رهبر طور، رهبري ڪندڙ آهي. ماسٽر چندر ج
ڳالهه ڳالهه ۾ شري هيري نڪر به ڄاڻايو ته ڀارت ۽ وديش ۾ ماسٽر چندر جو جن
ڏينهن شان سان ملهايو ويندو آهي. مون هيري جي سُر ۾ سُر ملائيندي چيو ته بر
شاعر ارجن حاسد ماسٽر چندر کي سنگيت گهراڻو ڪري سڏيو آهي. چندر جو پ
گوپ چندر، مهيش چندر، سندس نياڻو ۽ گوپ چندر جون سپاتريون سنڌي سنگي
کي اُوچ وٺائي رهيون آهن. ماسٽر چندر جا گيت اڄ به جتي ڪٿي گونججن ٿ
سال پراڻا ڳاتل گيت اڄ به نت نوان، تازا توانا پاسن ٿا. روح کي راحت ڏيند
آهن. ڪي عاشقي گيت ته نوجوانن جي دلين جي ڌڙڪن بڻجي چڪا آهن. مو

ستن عجائبن ۾ چين جي وڏي ۾ وڏي ديوار شامل آهي پر سنڌ جو رني ڪوٽ،
جيڪو اجوبن کان ڪنهن به قسم ۾ گهٽ نه آهي دنيا پر هاڪارو ۽ اجوبن ۾
اهميت پريو ڏيکه ۾ وڏي ۾ وڏو قلعو دادو ضلعي ۾ سن جي قديم تاريخي شهر کان
اندازي 18 ميل اولهه طرف جبلن جي نئين رَن جي ماٿريءَ ۾ 'رني ڪوٽ' هڪ
تاريخي قلعو آهي جيڪو پراڻي عظمت جو نشان آهي. رني ڪوٽ جي اندر به ٻيا
ٻه ننڍڙا قلعا ''ميري'' ۽ ''شير ڳڙهه'' آهن. تواريخ شاهد آهي ته دنيا ۾ سڀ کان
پهرين قلعي بند تي ويهڻ جو رواج ''يونان'' ۾ پيو جنهن کان متاثر ٿي سڄي دنيا
يونانين جو نقل ڪيو. شروع ۾ تيرن، تلوارن ۽ ڀالن کي جنگي هٿيار طور استعمال
ڪيو ويندو هو اِن لاءِ قلعا بچاءَ لاءِ اوچاين وارن هنڌن تي جوڙيا ويندا هئا جيئن
دشمن اُن تي چڙهي نه سگهن. سنڌ-هند ۾ قديم زماني کان وٺي ڪيترائي قلعا ۽
ڪوٽ موجود رهيا آهن. هند ۾ راجستان صوبو سڄو قلعن سان ڀريو پيو آهي. هر
قلعي جي پنهنجي پنهنجي سورهيائي، بهادري ۽ شهادت جي ڪهاڻي آهي. وقت
گذرندي گهڻا قلعا ڊهي، ڦٽي ۽ تباهه ٿي ويا آهن. ڪي اڃا قائم دائم آهن ۽
پنهنجي دؤر جي تاريخ ٻڌائي رهيا آهن.

رني ڪوٽ جي قلعي کي به پنهنجي تاريخ آهي، هتي اُن جي تهه ۾ نه وڃي
صرف ايترو ڄاڻائڻ واجب ٿيندو ته هيءُ قلعو اُن وقت جي وڏي ۾ وڏي دفاعي
قلعو هو. قلعي جي جوڙجڪ ٻڌائي ٿي ته ڪنهن به حملاور دشمن فوج کي ٽوٽا
چٻائڻ ۾ هي قلعو اثرائتو رهيو. سمورو قلعو پٿرن جو نهيل آهي. هن قلعي جي
ٺاوت جي دؤر بابت ڪافي متضاد آهن. پر اسين جڏهن سنڌي لوڪ ادب جي
حوالي سان اُن تي نظر ورايون ٿا ته صاف-صاف نظر اچي ٿو ته لوڪ ادب ۾
ڀونا ڳڙهه، عمر ڪوٽ، روپا ماڙي، ٺري، ساموئي، ٺٽونگر، بکر، سيوهڻ ۽ ٻين
ماڳن جو ذڪر ملي ٿو. پر رني ڪوٽ جو ڪٿي به ذڪر نه آهي جيڪڏهن رني
ڪوٽ قديم هجي ها ته ضرور سنڌي لوڪ ادب ۾ ڪٿي نه ڪٿي موضوع سونهن
بڻجي اچي ها. پر اِها حقيقت آهي ته رني ڪوٽ سنڌ جو شاندار قلعو آهي. سنڌ
۾ سير سفر سئلاني وڀاڳ (ٽوريزم) هن جي وڪاس طرف ۽ محفوظ رکڻ طرف
ڌيان گهٽ ڏنو آهي. پرهن ڪوٽ کي جيڪڏهن دنيا جي پڙدي تي اُڀاريو ۽ آندو
وڃي ته اُن سان نه صرف سنڌ جو ناماچار دنيا ۾ وڌندو پر گڏوگڏ سنڌ پاڪستان ۾
هڪ هنڌ ٽورسٽ پئلس طور، وديشين جي ڪشش جو باعث به بڻجي سگهجي ٿو
۽ سنڌ حڪومت کي پرڏيهي سڪي جي آمد پڻ ٿي سگهي ٿي جنهن سان ملڪ ۾

ٻين ڳالهين کي ياد ڪندي ڄاڻايو ته سال 84-1983 ۾ نون سنڌي پروڊيوسرن
نئين کيپ جنهن ۾ نظيم مرزا خود به ريڊيو سان جڙيو اُن نون پروڊيو
براڊڪاسٽنگ جا انداز ئي ڦيرائي ڇڏيا هئا. ريڊيو جا جيڪي به دقيانوسي rms
هئا تحس نحس ڪري ڇڏيا هئائون. جناب مرزا ٻڌايو ته ڪوثربرڙو جنهن ان
فنڪارن، اديبن کان انٽرويو ورتا آهن ۽ ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿي چڪا آ
اُهو جڏهن حيدرآباد آڪاشواڻيءَ تي ميوزڪ شعبي جو پروڊيوسر مقرر ٿيو اُن و
سنڌ ۽ پاڪستان ريڊيو اسٽيشن خاص ڪراچي ۽ حيدرآباد مان ڪنور ڀڳت ۽ ما
چندر جا گيت پرسارت ڪرڻ تي بندش لاڳو ڪيل هئي ٻنهي مهان عظيم ڳايڪ
جو آواز ٻڌڻ لاءِ سنڌ واسي ۽ ڳوناڳا تڙڦندا هئا. پر ڪوثر برڙو حڪومت جي ڪ
پرواهه نه ڪري. بندش حڪم کي لتاڙي ڀڳت ڪنور ۽ ماسٽر چندر جا رڪ
ريڊيو اسٽيشن تان هلائڻ شروع ڪيا. اِن ڪم سنڌ جي ماڻهن ۽ اُنهن آرٽسٽن
مداحن جون دليون باغ بهار ڪري ڇڏيون. فرمائش ڀنيان فرمائشون ايند
رهيون. ڀڳت ڪنور ۽ ماسٽر چندر جي گيتن جي گونج جيڪا ورهاڱي کان اڳه
جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڦهليل هئي ۽ ماسٽر چندر جا رڪارڊ ڳوناڳا مٽي تي فونوگ
رکي ٻڌندا ويندا هئا. اُها لهر هڪوار سڄي سنڌ ۾ ڊوڙي آئي هئي. جتي ڪ
هنن جي گيتن ۽ ڪئسيٽن جي ڌوم مچل هئي.

جناب مرزا، تاج جويو اهو به ٻڌايو ته مهيش چندر کي گهرائي سنڌ واسي ما
چندر جا گيت ٻڌڻ لاءِ آتا آهن. في الحال مهيش چندر، گوپ چندر وديشر
جيڪي سپيتڪ ڪاريه ڪرم پيش ڪندا آهن ۽ ماسٽر چندر جا گيت ڳائيندا آ
اُنهن سي.ڊي.، ويڊيو، ڊي.وي.ڊي. وغيره سنڌ ۾ عوام ڏسي، ٻڌي ٿو ۽ خ
KTN ۽ سنڌ ٽي.وي اُهي بار بار پرسارت ڪندا رهندا آهن. مرزا اِهو به ڄاڻاي
سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ جتي ڪٿي سنڌي راڳ جي محفل مچندي آهي
نوان نوجوان راڳي به ماسٽر چندر جا گيت ڳائي خوش‌نما ۽ سنگيتميه ماحول
ڪندا آهن.

منهنجي منهن مان نڪتو ”واقع ئي سنت ڪنور ۽ سنگيت سمراٽ ماسٽر چ
عظيم فنڪار هئا، هُنن جا سنڌي موسيقيءَ تي لکين ۽ ڪروڙين احسان آهن
بين الاقوامي شيخ اياز ڪانفرنس ۾ جن به ڏيهي پرڏيهي ودوانن شرڪ
ڪئي اُنهن کي تاريخ 10 نومبر تي هڪ ايئرڪنڊيشن شاندار وولوو بس ۾
ڪوٽ جي اِتهاسڪ قلع جي سير لاءِ ڄامشورو کان سير سفر لاءِ وٺي ويا. دنيا

ڪوٽ ڪي عالمي سطح تي مشهور ۽ معروف بڻائڻ لاءِ سنڌ جي ثقافت کاتي کي وينتي پڻ ڪئي.

رني ڪوٽ ويندي، ٻڌايو ويو تہ هن علائقي ۾ پاڻيءَ جي نافت آهي. پر وچ وچ ۾ گرم پاڻيءَ جا چشما هئا. جن لاءِ ٻڌايو ويو تہ هنن چشمن ۾ اشنان ڪرڻ، هٿ منهن ڌوئڻ سان چمڙيءَ جون ۽ ٻيون ڪيتريون نگريون بيماريون دور ٿي وينديون آهن. اِهو بہ ٻڌايو ويو تہ رني ڪوٽ پرسان سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ وهندي هئي ۽ انيڪ واهہ پڻ هئا جنهن ڪري هي علائقو ڪنهن زماني ۾ سرسبز ۽ آباد هو. پر سنڌوءَ جي وهڪري بدلائڻ سان آبادي رهي نہ هئي. گرم پاڻيءَ جي چشمن پرسان ڪجهہ ڳوٺ هئا جن ۾ ڇڊي پاڊي آدمشماري ڪچن گهرن ۽ پونگن ۾ رهندڙ هئي. سنڌ جي هن علائقي ۾ چوپائي مال ۾ ڳايون ۽ مينهون پڻ نظر آيون جيڪي اردگرد ۾ ٻنيءَ جي سائي گاهہ تي چري رهيون هيون. هنن جي ڳچين ۾ ٻڌل ننڍا وڏا گهنڊ، گهنڊڙيون فضا ۾ مڌر سنگيت ڪي اُپاري، ماحول کي خوش نما بڻائي ڇڏيو هو. ڪوٽ جي ٽٽل ديوار جا پٿر، ٽٽل عمارتون شاهد هيون تہ ڪنهن زماني ۾ هن خطي جو اوڄ، شان، شوڪت هئي ۽ بهادر، سوروير سپاهين جي هتي لشڪري ڇانوٽيون هيون. شاندار راڻي واس هو، جنهن ۾ خوبصورت راڻيون، راجڪماريون پنهنجين داسين سان رهنديون هيون.

اسين رني ڪوٽ کان وولوو ۾ چڙهي ڪينجهر ڍنڍ طرف وڌياسين. ڪينجهر سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي، جيڪا پڻ دنيا ڀر ۾ خوبصورتيءَ جي لحاظ کان هاڪاري آهي. ڪينجهر سان شاهہ صاحب جي لوڪ ڪٿا ”نوري ڄام تماچي“ جيڪو سمن حڪومت جي اوائلي دؤر جو هڪ واقعو آهي جڙيل آهي. نوري ڄام تماچيءَ جو محبت جو داستان صرف افسانو ڪونهي پر اِهو هڪ نيم تاريخي داستان آهي جنهن ۾ ڄام تماچيءَ جي شخصيت بلڪل تاريخي ۽ نوريءَ جي شخصيت پڻ حقيقي آهي. نوري نماڻي، ذات جي گندري، ڪينجهر ڍنڍ جي مهاڻن جي ڌيءُ هئي جنهن ڄام تماچيءَ جي صبر ۽ سڪون تي ڌاڙو هنيو هو. ڄام تماچيءَ جي ساڻس عشق ۽ بي قراريءَ جو قصو سنڌي زبان ۾ هاڪارو آهي. ڄام نوريءَ سان شادي ڪري هن کي پٽ راڻي بڻايو هو ۽ ڪينجهر جي ڪناري تي سندس جي رهائش لاءِ هڪ عاليشان ماڙي نهرائي ۽ جڏهن ٻنهي هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو، ٻنهي جون قبرون دنيا جي وڏي ۾ وڏي قبرستان مڪلي جيڪو سنڌ ۾ آهي ۾ شيخ حماد جماليءَ جي پيرانديءَ وٽ دفنائي قبرون جوڙيون ويئون.

آرٿڪ مضبوطيءَ سان گڏوگڏ روزگار جا وسيلا پڻ ميسر ٿي سگهن ٿا.

رني ڪوٽ جي ديوار ڀُري رهي آهي اُن جي مرمت جو ڪم ته شروع ڪيل
پر اُتان جي گائيڊ ٻڌايو ته مرمت ۾ ايترو ته ڀرشٽاچار ٿيل آهي جو جيڪو
ٿيل آهي اُهو به زبون حالت ۾ اچي ويو آهي.

هن وشال اوچي رني ڪوٽ تان سنڌ جي دور دراز ڳوٺن جا دلڪش نظارا، ڍڳي
اُٺ، گڏهه گاڏين جي آمد ۽ ٻين واهڻن جي هلچل، عوام جون پوشاڪون من
ڪافي موهي رهيون هيون. ڪوٽ جي مرڪز ۾ نئون ريسٽ هائوس (آرام گاهه
ٺهي رهيو هو. اُن جي ڀرسان بادشاهه جي نهيل راڻي محلات جي حاطي ۾
سيني کي آرام ڪرايو ويو ۽ ڀريتي ڀوڄن پڻ ڪرايو ويو. رني ڪوٽ جي باري
سنڌ جي اِتهاس ۾ پڙهيو هوم، دوستن واتان اُن جون ساراهون ٻڌيون هيون ۽
کي دل ۾ ڏسڻ جي جيڪا تمنا هئي اُها، پوري ٿي هئي. اسين نظرين اُهو ڏ
۽ ماڻي رهيا هئاسين. ڪي.ٽي.اين. چينل وارا به اسان سان گڏ هئا. اُنهن ر
ڪوٽ تي هڪ خاص ڊاڪيومينٽري پئي تيار ڪئي. جناب هيري ٺڪر ۽ مونک
رني ڪوٽ جي جدا جدا حصن، ڪمرن، اوچائين تي ٻيهي اسان کان اِنٽرويو
۽ تاثرات پڻ ورتا گڏوگڏ هنن ڀارت جي تواريخي، هيريٽيج، آرڪائيوز
جي ڄاڻ پڻ حاصل ڪئي جنهن ۾ دنيا جي ستن اجوبن ۾ هاڪارو تاجمحل،
قلعو، قطب منار، فتح پور سڪري، جامع مسجد جي ڄاڻ اسان وٽان حاصل ڪ
مون کين ٻڌايو ته احمدآباد ۾ پڻ.انيڪ آرڪائي هنڌ آهن جن کي ڀارت سر
محفوظ ڪري رکيو آهي ۽ وديشي سئلانين لاءِ ڪشش جو مرڪز رهيا آهن. جه
جهومتا منار (لڏندڙ منار) ۽ تواريخي سعدي سيد جي ڄاري، جيڪا هڪ ئي
مان تيار ڪيل باريڪ ۽ دلڪش ڪلا ڪاريگريءَ جو نمونو آهي. مون هنن کي ٻ
ته لڏندڙ منار ڪافي اوچو آهي اُن تي چڙهي اُن کي هٿن سان ڌوڏائبو آهي ت
منار به خود به خود لڏڻ شروع ڪندو آهي. هنن منارن جي هڪ ٻي پڻ خوبي
ته ديوارن تي منهن رکي ڪجهه به ڳالهائبو ته ٻئي منار جي بُرج تي ٻيٺل ش
ديوار کي ڪن ڏيئي ٻڌندا ته بنا تند تار اُنهن کي ڳالهائڻ نه صرف ٻڌڻ ۾
سمجهه ۾ پڻ اچي ويندو. اها به ڄاڻ ڏنم ته انگريزن هنن لڏندڙ منارن
تڪنيڪي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ منار کي ڀڳو هو جيئن مڪئنيزم، بناوت
ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي پر هوُ ناڪام رهيا هئا ۽ اُن جي ڪلا-ڪاريگر
بناوت، اوساريءَ تي ڏندين آڱريون ڏنيون هيون. اسان سنڌ حڪومت کي

ڀارت ۾ هن وقت ذري گهٽ 800 مادري زبانون آهن. گهڻين ٻولين جي وجود کي خطرو پيدا ٿيو آهي. اُن ۾ سنڌي ٻولي ٻه آهي. سنڌي ٻولي اسان جو ايمان آهي، سنڌ اسان جو ساهه آهي، اسان سنڌ لاءِ جيئنداسين ۽ مرنداسين. هن وڌيڪ چيو ته ڀارت ۾ انيڪ سنڌي رسالا ڇپجن ٿا ۽ آڪاشوائڻين تان سنڌي پروگرام هلندا آهن ۽ خبرون ڏنيون ويندڻون آهن. ڪهاڻيڪار حميد سنڌي جيڪو اُن موقعي جو مکيه مهمان هو. چيائين ته اسان جڏهن ٻه ڀارت وياسين ته سنڌي اديبن ڏاڍيون محبتون ڏنيون. سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر مظهر الحق صديقي جيڪو اڄياڻي جو صدر هو چيو جيستائين جاندار ادب پيدا ٿيندو رهندو سنڌي زبان کي ڪو لهر لوڏو ناهي. سنڌي ٻولي بااختيار ادارو ۽ تنظيم طرفان رٿيل وشيه ”هند ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي صورتحال“ واري مذاڪري سان ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ مخاطب ٿيندي چيو ته هندستان ۾ سنڌيءَ جا تمام گهڻا ليکڪ آهن پر پڙهڻ وارا گهٽ آهن. هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن ٻه ادب ۾ مستقبل جو مدار اُن جي قوم تي هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو ته ٻولي ختم ٿي رهي آهي اِها صرف هڪ سوچ آهي. ٻولين کي ختم ٿيڻ ۾ هزارين سال لڳندا آهن. هن چيو ته سنڌي ادب کي نوبل پرائيز حاصل ڪرڻ لاءِ شاه عبداللطيف ڀٽائي جهڙي شخصيت جي ضرورت آهي. هن موقعي تي جناب محمد ابراهيم جويو، امر سنڌو، تاج جويو، فهميدا حسين، رکيل مورائي، نذير ناز، شوڪت شورو، احساق سميجو ۽ ٻيا اديب دانشور ۽ صحافي موجود هئا.

سنڌ جي سرزمين تي پير رکندي جنهن هوائي اڏي تي جيڪي سنڌ جا دانشمند آجيان ڪرڻ آيا هئا اُنهن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ٻه هو جڏهن جڏهن مون سنڌ جي ملاقات ورتي آهي هن صاحب سان گڏجاڻيون، رهاڻيون ۽ ڪچهريون ڪرڻ جو موقعو پئي مليو آهي. جناب زرداري 1996 ۾ وزارت تعليم حڪومت پاڪستان تي هڪ وڏي عهدي تي براجمان رهيو. يونيسڪو ڪميشن اِسلام آباد ۾ ڊپٽي سيڪريٽري جنرل طور اعليٰ پد تي شيوائون ڏيئي رٽائرڊ ڪيو اٿس. جناب زرداري سنڌ جي تاريخ تي وڏي اهميت رکندڙ ڪتاب شايع ڪيا آهن جن ۾ ”هسٽري آف سنڌ“ ٻه ڀاڱا اهميت ڀري جڳهه والارين ٿا. هن صاحب پنهنجي گهر ملاقات دؤران تاريخ ضلع نوابشاه ڪتاب اسان کي ڀيٽ طور ڏيندي چيو ته ”جناب لالواڻي توهان جو جنم ڪندياري نوابشاه ۾ ٿيو آهي. توهان جا وڏا ڪندياري جا وڏا زميندار هئا هنن جي شاندار حويلي هئي جنهن ۾ چاليهن

شاهہ صاحب نوزيءَ جي عظمت جو راز، سندس بردباريءَ ۽ نياز جو ذڪر ڪيو آهي. شاهہ صاحب اِهو بہ چاڻايو آهي تہ امير زادين ۽ امير ڏانوَ جي عورتن جي من ۾ تڪبر ۽ فخر، ايمان هوندو آهي پرنوريءَ جي نياز تماچيءَ جهڙي حڪمران کي پاڻ طرف موهي ڇڏيو. نياز، نوڙت عورت جي سونهن ۽ ڳهڻو آهي. حياءُ ۽ لڄ ۽ ست هن جي سينڌ جو سهاڳہ آهي. هر سنڌي عورت ۾ نياز هجڻ لازمي آهي اُن سان دنيا کي جيتي سگهبو ۽ هر سکہ حاصل ٿيندو.

پارت مان آيل سنڌ جي دؤري تي پارتي اديبن شري هيرو نکر، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي ۽ ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جي عزت افزائي ڪرڻ، مان سنمان ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد پاران هڪ شاندار آجياڻيو رکيو ويو. جناب تاج جويو جيڪو اجا تازو ئي بااختيار سنڌي ٻولي اداري جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ٿيو هو، هيءُ اُن جي عهدي جو ڪاريہ هن آجياڻي سان شروع ٿيو. ساڳئي ڏينهن تي سارنگا ادبي رسالي جي زير سايع شروع ڪيل اديبن-فنڪارن جي تنظيم سارنگا لٽرري سرڪل طرفان قاسماباد جي سوڪ سوسائٽي ڪلب ۾ گيت-سنگيت جو ڪاريہ ڪرم پڻ رکيو ويو. اديبن جي شالن، گلاب جي گلن سان شاندار مرحبا ڪئي ويئي. ٻنهي تنظيمن جي حاضرين سان مخاطب ٿيندي پارت کان آيل سنڌي اديبن اِهو شدت سان قبول ڪيو تہ هندستان جي نئين ٽهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءُ نہ رهيو آهي. شري هيري نکر چيو تہ اسان جڏهن سنڌ مان اُکڙي وياسين تہ سنڌي ٻولي ۽ ادب کي طوفان ۾ بچايوسين. هينئر سنڌي هندتان جي آئين ۾ ۱۵ هين قومي ٻولي تسليم ٿيل آهي. نکر وڌيڪ چيو تہ ممبئيءَ ۾ انيڪ سنڌين جا ڪاليج، وڏيون اسپتالون آهن حيدرآباد (دکن) سنڌ مئنيجمينٽ ڪاليج ٽرسٽ آهي جيڪا گهٽي ۾ گهڻا هر قسم جا ڪاليج هلائي ٿي. هڪ حقيقت اِها بہ آهي تہ اسان ۽ اسان کان اڳئين نسل ٻوليءَ لاءِ ڪشالا ڪڍيا. شري هيري اِها ڳالهہ بہ چئي تہ هاڻ اسان جا ٻار هوم ٽائون بابت پڻ پڇن ٿا پر اسان کين ٻڌائيندا آهيون تہ اسان جي سنڌ رڳو زمين نہ پر هڪ نامياري تهذيب آهي. ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ چيو تہ اسان سنڌي ٻوليءَ کي آئين ۾ تسليم ڪرائڻ لاءِ، اديبن، فنڪارن، تعليمدانن ۽ مدبرن ڪافي لڙت ڏني آهي. اکل پارت سطح جا سميلن، ڪنوينشن، اجلاس ڪوٺائي، نهراوَ ڪري سنڌي تحريڪ هلائي، پارت ڀر جي سنڌين کي ايڪتا جي ڏور ۾ ٻڌي، هڪ محاذ تي ڪٺو ڪري، هڙتالون، سرگسون ڪڍي، دهليءَ ٻوٽ ڪلب تي ٻکہ هڙتال ڪري، پارت سرڪار کان سنڌي ٻولي تسليم ڪرائي آهي.

اداري طرفان نيمائتو شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل ”سنڌي ٻولي“ سال سيپٽمبر- 2008، ايڪويهين صديءَ جو جلد پهريون ۽ شمارو پهريون انڪ شامل هو ۽ شايع ٿيل ڪوجناتمڪ مقالن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مقالو ”ڇا ڀارت مان سنڌي ٻولي ختم ٿي رهي آهي؟“ هڪ وڏي قد وارو اهميت ڀريو ۽ وقتائتو شايع ٿيل آهي. جنهن ۾ ڀارت ۾ سنڌي ٻولي، لوڪ ادب جي حوالي سان جيڪا تحقيق ٿي آهي ۽ اُهي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن اُنهن جا گهٽا مثال ڊاڪٽر الانا پيش ڪيا آهن. جن ۾ ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ جي پي.ايڇ.ڊي. ڊگري مقالو ”ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت“ ۽ محترما ڪشني ڦلواڻيءَ جو جوڌپور يونيورسٽيءَ ۾ پي.ايڇ. ڊي. ڊگري لاءِ جيڪو مقالو ”راجستان جا لوڪ ڳائڻا“ پيش ڪيو آهي جا حوالا پڻ ڏنا آهن. شري ليلارام رُچنداڻيءَ ڊاڪٽر لالواڻيءَ جي ”ٻنيءَ جي سنڌي لوڪ ادب“ ڪتاب جو جيڪو مهاڳ لکيو آهي ۽ سپون رسالي ۾ آڪٽوبر-ڊسمبر- 2004 ۾ لالواڻيءَ جو جيڪو مقالو ٻنيءَ جا لوڪ گيت شايع ٿيو آهي وغيره جو ڀرپور، اثرائتي ڍنگ سان ذڪر ڪيو آهي ۽ لالواڻيءَ جيڪا ٻنيءَ جي جاگرافيائي بيهڪ جي باري ۾ ڄاڻ ڏني آهي اُن جو خاطر خواه ذڪر ڪيو آهي.

سنڌ جي ادبي گڏجاڻين، محفلن، ڪچهرين ۾ انيڪ دانشورن، صحافين، ڪلاڪارن سان گڏجاڻيون ٿيون. ڪراچيءَ ۾ ثقافت ۽ سياحت کاتي سنڌ حڪومت جي آفيس ۾ شري رڪيل مورائيءَ اسان جي واقفيت، ڊاڪٽر ڪمال ابڙو سان ڪرائي. هن سان ملاقات ٿيندي ئي جناب ابڙي جو قلمبند ڪيل ڪتاب جيڪو مون ڪجهه سال اڳ پڙهيو هو، ”سنڌي ثقافت جا امر آواز“ ذهن تي تري آيو. هن پستڪ ۾ جناب ڪمال سنڌ جي ڳائڻن ۽ سازندن تي تحقيق ۽ تحرير ڪري هڪ ناياب تحفو سنڌي ثقافت کي بخشيو هو. جناب ڪمال ابڙو ادب ۽ ريڊيو سان سرگرم جڙيل رهيو آهي. هن جو موسيقيءَ تي ڪيل ڪم بيحد لاثاني آهي. هن سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت سان گڏ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ پاڪستاني ٻولين جا صوفي شاعر تحقيقي ڪتاب پڻ شايع ڪيو آهي ته وري هوُ انيڪ رسالن جو سمپادڪ پڻ رهيو آهي جن ۾ ”ڪلاچي“ شاهه لطيف چيئر پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل ۽ خبرنامو خوشبوءِ خاص آهن.

جناب ڪمال ابڙي ملاقات دؤران ٻڌايو ته مان ٻه سنڌي لوڪ ادب جو اڃايو آهيان. توهان جا (جيني لالواڻيءَ) ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت؛ ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب، سنڌي فوڪ لور، سنڌي لوڪ ناٽڪ، سنڌي پروليون ۽ ٻيا ڪتاب پڙهيا

کان بہ وڏيڪ ڪمرا هئا. توهان جا ناناڻا، ماروت اجا بہ ڪنڊياري ۾ رهن ٿا ۽
مونکي ڄاڻ ملي آهي تہ توهين خود پنهنجو جنم آستان ڏسي آيا آهيو. هي ڪ
ڪتاب توهان کي ڪنڊياري نوابشاهہ جي هر قسم جي چڱي ڄاڻ ڏيندو.'' مون
ڪتاب وٺي اکين تي رکيو ۽ شڪرانا بجا آندم.

ڪتاب ضلع نوابشاهہ تاريخ واقع ٿي علمي، ادبي، سياسي، سماجي، تواريخي
۽ ثقافتي تحقيق جي ڏس ۾ هڪ ناياب ڪتاب آهي. ڪتاب 2001 ۾ شايع ٿيل
آهي. هي تحقيقي ڪتاب نوجوان جيڪي تاريخ لکڻ جي خواهش رکن ٿا
تحقيق ۾ سرگردان رهندا تہ هي مددي ڪتاب اُنهن جي ضرور سونهپ ڪندو.

هن ڪتاب جي خاص خوبي اِها بہ آهي تہ ورهاڱي کان اڳہ نوابشاهہ ضلع ۾
سنڌي اديب، فنڪار رهندا هئا ۽ لڏپلاڻ ڪري ڀارت هليا آيا اُنهن جي ادبي
فني، خدمتي ۽ حياتيءَ جو ذڪر جناب ڊاڪٽر محمد زرداريءَ ڪيو آهي. جن ۾
مکيہ آهن سروَ شري پرسرام ضيا، ماسٽر چندر، نارائڻ شيام، ڪيرت ٻاٻاڻي
گوبند مالهي، ڪلا پرڪاش، ڪيمن مولاڻي، ديوان ڪوڙومل چندنمل، حش
ڪيولراماڻي، ليلارام رُچنداڻي، ڪرشن کٽواڻي، پروفيسر هاسانند جادوگر، ڏيپچن
تلوڪچنداڻي ۽ ٻيا. ڀارتي اديبن، فنڪارن سان گڏ هن ضلع جي ڏيهي اديبن
فنڪارن، سگهڙن، مدبرن، دانشورن، سياسي اڳوانن ۽ حڪومت جي واڳہ ڌ
سنڀاليندڙن جا حوالا پڻ ترتيب سان ڏنل آهن. هي ڪتاب پنهنجي وقت جو هڪ
قيمتي دستاويز آهي.

ادب جو ذڪر هلي رهيو آهي تہ جناب رکيل مورائيءَ پڻ نوشورو فيروز ضل
جي ادب ۽ اديبن تي هڪ تحقيقي مقالو لکيو آهي جنهن ۾ نوابشاهہ ضلع
نوشورو فيروز جيڪو نئون ضلعو ٺاهيو ويو آهي ۾ جنم ورتل ۽ ورهاڱي بعد ڀارت
ادبي ۽ ثقافتي ڪارگذارين ۾ مشغول آهن ۽ سنڌي ادب سان جڙيل آهن جن م
ڪجهہ وفات ڪري ويا آهن ۽ ڪجهہ حيات آهن جي ادبي خدمتن، شايع ٿ
ادبي ڪتابن، حاصل ڪيل انعامن وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ سداحيا
ڪرشن کٽواڻي، گوبند مالهي، ليلارام رُچنداڻي، سندر جڳواڻيءَ وغيره سان
حيات اديبن سرو شري ڪيرت ٻاٻاڻي، لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل، ڪيمن مولاڻي، ڊاڪ
چيتو لالواڻي، ڪلا پرڪاش وغيره جو تفصيلي ذڪر حوالن سميت ڏنو آهي.

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ طرفان ڀارتي اديبن جي مان ۾ رکيل آجياڻي ۾ انب
معياري، ڪوجناتمڪ ڪتاب پڻ پيٽ طور ڏنا ويا جنهن ۾ بااختيار سنڌي ٻو

جتي سنڌ ۾ جديد دؤر جا شاعر مختلف سنڌي لوڪ گيتن جي رچنا ڪندڙ آهن اُتي هند ۾ هن قسم جون ڪوششون نه جهڙيون آهن. صرف شري گووردن پارتي اِن ڏس ۾ ڪافي اڳرو رهيو آهي.

شيخ اياز بين الاقوامي سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ، ڪافي مشڪلاتن ۽ پريشانيءَ جي باوجود اسان کي ويزا صرف ستن ڏينهن لاءِ حاصل ٿي هئي جنهن ۾ اچ-وڃ جا ڏينهن پڻ شامل هئا. وري ويزاپڻ صرف ٻن ضلعن ڄامشورو جتي سيمينار هو ۽ پروارو ضلع نوشورو فيروز جي ملاقات وڃڻ لاءِ ئي حاصل ٿي هئي. سيمينار جا ڏينهن ته ڄام شورو ۾ ئي گذارڻا هئا باقي هنڌن جي ملاقات-سئر لاءِ ته ڏينهن هئا ئي ڪونه. وري جنهن تاريخ تي ويزا پوري ٿي رهي هئي ۽ پاڪستان جي حد ضرور ڇڏڻي هئي اُن ڏينهن وري دهليءَ-پارت لاءِ ڪا به فلائيٽ ڪونه هئي. اسان جون جيڪي دوستن، اديبن، مٽن مائٽن سان گڏجڻ جون خواهشون هيون، پاڪ-پوتر آستانن جي ملاقات ڪري آشيرواد وٺڻ جي خواهش هئي اُها اڌوري رهجي ويئي صرف چار ڏينهن ئي هٿ ۾ هئا ڏاڍو ارمان ٿي رهيو هو. پر من ۾ هڪ سنتوش هو ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي زيارت ته ٿي ويندي.

مليل ويزا ۾ هڪ ٻي به تڪليف هئي. جناب هيرو نکر کي حيدرآباد، ڪراچي، ڄام شورو، دادو ملاقات لاءِ ويزا حاصل هئي پر مونکي ڪراچي، جتي پاڪستان ايئرپورٽ تي لهڻو هو ۽ اُتان ئي وري واپس پارت موٽڻو هو ۽ ڄام شورو ويندي، حيدرآباد وچ مان پسار ٿيڻو هو شهرن/ضلعن جو منهنجي ويزا ۾ ذڪر ئي نه هو. وري ويزا ۾ پوليس رپورٽ ڪرڻ جو شرط به لاڳو هو. اهڙين حالتن ۾ ڪراچي، حيدرآباد گهمڻ به ڏکيو هو. اڪيلو جناب هيرو نکر ئي اِنهن شهرن جي ملاقات وٺي ٿي سگهيو. پاڪستان حڪومت ۽ ايلچي‌خاني جا عجيب طور طريقا آهن.

سيمينار ۾ انيڪ دوست گڏيا، سيني کي جڏهن اسان جي سنڌ جي اُڇاتري ملاقات جي ڄاڻ پيئي ته هوُ به ڏاڍا نراس، نااُميد ۽ غصي ٿيا. هو اسان جي آجياڻي ۾ اڪيون وڇائي وينا هئا انيڪ ڪاريه ڪرمن، ڪچهرين، ملاقاتن، ادبي محفلن جو آيوجن ڪيو هو. سڀ اڌورو ٿي رهيو. پر هنن جو اسان کي سنڌ ۾ وڌيڪ ڏينهن رهائڻ ۽ محبتون ونڊڻ جو پڪو اِرادو هو. هوُ اسان جي پهچڻ شرط ويزا وڌائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. اِسلام آباد فون ڪيائون اندروني وزارت جي وزيرن، سيڪريٽرين سان رابطا قائم ڪيائون.

اِن ڏس ۾ جناب تاج جويو، پروفيسر اياز قريشي ۽ شوقت شورو بيحد سرگرم

آهن. هن وڏيڪ ڇاڻايو تہ ابڙي ”سنڌوءَ جا گيت“ وشيہ تي (سنڌي لوڪ گيتن جو
تحقيقي جائزو، پي. ايڇ.ڊيءَ جي ٿيسز) ڊاڪٽر فهميده حسين جي رهبريءَ ۾
تيار ڪري پي.ايڇ. ڊيءَ جي ڊگري ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي آهي ءَ
اُن ٿيسز جي شايع ٿيل هڪ هڪ ڪاپي مونکي ۽ شري هيري ٺڪر کي ڏني.

”سنڌوءَ جا گيت“ سال 2008 ۾ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ پاران
ڪتاب ڇپايو ويو آهي. ڪتاب ۾ سنڌي لوڪ ادب جون مختلف صنفن (نثري ۽
شاعراڻيون) جا حوالا ڏيندي سنڌي لوڪ ادب جون شاعراڻيون صنفن تي باريڪ
بينيءَ سان ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي. گڏوگڏ لوڪ گيت ڇا آهن؟ سنڌي لوڪ گيت
تاريخ جي آئيني ۾، سنڌي لوڪ گيتن جي زبان ۽ بيان، سنڌي لوڪ گيتن ۾ لوڪ
داستان، سنڌي لوڪ گيتن لاءِ وڄائجندڙ ساز (شرنائي ۽ ڍُهل)، مهاڻا ۽ مڇيءَ
بابت لوڪ گيت، ناٽڪي لوڪ گيت، ٿري لوڪ گيت (مارواڙي ۽ ڍاٽڪي) سرائڪي
لوڪ گيت، ڪوهستاني لوڪ گيت وغيره شامل ٿيل آهن.

”ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت“ (ڊا. ڇينو لالواڻي) جي ڪتاب مان پڻ حوالا درج
ڪيل آهن. هن ڪتاب جي خاص خوبي اِها آهي تہ هن مهل تائين سنڌ ۽ هند ۾
سنڌي لوڪ گيتن جي سهڙيندڙ (محققن) جا تفصيل پڻ شامل ڪيل آهن. جن ۾
خاص آهن سروَ شري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، الله بخش نظمائي، ڊاڪٽر عبدالجبا
جوڻيجو، محمد سومار شيخ، ڊاڪٽر ڇينو لالواڻي، ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻي، ڊاڪٽ
عنايت حسن لغاري ۽ ڀارو امراڻي.

هيءُ پهريون تحقيقي ڪتاب آهي جنهن ۾ سنڌي لوڪ گيت ڳائيندڙن ۽ لوڪ
گيتن جي مختلف صنفن تي شاعري ڪندڙ جديد دؤر جي شاعرن جو پڻ تفصيل
ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙو ذڪر حوالا ڀارت جي ڪنهن بہ سنڌي لوڪ ادب جي
ڪتاب ۾ درج ٿيل نہ آهن. پراڻن لوڪ گيتن سان گڏ ڪجهہ نوان سنڌي لوڪ گيت
بہ درج ڪيل آهن. جيڪو سنڌي لوڪ گيتن ۾ اضافو سڏي سگهجي ٿو.

هند-سنڌ ۾ واهپي ۾ يا جيڪي سنڌي لوڪ گيت ڪتابن ۾ درج آهن، رڪا
ٿيل آهن، سهيڙيل آهن، تي نظر ورائيندڙ ڇنو تي ٻيهي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ وقت سا
نوان لوڪ گيت وجود ۾ نہ جهڙا آيا آهن، وقت سان گڏ گيتن جون ڌنون تبديل
ٿيون آهن ۽ نہوري ٻهراڙين ۾ نوان لوڪ گيت نين تيز ڌنن تي تخليق ڪيا
وڃن ۽ نہ ئي اليڪٽرانڪ ماڌيم وسيلن دواران اُنهن کي لوڪپريہ بڻايو پيو وڃ

ڪيو هو.

اسانجي ويزا وڌي هئي. سيني کي خوشي هئي اسان ڄامشورو مان اچي حيدرآباد نواب منظور ٽالپر جي گهر رهيا هئاسين. نواب صاحب اسان جي هر سهوليت جو بندوبست ڪيو هو. هر رات ڪچهري ٿيندي هئي. اسان جدا جدا شهرن ۾ به گهمڻ وياسين. جناب ٽالپرجي پٽ جو نڪاح 29 نومبر تي هو. اسان جي ويزا 2 ڊسمبر 2009 تائين هئي. هن جي ۽ بين سيني جي خواهش هئي ته اسين شادي جشن ۾ ضرورشرڪت ڪيون. جناب هيري نڪر جي به ڪافي دل هئي ته شاديءَ بعد اسين ڀارت واپس ورون. مونکي به ڪافي خوشي هئي ته سنڌ آرام سان گهمڻ ۽ ماحول ماڻڻ ۽ اُتان جي صاف سٿري آبهوا ۾ گذارڻ لاءِ ڪجھ ڏينهن مليا هئا پر جيئن جيئن ڏينهن گذرندا رهيا مونکي دل ۾ هڪ اڻلکو ڪنڪو رهڻ لڳو دل بار بار پئي چيو ته واپس هندستان موٽون. مون جناب هيري سان ڳالھ ڪئي. چيائين آيو آهين، موقعو به مليو آهي ته جي ڀري سنڌ گهم. في الحال هن ڳالهين ۾ ٽاري ڇڏيو. پر منهنجو من نامعلوم ڊپ ۾ مبتلا ٿي چڪو هو. هڪ ڏينهن مون جناب هيري نڪر کي زور ڀريو ته هل ته هلي واپسيءَ جون هوائي جهاز جون ٽڪيٽون رزروڊ ڪرائي اچون جو ويزا وڌڻ ڪري اسان واپسيءَ جي ٽڪيٽ رد ڪرائي هئي. نه چاهيندي به هيرو صاحب مون سان گڏ هليو ۽ اسان 26 نومبر 2009 جون واپسيءَ جون ٽڪيٽون بوڪ ڪرايون. دوستن کي ڏاڍو دک ٿيو. ڇون پيا اسانجي ڪيل محنت جو ته ڪجھ قدر ڪريو. پر موٽ ۾ اسان وٽ ڪوبه جواب ڪونه‌هو.

ڄامشورو ۾ رهندي اسان هرروز اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ جناب شوڪت شورو ڊائريڪٽر سان هنجي آفيس ۾ ملاقات ڪرڻ ويندا هئاسين. هن صاحب ئي اسان جي پوليس رپورٽ جو بندوبست ڪيو هو ۽ اُن وٽ ئي لڳ ڀڳ سڀ ڪاريه ڪرم طيءِ ٿيندا هئا. ائين ته سنڌالاجيءَ جي ملاقات مون چاهي هيري‌نڪر اڳيو ورتي هئي. سنڌالاجي هڪ اهڙو ثقافتي مرڪز آهي جتي سڄي سنڌ جو دؤرو هڪ هنڌ ئي ڪري سگهجي ٿو. سنڌي سڀيتا، رهڻي ڪهڻيءَ جا درشن ڪري سگهجن ٿا. مان ته جيڪر ائين چوان ته سنڌالاجي هڪ ننڍي سنڌ آهي ته غلط نه ٿيندو. اسان جناب شوقت شوري سان هڪوار ٻيهر سنڌالاجي گهمڻ لاءِ اندر وياسين. اسان سنڌالاجيءَ جي سمورن شعبن جي سربراهن سان گڏياسين ۽ هر شعبي جي ملاقات رتي. جناب شوقت شوري هر شعبي جي ڪارڪردگيءَ بابت ڄاڻ ڏني. هن صاحب ڏايو ته سنڌالاجي عملي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جو مرڪز آهي.

ٻڌيا. اياز قريشيءَ جي سنڌ حڪومت ۽ اِسلاماباد مرڪزي حڪومت ۾ چڱي پهچ
هئي. هن سيني جا موبائيل تي فون کڙڪايا ۽ اسان کي وشواس ڏياريو تہ توهان
جي ويزا پڪ وڌندي.

هن اسان کان ويزا وڌائڻ لاءِ ويزا ۾ جيڪي شهر داخل نہ ڪيل هئا اُهي داخل
ڪرڻ لاءِ تاريخ 11 نومبر 2008 تي درخواست ورتي ۽ اندروني وزارت پاڪستان
حڪومت کي اُهي درخواستون فئڪس ڪري موڪليون. اسان جي عجب جي حد
ئي نہ رهي جو چوويهن ڪلاڪن اندر 12 نومبر 2008 تي صبح جو ئي اِسلاماباد
مان اندروني وزات سيڪشن آفيسر جناب غلام محمد جي موٽ ۾ فئڪس حاصل
ٿي جنهن ۾ نہ صرف اسانجي طرفان گهربل ڏهہ ڏينهن ويزا وڌائڻ جي حڪم تي
منظوريءَ جي مُهر لڳل هئي پر جيڪي شهر اسان درخواست ۾ ملاقات ڪرڻ لا
گهريا هئا اُهي سڀ پٽ شاهہ سميت منظوري پڻ درج ڪيل هئي. گڏوگڏ پوليس
رپورٽ بہ آزاد ڪئي ويئي هئي. اسان بنا ڪنهن پوليس رپورٽ ڪرڻ جي، ويز
وارن هنڌن تي آزاد نموني گهمي ٿي سگهياسين. نہ صرف ايترو پر ڊائريڪٽ
جنرل (I.E.P.) اِسلاماباد، ريجنل جيڪي بہ پاڪستان جون پاسپورٽ آفيسون آهن
اُنهن سيني کي اسان جي ويزا وڌائڻ جي ڄاڻ بہ موڪلي ويئي تہ پوليس ڪمشنر
کي بہ نقل موڪليو ويو.

اسان بيحد خوش هئاسين، اسان کان وڌيڪ خوش سنڌ جا ساٿي هئا اُنهن جون
مرادون برثواب ٿيون هيون. هوُ ڏاڍا خوش هئا. پاڪرن ۾ پيري واڌايون ڏنائون
ايتري تڪڙي عمل لاءِ اسان دوستن خاص ڪري پروفيسر اياز قريشيءَ جا شڪرا
بجا آندا ۽ هن جي پهچ، رسوخ لاءِ سلام ڪيو.

جناب تاج جويو ترت ڪار ڪڍي آيو، چيائين سڀ ڪم پوءِ ڪبا، پهرين حيدرآبا
پاسپورٽ آفيس هلو تہ پاسپورٽ ۾ تفصيل درج ڪرائي اچون. اسان پاسپور
آفيس پهتاسين. تاج جي بہ چڱي خاصي واقفيت، پهچ هئي. ننڍي کان وٺي و
عملدار هن کي سلام ڪري رهيا هئا. اسان کي عملدار پنهنجي آفيس ۾ وهاري
چانهہ، ناشتي جو حڪم ڏنو ۽ ڪلارڪ کي اسان جو تڪڙو ڪم ڪرڻ جو آرڊر ڏن
اسان اڃا چانهہ پي رهيا هئاسين تہ ايتري ۾ ڪارڪون سڀ ڪم پورا ڪر
پاسپورٽ اچي اسان کي واپس ڏنا جنهن ۾ تاريخ 2.12.2008 تائين ويزا در
ٿيل هئي گڏوگڏ نوان شهر بہ درج ٿيل هئا جن لاءِ اسان گهر ڪئي هئي. اسا
اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پاسپورٽ جا شڪرانا مڃيا جنهن بنا دير تڪڙو ڪم جو اُڪ

فريم ڪري نماءُ ۾ رکيل مليا. اِهو هند سنڌ جي سنڌي اديبن جي ايڪتا، اهميت ۽ ادبي تواريخي سلسلي جو هڪ اهم حصو آهي. ساڳئي نموني بااختيار سنڌي ٻولي اداري ۾ پڻ سنڌي اديبن ۽ ليکڪائن جا فوٽو نمائش ۾ رکيل هئا تہ وري سنڌ ميوزم ۾ حيدرآباد ۾ سنڌ جي آزادي تحريڪ ۾ جن سنڌين اهم ڪردار نڀاهيو هو اُن لاءِ خاص گئلري ناهي ويئي آهي جنهن ۾ هندو آزاديءَ جي لڙاڪن جون تصويرون پڻ رکيو ويئون آهن.

اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو جي مشاهير گئلريءَ ۾ ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جو فوٽو سندس مختصر تعارف سان ڊسپلي ڪيل هو. وڏيڪ جنهن ڳالهہ دل کي خوشي ڏني ۽ فخر سان ڳاٽ اوچو ڪيو اُهو هو مشاهير گئلريءَ جي مکيہ وڏي دروازي سامهون رکيل امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جو پتلو جا سچي سنڌ ۽ سنڌين جي لاءِ امر شهيد جي لاءِ صدق، محبت ۽ عزت جي نشاني آهي. ياد رهي تہ ڀڳتن جي سرتاج ڀڳت سنت ڪنوررام ڪٽرپٽي جو شڪار ٿيو هو ۽ ڪن خبيثن هن کي رُڪ اِسٽيشن تي گولي هڻي شهادت جو جامو پهرايو هو. ڪنورام جي شهادت تي سچي سنڌ رُني هئي. هنجون هاريون هيون، اڄ بہ سنڌ هن جي ياد قربانيءَ، تياڳ، دانويرتا، قومي ايڪتا، روحاني سنگيت، ڀڳتن کي ياد ڪري اکين مان زار زار ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي. ڪجهہ سال اڳہ رُڪ اسٽيشن تي سنڌ جي سرمور سائين ڪنور کي شهادت ڏينهن تي ٽي هرار ميڻبتيون ٻاري هن جي ياد ۾ تعزيبي رتي خاموش ڳوڙها ڳاريا ويا. سنڌالاجيءَ ۾ رکيل آدم قد پتلو قومي ايڪتا، ڀائيچاري، محبت، روحانيت جي ياد هر ايندڙ-ويندڙ ملاقاتيءَ کي تازي ڪرائيندو رهي ٿو. مون ۽ جناب هيري نکر سنڌالاجيءَ جي ڪارپردازن کي مٽين مبارڪون ڏنيون ۽ جناب شوڪت شوري جا هٿ چميا، جنهن جي ايامڪاريءَ ۾ هي پاڪ-پوتر ڪاريہ ٿيو هو. ٻڌايائون تہ سائين چانڊورام پتلي لڳائڻ جي شڀ موقعي تي پاڻ تہ حاضر هئا پر سنڌ جا سائين ساڌرام صاحب ۽ ٻيا سنت، درويش ۽ اتاهہ سنڌي حاضر رهيا هئا.

سنڌ جي سنڌين جي سنت ڪنوررام جي عقيدت لاءِ سوين سلام. سائين ڪنوررام سچي سنڌ ۽ سنڌي جاتيءَ جي سنسڪرتيءَ جي سچاٽپ تہ آهي ئي پر هاڻ پارت ۾ غير سنڌين ۾ بہ امر شهيد سنڌين جي ثقافت جي سچاٽپ، لوڪپريتا قائم ڪري چڪو آهي.

سنڌ ائنٽراپالاجيڪل ريسرچ سينٽر (ميوزم) ۾ سنڌ جي شهيد راڻي بينظير ڀٽو

ڳالهين دؤران جناب شوڪت شورو ٻڌايو تہ جڏهن سنڌ ممبئيءَ سان جڙيل هئي
تڏهن سنڌ جي تعليم جو واسطو ممبئي يونيورسٽيءَ سان هوندو هو. هن ٻڌايو ت
سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جي ترقيءَ ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ جو وڏو ڪردار رهيو هو
ممبئي يونيورسٽيءَ جي ڏيڍ سؤ سال جشن سيمينار سنڌالاجيءَ هيٺ گهرايو ويو هو
جنهن ۾ وڏن ودوانن شرڪت ڪئي هئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪ
سيمينار جو صدر هو تنهن ٻڌايو هو تہ ”ممبئي يونيورسٽيءَ پاران پهرين صرف
مئٽرڪ جا امتحان ورتا ويندا هئا. ممبئي يونيورسٽيءَ جي پڙهائي تمام مثالي
هئي. امتحان ايمانداريءَ ۽ سختيءَ سان ورتا ويندا هئا.“ جناب شوڪت ٻڌايو ت
ممبئي يونيورسٽيءَ وارو تعليم معيار اڄ ڏينهن تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جو رهي
آهي پاڻ وڏيو آهي.

جڏهن ممبئي يونيورسٽيءَ جو ذڪر نڪتو تڏهن ترت منهنجو خيال ممبئي
يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي هيڊ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ طرف ڊوڙي وي
ڊاڪٽر ٻلديو هر سال هڪ عالمي ادبي سيمينار ڪنهن نہ ڪنهن وشيہ تي ڪاميابي
سان ڪندڙ آهي ۽ هوءُ صاحب هر سيمينار ۾ سنڌ جي ڪنهن نہ ڪنهن ودوان
مفڪر، ڀاشا وگياني، محقق کي ضرور ڪوٺائيندو آهي. جنهن تحت جناب غلا
علي الانا پڻ ممبئي يونيورسٽيءَ جي مهماني ماڻي چڪو آهي. ممبئي يونيورسٽ
۽ سنڌ جي جدا جدا يونيورسٽين سان اڄ بہ تعليمي، ادبي رابطا جڙيل ئي ره
آهن.

جناب شوڪت شورو وڌيڪ ڄاڻ ڏني تہ سنڌالاجيءَ ۾ اديبن، تعليمدان
فنڪارن جون ورسيون، جدا جدا وشين تي ودوانن جا ليڪچر پڻ رکيا ويندا آه
هن وڌيڪ ٻڌايو تہ جيڪي بہ سنڌ جي ملاقات تي پرڏيهي ايندا آهن اُه
سنڌالاجيءَ جو دؤرو ڪرڻ ضرور ايندا آهن، گهمندا آهن. اداري جي مول مت
ڪم جي ڄاڻ حاصل ڪري خوش ٿيندا آهن ۽ واکاڻ بہ ڪندا آهن.

سنڌالاجيءَ جو خاص ڪشش ڪندڙ مرڪز آهي سنڌ ائنٿراپالاجيڪل ريس
سينٽر (ميوزم) جتي مختلف ثقافتي ۽ آرٽ جي نمائش جو سلسلو جاري آه
ميوزم ۾ ماڻهن جي دلچسپي وڌي اُن جو خاص ڌيان رکيو ويندو آهي. هن شع
۾ مشاهيري گئلري، آرڪيالاجيڪل گئلري، پينٽنگ ۽ فوٽوگراف گئلري و
ڏسڻ وٽان آهن. هن دفعي اسان کي سنڌالاجيءَ جي مشاهير گئلريءَ ۾ سنڌ
سنڌي اديبن سان گڏ هندستان جي ڍاڪو ڪن سنڌي ليکڪن جا فوٽوگرا

سان ڪافي روح رهاڻيون، ڪچهريون ڪيون هيون ۽ شاهہ صاحب جي ڪلام جو
لطف ماڻيو هو. هن اسان اڳيان اسمائيل جت جي برزبان شاهہ جي رسالي کي آڊيو
۾ رڪارڊ ڪرڻ جي يوجنا رکي هئي. اسان يوجنا تي عمل شروع ڪيو هو ۽ هڪ
خاص ڪار ڪري رڪارڊنگ جو ساز سامان پاڻ سان کڻي ڳوٺ وڃڻ جي تاريخ بہ
طيءِ ڪئي، اِن وچ ۾ دکدائي خبر ملي تہ جت صاحب جو وفات ٿي چڪو آهي.
سيني ۾ سانڍيل شاهہ جو رسالو، ڪلام هو پاڻ سان گڏ کڻي ويو. اسانجي آس
اڌوري ئي رهجي ويئي. جڏهن سنڌالاجيءَ جي سعيد صالح جي ڄاڻ ملي تڏهن
ڻي-ڪجھ وارو واقعو ذهن تي تري آيو ۽ منهن مان اُف نڪتي تہ ڪاش! اسان بہ
اِن ڪم کي سرانجامي تڪڙي ڏني هجي ها!
جناب شوڪت شورو ڊائريڪٽر سنڌالاجيءَ ٻڌايو تہ سنڌالاجيءَ پاران انيڪ
سي.ڊيون تيار ڪيون ويئون آهن. هن صاحب پنچتنتر جون آڪاڻيون، سنڌ جا
چونڊ ساز، ٿري لوڪ گيتن جا بہ پاڻا ۽ شاهہ صاحب جي سر ڪلياڻ جون ڪئسيٽون
ڀيٽ طور نظر ڪيون.
ڊاڪٽر شوڪت شورو وڌيڪ ٻڌايو تہ سنڌالاجيءَ طرفان علمي، ادبي ۽ ثقافتي
سرگرميون لڳاتار نيمائتيون ٿينديون رهنديون آهن ۽ سنڌي ثقافتي رنگہ واري
’مچ ڪچهري‘‘ بہ ڪئي ويندي آهي جتي سنڌ جا سگهڙ، ڳائڻا ڳائي، ساز وڄائي
حاضرين کي جهومائي ڇڏيندا آهن. هن اڳتي ڄاڻايو تہ مچ ڪچهري سنڌ جي
ثقافت جي وڪاس، واڌاري ۽ نئين نسل کي اُن جي ڄاڻ ڏيڻ جو هڪ واحد وسيلو
هي. هن چيو تہ هر ڪچهريءَ، ادبي محفل جي پڄاڻيءَ تي سنڌ جا روايتي
ماڏا مهمانن، آيلن کي پيش ڪيا ويندا آهن.
ڪاش اِن قسم جون عملي ڪوششون اسان جي ڀارت جون اڪادميون، سرڪاري
ادارا وٺن تہ سنڌيت کي ڪوبہ لهر لوڏو نہ ايندو.
سنڌالاجي واقع ئي ثقافت جو هڪ وڏو مرڪز، اُن جي واڌاري جو هڪ واحد
عملي وسيلو، سنڌي نئين نسل ۾ پنهنجي ورثي، تهذيب جي ڄاڻ ڏيندڙ گيان،
ڏنن جي هڪ روشن کاڻ آهي. سنڌ جي تاريخ، ڪلچر، رهڻي ڪهڻيءَ جو
شاهدو ڪرائيندڙ نهايت ئي عظيم، عاليشان مرڪز آهي. جتي بار بار اچڻ لاءِ دل
ي مچلي. وٺندڙ، من موهيندڙ، پيارو حيرت‌انگيز ميوزم آهي. اُن جي ڀارت ۾
خت ضرورت آهي. ڪاش اسان جي انڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي اِهڙي
ليشان عمارت جوڙي، ميوزم ٺاهي ڀارت جي سنڌين، نوجوان ٽهيءَ کي پنهنجي
ي تي فخر ونڻ لاءِ آماده ڪندي رهي. اسان ڊاڪٽر شوڪت شورو جا ٿورا

گئلري جنهن ۾ بي نظير جون انيڪ شيون اخبارون، ڪلپنگ، خط، ڪارڊ، ر
وغيره رکيل آهن، اٿناجيڪل گئلري جي شو ڪيسن ۾ سنڌ جي هر طبقي، علائ
جي جيون جا سچيو چتر سجايل آهن. جنهن ۾ مختلف سنڌي جاتين جا مجس
لباس ۽ تواريخي ڄاڻ ميسر ڪيل آهي. ڪافي من موهڪ ۽ سچيو ڀاسن ٿا تہ و
فوٽوگرافڪ ۽ پينٽنگ گئلريءَ ۾ اڻلڀ تصويرون جدا جدا چترڪاريءَ جا ج
باترتيب سانديا ويا آهن. سنڌالاجيءَ جا ٻيا شعبا آهن ڊاڪيومينٽس سينٽر، ٻي
آف پراڊڪشن، پبليڪيشن اينڊ ٽرانسليشن، بوڪ ڊيپو، سيڪشن جتي ڪتابن
وقت بہ نمائش ڪئي ويندي آهي جنهن جو لاڀ اديب، اسڪالر ۽ شاگرد و
دلچسپيءَ سان وٺندا آهن ۽ ڪتاب پڻ جهجهي تعداد ۾ خريد ڪندا آه
ڊاڪيومينٽس، انفارميشن اينڊ ريسرچ سيڪشن جتي ڏات ڌڻين جو خود قلمي
ٻيو دستاويزي مواد ۽ اڻلڀ ساهتيہ رکيل آهي. اداري ۾ تحقيقي لائبرريءَ
انيڪ ڪتاب، اخبارون، رسالا ڪٺا ڪيل آهن. ريسرچ لائبررين ۾ لکن جي تع
۾ سنڌي، اُردو، انگريزي ۽ هندي ڪتاب ميسر ٿيل آهن، گڏوگڏ فارسي، پنجاب
بلوچي ڪتابن ۾ پڻ هر سال اضافو ٿي رهيو آهي. لئبرريءَ ۾ رکيل ڪتابن
ڪلاسيفڪيشن ڪيل آهي ڪئٽلاگ تيار ڪيل آهن. ڪتاب ڪارنرنس کي پڻ ترتي
ڏنل آهي. جدا جدا ڪارنرن ۾ محققن کي گهربل مواد پڻ ميسر ڪري ڏنو وي
آهي. مائڪرو فلمنگ شعبو بہ انيڪ ڪتابن جي مائڪرو فلمنگ تيار ڪرائي م
ڪئي ويئي آهي. پرزرويشن شعبو، جلدبندي شعبو بہ ڏسڻ وٽان آهي. وڌيڪ ڪ
ڪندڙ شعبو رهيو آڊيو ويزئول ۽ فوٽوگرافڪ شعبو. هن شعبي جو سرانجام ڏنل
تواريخي ڪم رهيو آهي تہ سنڌ جي سرتاج شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ
سڄو رسالو جناب سعيد صالح محمد شاهہ جن جي آواز ۾ تحت رڪارڊ ڪ
مڪمل ڪيل رکيل آهي. هن شعبي ۾ ايڊيٽنگ ۽ ڊبنگ، پرزرويشن، اسٽل فوٽوگر
دستاويزي فلمون وغيره شامل آهن.

مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ جڏهن 1986 ۾ مان گجرات سنڌي سا
اڪادميءَ جي نائب صدر پد تي نامزد ٿيو هئس، تڏهن سنڌي ڀاشا وگيا
محقق ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، جنهن سيني کان اول دنيا ڀر جي سنڌين جو
ٻني-ڪڇ، سنڌي ٻولي خطي ۽ سنڌي ثقافتي زون طرف ڇڪايو هو تڏهن
مهاشيہ پڻ ڄاڻ ڏني هئي تہ ٻنيءَ جي اسمائيل جت، جنهن جي عمر اُن
اسي سال هئي تنهن کي برزبان سڄو شاهہ جو رسالو ياد هو. ڊاڪٽر گدواڻيءَ

منهنجي لاءِ 30 نومبر 1997 اُهو سڀاڳو ڏينهن هو. ممبئي يونيورسٽيءَ سنڌي لوڪ ادب تي هڪ عالمي سيمينار جو آيوجن ڪيو هو اُتي سنڌ مان ڊاڪٽر الانا پڌاريا هئا. اُن وقت هو سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمين پد تي براجمان هئا تڏهن هن ”سنڌي لوڪ ادب تي ڪيل تحقيق جا جائزو“ عالماڻي انداز ۾ ڪوجناتمڪ مقالو پيش ڪيو هو. هنن موضوع کي چڱيءَ طرح باريڪبينيءَ سان واضع ڪيو هو. ٻڌڻ سان مونکي لڳي هو تہ مان سنڌ جو سير ڪري رهيو آهيان. اِهو منهنجو پهريون سنڌ جو ذهني سير هو. ائين تہ سپنن ۽ خيالن ۾ سنڌ جو وقت بہ وقت وڏن، اوڙي پاڙي وارن ۽ پڙهيل ڳالهين جي آڌار تي سنڌ جو تصور ڪندو پئي رهيو هوس ۽ سنڌ گهمڻ جي تمنا بہ زور پڪڙيندي رهي هئي پر جناب الانا جي مقالي ۽ هن سان ڪيل پهرين ملاقات ۾ سنڌ بابت ٿيل گفتگو ۾ سنڌ ذهن ۾ چڱيءَ طرح اُڪري ويئي هئي. اِها الانا صاحب سان منهنجي پهرين يادگار ملاقات ۽ ڳالهہ ٻولهہ هئي.

18 کان 20 ڊسمبر 2004 تي سنڌ گرئجيوئيشن ائسوسئيشن جي سڏ تي شاهہ سچل-سامي انٽرنئشنل پيس ڪانفرنس ۾ ڀارت مان 17 ڊسمبر 2004، جناب سريش ڪيسواڻيءَ جي اڳوانيءَ ۾ دهليءَ کان ڪراچيءَ ويل ڀارتي وفد ۾ مان بہ شامل هئس. اُن وقت مان راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد ۾ ڊائريڪٽر جي پد تي هئس. ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ بعد، سنڌي گرئجويٽ جي بانيڪارن سنڌ گهمائڻ جو پروگرام رٿيو هو. سڀ کان اول اسين ڄامشورو پهتا هئاسين جتي سنڌي ادبي بورڊ طرفان وفد جو آجياڻو رکيو ويو هو. اُن موقعي تي ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ خاص مهمان طور حاضر هئا. مان پئنڊال ۾ پنين قطار ۾ ويٺو هئس. اچانڪ ڊاڪٽر الانا جي مون تي نظر پيئي اُن ترت مونکي منچ تي سڏايو ۽ پنهنجو گلاب جي گلن جو هار مونکي پائي، ڀاڪر ۾ ڀري، ”هنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت“ ٿيسز بابت واڌايون ڏنيون ۽ ٿيسز جي حاضرين ۾ ساراهہ ڪندي چيو تہ مون اُها پڙهڻ بعد مون هڪ ادبي مضمون ”ڇا ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي ٿي؟“ سپون مخزن کي شايع ڪرڻ لاءِ موڪليو هو، اُها سپون مخزن ڪالهہ ئي پهتي آهي، منهنجن هٿن ۾ آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر جيٺي لالوانيءَ جي ٿيسز مان انيڪ حوالا مون ڏنا آهن. ڊاڪٽر الانا جي اِن عزت افزائيءَ لاءِ مان ڏاڍو گدگد ٿيس. وفد ۾ آيل سڀ خوش ٿيا ۽ مونکي واڌاون پڻ ڏنيون. ڊاڪٽر الانا جو هو احسان اڄ بہ ياد آهي. اِها ڊاڪٽر الانا سان منهنجي ٻين پنهنجائپ واري يادگار ملاقات هئي.

مچيا. جنهن نہ صرف سچي سنڌالاجي گهمائي، چپي چپي جي ڄاڻ ڏني، اسٽ
سان واقفيت ڪرائي پڊ بهترين مهمانوازي بہ ڪئي.

سنڌالاجي کي عروج تي رسائڻ ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو وڏو هٿ رهيو آه
هوُ صاحب سنڌالاجيءَ جو اٽڪل ويهارو کن سال انچارج پروفيسر تي رهيو. ڊاڪ
الانا سنڌ جو مشهور اديب، عالم، دانشور ۽ ماهر لسانيات آهي. ڊاڪٽر الانا
دلچسپيءَ جا موضوع ادب جي تاريخ، ثقافت، لسانيات، آرڪائيز ۽ ڪل
انٿراپالاجي آهي. هو صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جو 95-1993 تائين وائيس چان
بہ تي رهيو آهي. اٽڪل 89-1983 تائين پنج سال ڪن علامہ اقبال اوپن يونيورس
اسلام آباد ۾ بہ وائيس چانسلر پڻ تي رهيو هو. جڏهن مان ممبئي يونيورس
مان ”ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيتن“ تي ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جي رهبري
سنڌيءَ ۾ پي.ايچ.ڊي. ڪري رهيو هوس تڏهن ڊاڪٽر الانا جو ”لاڙ جي ادب
ثقافتي“ تاريخ اڀياس ڪرڻ جو موقعو مليو هو. ڊاڪٽر الانا جو هيءُ ڪتاب
گيتن جي سلسلي ۾ هڪ اهميت ڀريو کوجناتمڪ ڪتاب هو. هن ڪتاب ۾
گيتن جو ذڪر سمجهاڻيءَ سان ڪيل آهي. نہ صرف ايترو پر لاڙ ۾ لوڪ ادب
مشهور شاعرن آسر، ڄام خان چانڊئي، ڇٽي جت، سانوڻ فقير، ملهار فقير، م
مهيري ۽ راڄن شاه ڪانسواڻ ٻين جو ذڪر ڪيل هو. مون جڏهن ٻنيءَ مان س
لوڪ گيت ڪٺا ڪرڻ شروع ڪيا تڏهن ڇٽي جت، سانوڻ فقير جا انيڪ س
لوڪ گيت سگهڙن وٽان ٻڌڻ لاءِ مليا. اُنهن گيتن کي سمجهڻ ۾ ڊاڪٽر الانا
ڪتاب چڱي مدد ڪئي هئي.

ائين تہ ڊاڪٽر الانا جا سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌي ٻوليءَ جو اڀي
سنڌي ٻوليءَ جي ساني جاگرافي جنهن ۾ هن صاحب سنڌ جي ڀروارن عل
ڪڇ، گجرات، راجستان، ٻارميڙ، جيسلمير، ڪاٺياواڙ وغيره علائقن جيڪي
وقت ڀارت ۾ آهن سنڌي ٻوليءَ جي پکڙجڻ ۽ جن پرڳڻن ۾ سنڌي ڳالهائي
وڃي جو هڪ کوجناتمڪ اڀياس پيش ڪيو آهي.

جيئن تہ هو صاحب، سنڌيءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين پد تي
چڪو هو. بااختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر تاج جويو ۽ چيئرمين ڊ
فهميدا حسين، ڀارت جي اديبن جي مان ۾ جيڪو آجياڻو رکيو هو. اُن موقع
ڊاڪٽر الانا پڻ خاص مهمان طور ڀارتي اديبن سروَ شري هيرو ٺڪر، ڊ
ڏاسواڻي، ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻيءَ سان منچ تي حاضر هئا. هن پنهنجي تق
ڀارتي اديبن جي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتن جي ڀرپور ساراه ۽ ذڪر ڪ

غمخواهيءَ جو اظهار ڪيو. شري هيري ٺڪر جي به دل صدمي سبب ٽٽل هئي،
آواز پڻ سوز سان پرپور هو، محسوس پئي ٿيو ته ڳالهائيندي ڳالهائيندي هن جي
دل اندر ۾ زار زار روئي رهي آهي ۽ ذبيل سڏڪا پري رهي آهي. هيءُ تعزيتي
ريفرنس سڪندر علي زرداري، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ
ڪلچرل سوسائٽي، سنڌ پاران رکي ويئي هئي. ڪارروائي سڏڪن، لڙڪن سان
جناب رڪيل مورائيءَ هلائي. ميڙ جي صدارت حاڪم علي زرداري (پاڪستاني
صدر جي والد) ڪئي.

اسان سنڌي اديب، فنڪار سنڌ-هند ۾ جيڪي اسان جي برادريءَ جا سڄڻ،
ساٿي، همدرد گذاري وڃن ٿا، ٻنهي ملڪن جا علمبردار ڳڏجي اُنهن کي ياد
ڪريون ٿا. شرڌانجليون ڏيون ٿا ۽ وقت به وقت سنڌ سان جذباتي ناتو جوڙڻ لاءِ
وصيعت پڻ ڪندا آهيون ته اسان جون هانيون سنڌوءَ ۾ پروان ڪيون وڃن. پارتي
ڳايڪا اقبال بانوءَ جي به اِها آخرين خواهش هئي ته هن جا ڦول سنڌوءَ کي ارپڻ
ڪيا وڃن. اِهڙا صرف سنڌي نه پر ٻيا شخص به آهن جيڪي لڏپلاڻ ۾ پنهنجي
مادري وطن سنڌ کي ڇڏي آيا. پر هانيون، ڦول، رکه هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾
موڪلڻ ۾ ڪيتريون قانوني اڙچنون درپيش ٿيون اچن اُن جو هڪ واقعو ڪراچيءَ
ر بڌڻ ۾ آيو. ڪراچيءَ ويجهو هڪ پراڻو شمشان گهاٽ آهي، اُن کي چار سؤ سال
پراڻو سڏيو ٿو وڃي، اُتي 40-38 سالن کان 130 کان به وڌيڪ فوت ٿيلن جون
هانيون گنگا، جمنا، پوتر ندين ۾ پروان ٿيڻ لاءِ انتظار ڪري رهيون آهن، اِن لاءِ
ڀارتي هاءِ ڪميشن کي بار بار وينتيون، درخواستون ڪيون ويئون آهن پر ويزا
حاصل نه ٿي رهي آهي اُتان جي سنڀاليندڙ ڀارتي وزير اعظم ڊاڪٽر من موهن
سنگهه ۽ پرڏيهي وزير جناب پرنب مکرجيءَ کي به هندو ڪرميشن ائسوسئيشن
طرفان خط لکيل آهن. سولجر بزار جي پراڻي مندر جي مهنت شري رامناٿ مهراج
گنگا، جمنا ۾ 130 هانيون خود کڻي اچي پروان ڪرڻ لاءِ وقت به وقت خواهش به
ظاهر ڪئي آهي. ويزا عملدارن بار بار ٽالاٽو ڪري ويل شخص جي ڀارتي
رشتيدارن، رهائش ۽ حفاظت جو مدو اڳيان ڌري درخواست نامنظور ڪندا پئي
ويا آهن. في الحال چاليهن سالن کان ڀارتي آتمائون موڪش حاصل ڪرڻ لاءِ
ٿن، مٽڪين ۾ بند آهن ۽ ڀٽڪي رهيون آهن. اِنسان ته نهيو، پر مري ويلن
شخص جون هانيون به ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ تڙڦي رهيون آهن.

سنڌ ۾ ڪاري-ڪاريءَ جو هڪ وڏو مسئلو آهي. پيار، عشق، محبت ڪرڻ هڪ
سماجڪ گناهه سمجهيو پيو وڃي ۽ اُن جي اوٽ ۾ انيڪ نوجوان محبت ۾ تڙڦندڙ

باختيار اداري پاران رکيل آجياڻي وقت پڻ ڊاڪٽر غلام الانا چاڻايو تہ ”سپو
۾ 2004 ۾ شايع ٿيل ساڳئي مضمون کي وڌائي سنڌي ٻوليءَ باختيار اداري
تحقيقي جرنل سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل لاءِ ڏنو اٿم جيڪو سيپٽمبر ٢٠٠٨
شايع ٿيو آهي ۽ اُن جي هڪ ڪاپي بہ سوکڙيءَ طور ڏنائين جنهن ۾ ”ٻنيءَ
سنڌي لوڪ گيت“ تحقيق جو ٻين تحقيقن سان گڏ حوالا ڏنل آهن. ڊاڪ
غلام علي الانا جون ڏنل محبتون، سوکڙيون اڻ وسرندڙ آهن. سيني ۽ گ
لئبرريءَ ۾ جيءَ سان سانڍيل آهن.

سنڌ زيارت دوران جتي خوشي، آنند ڇانيل هئي اُتي ڪن سڄڻن جي اوچ
وفات سبب دل ۾ ڏک جي لهر ڇانيل رهي ۽ اکيون زار زار ڳوڙها ڳاڙينديون رهيو
دوري دوران ئي هڪ ڪافي صدمو ۽ ڏڏڪو ڏيندڙ خبر حاصل ٿي تہ جنهن فرش
منهنجي سنڌ ملاقات ۽ شيخ اياز ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ويزا لاءِ سنڌ ۾ رهند
پارت مان ويزا حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ لاثاني ڪوششون ورتيون، سنڌ پهچڻ
ئي ڏکدائي ڄاڻ ملي تہ جناب يعقوب علي زرداريءَ جو گهر ۾ ٿيل هڪ حاد
سبب اِسپتال ۾ زير علاج هو اُن جو موت ٿيو آهي. يعقوب زرداري سنڌ، سن
ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جو خاموش مددگار هو. شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ ”گهوڙ
گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، ڪڏهن ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ ج
هن فاني دنيا مان زرداريءَ جي راهہ رباني ٿيڻ جو غم شاهہ صاحب جي اِن ب
ڪجهہ دل کي آٿت ڏنو. سداحيات يعقوب زرداريءَ کي شرڌانجلي (تعزيت)
لاءِ 23 نومبر 2008 تي آرتوار ڏينهن شام جو ڇئين وڳي ممتاز مرزا اسٽوڊيو
رکي ويئي. رئيس حاڪم علي زرداري ۽ سنڌ جي تعليم واري کاتي جو وزير
مظهر الحق خاص مهمان طور شريڪ ٿيا. سنڌ هند جي اسان جي پنهنجي
وچڙي ويل پياري عظيم ساٿيءَ جي اُن گڏجاڻيءَ ۾ جناب هيرو ٺکر ۽ مان
شامل ٿيس. سڄو هال ڪچاکچ ڀريل هو، ماحول ۾ اُداسي ڇانيل هئي، سيني
چهرا ملول هئا. گهٽن جي اکين ۾ آب تري آيو هو. هن گڏجاڻيءَ ۾ سموري
مان هر طبقي جا اديب، فنڪار، صحافي، ثقافت جا ڏاڻي، خود يعقوب زردا
جي ڪٽنب جا ڀاتي پڻ حاضر هئا. سڀني محبوب جي خوبين، يادگيرين
ساراهيو، وڇوڙي جو درد محسوس ڪندي عقيدت جا ٻول ٻوليا. جڏهن زردا
جي ڌيءُ پنهنجي والد جي يادگيرين کي تازو ڪيو، سڄو هال سڏڪن سان گونج
لڳو. جناب هيري ٺڪر پڻ شرڌا جا گل ارپڻ ڪيا. هن جي ڀلاين جو ذڪر
ڀارت جي اديبن-فنڪارن پاران شرڌانجلي ڏيندي، هن جي ڪٽنبين

لکي ڇا لکان'' جهونگاريندا آهيو. مون ڪنڌ لوڏي ها ڪئي. مان اُهو سڄو ڏينهن اُداس رهيس. سنڌ فون ڪري جناب تاجل جي گهر غم خواهيءَ جو اظهار ڪيم. دوستن سان بہ اعزاپرسي ڪيم.

مونکي 26 نومبر جو صبح جي ڏينهن جو هوائي اڏي جو منظر اکين آڏو تري آيو. اسين پارت ڏانهن اُسهڻ لاءِ هوائي اڏي تي اچا ٽئڪسيءَ مان لٿاسين مس تہ سامهون تاجل بيوس ۽ رکيل مورائي بينل هئا. تاجل جي هٿ ۾ اجرڪون ۽ ٽوپيون هيون. هن هوائي اڏي تي ئي جناب هيري ٺڪر ۽ مونکي اجرڪ، ٽوپي پائي ٻانهن ۾ پري محبتون ونڊيون. دل پري ڳالهيون ڪيون. پارتي اديبن لاءِ دعا سلام ڏنا. اسان ٽڪڙا اندر هوائي اڏي طرف وڌياسين جو سامان جي ٽرالي اندر پهچي چڪي هئي. اسين اکين کان اوجهل ٿيون تيستائين هوُ اسان کي ڏسندو رهيو ۽ هٿ لوڏيندو رهيو. هن جي چهري تي اسان جي وڇوڙي جو غم نمايان هو.

جڏهن اسين ڪراچي هوائي اڏي تي لٿاسين تڏهن بہ تاجل گلاب جي گلن جون مالهائون کڻي ٻاهر اسان جي آجياڻي لاءِ بيٺو هو. اسان جڏهن جڏهن بہ ڪراچي، سنڌ پاڪستان جي ملاقات ورتي، تاجل بيوس جو ساٿ سهڪار اسان سان رهيو ئي ۽ پرپور آجيان، سڪ ڏيندو رهيو ۽ آمد وقت گلاب جي گلن جا هار هن جي هٿن ۾ هوندا هئا ۽ موڪلاڻيءَ وقت اجرڪ سان هوُ اسان کان موڪلائيندو هو.

پهريون پيرو ڪراچيءَ سنڌ پارت-پاڪستان پيوپلس شانتي فورم طرفان وڃڻ يو تڏهن بہ هوُ هوائي اڏي تي حاضرهئو. جيترا ڏينهن ڪراچيءَ ۾ هئاسين گڏ هيو، هرهڪ اجلاس ۾ اسان سان شرڪت ڪيائين، شام جو ڪراچي گهمائڻ وٺي ىلندو هو. رات جو ڪچهريون ٿينديون هيون، هڪ ڪچهري هن جي گهر ۾ بہ ٿي ئي. پاپيءَ هن جي ڪٽنب جي پاتين پڻ ڪافي مهمانوازي ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر قي نہ ڇڏي هئي. مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي پهرئين ڪراچي دؤري وقت هن نهنجي کيسي ۾ پاڪستاني هزار-هزار روپين جا نوٽ وڌا هئا منع ڪرڻ ۽ واپس ٽائي ڏيڻ جي ڪوشش جي باوجود هن هڪ نہ ٻڌي آکيو هئائين، ''جيستائين هان ڪراچيءَ ۾ آهيو، مان توهان کي ڪجهہ بہ خرچ ڪرڻ نہ ڏيندس'' ۽ هن دار پنهنجي چيل قول کي پورو پورو نباهيو هو. پنهنجي ڪار ۾ گهمايو-ڦيرايو . انيڪ لاثاني ڪتاب سوکڙيءَ طور ڏنا هئا. هن جا شايع ٿيل ڪتاب: جڏهن ءِ ٻٽي، انبن جهليو ٻور، سنڌ منهنجي امان، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا، تنهنجا نيڻ ، (شاعري)، ڏکن سکن جي سونهن (آتم ڪٿا ٽي پاڱا)، سچ چنڊ تارا ڪتيون خصيتن جا خاڪا)، سامي سودو پريم جو، گل چنو گرنار جو (ڪافيون)، ملير

دلين جو بنا ڪنهن ڏوهه، غيرقانوني ڍنگ سان قتل ڪيو ويندو آهي. شخص
عداوتون، دشمني ڪيڻ لاءِ پڻ ڪنهن کي به گولي ماري ڪارو-ڪاري سڏي پنهن
شان بلند ڪيو ويندو آهي. اِهڙن هٿيارن، وحشين کي پوليس ۽ قانون به ڪج
ڪونه ڪري سگهندو آهي. هو ڇڙواڳ ڪلٽي عام گهمندا ڦرندا نظر ايندا آه
ڪنهن به جوان، جوانڙيءَ جو قتل ڪري رستن، جهنگلن ۾ لاوارث ڦٽو ڪيو وي
آهي ڪنهن به مائٽ، عزيز جي همٿ نه ٿيندي آهي ته هو ڏيءُ، پٽ جو م
شرير حاصل ڪري سگهن. جيڪڏهن ڪي اڳيان وڌندا آهن، ڪوششون ڪندا آ
ته اُنهن جي جان کي خطرو ٿيندو آهي. پوليس پڻ هٿڙن لاوارث لاشن کي ک
ڪنهن سنسان هنڌ تي بنا ڪنهن ڪفن، مذهبي رسم ڪانسواءِ دفن ڪري ڇڏي
آهن. رات جي اونداهيءَ ۾ عزيز، مائٽ، دوست، پريمي لڪي ڇپي اُن قبر
پهچندا آهن ۽ آنسن سان سجدو ڪري عقيدت پيش ڪندا آهن ۽ گونگا ڳو
ڳاريندا آهن. ٻڌم ته اِهڙا سنڌ ۾ انيڪ سنسان هنڌن تي ڪاري-ڪاريءَ
قبرستان آهن. جتي پاڪ محبت دامن محبوب لاوارث حالت ۾ مان مينٽ ۾ م
جي گهري ننڊ ۾ ستل آهن.

ڪارو-ڪاري جي الزام هيٺ مارجندڙ مرد توڙي عورت جو خون سنڌ ۾
تائين ”ڏوهه، گناهه، قتل“ تصور نٿو ڪيو وڃي اُلٽو اِن گناهه لاءِ حقارت بد
ڦهر ڪيو ٿو وڃي اهڙي پاڻ پڌائيندڙ مجرم سماج لاءِ ڇا چئجي؟ سنڌ جا باش
۽ اهل درد ماڻهو ناحق قتل لاءِ ڏُکي ضرور آهن ۽ نظام جي بدانتظامي اکين ڪ
رهيا آهن. ڪارو-ڪاري قتل سنڌ جي عورت جي خودمختياري ۽ خود فيصل
هو ڪيترو لاچار، اسمرٿ آهن جا شاهد آهن. هن سماجڪ مسئلي کي حل ڪر
عوام جي شرڪت انتهائي ضروري آهي، جا في الحال نظر نه اچي رهي آه

13 ڊسمبر 2008 تي ڪراچي سنڌ مان فون تي هڪ ڏڪو پهچائيندڙ خبر
ته ڪلاسيڪي شاعري روايتن جو شاعر تاجل بيوس لاڏاڻو ڪري ويو. ٻڌندي
موبائيل منهنجن هٿن مان ڪِري پيو. مان سُن ۾ اچي ويس. ڪنن تي وشواس
نٿي آيو. پاڻ سنڀالي موبائيل کنيم. ڪنن وري ٻڌو ”تاجل بيوس لاڏاڻو“
آهي. منهنجيون اکيون آنسن سان پرجي ويئون. مان پلنگ تي ويهي ره
پتنيءَ اچي پڇيو، توهان جو چهرو ايترو اُداس ڇو آهي؟ توهين روئي ڇو
آهيو؟ آهي ته سڪ!؟ ڪجهه وقت مان خاموش رهيس، پاڻ سنڀالي لرزندڙ آ
چيم : ”تاجل بيوس گذاري ويو.“ ”اُهو ئي تاجل جنهن توهان کي ٽوپي
ڏني هئي ۽ توهين اُن جو گيت ’سنڌ منهنجي امان، سونهن تنهنجيءَ م

سعيد وغيره بابت دل کولي ڳالهيون ڪيون هيون. قمر پٽي اُهي فوٽا، اخبارون، ڪئسيٽ سڀ سنڌ ڪٽي ويو هو. اُن جو پڙاڏو اِهو پيو ته جيئن ئي هوُ سنڌ تي لٿو حڪومت هن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو. هن تي ديش دروهيءَ جو اِلزام لڳو هو ته ڀارت ۾ وڃي هن پاڪستان حڪومت خلاف ڳالهايو ۽ ڪارروائي ڪئي آهي. ڪجهه ڏينهن بعد هڪ اخبار ۾ پڙهيو هئوسين ته قمر پٽيءَ جو موُت ٿيو. اسان وڏي پشيماني تي شوڪ سڀا به ڪوٺائي هئي، شرڌانجلي ڏني. پر ڪجهه مهنن کانپوءِ خبر آئي ته هوُ زنده آهي پر جيل اندر بند آهي. اُن بعد هن سان ڪو به رابطو نه ٿيو هو. هوُ سنڌ جو وڏو سياسي اڳوان بڻجي ويو هو ۽ پنهنجي سياسي ڌر به جوڙي هئائين. منهنجو جڏهن ڀارتي وفد سان ٻيو ڀيرو سنڌ جي دؤري تي وڃڻ ٿيو تڏهن هن اخبارن ۾ پڙهيو ته مان سنڌ پهتو آهيان. وفد جي مان ۾ هڪ آجياڻو اُن وقت سنڌي لئنگويز اٿارٽي، حيدرآباد جي هال ۾ رکيل هو. هو اُتي شهنايون، دهل دمامن سان نچندو-ٽپندو انيڪ ساٿين سميت جي آجياڻي ڪارروائي هلندي هال ۾ گهڙي آيو، سڀ حيران ٿي ويا. پاڪر ۾ پري، مونکي ڪلهي تي کڻي ٻاهر وٺي آيو. گلاب جي گلن سان سٽي ڇڏيائين. ساٿين کي چوي پيو، منهنجو دلدار ياءُ آيو آهي. اصل خوشيءَ ۾ ئي نٿي ماپيو.

مدن جماڻيءَ سنڌ ياترا تان موٽي اچي ٻڌايو هو ته قمر پٽيءَ کي تنهنجي لاءِ ڪافي-ڪافي عزت-مان هو. تون نه پهتين ته ڪافي دک به ٿيس. پر هوُ ڪافي دلدار هو. ٻئي ڏينهن وري اچي مونکي (مدن) ۽ جيرام روپاڻيءَ کي انيڪ سنڌي ڪئسيٽون، اجرڪون، مناٽي، ڪتاب، رسالا سوکڙيءَ طور ڏيئي ويو ۽ تنهنجي (لالواڻيءَ) لاءِ پڻ اجرڪ، مناٽي، ڪئسيٽون ۽ شاهه جو رسال تحفي طور موڪليو آهي ۽ گڏوگڏ محبتون ۽ يادگيريون.

قمر جا تحفا حاصل ڪري، هن جي قرب جي ڪهاڻي ٻڌي مان ڏاڍو آفرين ٿيو هئس. فون تي هن جا شڪرانا بجا آندا هئا.

هتي غور طلب آهي ته مون شداڻي دربار جي جٿي سان سنڌ وڃڻ جو پروگرام رٿيو هو ۽ اُها ڄاڻ سنڌ جي دوستن، جناب قمرپٽيءَ ڏانهن پڻ هلائي هئي. پٽي صاحب اُن وقت ڪارن جو ڪافلو ڪٽي مونکي سنڌ گهمائڻ لاءِ شداڻي دربار پهچي ويو هو. پر مونکي نه ڏسي ڪافي دکي ٿيو هو.

اڄ هڪوار ٻيهر وري هوُ سامهون هو. قداور وڙوڪڙ ڪاريون مڇون، ڪارو ڪوٽ ڀريل هڪ رعبدار شخص.

اسان سيٺي تاجل ٻيوس جي گهر رسوئي ورتائي رهيا هئاسين ته قمرپٽيءَ فون

جي مارئي (شهيد بي‌نظير ڀٽو جيون) وغيره اچ بہ منهنجي شخصي لئبرريءَ ۾
تاجل جي دستخط سان رکيل آهن.

تاجل بيوس سان منهنجي پهرين ملاقات دهليءَ ۾ ٿي هئي تڏهن هوُ پنهنجي
بيگم سان گڏ آيل هو. تڏهن مان دهلي سنڌي اڪادميءَ ۾ سيڪريٽري پد تي
هئس. هو وينا شرنگيءَ جي مارئي تنظيم طرفان ڪوٺايل بين‌القوامي ادبي سيمينار
۾ ڪوٽ تي آيل هو. اُن وقت اڪادميءَ جي آفيس پهاڙ گنج ۾، پنجابي اڪادميءَ
جي مٿان هئي. سداحيات تاجل بيوس اڪادمي آفيس جي شري هيري ٺڪر سان
گڏ ملاقات ورتي هئي. اڪادميءَ جي ڪاريہ کان ڪافي متاثر ٿيو هو، عملي جو
وهنوار، پنهنجائپ، سک، صدق، عزت ۽ ضابطو ڏسي آکيو هئائين، ”صحيح
معنيٰ ۾ اڪادميءَ ۾ ادب جو وڪاس ٿي رهيو آهي. سنڌي ساهتيہ، سنسڪرتي
زنده رکڻ ۾ اڪادمي لاثاني ڪاريہ ڪري رهي آهي. بهترين ڪاريہ، ثقافت جي
چوڏسي وڪاس پلا ڇو نہ ٿيندو جڏهن خود سيڪريٽري چست، ڦڙت، ذهني اديب
۽ فنڪار آهي. سنڌيت هن جي نس نس ۾ پريل آهي. ڪي نهيل ادارن کي
ڏاهيندا آهن پر سچ پچ سيڪريٽري (لالوانيءَ) ڏنل عمارت کي خوبصورت بڻائي
اڏيو آهي، سجايو ۽ سنواريو آهي. واقع ئي داد جي لائق آهي.“

اِن ڳالهہ جو ذڪر جناب تاجل ”اديون ڙي اوهان ڇا ڏٺو“ (هند جي سفرنامي
۾ پڻ هن ڪيو آهي.

25 نومبر تي تاجل بيوس اسان کي پنهنجي گهر منجهند جي رسوئي ورتائڻ
لاءِ وٺي ويو هو. هن جي خود جي طبيعت ڪجهہ ناساز هئي، انڪار ڪرڻ جي
باوجود بہ هو ڪار ڪٽي خود وٺڻ آيو. رستي ۾ جناب قمر ڀٽيءَ ڪورٽ جي ٻاهران
گڏجي ويو. تاجل هن کي بہ ڪار ۾ کنيي کنيو. جناب قمر ڀٽيءَ سان پڻ ڪافي
سال پراڻي دوستي رهي هئي. هو ”جيئي سنڌ هلچل“ جو باني هو. جڏهن پارت
ملاقات تي آيو هو تڏهن احمدآباد ۾ مون وٽ اچي رهيو هو. احمدآباد ۾ سرڳواسي
چوئٿرام لعلچنداڻي ۽ هنسراج پنجابي جيئي سنڌ هلچل جا باني هئا. اسان قمر
ڀٽيءَ جو شاندار آجياڻو رکيو هو. مون جيئي سنڌ هلچل جي ڏس ۾ پريس ڪانفرنس
ڪوٺائي هئي. هن سنڌ لاءِ گجگوڙ ڪئي هئي. سيني اخبارن شدمد سان خبر ۽ فوٽو
شايع ڪيا هئا، مون هن کان احمدآباد جي دوردرشن جي سوغات سنڌي ڪار
ڪرم ۾ اِنٽرويو ورتو هو جيڪو ڪافي ڪافي لوڪپريہ بڻيو هو. امباوازيءَ
رهندڙ جناب سريچند آهوجا پڻ قمر ڀٽيءَ جي هڪ خاص ڪئسيٽ تيار ڪرائي
جنهن ۾ پڻ مون ئي قمر ڀٽيءَ سان سنڌ، سنڌيت، سنڌي تحريڪ، جناب جي.ايم

آءُ مُنيءَ جا ميندرا!
تون ئي دارون داسڙا
تون ئي سوڍين ساک
آءُ مُنيءَ جا ميندرا!

چوندا آهن جيڪو آيو آهي اُهو هڪ ڏينهن پڪ سان ويندو. تاجل ايترو جلد هليو ويو، وشواس ئي نٿو اچي. هوُ وڃي ڪيئن ٿو سگهي. هن جو مڙه دفنايو ويو آهي پر هو گيت، غزلن، ڪلامن، واين ۾ تہ اڄ بہ سداحيات آهي. گلوڪار، فنڪار هن جا گيت ڳائين ٿا، ڳائيندا رهندا. تاجل جي گيتن جو امرت سنڌ پيئي پئي. مون هن جي شاعريءَ ۽ صحبت کي ماڻيو آهي. هن جا گيت گنگنايا آهن. اُهي منهنجن لبن تي اڃا بہ رقص ڪري رهيا آهن.

سداحيات تاجل بيوس جو ڊاڪٽر جيٺي لالوانيءَ ڏانهن لکيل هڪ ادبي خط

پيارا جيٺا لالواڻي،

جڳہ جو والي جڳ جو ئي خيرُ ڪري.

اُميد تہ تون پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ مصروف هوندين- هيءَ پڙهي توکي خوشي ٿيندي تہ گهر ۾ رهڻ ڪري، مون بہ ڊرامن لکڻ جي شروعات ڪئي آهي. هڪ ڊرامو ''سنڌوءَ جو گهاٽُ'' لکي، سنڌ ٽي. وي. وارن کي ڏنو اٿم. ڊرامو سنڌو ۽ سنڌ بابت ويدن، مهاڀارت، رامائڻ ۾ توريت جهڙن پاڪ ڪتابن ۾ آيل حوالن تي ٻڌل آهي ۽ ڪردار بہ تاريخي ڏنا اٿم. سنڌ ٽي.ويءَ وارن سان ميٽنگہ ڪرڻ بعد ڊرامي جو نالو ''سنڌوءَ جو گهاٽُ'' بدران ''۽ سنڌو وهندو رهيو'' رکيو ويو آهي، جنهن ماضيءَ ۾ ''اورٽان بهتا رپا'' جو چرچو هو- ڊرامو رڪارڊ ٿي رهيو آهي- ٽي. وي. ٽيم گُڊو بيراج پاسي رڪارڊنگہ ۾ رُڌل آهي.

هڪ ٻيو داستان ''مومل-راڻو'' بابت بہ سنگيت ناٽڪ (اوپيرا) لکي، سنڌ ٽي.ويءَ وارن حوالي ڪيو اٿم، جو گهڻي ڀاڱي ممبئيءَ جي محقق پدم ديودت شرما، پدم راج جي تازي تحقيق تي ٻڌل آهي.

اوهان کي ٻئي ڊراما گهر جي ائڊريس تي موڪلي رهيو آهيان. اوهان جي ڪارڊ ۾ آفيس ائڊريس ۾ احمدآباد ناهي ڄاڻايل، انڪري گهر جي پتي تي خط ۽ مواد موڪلي رهيو آهيان

اوهان چاهيو تہ، ڊرامي جو نالو ''۽ سنڌو وهندو رهيو'' بہ رکي سگهو ٿا- اوهان کي اجازت آهي، تہ ڊرامي ۾ ڪابہ تبديلي آڻيو، يا ڪي جملا Delete بہ ڪري سگهو ٿا. جواب ۾ خط لکو تہ آفيس واريءَ ائڊريس کان بہ واقف ڪرائيندا. مونکي

ڪري پنهنجي ڪار اُتي گهرائي ورتي ۽ ضد ڪيو تہ توهين منهنجي آفيس ۾ ضرور هلندا يا سپاڻي آجياڻي رکڻ جي اِجازت ڏيندا جيئن مان دوست يار، اديب ڪونائي سگهان. اسين ٻئي ڏينهن تہ پارت لاءِ روانا ٿيڻا هئاسين. وقت بہ ڪونہ هو. شام جو ٻئي هنڌ ڪچهريءَ ۾ وڃڻو هو. اسان قمر کي ڪافي سمجهايو پر هوُ ٻڌڻ لاءِ تيار بہ ڪونہ هو ڇو جو جڏهن هوُ پارت دؤري تي آيل هو تڏهن دهليءَ ۾ شري هيري نکر سان بہ ڪافي رهاڻيون ڪيون هيون. قاضي قادن جي ڪلام جي کوج ڪري هيرو سنڌ جو تہ ڪوهنور هيرو بڻجي چڪو هو، قمر پنيءَ کي هيري لاءِ بہ ڏاڍي عزت هئي. هوُ ٻنهي کي ڇڏڻ لاءِ اصل تيار ڪونہ هو. لاچار هن جي آفيس تي پهتاسين. اِن وچ ۾ هن گهر فون ڪري پنهنجي بيگم، ٻارن کي گهرائي ورتو. سڀ گلاب جي گلن جي بُڪي، ڪئميرا، مٺائيءَ سان اچي پهتا. هڪ بہ صحافي ۽ چينل وارو بہ اِن وچ ۾ پهچي ويا. اسين دل ئي دل ۾ هن جي آرگنائيزيشن شڪتي ۽ پهچ کي داد ڏيڻ لڳاسين. محفل متي، ڪچهري تي. قمر اصل خوشيءَ ۾ نتي ماپيو. بيگم، ٻارن، دوستن کي مرڪي مرڪي پارت ۾ ٿيل اسان سان گڏجاڻين ۽ دهليءَ ۾ هيري نکر سان گذاريل راتيون، ٿيل رهاڻين جو ذڪر گد-گد ٿي ڪري رهيو هو.

اِن وچ ۾ جناب تاجل بيوس پڻ اچي پهتو هو. اسين اُن سان قمر ۽ ساٿين کان موڪلائي ڪراچي يونيورسٽي هاسٽل ۾ پهتا هئاسين. اِهو اسان جو تاجل بيوس سان هن جي ڪار ۾ آخرين سفر ۽ گهر جي آخرين رسوئي ورتائي هئي ڪنهن کي خبر تہ اِها اسان جي هن سان آخرين ڪچهري هوندي.

هن جي ياد تازي ايندي ئي هن جون ڳالهيون، ٽهڪن جا انبار ڪنن ۾ ٻُري رهيا آهن. گيتن جي گونجار فضا ۾ تي رهي آهي.

هن جي هڪ وائي ياد اچي ٿي.

جوڀن پڪي ڊاڪہ
لڱن چاڙهي لاڪہ
آءُ مُنيءَ جا ميندرا!
ڦٽي آ ڦولار ۾
بيراڳڻ تي باک
آءُ مُنيءَ جا ميندرا!
برهہ ڪري تو بانور
سيني ۾ سوراخ

ڪنهن جو به موٽ نه ٿيو آهي. ڄامشوري ۾ هن وقت وڇوڙي جي مؤسم هلي رهي آهي. مون ڪجهه نه سمجهيو ۽ هن جي چهري طرف سوالي نگاهن سان نهاريو. ٻڌايائين ڄامشوري ۾ شاگردن جي الوداعن جي مؤسم ڇانيل آهي. هر شاگردن جي اکين ۾ يونيورسٽي ڇڏڻ جي وڇوڙي جا لڙڪ وهي رهيا آهن. يونيورسٽيءَ ۾ جدا جدا ايياس ۾ هنن جو عرصو پورو ٿي چڪو آهي. چار سال هنن جا پل پر ۾ گذري ويا آهن. سرديءَ جي مؤسم ۾ شاگرد هڪ ٻئي تي رنگ هاري پنهنجن اُستادن، دوستن ۽ پنهنجن پيارن سان يادگار تصويرون ڪڍائي ڄامشوري جي حاطي ۾ گذاريل گهڙين کي ڪئميرا ۾ هميشه لاءِ قيد ڪندا آهن. شاهه عبداللطيف ۽ شيخ ايازجا ڪتاب هڪ ٻئي کي سوغات ڪري ڏيئي رهيا آهن. شاگرد هڪ ٻئي کان ڊائرين ۾ تاثرات درج ڪرائيندا آهن. اِهي تاثرات گڏ گهاريل پلن، مزاج کان وٺي محبت ۽ وڇوڙي تي لکيا ويندا آهن جن ۾ گهڻي شاعري هوندي آهي ۽ ڪيترا شاگرد پنهنجن ڳوٺن ڏانهن موٽڻ کان اڳ سنڌ يونيورسٽيءَ جي حاطي ۾ سرگس ڪڍي، ڪنڊ-ڪنڊ جو يونيورسٽيءَ کي ڇڏڻ وقت جي وڇوڙي جو ڀرپور درشن ڪندا آهن. ڄامشورو جي شاگردن جي آلين اکين کي ڏسندي، مونکي پنهنجو اسڪولي جيون جو زمانو ياد اچي ويو. اُن زماني ۾ مئٽرڪ يارهي درجي ۾ بورڊ امتحان ٿيندو هو جڏهن اسڪول ڇڏڻ جا ڏينهن نزديڪ ايندا هئا تڏهن روايت مطابق ڏهين درجي وارا، يارهن درجو پڙهي اسڪول ڇڏڻ کان اڳ سينيئر شاگردن کي الوداعي دعوت ڏيندا هئا. جنهن ۾ سڀ اڌياپڪ، پرنسيپال سميت حاضر رهندا هئا. وڇوڙي ۽ موڪلاڻيءَ جو اُهو ڏينهن به غم ۽ لڙڪن سان ڇانيل هوندو هو. وڇوڙي، درد، الوداعيءَ جا گيت ڳاتا ويندا هئا. خود ماستر به اُن ۾ شرڪت ڪندا هئا. آخر ۾ مئٽرڪ امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ شڀ ڪامنائون ڏنيون وينديون هيون. يادگار گروپ فوٽو ڪڍيو ويندو هو. ماسترن کي پيري پيئي، دوستن سان ڀاڪر پائي، شاگرديائڻين کي هٿ جوڙي موڪلاڻي ڪندا هئاسين جو اُهو اسڪولي جيون جو آخرين ڏينهن هوندو اُن بعد پنهنجي پرئڪٽيڪل لائيف شروع ٿيندي هئي. گهڻا اوچ ايياس لاءِ ڪاليجن ۾ پڙهڻ ويندا هئا. ڪاليجي داخلائن لاءِ به انيڪ مونجهارا ۽ روزگار جا به مسئلا رهندا هئا. اسين اسڪولي هوائن کي الوداع ڪري، دلين ۾ وڇوڙي جو غم کڻي، مستقبل بابت سوچيندا هڪ ٻئي کان جدا ٿيندا هئاسين. اُهو زندگيءَ جو يادگار ڏينهن هوندو هو. جنهن ڏينهن جيون جي هر موڙ تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ آسيسون نصيب ٿينديون هيون. پنهنجن پيارن، لاڏلن، هوشيار شاگردن جي الوداعي سماروهه ۾ ڪيترن اُستادن جي اکين ۾ به

احمدآباد جي جاءِ تي، Vadodara ۽ Alkapuri لفظن مُنجهايو آهي، اُن ڪري
آفيس جو مڪمل پتو بہ موڪليندا. تن وڏيڪ ڊرامن تي بہ ڪم ڪري رهيو آهيان
جي آهن شاهہ لطيف، تاجل بيوس ۽ شهيد دودو سومرو- اوهان کي خبر ضرو
هوندي، تہ جڳديش لڇاڻيءَ ”ڏور بہ اوڏا سپرين“ نالي هيٺ شاهہ، شيخ اياز
تاجل بيوس بابت ويڊيو فلم اسڪرپٽ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جو هتي سنڌ
پهچي چُڪو آهي. مون طوفان تيار ٿيندڙ شاهہ ۽ مون بابت ڊراما جڳديش لڇاڻي
جي ئي اسڪرين پلي تي ٻڌل هوندا.

ماشااللهہ اوهان ”نئشنل ڪائونسل فار پروموش آف سنڌي لئنگيوئيج“ جهڙ
اهم ترين اداري ۾ ڪم پيا ڪريو. مونکي اُميد آهي، تہ منهنجا ٻئي ناٽڪ
خاص ڪري تاريخي حوالن تي ٻڌل ”سنڌوءَ جو گهاءُ“ ضرور وٺندو. ڀارت ۽ ٽيليويز
چئنل تي ڏيکارڻ سان گڏ، هن ڊرامي کي سي.ڊي. (CD) ۽ ويڊيو ڪئسيٽ جي
روپ ۾ جيڪڏهن مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ بہ آندو ويندو تہ مونکي اُميد آهي
ويدن ۽ مهاڀارت جي حوالن ڪري، هي ڊرامو گهر، گهر تائين بہ پهچي ويند
ٻئي ڊراما الڳ الڳ لفافن ۾ پيو موڪليان. جيئن تہ اڄڪلهہ هيرو نڪر، هر
موٽوواڻي ۽ نند ڇٻاڻي بہ هتي آيل آهن، جي پنج ڏهاڙا منهنجا ئي مهمان هئا
سندن سامان بہ مون وٽ ئي آهي، ان ڪري پنهنجي ڊرامن جي هڪ هڪ ڪاپ
اوهان کي هيري نڪر جي هٿ بہ موڪلي ڏيندس.

اوهان جو پنهن

تاجل بيو

اسان سنڌ يونيورسٽي ڄامشور جي سنڌي شعبي ۾ جناب ڊاڪٽر ٻُگهيو سان
جي آفيس ۾ گڏجڻ وڃي رهيا هئاسين تہ يونيورسٽي ڪئمپس ۾ ڪجهہ دردي
ڳائڻ جو آواز ٻڌوسين اڳيان وڌندي ڏٺوسين تہ شاگردن جي هڪ رئلي نڪتي ه
جنهن ۾ شاگرد، شاگرديائٽيون جهجهي تعداد ۾ شامل هئا. اسان سمجهيو تہ ش
شاگرد يونين جون چونڊون هونديون ۽ ڪنهن کي ڪٽائڻ لاءِ اُها سرگس نڪ
هوندي. پرسان لنگهندي ڏٺوسين تہ شاگردنجي چهري تي ڪي بہ خوشيءَ جا
ڪونہ هئا. گهڻن شاگردن جي اکين ۾ لڙڪ صاف نظر اچي رهيا هئا. سمجه
شايد ڪنهن شاگرد جو موٽ ٿيو آهي. جنازو ڪڍيو اٿئون ۽ دکہ وچان درديلن گي
جون ڪئسيٽون هلائي رهيا آهن. پر جيئن آرٽس فئڪلٽيءَ جي ويجهو پهتاسي
اُتي هڪ پروفيسر گڏيو. مون اُن کان پڇيو هيءُ ڪنهن جو جنازو ڪڍيو اٿائون
ڪنهن جا چهرا غمگين آهن. ڪو اسٽوڊنٽ يونين جو اڳوان هو ڇا؟ ڪلي ڇپا

پئي ڪئي. پر هڪ فرق جيڪو نظر آيو پارٽ ۾ هڙتالي پٿربازي ڪندا آهن، ويڙهه ڪندا آهن پر پاڪستان ۾ عوام پستول، بندوقن سان پوليس، وارن، فوجن سان دوبدو چڪريون ڪندا يا منهن مقابل ٿيندا نظر آيا. اُتي بندوقن-پستولن جو عام واهپو چٽڪ ٻارن جي رانديڪن جيان ڪيو ويندو آهي. هڪ احتجاج جنهن ڏيان ڇڪايو اُهو هو دولترام واپاريءَ جي ٿيل قتل ۾ پڪڙيل قاتلن کي ڦاهي ڏيڻ لاءِ جهول ۾ ڪراچي پوليس خلاف هڪ رئلي نڪتي هئي. واپاريءَ جي قتل ۾ پڪڙيل جوابدارن کي جيل ۾ سهوليتون ڏيڻ ۽ اُنهن مٿان پوليس طرفان چالان نہ ڪرڻ سبب شهرين احتجاج ڪيو هو. دولترام صوفي اِنسان هو. جهول-ڪراچيءَ ۾ واپاري سيٺ دولترام آرسواڻيءَ جو شرمناڪ قتل ڪيو ويو هو. هن قتل ۾ گرفتار قاتلن کي سزا ڏئي انصاف ڪيو وڃي لاءِ. ڪراچيءَ جي پوليس خلاف جهول ۾ شهرين، اسڪولي شاگردن، جئہ پرڪاش، سيٺ ديولال، شامون مل، سيٺ چيتانند، آسنداس روپچند، جان محمد آرائيس، رستم خان شر، قادر آرائين، هشمت اوڏ، ساجد جعفري ۽ ٻين جي اڳوانيءَ ۾ هڪ وڏي پئماني تي احتجاجي رئلي ڪڍي پريس ڪلب تي ڌرڻو هنيو، جتي اڳوانن رئليءَ کي خطاب ڪندي چيو تہ، ”دولترام انتهائي صوفي منش ۽ عوام جو پيارو، اِنسانيت جو حامي ۽ عدم تشدد جو حامي هو. غريبن ۽ مسڪينن جو مددگار هو، اهڙي سني اِنسان کي بي‌رحميءَ سان قتل ڪرڻ انتهائي شرمناڪ ڪارنامو آهي. اڳوانن اِها بہ گهر ڪئي هئي تہ پوليس هن قتل ۾ ٻن جوابدار شخصن کي گرفتار تہ ڪيو آهي اُنهن قتل جو اعتراف-قبوليت بہ ڪئي آهي پر قاتلن جو تعلق بالا عملدارن، بالا خاندان سان هئڻ ڪري پوليس اُنهن جي گرفتاري ظاهر نہ ڪئي آهي ۽ نہ ئي وري ڪيس جو چالان پيش ڪيو آهي اِن ڪري ڊپ آهي تہ هڪ فرشتي جي قتل جو ڪيس پوليس لوڙهي ڇڏيندي. اڳوانن اِها بہ گُهر ڪئي تہ جوابدارن کي ڦاهيءَ چاڙهڻ لاءِ وروڌ جاري رکيو ويندو. انصاف حاصل ڪيو ويندو. اِن معاملي عوام جو ڪافي ڌيان ڇڪايو هو. سنڌي هندو-سنڌي مسلم ايڪتا جو هڪ ثبوت هو. سنڌ ۾ سنڌي هندن لاءِ صحتمند ماحول هجڻ جا آثار هئا. سنڌين جي سخاوت، پرمارٿي، پيار، مسڪينن جا همدرد، نا ڌرم مذهب پروپڪار جا ڪم ڪرڻ ۽ دانويرتا جو هڪ عمدو مثال هو. سنڌي سوارٿي پڪا صوفي هجڻ جو هڪ وڏيڪ ثبوت مليو. مون هندو-مسلم ايڪتا ري رئليءَ کي ڪي. ٽي. اين. تي ڏسندي اڳوانن کي تقرير ۽ انصاف جي گهر سندي- ڏسي آفرين ڏني ۽ سلام پريو.

سنڌ دؤري جي درميان مون اِهو شدت سان محسوس ڪيو تہ پارٽي سنڌي

لڙڪ هوندا هئا. وڇوڙي جو غم ڀريل هوندو هو.
جڏهن به مان پنهنجي آلبم ۾ اسڪول جو رکيل گروپ فوٽو ڏسندو آهيان
اسڪولي جيون جون يادگيريون تازيون ٿي وينديون آهن جيڪي اُستاد پيارا دوس
هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪري ويا آهن اُنهن کي اکين آڏو ڏسي، اکين ۾ آ
تري ايندو آهي. شاگرد اسڪولي هجن يا ڪاليجي سنڌ جا هجن يا هند
وڇوڙي جا احساس، غم، درد سيني جو ساٿيو آهي.

ڌاڙيلي حملا، اغوا ڪرڻ، دهشت گردن جا بم ڌماڪا پاڪستان جي روزان
جيون جو چٽڪ هڪ اهم حصو بڻجي چڪا آهن. سنڌ جي جدا جدا ٽي.وي
چينلن تي به جيڪي سيريل ڏيکاريون وڃن ٿيون اُن ۾ ڌاڙيلن جي جيون ت
اڪثر آڌارت هونديون آهن. سنڌ ۾ ڪاري-ڪاريءَ جو وڏو سماجڪ ۽ قانون
مسئلو آهي. ڪنهن تي به الزام لڳائي، خون-قتل ڪري ڇڏڻ چٽڪ هڪ ع
رواجي گهٽنا آهي. قانون چپ آهي، قتل وڌيل آهن.

مهاتما گانڌيءَ شانت اهنسڪ مخالفت، وروڌ ڪرڻ لاءِ ستياگره جو اٿرد
هٿيار ڏنو. ستياگره ڀارت ۽ پاڪستان جي روزاني جيوت پڻ هڪ اهم حصو بڻج
چڪو آهي. هرروز ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه کي کڻي مظاهرا ٿيڻ جو
خبرون پڙهڻ، ٻڌڻ ۾ اينديون آهن. پاڪستان-سنڌ به اهڙن مظاهرن کان ڇٽل
آهي. هرروز اُتان جي اخبارن ۾ ڪنهن نه ڪنهن مسئلي، سرڪاري، سماجي
قانوني مسئلي کي کڻي يا سياسي ڌرين جي مخالفت جي مظاهرن جون خبر
اخبارن ۾ اُهي به وري رنگين فوٽن سان پڙهڻ-ڏسڻ لاءِ ملنديون رهن ٿيو
سنڌ-پاڪستان جي مظاهرن ۾ هڪ خاص ڳالهه نظر اِها ٿي آئي ته مظاهرين
ٽولو هٿن ۾ جدا جدا بئنر نه کڻي هڪ ئي وڏو بئنر هڪ کان وڌيڪ ماڻهو هٿن
جهلي آهستي آهستي روڏن، رستن تي نعرا هڻندي اڳيان وڌندا آهن يا هڪ
هنڌ بئنر پٺيان بيهي نعريبازي ڪندا آهن ته وقتي هنن جي هٿن ۾ هئنڊ لا
اسپيڪر پڻ هوندا آهن ۽ نعري‌بازي، تقريرون، مخالفت ڪندا نظر ايندا آه

سنڌ جي ملاقات دؤران رستن، اخبارن ۽ چينلن تي سرڪار جي جدا ج
انتظاميات خلاف احتاج ڏسڻ، پڙهڻ لاءِ مليا. ڀارت ۾ هڙتالن رئلين دواران ج
رستن کي واهڻ، بسين کي باهيون لڳايون وينديون آهن، پٿربازي ڪئي وين
آهي ساڳئي نموني سنڌ جي ڪن احتجاجن دواران ڪپڙن، رلين کي باهيون ڏ
احتاج ڪرڻ جا ڪافي نظارا نظر آيا. ڀارت جيان ئي اُتان جي پوليس به احتجاج
کي بي‌رحميءَ سان لٺين سان، ڳوڙها گئس، گولين سان ڇڙوڇڙ ڪرڻ جي ڪوش

پيرا سنڌ جي زيارت ڪئي. جڏهن به موقعو ملندو هوس، سنڌ جو سڏ ٿيندو هوس
ڊوڙي پهچي ويندو هو. پل ڪهڙيون به حالتون هجن. سنڌ جو سڏ هن لاءِ الاهي
حڪم هو. جنهن کي هو ضرور بجا آڻيندو هو. مسلمان جيئن پاڪ آستان مڪي-
مديني جي زيارت ڪري موٽندا آهن ته پاڻ کي ''حاجي'' سڏائيندا آهن. هري
موٽواڻيءَ لاءِ سنڌ جي زيارت ڪنهن پاڪ، پوتر آستان کان گهٽ ڪونه هئي. هن
به پاڻ کي ''سنڌي'' سڏائڻ شروع ڪيو هو. هن سنڌ جي سارو ٽين، پاڪ محبت،
جذبن کي ڪٺي، ''جزيل جن سان جند'' 1988 ۾ سنڌ جو سفرنامو شايع ڪيو هو ته
وري هن جا ناول ابو ۽ اجهو به سنڌ، سنڌيت جي جذبي سان شرسار ٿيل خوبصورت
شاهڪار ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سونهن آهن. هريءَ جو جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هو. سنڌ
۾ منگهن جو شهر حيدرآباد سڏيو ويندو آهي پر لاڙڪاڻي ۾ هري موٽواڻيءَ جي
اڪيلي جڳهه هئي جنهن ۾ منگهه، ورهاڱي بعد به قائم هو. هري جڏهن به سنڌ
جي ملاقات ونندو، پنهنجي منگهه واري جاءِ تي سجدو ضرور ڪري ويندو هو.

هر دل عزيز هري موٽواڻيءَ جي وفات بعد هريءَ جون هانيون هردوار ۾ گنگا
۾ پروان ڪرڻ سان گڏ سنڌ ۾ سنڌو نديءَ ۾ پروان ڪرڻ لاءِ پڻ موڪليون ويئون.
سنڌ جي اديبن هري موٽواڻيءَ جي ڦولن کي باعزت، دليءَ ۾ ڪٺي، ٻن ٻيڙين ۾
سوار ٿي، وچ سنڌو درياهه ۾ وڃي هندو ڌارمڪ وڌيءَ سان پروان ڪيون. اُن وقت
سنڌ جي فضا ۾ دک ڇانيل هو. مسلمان سنڌي اديبن جي اکين ۾ لُڙڪ هئا. دل ۾
پاڪ جذبو هو، پنهنجائپ هئي. رت جا رشتا نه پر وشواس جا رشتا هئا. جن ثابت
ڪيو ته هريءَ لاءِ سنڌ ۾ ڪيتري نه عزت هئي ۽ سنڌ جي اديبن کي هند جي
اديبن لاءِ ڪيتري نه پنهنجائپ ۽ پاڪيزگي آهي. سداحيات هري موٽواڻيءَ جي
هانين کي پروان ڪرڻ جون خبرون فوٽو سميت سنڌ جي هر اخبار ۽ چينل شد مد
سان ڏنيون. سنڌ جي سڄاڳ ذهني پانڪن جن ڪونج پڙهي هئي، هريءَ جا
ڪتاب پڙهيا هئا، اُنهن جون اکيون پڻ آليون ٿي ويئون. سنڌ واسين هريءَ جي
روح جي شانتيءَ لاءِ خدا پاڪ جي بندگي ڪئي.

هري موٽواڻيءَ سان گڏ ئي مون پهريون پيرو سنڌ جي سرزمين تي پير رکيو
هو. انڊو پاڪ پيپلس پيس فورم طرفان ڪراچيءَ ۾ عالمي اجلاس رکيل هو. اجلاس
۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڀارت جي جدا جدا ٻولين جي مفڪرن سان گڏ سروَ شري هري
موٽواڻي، هيرو ٺڪر، لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل، نند جويري ۽ منهنجي (جيٺو لالواڻي)
جي پسندگي ڪئي ويئي هئي. اسان امرتسر واگها سرحد تان لاهور کان ٿيندا
ڪراچيءَ سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پهتا هئاسين 11 ڊسمبر 2003 تي اسين لاهور

اديبن لاءِ سنڌواسين ۽ سنڌي ذهني طبقي ۾ ڪافي عزت آهي. پارتي سنـ
ادب جو اڀياس، مطالعو ڪيو وڃي ٿو ۽ اُن جون جيڪي به مخزنون، رسالا، اخبا
شايع ٿين ٿيون، اُنهن ۾ به ته اديبن جون رچنائون، ادبي خدمتن بابت ذڪـ
ڪيو وڃي ٿو پر گڏوگڏ جيڪي ڪوجناتمڪ، آلوچناتمڪ، تنقيدي ڪتاب شايع
تا اُنهن ۾ به پارتي سنڌي اديبن کي اڳرائي ۽ اهميت ڏني وڃي ٿي.

سنڌ جي جن به ادبي بئنڪن، ڪچهرين، ادبي دوستن سان گڏجاڻيون
ٿيون اُنهن ۾ جنهن نالي جو ذڪر بار بار ٿي نڪتو اُهو هو سداحيات هري موٽو
'سنڌي'. هريءَ جي ڪوٽ، سنڌ جو ننڍو وڏو اديب، فنڪار، صحافي، ذهني
محسوس ڪري رهيو هو. هريءَ سان گذاريل پل ياد ڪري ڪي ته هنجو
هاري رهيا هئا. اديبن سان گڏ اُنهن جو ڪٽنب به هريءَ ڪانسواءِ جڻڪ پاڻ
اُباڻڪو محسوس ڪري رهيو هو. هري سنڌ جي اديبن جو گهر جو هڪ ڀاتي،
بڻجي پيو هو. هو بنا روڪ ٽوڪ سيني گهرن ۾ پنهنجائپ ۽ محبت سان گهمـ
ڦرندو، رهندو، ننڍن وڏن سان ڪچهريون ڪندو هو. ننڍن سان ته هن ڪـ
محبتون ونڊيون هنيون. ننڍا-ننڍڙيون هن کي پنهنجو ''ابو'' سمجهنديون هـ
۽ ''ابو'' نالي ئي مخاطب ٿينديون هيون ۽ دل جو احوال اوريندپون هيون.

سنڌي ادب ۽ صحافت جي کيتر ۾ هري ڏينهان ڏيهه شهرت حاصل ڪـ
شخصيت هري علم، عقل ۽ ڏاهپ جو مالڪ هو. هريءَ ''ڪونج'' رسالي دوا
هند ۽ سنڌ جي ڳانڍاپي جو هڪ پل بڻجي ڪم ڪيو. هن ''ڪونج'' رسالي
خاص ۽ نمائش پرچن ۾ سنڌ جي برک اديبن ۽ نون اديبن جون رچنائون، مضمـ
مواد شايع ڪري سنڌي ادب کي مالامال هڪ طرف ڪيو ٻئي طرف هند-سنڌ
پاٺڪن کي ادب لاءِ چاهه پئدا ڪيو. هري موٽواڻيءَ هند جي انيڪ اديبن
پاٺڪن ۾ لوڪپريه ته بڻايو ئي پر سنڌ جي اديب امر جليل کي به پارتي اد
سان ڪونج ذريعي شناسائي ڪرائي. سنڌ مان ڪوبه اديب، شخص پارت اينـ
ته هري موٽواڻي محبت ۽ پيار جا خزانا هنن مٿان لٽائي ڇڏيندو هو. محـ
قرب، اخلاق ته ڪو هريءَ کان سکي هر وقت پيو مسڪرائيندو. هن زماني جا ا
دکه سور سنا دوستن جا ڏنگه سنا پر شانت چت سان قرب ۽ محبتون ونڊيندو ر
سنڌ جي هر شعبي ۾ هن مڃتا حاصل ڪئي. ڪونج جي ساک پوري سنڌ ۾ ڦـ
هئي.

هري موٽواڻيءَ کي پنهنجي ڌرتي سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ماڻهن سان
لڳاوَ هو. هن جي اِن جذبي جو ذڪر انيڪ رچنائن ۾ ملي ٿو. موٽواڻيءَ الائي

ڪمبل سبب سرير ۾ ڪجهه گرمائش به آيل هئس. ڪجهه پلن بعد لڇمڻ ڪي ننڊ
اچي ويئي. مون هريءَ طرف نهاريو. هن جي اکين ۾ ڪجهه وقت اڳ جتي لڇمڻ
لاءِ نفرت، غصو تاري هو اُنهن اکين ۾ هڪ عجيب سڪدائي سڪون محسوس
ڪيم. هريءَ جي اِنسانيت پرئي، پنهنجائپ جي وهنوار ڪي ڏسي، مون هريءَ
ڪي دل ئي دل ۾ سلام پريو. مٹين مبارڪون ڏنيون.

ٻاهران ڪنور نظر ايندڙ، وري بيمار شخص، پنهنجي طبيعت جي چنتا نه
ڪري، تاري ٿيل دشمنيءَ ڪي درگذر ڪري، اِنسانيت سان پرپور وهنوار ڪندڙ
اِنسان هري واقع هڪ فرشتو هو. سنڌ جي دؤري ۾ هن منهنجو به ڪافي ڌيان
رکيو. هن جي احسانن ڪي ياد ڪندي، منهنجو مستڪ هن مهان شخص اڳيان
ازخود جهڪي وڃي ٿو. هري موٺواٽي واقع ئي وهنوار ۾ هري روپ هو.

سنڌ ۾ جتي ڪٿي اسانجي آجيان ٿي رهي هئي. هڪ سوال اڪثر پڇيو پئي
ويو ته ورهاڱي وقت جڏهن سنڌ جي سنڌين مٿان ڪي به خونخوار، لٽ، ڦر،
ڦاهيون لڳائڻ جا واقعا نه ٿيا هئا. سنڌي هندو-مسلمان سنڌ ۾ قومي ايڪتا
ڀائيچاري سان گڏ رهندا هئا، هڪ ٻئي ۾ وشواس قائم-دائم هو. ڳوٺن جا ڳوٺ
ڳالهه ۾ ڪير ڪندڌ ٿي ويا هئا ته پوءِ اِهڙو ڪهڙو نفرت، جنون جو واءُ لڳو جو صدين
جي وشواس جي ديوار ريتيءَ جي محل جيان ڪري پيئي ۽ وشواس جي ڳالهه ته
ڇ به نه صرف سنڌي مسلمانن جي وچ جئن جو تڏن قائم آهي پر پاڪستان جو
ڀاڱو، صلح پسند عوام، جيڪي وڪاس، واڌاري ۾ وشواس رکن ٿا، شدت سان
محسوس ڪن ٿا ته لڙائي، دهشت، وحشت، خونريزي يا بم ڌماڪن سان ڪوبه
مسئلو حل ٿي نٿو سگهي. قومن وچ بندوق جي زور تي امن-امان قائم ٿي نٿو
سگهي. جيترو دٻاءُ وڌندو آهي اوترو ئي بغاوت ڦهلبي آهي. مخالفتون ۽ مظاهرا
ٿين ٿا. پاڪستان ترقي ڪرڻ چاهي ٿو. عوام جي جيون جو درجو اوچو آڻڻ جي
خواهش رکي ٿو، قومي آمدني، سيڙپون وڌائڻيون آهن ته اُهي لڙائي سان نه پر
شانتي ۽ صلح سان ئي ممڪن آهي. اِن ڪري ئي ته هر سال 15-14 آگسٽ تي
اريل ڪافي عرصي کان امرتسر واگها سرحد تي ڀارت-پاڪ جا ناگرڪ گڏ ٿيندا
آهن ۽ ميڻ بتيون ٻاري روشني ڪندا آهن. پر سوال آهي ته اختياريءَ وارن،
ٻنهي سياستدانن ۽ ڪٽرپنٿين جي اونداهي دلين ۾ ڪڏهن شانتيءَ جي جوت
ٻرندي؟ مون سنڌ جي هڪ فنڪار کان اِن سلسلي ۾ سوال پڇيو ته هي جو هر سال
ڀارت-پاڪ هٽرادو سرحد تي رات جو ميڻ بتيون، ڏياٽيون ٻاري روشني ڪئي ٿي
ڇا اِن سان ڇا ڀارت پاڪ وچ نفرت جي ديوار آهي اُها ڊٺندي؟ ٻنهي ملڪن

کان ڪراچيءَ ٽرين دواران سفر ڪيو هو. هري موٽواٽيءَ سان منهنجو ڪيل لن
سفر پهريون پيرو هو. مان سنڌ وڃڻ لاءِ دهليءَ پهتل هوس. جناب هيري نڪر ج
گهر جناب هري موٽواٽي به لٿل هو. هريءَ جا هيري نڪر سان تمام گهرا گه
تعلقات هئا. هوءَ هيري نڪر صاحب جي گهر جو ڀاتي هو. نڪر صاحب جي ماڻ
ڌرمپتي پوڄا ۽ ٻئيا سان ويهي ڪچهريون ڪندو هو. دهليءَ کان صبح جو سو
ٽرين رستي امرتسر ڏانهن سفر ڪرڻو هو. هريءَ کي رات جو اچي مچ بخار ورت
هن جي طبيعت ڪافي ناساز هئي. وقت سر دوا به ورتي ويئي، سرير ۾ ڏاڍ
ڪمزوري اچي ويئي هئس. ڊاڪٽر پڻ لنبو سفر ڪرڻ کان هريءَ کي منع ڪئ
هئي. سيني هريءَ کي سنڌ جو دؤرو رد ڪرڻ لاءِ سمجهايو. پر هريءَ ۾ پختو آ
وشواس هو ته هن کي ڪجهه نه ٿيندو. موت ۾ چيو هئائين، ”سنڌو ماتا جي گ
۾ پهچڻ سان نوٻنو ٿي ويندس. مونکي ڪجهه نه ٿيندو. اگر خدا تعاليٰ ڪجهه ٿ
به ته سنڌو ماتا جي گود ۾ آرامي ٿي، پرم شانتيءَ سان موڪش حاصل ڪندس.

واقع ئي هن جي وشواس اڳيان سجدو ڪيم. صبح جو سفر ڪندي جئن جئ
امرتسر ويجهو پهچندا رهياسين هن جي طبيعت ۾ عجيب سڌارو ۽ سرير ۾ ڦڙت
نظر ايندي ويئي.

11 ڊسمبر رات اسان لاهور کان ڪراچيءَ سفر ڪري رهيا هئاسين. ڪافي
هئي. پاڪستان ٽرين جي اي.سي. ڪلاس ۾ هوندي به ڪوبه بسترو وغيره نه مل
هو ۽ نه ئي وري پاڻ سان گڏ اسان گرم بسترو کنيو هو. ڪجهه گرم ڪپڙا، شال
وغيره کنيون هيون. پر اُهي به اڻپوريون هيون. ٽرين ۾ کنهن ڳالهه کي ڪٽي هر
موٽواٽي ۽ لڇمڻ ڀاٽيا وچ ۾ ڏاڍي چڪتاڻ پئدا ٿي. ڪافي دير تون-تون، ما
مان ٿيندي رهي ايتري قدر جو ٻئي پاڻ ۾ هٿين بجي ته ڪونه پيا، پر اُن را
کان وٺي پاڻ ۾ نه ڳالهائڻ جو قول ڪيو. ٻنهي کي شانت ڪرايوسين. هري پنهنج
سيٽ تي شال پائي سمهي پيو، لڇمڻ ڀاٽيا سگريٽ چڪيندو جاڳندو رهيو. ج
جئن ٽرين رفتار پڪڙي، رات وڌندي ويئي، سرديءَ به ڏڪائڻ شروع ڪيو، لڇ
ڀاٽيا وٽ مٿان پائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه هو، هوءَ ڪروندڙو تي ليٽي پيو هو. س
سرير ٿڌ سبب ڏڪي رهيو هوس. ڏند به ڪرڪي رهيو هو. هن کي مٿان پائڻ
کنهن وٽ به وڌيڪ چادر شال وغيره ڪونه هئي. اڌ رات جو جاڳ ٿي ڏٺم ته ه
موٽواٽي اُٿيو ۽ پنهنجو ڪمبل لاهي لڇمڻ ڀاٽيا جي ڏڪندڙ سرير مٿان وڌائ
لڇمڻ هڪ نظر هريءَ ڏي نهاريو. هريءَ هن مٿان ڪمبل چڱيءَ طرح پائي،
چپ چاپ شال پائي اچي پنهنجي سيٽ تي وينو. هن کي گرم ڪوٽ به پيل

ناريں سان وهنوار پريم، عزت، آجيوڪا جي باري ۾ ڀرپور ڳالهيون ٻڌايون هنيون نہ صرف ايترو پر سنڌ مان هندو سنڌين جي لڏي وڃڻ بعد مهاجرن اُنهن سان اِهڙيون عقوبتون ڪيون هيون جيڪي ٻڌڻ سان ئي ڏرن ڏڪيو وڃي. مون ڏنو تہ هن نوجوان پيڙهيءَ ۾ سنڌي هندن لاءِ اڄ بہ بيحد عزت ۽ محبت هئي. سنڌي هندن جي لڏي وڃڻ سبب هنن جي وڏن کي تہ اِفسوس هو ئي پر نوجوان پيڙهيءَ کي بہ وڇوڙي، جو درد ستائي رهيو هو.

فارين فئڪلٽي هاسپيٽل ڄامشورو جو ڪيئر ٽيڪر خالد حسين قاضي نصرپور جو رهندڙ هو. اُن جا وڏا قاسماباد ۾ نصرپور مان لڏي اچي رهيا هئا. هن جي ننڍپڻ 1966 کان 1988 تائين قاسماباد ۾ گذري هئي. لطيفاباد ۾ رهندڙ خالد حسين ٻڌايو تہ هن جا وڏا نصرپور ۾ هندو زميندارن وٽ ٻنين ۾ باغن تي ڪم ڪندا هئا. تڏهن اُهي ڏاڍا سکي ستابا هئا. ورهاڱي بعد اُهي زمينون ۽ گهر مهاجرن اچي وسايا. هنن جي وڏن کي بيروزگار بڻائي ڇڏيو. هوُ روزي روٽيءَ آجيوڪا لاءِ قاسماباد اچي رهيا. خالد کي سندن پتا، ماتا نصرپور جي هندو ڪٽنب جي وهنوار بابت ڪافي ڄاڻ ڏني هئي ۽ ٻڌايو هو تہ نصرپور هندن جي اشٽديو جهوليلال جو جنم آستان آهي ۽ چيٽي چنڊ تي اُتي هندو-مسلمان گڏجي ميلو ملهائيندا هئا. قومي ايڪتا-ڀائيچاري جو ثبوت ڏيندا هئا. نہ صرف ايترو پر مسلمانن جي آشورن جي ڏينهن هندو، سنڌي تاجين جي نہ صرف آجيان ڪندا هئا پر رستن تي اُنهن جي لاءِ ٿڌي پاڻيءَ جا مٽ ڀري رکندا هئا. خالد چيو اِهڙو ڪهڙو واءُ لڳو جو توهان جا وڏا اسان کي ڇني ڇورو ڪري ويا. اسين چاهيون ٿا تہ ڀارت جا سنڌي هندو سنڌ موٽي اچن. اچي پنهنجي سنڌ کي وري ورسائين. نئين سِر اڏي مالي طور مضبوط ڪن. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ سنڌي هندن سان اسان جي وڏن تہ اِهڙو ڪجهہ ڪونہ ڪيو هو جو سنڌ ڇڏي وڃڻ لاءِ مجبور ٿيا. مجبور تہ اسين ٿيا آهيون. پنهنجا اڏيل ڳوٺ ڇڏياسين. قاسماباد ۾ تہ ايترا اهنسڪ فساد مهاجرن ۽ سنڌي مسلمان سنڌين وچ ۾ ٿيا جو هند-پاڪ وانگر قاسماباد ۽ لطيفاباد وچ ۾ هڪ سرحد ڪڙي ٿي ويئي آهي. لطيف آباد ۾ ٿيل قتل، ڌڪاڌڪ، خونريزيءَ سبب لطيف آباد ۾ رهندڙ انيڪ سنڌي مسلمان لڏي لطيف آباد ۾ اچي رهيا.

پاڪستان ۾، پنهنجي سنڌ، جنم ڀومي تي رهندي بہ لڏپلاڻ ڪرڻي پيئي. اسان کي مهاجرن ڳوٺن مان تہ هڪاليو پر شهرن ۾ پڻ رهڻ نہ ڏنو. اسان کي قاسماباد پنهنجو ڳوٺ ڪافي ياد پوندو آهي تڏهن دل ۾ هڪ احساس بہ پيدا ٿيندو آهي تہ لڏي ويل سنڌين کي بہ ضرور سنڌ ياد پوندي هوندي. اسان کي

جي عوام جي وچ ۾ ويڇا، ورود گهٽيا آهن؟
مسڪرائيندي جواب ڏنائين تہ ''اِها روشني ئي اُن جو ثبوت آهي تہ اڄ ڪا
گهڻو وقت اڳ جڏهن پاڪستان ڪن مدبرن، ذهيني سڄاڳہ طبقي ٻنهي ملڪ
جي عوام جي وچ ۾ وشواس جي جوت جاڳائڻ لاءِ ميڻ بتيون سرحد تي ٻارڻ ج
ويچار ڪيو ۽ عمل ڪيو تڏهن تورا شخص هئا جن جي ذهنيت ۾ بدلاوَ آيل هو
جيئن جيئن وقت گذرندو وجي تو پائيچاري، پائپيءَ جي سوچ ۾ وڌيڪ بد
ايندو پيو وڃي. هر ڪنهن محسوس ڪيو آهي تہ شانتي ۽ وشواس ئي وڪاس جي
ڏاڪڻ آهي. اُن تي چڙهي چاهيل منزل حاصل ڪري سگهجي ٿي. جيئن جيئ
پاڪستان جا ماڻهو حقيقت شناس ٿي رهيا آهن، جهجهي انداز ۾ ميڻ بتيو
ٻاري روشنيءَ جي دائري کي وسيع بڻائي رهيا آهن. وقت گذرندي اجا بہ عوا
پاڻ ۾ جڙندو. ائين تہ سالن جي نفرت دور ٿيڻ ۾ وقت تہ لڳي ئي ٿو.'' سوچيند
عوام جي ويچار ڌارا ۾ تہ بدلاوَ اچي رهيو آهي پر سناڌاري، ڌرم جنوني شخص
تہ اجا بہ ورهاڱي جي جذبات کي پڙڪائيندا رهن ٿا. پر هڪ حقيقت اِها بہ آه
تہ جڏهن ملڪ جي رهواسين صادق جذبي سان، ايڪتا جي ڏور پختي ڪري
دائمي شانتيءَ جي گهر زور پڪڙيندي، ماڻهن ۾ جاڳرتا ايندي ۽ هرڪو محسو
ڪندو تہ ورهاڱي جو ڌرم-مذهب سان ڪو واسطو ڪونهي. اِها انگريزن جي ويڙهائ
جي هڪ سياسي چال هئي. سڄاڳي ٻنهي ملڪن جي عوام لاءِ ضروري آهي
چاڪاڻ تہ ٻنهي ملڪن، سنڌي مسلمانن ۽ سنڌ جي هندن جي سيتا، تواريخ
جاگرافي ۽ ورثو تہ هڪ ئي آهي. اسان شانتيءَ جا بہ جدا جدا سڪا نہ پر هڪ
سچي، سوني سڪي جا بہ پاسا آهيون. شانتيءَ جي تلاش ضرور نظرئي ۾ بد
اچي رهيو آهي.
اسان کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي حاطي ۾ فارين اسٽوڊنٽس هاسپيٽل جي وي
پي. روم ۾ رهايو ويو هو. اُتي جي ڪئنٽن ۾ ئي بريڪ فاسٽ، چانهہ وغيره
مهمانن لاءِ بندوبست ڪيل هو. اُتي جا ڪئنٽن بواءِ نوجوان سنڌي هئا. ا
جڏهن ناشتو ڪرڻ وهندا هئاسين تہ هو اسان جي ڏاڍي خاطرداري ڪندا
وقتي ويهي ڪچهري بہ ڪندا هئا ۽ ڀارت جي سنڌين بابت ڄاڻ بہ حاصل ڪ
هئا. مون کي حيرت اِها لڳندي هئي تہ نوجوان ٽهيءَ جي هنن شخصن کي پ
جي سنڌيت سان ايترو لڳاءُ ڇو آهي!؟... ڳالهين دوران ڄاتم تہ ورهاڱي بعد سن
ڇاول نئين ٽهيءَ کي اُنهن جي بزرگن، سنڌ ماں لڏي ويل سنڌين جي آسودگ
وهنوار ۽ سنڌ کي اڏڻ، خوشحاليءَ، زميندارن، سخاوتي ڪمن ۽ پنهنجن ها

ٿي. خالد جون ڳالهيون ٻڌي، هن جي دل ۾ سنڌي هندن لاءِ ڪيتري نه عزت، پنهنجائپ آهي جي محسوس سان گڏ اِهو به شدت سان محسوس ڪيم ته سنڌ جي عام سنڌي نوجوانن ۾ سنڌ جي بربادي‌ءَ لاءِ ڪيتري نه دل ۾ پيڙا ۽ درد آهي. ملڪ جي ويڳاڻپ. فراق موت کان به وڌيڪ آهي. وطن قوم ويڳاڻي ٻڻجي، پنهنجي ملڪ ۾ ڪيترا ڏينهن بيگانيت جو مقابلو ڪندي رهندي- هڪ سوال آهي؟

ڳالهه ڳالهه مان نڪتي آهي ته اِها به هڪ حقيقت آهي ته ورهاڱي بعد به لڳاتار سنڌ-پاڪستان مان هندن جي لڏپلاڻ ڀارت طرف جاري آهي جنهن ۾ سنڌي هندن جو عدد وڌيڪ آهي. اُن جو مکيه ڪارڻ پاڪستان ۾ غيرسلامتي ۽ غير سياسي دائميت جوابدار ته آهي ئي پر هندن ۾ پنهنجين ڌيئر-ڀينرن، عورتن ڪي ڪٿي اُنهن جي محفوظگي‌ءَ ڪي ڪٿي دٻ پڻ آهي. ڀارت جي ڪيترن ئي شهرن ۾ پاڪستان سنڌ مان لڏي آيل سنڌي هندن جي ناگرڪتا ڪي ڪٿي ڪافي مسئلا کڙا ٿيا هئا. انيڪ اڳوانن اُنهن کي ناگرڪتا ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪيون هيون. اڃا به انيڪ سنڌي ڪٽنب آهن جن کي ڪافي سالن بعد به ڀارتي ناگرڪتا حاصل نه ٿي آهي. ڪوششون جاري آهن. سنڌ-پاڪستان مان لڏي آيل سنڌي ڪٽنبن ڪي هتي پاڪستاني سڏيو ويندو آهي. ڪيترا ڪٽنب، سڄاڻ شخص چوندا آهن ته اسان جي راشٽريتا ڀل پاڪستاني آهي پر اسين سنڌي آهيون- سنڌ مان ڀارت لڏي آيا آهيون اصلي سنڌي اکنڊ ڀارت جا حصو هئاسين. اسين مول ڀارتي آهيون اِن ڪري اسان کي ”سنڌي“ ئي سڏيو وڃي نه ڪ پاڪستاني.

ڀارت ۾ جيڪي سنڌي پاڪستان مان لڏي دائمي طور اچي وسيا آهن اُنهن ۾ گجراتي، جين ۽ ڪجھه ٻيون قومون به آهن. پر ڪي مسلمان ڀائر به آهن جيڪي ورهاڱي وقت پاڪستان لڏي ويا هئا. پاڪستان ۾ رهندي روزي روٽي‌ءَ جي مسئلن سان لڙندي هنن محسوس ڪيو ته ڀارت مان پاڪستان لڏي اچڻ هنن جي ڀل هئي. جناب مِٺي ميهري‌ءَ سان مان ۽ هيرو ٺڪر حيدرآباد جي شاهي بزار ۾ چادرن جي خريدي ڪرڻ ويا هئاسين اُتي عبدالله ڇيپا جي هڪ وڏي دڪان تي مِٺو وٺي هليو. هن کي جڏهن خبر پيئي ته اسان ڀارت مان آيا آهيون ۽ خاص جڏهن مون هن کي ٻڌايو ته مان احمدآباد مان آيو آهيان تڏهن هوُ اسان سان گڏجي ڏاڍو خوش ٿيو. اسان کي عزت سان وهاري آدرياءُ ڏنائين. شربت پيئاريائين. هندستان جو حال احوال ورتائين ۽ احمدآباد جي ڇيپاواڙ ۾ رهندڙ سندس عزيزن جي جاڻ ڏنائين. هن جي ڳالهين مان لڳو ته هن کي به پاڪستان لڏي اچڻ ۽ ڀارت ۾ پنهنجا اڃا ڇڏڻ ۽ عزيزن کان وڇڙڻ جو درد دل ۾ هو. جناب ڇيپا جي

جڏهن پنهنجي ڳوٺ جي تمام گهٽي سنائيندي آهي، گهر جي سڪ لڳندي آه
تڏهن موٽر سائيڪل تي ويندا آهيون. گهمي ڦري ايندا آهيون. پراڻا گهر حيدرآب
۾ ڏسڻ لاءِ بيهي رهندو آهيان. حيدرآباد، هيراباد ۾ پراڻا هندن جا گهر ڏٺي ره
آهن جڏهن اُنهن مٿان هٿوڙا هڻندو ڏسندو آهيان ته لڳندو آهي ته اِهي هٿو
منهنجي سيني تي لڳي رهيا آهن. اِهي هندن جا گهر نه پر اسين اُجڙي ره
آهيون. سنڌ اُجڙي رهي آهي. حيدرآباد جي وڏين شاهي عمارتن، گهرن ٻاهرا
نيم پليٽون لڳل آهن اُهي اُها عمارت ٺهڻ جي سال جو شاهد آهن. عمارتن جا
سامهون بيهندو آهيان ته لڳندو آهي ته بالڪنين ۾ اڄ به ڪوئي بيٺو آهي جيڪ
مونکي ڏسي رهيو آهي، جايون ٽوڙين پيا چڙڪ اسان کي کُهن پيا. هيراباد
حيدرآباد ۾ سنڌي هندن جي ڏاڪ هئي.
ڪافي وڏا ماڻهو، سخي داتار هتي رهندا هئا. بزرگن ٻڌايو هو ته سنڌ ورق
پرڏيهه مان ناڻو ڪمائي ايندا هئا ۽ اچي سنڌ کي مالامال ڪندا هئا. اُهي سخاو
جا ڏاڻي هئا. اڄ سنڌ ۾ وڏو ماڻهو اُهو آهي جنهن وٽ وڏي جاءِ ۽ وڏي ڪار آهي
سڀ ڪوڙ، نقل، سڀ پئسن وارا، ٽئين چار نمبري نه پر ڏهه نمبري آهن. هتي
ماس به نقلي اُهي ته پاڻي به نقلي. تور ۾ به ڪوڙ. جتي ڪٿي ڪوڙ ۽ نقلي پڻ
جو راڄ آهي. هن وڏيڪ چيو مهاجرن ۽ سنڌين وچ ۾ بار بار جهيڙا جهڳڙا ٿيندا ره
آهن. گهر ڇڏي وڃڻ لاءِ فونن تي ڌمڪيون به ملنديون هيون. هي مهاجر سنڌ
ڇاوا نه آهن. اُنهن کي ڪهڙي سنڌ ته سنڌ ڇا آهي؟ مهاجر سنڌ ۾ رهندي به
پاڻ کي سنڌي نٿا سڏائين، سمجهن. ڌاريا پاڻ آهن، پر اسان سنڌ ڇاون کي ڌا
پيا سمجهن. توهان سنڌ ڇاوا، جيڪي اسان کي اناٿ بڻائي ويا آهيو. توها
پنهنجن پائرن وٽ موٽي اچو اسين توهان کي اکين تي وهارينداسين.
خالد چيو، وڏا چوندا هئا ته هندو سنڌين وچ ۾ اسان ڪڏهن به ابالا ڪمز
ڪونه هئاسين. روزي روٽيءَ جو ڪو به مسئلو ڪونه هو. ڪڏهن به بيڪه ڪونه پني
ئي بکئي پيٽ سمهيا هئاسين. پر هاڻي سنڌ جا مسلمان غريب سنڌي، جهوپڙين
رهن ٿا. غريب ويچارا جهوپڙين وارا پاڻيءَ لاءِ سکن ٿا، گهر گهر پاڻيءَ لاءِ بي
پنن ٿا. سنڌين لڙڻ لاءِ پاڻ کي طاقتور نه بڻايو آهي. مهاجر سنڌ جي سنڌين
اجوڳ فائدو وٺن ٿا. لکين-ڪروڙين روپيه ڪمائين ٿا. مسجدن ۽ مدرسن ۾
ايئرڪنڊيشنر لڳل آهن. آتم گهاتي بم ڌماڪا ٿين ٿا. نماز بم ملٽري پهري هي
پڙهجي ٿي. مٿان نه ڪو اچانڪ بم اُڇلائي ۽ الله جي بندگي ڪندي نه ڍير
ٿي وڃون. نماز، بندگي به دل سان نه پر حياتيءَ، موت جي ڊپ سان ادا ڪج

جي پوليس جي مدد سان هنن عمارت جو دروازو کولايو ۽ ورهاڱي وقت هڪ ڪٻاٽ جي پٺيان ديوارن ۾ لڪائي رکي ويل سونا زيور، هيرا، جواهر ڪڍائي پاڻ سان کڻي ويا. اُن بعد جيڪي به مهاجرن هندن جي جڳهين ۾ اچي رهيا آهن اُنهن مان گهڻن اُهي جايون ڊاهي پٽ ڪيون آهن ته متان نه ڪنهن جاءِ مان هندن جو لڪل-پوريل خزانو حاصل ٿئي.'' مونکي به لڳو ته وڪيل جنهن جو نالو محمد يوسف هو ڪي به دل ۾ اِها ڳالهه هئي ته اسين به ڪو پنهنجن ناناڻن جي گهر جي تلاش اِن ڪري، ڪري رهيا آهيون شايد اسان جي بزرگن به سنڌ ڇڏڻ وقت خزانو پوري ويا هئا ۽ اُن جي حاصلات لاءِ ئي اسين به حيدرآباد آيل آهيون. هن وڪيل ئي جناب ايل. ڪي. آڏواڻيءَ جي گهٽي گهمائي ۽ ٻڌايو ته جڏهن آڏواڻي صاحب سنڌ-پاڪستان جي دؤري تي آيا هئا تڏهن اُن گهٽيءَ، شاهي بزار ۽ پنهنجي جاءِ جي به ملاقات ورتي هئي. وڪيل جيڪي پراڻيون شاهي جڳهيون اسان کي ڏيکاريون اُنهن جي درن مٿان نيم پليٽ انگريزيءَ ۾ لڳل هنيون. نالن ۽ اڏاوت سال ڏيکاريندڙ پٿر اُڪريل هئا. جن ۾ ڪجهه هن ريت هئا : ٻيرومل چوئٿرام مورجاڻي (1916)، تولارام ڀارواڻي (1923)، صوڀراج اُڏيرومل (1942)، ڪيمي ٻائي حڪومل (1924)، رام لوج (1936)، ڏيارام جيٺومل (12 مارچ 1920)، ايسرداس گلومل (1921)، ايسرداس ڏالومل، جواهر مشن (1941)، جهوڙامل امل‌مل (1915) وغيره.

ڪن جڳهين تي هٽواڻڪيءَ ۾ نالا اُڪريل هئا. ڪن تي انگريزي ۽ سنڌيءَ هٽواڻڪي ته اسان لاءِ پڙهڻ، سمجهڻ مشڪل هو. شاهي بزار جيڪا ايشيا ۾ لنبي بزار هئي. انيڪ گهٽين ۾ جڳهين مٿان اوم ڇٽيل هئا ته انيڪ درن جي مٿان نالا لڳل هئا. اسان سينٽرل جيل جي لوهي دروازن وارو شاهي قلعو به ڏٺو جنهن هيٺان شاهي درياهه وهي رهيو هو. گنجو ٽڪر ۽ تلڪ چاڙهيءَ بابت ٻڌو-پڙهيو هئم اُهي منهنجي سامهون هئا. گنجي ٽڪر تي نظر ورائيندي ڏٺم ته اُتي هڪ به وڻ ڪونه هو. البت ماٽريءَ ۾ ساوڪ ئي ساوڪ هئي. اسان گهمندا گهمندا هڪ شاهي ٻڙ جي وڻ هيٺان اچي پهتاسين. پر ۾ مسجد هئي. نمازي نماز ادا ڪري ٻاهر نڪتا ٿي. هرهڪ وڪيل يوسف سان ''وعليڪم سلام'' چئي مخاطب ٿي رهيا هئا. اُردوءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا هرهڪ اسان جي باري ۾ پڇي رهيو هو. پرسان ئي سعيد شاهه علي پڪوڙن واري جو دڪان هو. اُن وڪيل کي سڏ ڪري اسان کي پڪوڙا کارائڻ لاءِ چيو. پڪوڙائيءَ به ڏاڍي عزت ۽ محبت سان ڳالهايو. ٻڌايو ته هن جا وڏا سؤراشٽر مان لڏي سنڌ آيا هئا. هن پاڻيءَ جا گلاس گهرايا. اُڄ هوندي به پاڻي پيئڻ تي دل نه ٿي رهي هئي. دل ۾ هلڪي ڊپ جو احساس ته هو ئي. دل

احمدآباد ۾ پارٽ اچڻ جي ڏاڍي خواهش هئي. ٻڌايائين ته ويزا لاءِ ٻه ٽي دفعا
ڪوششون ڪيون آهن پر ناڪام رهيو آهيان. هن احمدآباد جي ڇيپاواڙ ۾ رهندڙ
عزيزن جي ائڊريس فون نمبر ڏنا. اُنهن لاءِ ڪجهه شيون ۽ مٺائيءَ لاءِ روڪ رقم ب
ڏني ۽ بروقت احمدآباد فون ڪري عزيزن سان ڳالهايو نه صرف ايترو پر هن ڪي
لڳو ته اسان هن جي ڪٽنب جا عزيز آهيون. پسند ڪيل چادرن جا پيسا وٺڻ کان
به اِنڪار ڪيو. چي ”هيءَ منهنجي طرفان توهان کي تحفو“، جناب مِني ۽ اسان
هن کي پيسا وٺڻ لاءِ ڪافي زور پريو. تڏهن لاچار ٿي نه جهڙي رقم هن ورتي
موٽ ۾ وهاڻن جون ڇهون ۽ اجرڪ پيٽ طور ڏني.

مون مهاجرن جي هندن مٿان ڏيندڙ عقوبتن جي باري ۾ ٻڌو هو. پر عبدالل
ڇيپا سان گڏجڻ بعد محسوس ڪيم ته ڪن مهاجرن ۾ اِنسانيت، محبت
پنهنجائپ اجا تائين ضرور قائم آهي.

هتي هڪ ٻيو واقعو به ذڪر ڪرڻ لائق سمجهان ٿو. مان ۽ هيرو حيدرآباد جي
شاهي بزار مان ڦيندا، نڪر صاحب جي جاءِ ڏسڻ وڃي رهيا هئاسين ته هڪ گهٽيءَ
ڪاري ڪوٽ سان هڪ وڪيل، جنهن جي هٿ ۾ ڪورٽ جا ڪجهه ڪيسن ج
ڪاغذ هئا اسان اڳيان وڏي آيو ۽ پڇيائين ”توهين هندستان مان آيا آهيو؟
هيري نڪر هن سان ڳالهايو، منهنجي دل ۾ اُن اجنبيءَ سان ڳالهائيندي ڏاڍو ڏ
ٿي رهيو هو. هن هيري کان سڌو سوال ڪيو ته ”ڪنهن جو گهر ڳولهي ره
آهيو؟“ هيري هن کي چيو ته ”مان پنهنجي نانيءَ جو گهر ڏسڻ آيو آهيان.“ ه
يڪدم چيو ”هلو مان تو توهان کي ڏيکاريان؟“ اسان هن کي اِنڪار نه ڪر
سگهياسين. مون ڊپ وچان هيري کي واپس موٽي هلڻ لاءِ چيو. پر هيرو ۽ هوُ اڳ
وڏي چڪا هئا. هوُ اسان کي ننڍين ننڍين گهٽين مان وٺي هليو ۽ جيڪي
پراڻيون، شاهي، مگهن واريون جايون هنيون ڏيکاريندي پڇي رهيو هو ”ه
آهي توهان جي نانيءَ جي جاءِ؟“ هيرو اِنڪار ڪندو رهيو ۽ لنگهندڙن ڪا
ڪوٽ واري جي هنجي خوش آمديد ۽ دعا سلام ٿي ڪيو.. هوُسيني کي ٻڌا
رهيو هو ته اسان هندستان مان آيا آهيون. منهنجا مهمان آهن. حيدرآباد گهما
ٿو. هوُ ڪافي فخر محسوس ڪري رهيو هو. اسان کي به لڳو ته هوُ حيدرآباد
ناميارو وڪيل هو. عوام سان هن جي ڪافي ڏيٺ ويٺ هئي. هوُ اچانڪ هڪ شا
عمارت هيٺان بيهي رهيو. اسان کي ڏسي آس پاس جا رهاڪو به اڳتي وڏي
چڱو خاصو ميڙاڪو ٿي ويو. هن ٻڌايو ته ”سال اڳ آمريڪا مان چار بزرگ سنڌي
هئا، جيڪي هن عمارت جا مالڪ هئا، تڏهن هيءَ عمارت اجا خالي هئي. ه

هتان-ھتان جون ڳالھيون جاري ھنيون. ور ور ڪري وڪيل ھڪ جاءِ مان لڏل زيورات جي ڳالھہ ڪري رھيو ھو. مون بہ وڏن وڏان ٻڌو ھو تہ لڏپلاڻ وقت سنڌين کي اِھو وشواس ھو تہ ڪجھہ ڏينھن-مھنن بعد اسين پنھنجي وطن سنڌ واپس ورنداسين. اُن ڪري پنھنجا زيور، سون-چانديءَ جا سڪا زمين ۽ ڪٻاٽن پنيان ديوارن ۾ چٽائي ڇڏيا ھئا. جيئن ڏکئي وقت ڪم اچن. پر سنڌين جو اھڙو ڀاڳ ڪٿي؟ واپس ورڻ تہ نيڪ پر زيارت ڪرڻ، پنھنجا اباڻا پڪا ڏسڻ جي آس دل ۾ سانڍي ھن فاني دنيا مان چالاڻو ڪري ويا. ڀارت ۾ ڄاول نوجوان پيڙھيءَ کي سنڌ سان ڪھڙو لڳاءُ؟ ڪھڙي حب؟

اسان چانھہ پيتي، ڪٽلي چانھہ ملائي لڳل ننڍپڻ ۾ احمدآباد ۾ جڏھن جڏھن ڪلياڻ ڪئمپ (اُلھاسنگر) وڃڻ ٿيو تڏھن سيرو چوڪ تي ۽ اجمير جي درگاہ جي ٻاھر پيتي ھئم. چانھہ جو سواد واقع ئي لذيذ، راحت بخش ھو. وڪيل چانھہ واري کي پيسا پئي ڏنا تہ اُن بہ جواب ڏنو، وڪيل صاحب ھيءُ توھان جا نہ پر منھنجا بہ مھمان آھن. پيسا نہ ورتا. دعا سلام ڪري، مھرباني چئي اسان موڪلايو. رڪشا ۾ ويٺاسين. وڪيل وري بہ چيو ''اڃا بہ ڪافي پراڻيون جايون آھن مان توھان کي ڏيکاري سگھان، ڪنھن خاص جاءِ جي تلاش ھجيوَ، تہ ھيءَ ائڊريس اٿو، فون نمبر اٿوَ رابطو ڪجو.'' ڪارڊ ڏنائين ۽ موٽ ۾ اسان جا فون نمبر گھريا. ھيري ھن کي پنھنجي اِي-ميل ڏني.

اسان فلئٽ تي پھتاسين. سچي وات مونکي وڪيل جي لڪل خزاني جي حاصلات جي ڳالھہ ياد اچي رھي ھئي. ويچاري جو خزانو ھٿ ڪرڻ جي لالسا اڌوري رھجي ويئي ھئي. مون ھيري کان پڇيو تہ ڇا اِھا جاءِ توھان جي ناناڻي ھئي يا ڏاڏاڻي؟ چيائين ''ڏاڏاڻي''. پر توھان تہ ھن کي ناناڻي ٻڌائي؟ آکيائين جيئن تنھنجي من ۾ ھن وڪيل لاءِ ڪٽڪو ھو، تئن مونکي بہ ھو. اِن ڪري حقيقت لڪايم. اجنبين جو ڪھڙو ڀروسو؟ ھن جي ھلت بہ ڪجھہ شڪي ئي ھئي. تو ڏيکاري پئي ڏني، مان مات ميٽ ۾ رھيس.

اسان شاھي بزار مان لنگھندي، شاھي بزار ۾ سون-چانديءَ جا زيور، ڪنگڻيون، چوڙيون، سنڌي ڀرت، ڪشمور جي ڪاريگري، ھالاجو ھنر جا شاھي دڪان ڏٺاسين.

حيدرآباد ۾ رھندي اسان کي ٻڌايائون تہ سنڌ ورڪين يورپ ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ملڪن ۾ پنھنجيون پيڍيون-دوڪان کوليا ھئا. سينگاپور، ھانگ ڪانگ، جاوا، سوماترا، جپان، نائجيريا، مالٽا، ايجپٽ ۽ اسپين تائين سنڌ ورڪي پھتا ھئا.

چوي پيئي تہ هتان پڇي نڪر. ڪا واهر ڪونہ هئي. شايد پڪوڙائي سمجهي ويو
هن ترت سامهون هوٽل تان ڪولڊ ڊرنڪ گهرائي اسان کي ڏنيون. ايتري ۾ هڪ
قداور شخص اچي جناب هيري نڪر سان مليو. سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ۽ ٻڌايو ت
ڪجهہ سال اڳ جڏهن توهان پنهنجو مڪان ڏسڻ آيا هئا تڏهن مون ئي توهان کي
توهانجو مڪان ڏيکاريو هو. هن جو نالو محمد صديق ميمڻ هو. هوُ اصل بانٽوا ج
رهاڪو هو. اُن جا وڏا بانٽوا ۾ ڪپڙي جو ڌنڌو ڪندڙ هئا. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ
وراشٽر، ڪانياواڙ جي انيڪ شهرن ۾ اڃا بہ ڪافي ميمڻ رهندڙ آهن. اُهي سنڌي
ڳالهائيندا آهن. سنڌي ميمڻي لپي بہ جوڙيل آهي ۽ وقت بہ وقت ميمڻ پارٽ ما
پاڪستان گهمڻ ڦرڻ ايندا آهن. ڳالهيون هلندي وڪيل يوسف بہ ٻڌايو تہ هن ج
وڏا آگري ۽ عليگڙه مان آيل آهن. هوُ بہ هندستان گهمڻ جي خواهش رکي ٿو
محمد صديق ميمڻ اسان کي هيري نڪر جي جڳهہ تي وٺي هليو. جاءِ ۾ مرمت
جو ڪم چالو هو. اچانڪ گهر مان عبدل ڪريم نالي شخص نڪتو. ميمڻ اُن سا
اسان جي واقفيت ڪرائي ۽ ٻڌايو تہ هيءُ شخص ئي هن جڳهہ ۾ رهندڙ آهي
عبدل ڪريم ٻڌايو تہ مان جڳهہ جي مرمت ڪرائي رهيو آهيان. البت اصلوڪ
جاءِ جي اندر-ٻاهر جي سجاوٽ، هر ڪمري جا مون فوٽا ڪڍائي رکيا آهن
توهين چاهيون تہ فوٽا ڏسي سگهو ٿا. هيري چيو، مان اڳواٽ ئي سڀ ڪجهہ ڏس
ويو آهيان. اندران گهمي بہ ويو آهيان. عبدل ڪريم اُتي بہ ڪاري ڪوٽ ڏاري
عبدل ڪريم کان پڇيو تہ ”گهر جا حصا ٽوڙائيندي ڪجهہ مال-ٻال هٿ لڳ
ڪين گهر خالي خالي هو؟“ عبدل ڪريم اسان ڏانهن سوالي نگاهن سان نهاري
وڪيل ڳالهہ کي ڦيرائي چيو، زبون ٿيل ديوارن مان ڪجهہ سرون، دروازا، ڪا
ڪم ۾ اچڻ جهڙو نڪتو ڪين بلڪل سڙيل، اُڏوهي کاڌل؟ عبدل جواب ڏنو چ
سامان نئين سر اڏاوت ۾ ڪم آندو اَٿم. در دريون شيشم جا اهن. لوهہ بہ ڪا
مضبوط نڪتو آهي. جاءِ ڏاڍي مضبوط هئي. ڪتب آندل ڪاٺ، لڪڙا بہ ڪا
وزندار ۽ مضبوط آهن.

مان وڪيل ڏانهن نهاري رهيو هئس. هيرو نڪر ڳالهيون ڪرڻ ۾ مشغول
اسان اُتان موڪلائي شاهي بزار جي مکيہ چوراهي تي رڪشا پڪڙڻ لاءِ پهتاسي
وڪيل بہ گڏ آيو. ڪنڊ تي هڪ هوٽل هئي. ڪٽلي چانهہ، مٽان ملائي لڳل چ
وانهڙو بيهي پي رهيا هئا. وڪيل چانهہ پيئڻ لاءِ ڏاڍو زور پريو. اسان هن کي نا
نہ سگهياسين. هوٽل اندر اسان وڃين ويناسين. هن هوٽل واري کي اسپيشل چ
ناهڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڄاڻايو تہ هندستان جا مهمان آهن. جيستائين چانهہ ا

محنت مزدوري ڪري ٿو. چاهي ها تہ وڏي رقم لڪائي رکي ٿي سگهيو. مون هن جي سچائي- ايمانداريءَ کي سلام ڪيو.

شبير سان بہ ميز تي بريڪ فاسٽ ڪرڻ وقت اوپاريون- لهواريون ڳالهيون ٿينديون رهنديون هيون. ڳالهين- ڳالهين ۾ هن بہ ڄاڻايو هو تہ ''سنڌ ۾ ورهاڱي بعد جنم ورتل شبير کي بہ وڏن ٻڌايو هو تہ جڏهن سنڌ ۾ هندو سنڌي رهندا هئا تڏهن سنڌ امن- امان سان ڀرپور، سکي ستابي هوندي هئي. هو بہ اِهو ئي سوال پڇندو رهيو تہ ''توهان کي سنڌ سان هيڏو لڳاءُ، محبت رهي آهي پوءِ توهان اسان کي ڇنو ڇورو ڪري ڇو هليا ويا؟ اسان جو اڄ بہ سنڌ ۾ ڀارت ۾ رهندڙ هندن ۾ ڪافي اُميدون آهن.''

شبير ٻڌايو هو تہ هن وڏن وٽان اِهو بہ ٻڌو هو تہ حيدرآباد جو راڻي باغ ڪافي سندر، سيتل ۽ خوشنما ماحول سان ڀرپور هوندو هو. راڻي باغ ڪان حيدرآبادي عاملياڻيون، هرروز شام جو بگيءَ ۾ چڙهي گڏوءَ تائين سئر تي وينديون هيون. هڪ دلڪش ماحول هوندو هو. ڪوبہ ڊپ ڊاوَ ڪونہ هوندو هو. گڏوءَ تي شام جو ميلو مچندو هو. ڀانت ڀانت جي چٽپٽيدار ڇهر، مٽڪا ڪلفي قلودي، مٽن جي بيهن جو سواد سئر ڪندڙ ماڻيندا هئا. ٻار رانديڻ ۾ مشغول رهندا هئا. هاڻي گڏو هڪ گندگيءَ ۽ بانس جو ڍير بڻجي ويو آهي. آوارا ڪتا ۽ لوڪا، بدمعاش اُتي لامارا هڻندا رهندا آهن. راڻي باغ بہ هندن جي وڃڻ بعد اُجڙي، گندگيءَ جو ڍير بڻجي ويو هو.

پيوپلس پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ سان اُن باغ کي نئين سر سائو سرسبز، سهڻو رنگين فوهارن سان ڀري خوبصورت ۽ سڳنڌت بڻايو ويو آهي عوام شام- صبح جو سئر ڪرڻ لاءِ اچي ٿو.

شبير چيو، سياسي اڳوانن، وڏيرن سنڌي ٻوليءَ جو سنڌ ۾ خاتمو آندو آهي. هتي پيٽ جي بکہ سان گڏ ناليءَ جي بکہ بہ وڌيل آهي. هن اسان کي سداحيات شيخ اياز، نارائڻ شيام، شاہ لطيف، سائين سچل ۽ ٻين جا گيت، ڪلام، شاعري بہ ٻڌائي. هن کي پڙهڻ جو ڪافي شوق هو. واندڪائيءَ وقت هئو سنڌ- هند جا ڪتاب جيڪي ٽالپر صاحب وٽ ايندا هئا پڙهندو هو. شبير کي شاعريءَ جو بہ ڪافي شونق هو،هن پنهنجي شاعري جدا جدا پنن تي لکي هڪ ڊائريءَ ۾ رکي هئي. اِهو بہ ٻڌايائين تہ هن کي جڏهن بہ موقعو ملندو هو ڳوٺ جي مشاعري ۾ شرڪت ڪندو هو. هن جي اِها بہ خواهش هئي تہ برکہ شاعرن، اديبن جي وچ ۾ ويهي هوُ پنهنجي شاعريءَ جو پاٺ ڪري پر اڃا تائين تہ هن کي موقعو نصيب نہ

مونکي يڪم چوٽي ذهن تي تري آئي :

”جيڪي ويا جاوا، سي سدائين ساوا.“

اسان حيدرآباد جي شاهي بزار جي آس پاس آڏواڻي، ڪرپلاڻي، ميرچنداڻي
شهاڻي وغيره گهٽيون به ڏٺيوسين ته وري گدواڻي گهٽيءَ ۾ ديوان گدومل جو
جوڙايل شاهي جڳهيون به ڏٺيون.

ڀائي پرتاپ ڏيئلداس جو ٻاڙهو بنگلو وچ شهر ۾ ٻاٽ اوچو ڪري بيٺو هو
گهرن مٿان منگهه به ڏٺا. ٻڌم ته منگهن جو منهن تر جي رڻ طرف رکيل هو جيئن
اُتان جون ايندڙ گرم هوائون منگهن مان لنگهي گهر اندر ٿڌيون ٿي داخل ٿين
منگهه حيدرآباد جا قدرتي ايئر ڪولر هئا.

اسان حيدراباد ۾ زميندار ٽالپر جي گهر رهيل هئاسين. اُتي ”شبير“ نالي
نوجوان اسان جي ڪاڏي پيتي، سک سهنج جو پورو پورو خيال رکندو هو. ايماندار
هڏڏوڪي شخص هو. شادي شده هو، ٻار به هئس گريجوئيٽ هوندي به ڪٿي
نوڪري نه ملڻ سبب هو. ڪاڏو رڌڻ-پچائڻ سکيو هو ۽ ٽالپرن وٽ رهي ”ڪُڪ
جو ڪم ڪندو هو ۽ پوري فليٽ جي صفائي، سار سنڀال به رکندو هو. غريب
هوندي به ڏاڍو ايماندار هو. هڪڙي ڏينهن سوير صبح جو تڙتڪڙ ۾ تياري ت
اسان گهمڻ لاءِ روانا ٿي وياسين. جناب حميد سنڌيءَ جي گهر دعوت هئي. وق
سر پهچڻو هو. تڪڙ ۾ شري هيري نڪر جي وڏي رقم جيڪا هن ڪپڙن بدلائ
وقت کيسي مان ڪڍي پلنگ تي رکي هئي اُها اُتي جو اُتي رهجي ويئي. هير
کي رقم جي ياد به نه رهي هئي. شبير جڏهن روم جي صفائي تي ڪئي ته ه
اُهي پيسا پلنگ تي ڏٺا. هن ڪٿي بروقت ٽالپر کي فون ڪيو ته پلنگ تي پيسا م
آهن. ٽالپر هيري کي فون ڪري ڄاڻ ڏني ۽ شبير کي سنڀالي رکڻ لاءِ چيو. اس
جڏهن شام جو فليٽ تي موٽياسين، شبير سنڀالي رکيل رقم باادب هيري
ڏني ۽ چيو ته ”مون ته رقم ڳڻي نه آهي پر توهان کي خبر هوندي ته رقم ڪيتر
هئي ڳڻي وٺو.“ هيرو هن جي سچائي، نهٺائي، ايمانداري ڏسي دنگ رهج
ويو. هن ڏانهن نهاري بنا ڳڻڻ جي رقم کيسي ۾ وڌي، ڪجهه رقم هن
خرچيءَ طور ڏيڻ چاهي، هن اُها وٺڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ چاٿايو، ”هرڪا
سنڀالي رکڻ لاءِ ئي ته مونکي پگهار ملي ٿي. مون پنهنجو فرض بجا آندو آهي
مان به حيرت وچان هن ايمانداريءَ جي فرشتي کي نهاريندو رهيس. هن
چهري تي رقم موٽائي ڏيڻ لاءِ رونق ۽ آتم وشواس جي ڀاونا سان گڏ خوشي
هئي. مون سوچيو هو، هيءُ غريب سنڌي جيون گذران لاءِ ٻارن-ٻچن کان دور ر

پتاشن جو منو پاڻي پيئنديون هيون، تپڙو هڻنديون هيون. نرتيہ، گيت سان دل
بهلائيندون هيون. باغن جي وڻن مان جدا جدا ميوا پٽي کائيندي-کارائيندي
خاص قسم جي خوشي، آنند ۽ سکون حاصل ڪندي هئي. امڙ کي ٻچپن جا اُهي
سونهري ڏينهن بار بار ياد ايندا هئا ۽ جڏهن بہ پاڻ ۾ پينر، سوٽيون گڏجنديون
هيون تہ اُنهن موج، مستيءَ، الڙپڻي جي جيون کي ياد ڪري هنجون هاريندون
هيون.

مون بہ ٻني-ڪڇ، ٻارميڙ، جيسلمير ۽ گجرات جي انيڪ ڳوٺن جو سفر ڪيو
آهي. ڳوناڻن وچ ۾ رهي، ڳوٺ جيون جو لطف ماڻيو آهي. ڪڇهرين جي مؤج
رتي آهي. ٻاجهري، ڍوڍي، چڻٽي، ڏڌ، مکڻ جا سواد ورتا آهن.

پر، سنڌ جي سفر دؤران ادي شوقت شوري هڪ ڏينهن پنهنجي ڳوٺ، زمينن
ي وٺي هلڻ جو ڪاريہ ڪرم رٿيو. مونکي ٻڌڻ سان ئي ازحد خوشي ٿي، ماتا-پتا
جون ڳوٺن، ٻاغن ٻاغيچن جون ٻڌل ڳالهيون سئنيما جيان اکين آڏو چتر ٻڻجي
هَمڻ لڳيون. اسين ادي شوقت شوري سان، جناب مِنو مهري، ٽالپر، جناب شبير
زميندار، شوقت جو ڀاءُ، مان ۽ هيرو نکر سوير صبح جو لگزري ڪارن جو ڪافلو
ڻي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿياسين. سفر دؤران سنڌ جي زميندارن، اُنهن جي کاڌ
خوراڪ، هلڻي چلڻي، شوقن، عيش-عشرت، مظلومن مٿان ٿيندڙ قهرن جون
ڳالهيون ٿينديون رهيون. جڏهن ڳالهين جو جٿو ختم ٿي ويو تڏهن ادل مِني
مهريءَ سنڌي گيت، ڪلام ٻڌائي وندرائيندو رهيو. سنڌ جي هر سرتاج شاعر شاهہ
طيف ڀٽائي گهوٽ، سچل سرمست، اُستاد ٻُخاري، شيخ اياز، نارايڻ شيام،
ڪشنچند بيوس وغيره جا گيت جهونگاريندو رهيو. هيءُ منهنجي جيون جو پهريون
خوبصورت ۽ يادگار موقعو هو جڏهن سنڌ جي ڳوٺن جي ٻنهي پاسي ساون کيتن
ي وچ ۾ گذرندي، سنڌي گيتن جي گونجار ٻڌي رهيو هوس. من کي راحت
چي رهي هئي.

ڳالهين ڳالهين ۾ مِني مهريءَ منهنجي ڳوٺ بابت پڇيو. مون ٻڌايومانس تہ
منهنجو جنم ڪنڊياري، ضلع نوابشاهہ، جنهن کي ساهتي پرڳڻو سڏبو هو ۾ ٿيو.
س منهنجو ايترو چوڻ جي دير هئي. هوُ شروع ٿي ويو.

نوابشاهہ ضلعي جي اُترئين حصي کي قديم زماني کان وٺي ساهتي پرڳڻو
ري چوندا آهن ساهتي پرڳڻي ۾ ڪنڊيارو، نوشهرو فيروز ۽ مورو تعلقا اچي وڃن
تنهي تعلقن کي گڏي ساهتي پرڳڻو ڪري سڏين ٿا. قديم زماني کان وٺي اُن
ڳڻي ۾ سهتا قوم گهڻائيءَ سان آباد آهي ۽ اُنهيءَ ڪري ئي هن ايراضيءَ کي

تيو هو.

هن ڪجهه شاعري اسان کي پڙهي بہ ٻڌائي هئي.

شبير جنهن پنهنجو تخلص ''بيوس'' رکيو هو، اُن جي هڪ اڌ شاعري جو مثال هن ريت ياد رهجي ويو :

''تون مان اُن ڪناري تي هلون پيا،
جتي جيون کي ڏکن جي چولي نصيب آهي.
جنهن کي الف بي جي نڪي خبر نڪي چار يار،
اڄ اُهو ئي جامع مسجد جو ٻٽيو وينو خطيب آهي.
مان پوڳيان پيو ڌرتيءَ جا سور بيوس،
پر وڏيرو لکندو رهيو روز نماڻين جا ننگ آهي.
سوچيو پيا دودو دولهہ درياخان ڪاتي،
جو ئي ٻٽجي، سو ئي کپائي ٿو، تنهن سان جنگ آهي.
هتي پنهنجو پنهنجي ڪان پيارا تنگ آهي،
ڪٿي هوُ ڪٿي مان وجود بي رنگ آهي.''

بي نظير جي وفات بعد هن جي گهر نياڻيءَ جنم ورتو. اُن جو نالو شبير بي نظير رکيو. سنڌ ۾ جن کي بي نظير ڀٽو سان دلي لڳاوَ هو اُنهن گهڻن نياڻين جا نالا بي نظير رکيا آهن، اِها ڄاڻ بہ سنڌ جي سفر دؤران حاصل ٿي.

اسين جڏهن حيدرآباد مان موڪلائي ڪراچيءَ ڏانهن روانا ٿياسين تڏهن بشير بہ اسان سان گڏ ڪراچيءَ آيو هو ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اسان جي ڪاڏي پيتي جو بہ ڌيان رکندو رهيو. جڏهن پارت موٽڻ لاءِ موڪلايوسين تڏهن هن جي اکين ۾ لڙڪ هئا. جيڪي پڇي رهيا هئا تہ وري ڪڏهن ايندا؟ بانصيب ملاقات ٿيندي يا نہ؟ شبير جو قرب، پنهنجائپ، مهمانوازي وسارينديءَ بہ وساري نہ سگهبي همیشهہ تازي تواني رهندي.

سنڌي ڳوٺن، ڪچهرين، باغن، ٻنين، هارين، نارين بابت وڏن وٽان گهڻ ڪجهہ ٻڌو هوم. پتا جن ٻڌايو هو تہ، اسانجي سنڌ ۾ وڏي زمينداري هئي. گهوڙ چڙهي هوُ ٻنين تي وا°ايندا هئا، اُتي رهندا هئا. راڳہ، سنگيت جي محف سجائيندا هئا، شراب-ڪباب جون محفلون ڪندا هئا. تتر، مرغيون، ريتيءَ تي پڪل پلي جا لذيذ سوادي طعام کائيندا هئا. ڍوڍي، مکڻ جي موڄ مچائيندا هئ

امڙ ٻڌايو هو تہ، هوءَ پنهنجين ساهيڙين ۽ سوٽن، ماساتن سان گڏ باغن ويندي هئي. اُتي ٽيجڙيءَ جي ورت ڏينهن جهولا جهوليندیون هيون، مصري

اُستاد بخاريءَ جا گيت ”ٿاڌل وارو“

چمڪ چمڪ چمڪ چمڪ
چمڪ چمڪ ڏندو ڪوندو
گهر گهر گهر گهر گهاٽو گهوٽو
هر هر هوڪو، پيئو جيئو!
چمڪ چمڪ، ڏندو ڪوندو
ڏوڙا ڏنئرا، سهڪي سينو
تڏڙي ٿاڌل، گرم پسينو
محبت محنت پيلهه پڏي او
پيئو - جيئو
بلي بلي سانوڻ تنهنجا بادل
پورل پورل، سانول سانول
ڇم ڇم ڇم ڇم هير کُھلي پئي
رم جهم، رم جهم، بوند وسي پئي
جهوم ته جهومون، جهولن جل ٿل
پورل پورل سانول سانول
جهنگ جهنگاريو، چٽنگ چُنگاريو
ڦڳڻ ڦلهاريو، ڦڳڻ ڦلهاريو
چيٽ مهينو، ڏينهن جهڙالو
پيار پيالو، پيءُ پيالو،
ڪکرن ۾ ڪڙڪات،
هاري هر سنڀارن
ڪوهن ۾ ڪوڪار، ڪڏوڪو
نکرن ۾ نڙڪات، هاري هر سنڀارن.

چڻ چڻ چڻ چڻ، پنن چٽڻ جي
ڇن ڇن ٿا ڇرڪن
چڻ چڻ چڻ چڻ، پنن چٽڻ جي
ويس اُتاريو، ٿارِ ۽ ٿاريون
ننگا ناچ نچن
چڻ چڻ چڻ چڻ، پنن چٽڻ جي

پاپي پارو ويو
ساڙو سيارو ويو.
موٽي آئي بهار هاٽي
مون ڏي موڙ، مهار پرين
چيٽ چٽايا چٽ چوڏاري
جيڏان ڪيڏان جلوا جاري
ماڻ ماٽيون مؤسم پياري

باڪه بدي جي، مالڪ مهل ڪان
ڪانگن جي ڪان ڪان، ڪان ڪان
هلڪا بادل ٿوري ٿاڌل
سر هجي ساجهُر سان، ڪان، ڪان.

پوهه پارا ٽُٽي ويا، هينا سيءَ سيارا هلي آ هلي،
مانگهه موسم مچائي، چٽيا چيٽ چارا، هلي آ هلي.
چيٽ آڪاڙ، جهولا اجهو تو گهلائي، جلائي دليون،
سوچ ساٿي سگهو، جلد جيون- جيارا هلي آ هلي.

ساهتي ڪري سڏيو ويو آهي. انگريزن واري دؤر جي حڪومت ۾ سنڌي صورتخطي
جي باقاعدي شروعات ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي نثر لاءِ ساهتي پرڳڻي جي سنڌ
وچولي لهجي کي سرڪاري طرح معياري لهجو مقرر ڪيو ويو اِهو ئي لهجو اڄ
ٻوليءَ جو درجو رکي ٿو. ساهتي پرڳڻي جا رهاڪو قديم دؤر کان وٺي علم ۽
جي عظيم دولت سان سرخرا آهن. علم، تهذيب ۽ تمدن جو اهم مرڪز هو.

چچنامي مطابق قديم هندو دؤر ۾ به ساهتي پرڳڻو موجوده هو.

لوهاڻو اُن قديم دؤر ۾ سنڌ جو هڪ اهم صوبو هو. لوهاڻو ٽن ننڍن پرڳڻن
ورهايل هو. لاڪات، لوهاڻو ۽ ساهتي لوهاڻو درياهه چوندا هئا.

عربن جي حملي ۾ سنڌ جو ساهتي پرڳڻو لوهاڻي صوبي جو هڪ حصو هو ۽
وقت سنڌي حاڪم ڏاهرسين پاران اُن تي هڪ هندو راجا راڄ ڪندو هو.

جڏهن ڳالهائي ٿڪو، پڇيائين تو پنهنجو ڳوٺ ڏٺو آهي؟ مون ڪيس ٻڌاي
ڪنڊياري ۾ منهنجا ماروٽ رهندا آهن. سال 2004 ۾ جڏهن مان هند جي سن
اديبن جي وفد سان سنڌ پاڪستان آيو هوس، تڏهن ادل تاج جويو جي ڪوش
سان ڳوٺ ويو هوس. مٽن مائٽن سان گڏجاڻي ڪري آسيس ورتي هئم ۽ ج
ڪمري ۾ جائو هوس جي پيتين کي چمي، مستڪ تي مٽي لڳائي وڏن کي،
کي وندن ڪيو هوم.

اسين زميندار عبدل ڪريم شورو ڳوٺ جيڪو جناب شوڪت شورو جي والد
نالي پنيان آهي اُتي پهتاسين. هيءَ زميندار انيڪ ايڪڙن ۾ ڦهليل ه
چوڌاري ٻنيون هيون جدا جدا فصل کيتن ۾ لهرائي رهيا هئا. رات جو ڳوٺ ۾
ڪچهريءَ جي موج ماڻيسين.

مِٺو مهريءَ ۽ ٻين گيت سنگيت جي محفل سجائي.

هڪ چيو،

”تر ڏُلي ته سنڌ جهلي، سنڌ ڏُلي ته ڪير جهلي؟“

ٻئي جواب ڏنو،

”اُنو ته تر نه ته ٻر، تريا آهن تڻ تي نڪي ڪڻ تي.“

پوءِ مِٺو مهريءَ گيتن ڪلامن جي موج مچائي. ڪجهه نمونا هن ريت آه
اُستاد بخاري ساهت ۽ سماج ۾ نام ۽ مقام پيدا ڪيو آهي. انداز ۽ خي
عام ٻوليءَ ۾ جيڪا ڳالهائي وڃي ٿي. عوامي اظهار جو هڪ انوکو ڍنگ آهي
هن جي شاعري سنڌ کي سڏي ٿي، اها سنڌ کي جهنجهوڙي جاڳائي
اونگهيل کي اُٿاري ٿي، سڏي ٿي پڪاري ٿي.

امن ايندو وري — جيءُ جيءُ ان داتا!
امن ايندو وري — تنهنجا سڌ سڃاتا
آزاديءَ لاءِ آتا، تو تي سڀ قربان
سنڌو ديس مهان
پيڙو آهي پنيرڪو — ستر لک سپوتو!
چر چراٽو چرڪو — هوشو، هيمو بڌجو
آجو تيندو هرڪو — هرڪو جهڙو دودو، دولهہ درياخان
هر مزدور ڪسان — سنڌو ديش مهان
سچل ساميءَ پارا — پٽ ڏٽيءَ جو پان.
ڪيئي جيءَ جيارا — سنڌو ديس مهان.
آڏيءَ رات اُمارا

جناب شوڪت شوري جي ڳوٺ جي مهمانوازي ماڻي ٻيءَ صبح اسين نٽي ڏانهن روانا ٿياسين. نٽو سنڌ جو هڪ تواريخي شهر آهي. نٽي ۾ ئي پراڻي ۾ پراڻيءَ وڏي ۾ وڏي اِتهاسڪ مسجد شاهہ جامع مسجد آهي جيڪا 1644ع ۾ بادشاهہ شاهہ جهان جوڙائي هئي. مسجد ڏسي اسين نٽي جي بزار گهمڻ نڪتاسين. مِنو مهريءَ ٻڌايو تہ هتي جا لوڙهہ ۽ ٻوراٽي ڏاڍي مشهور آهي. هو لوڙهہ وٺڻ بزار ۾ گهڙيو. مان ۽ هيرو نکر بہ هن جي پنيان پنيان وياسين. بزار جي گهٽي ڏاڍي سوڙهي هئي. ٻنهي پاسي دڪان هئا. دڪانن جي اڳيان لاريون ۽ گاڏا بيٺا هئا جن تي جيون ضروري شيون وڪري لاءِ موجوده هيون. چڪن، مٽن، مڇين جي بانس سان سڄي بزار پريل هئي. ساهہ کڻڻ ۾ ڪافي مونجهہ ٿي رهي هئي. بزار ۾ گندگي بہ ڪافي هئي. اڌ بزار پار ڪرڻ بعد بہ لوڙهن وارو يا ٻوراٽيءَ وارو نظر نہ آيو. مون مِني کي واپس ورڻ لاءِ چيو پر هوُ پنهنجي ئي ڌُن ۾ اڳتي اڳتي وڌندو رهيو. بزار مان لنگهندي دڪاندار اسان ڏي گهوري نهاري رهيا هئا. ڪي تہ ”چا کپي؟“ پڇي پنهنجي دڪان تي اچڻ لاءِ سڏي رهيا هئا. آخر مِنو صاحب هڪ گاڏي تي بيهي لوڙهہ ورتا. چلي اسان کي کائڻ لاءِ ڏنائين. لوڙهہ ڪافي سوادي هئا. هوُ چليندو اسان کي ڏيندو ويو. اسين کائيندا بزار ۾ اڳتي وڌندا وياسين. بزار بہ ڪافي ڊگهي هئي. آخرڪار هڪ موڙ وٽ هڪ لاريءَ ۾ ٻوراٽي ڪٽي، ٻوراٽيءَ وارو بيٺو هو. مِنوءَ لاريءَ واري کي ٻڌايو تہ ”پارٽ مان آيل مهمان آهن، انُهن کي ٻوراٽي کاراءِ.“ پارٽ مان آيل سنڌي ٻڌي، ٻوراٽيءَ واري جنهن جو نالو عيسيٰ

اکر اکر جا ارٿ نرالا،
زيرون زبرون پيش مٿايون.

منڇر، ڪينجهر، سنڌو ساگر،
ڇڪ ڇڪ ڇيڪي ڇولي ڇولي،
او، لوءِ لوڏان لولي،
عمر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي.
سنڌ سوا لک ولين جي سر زمين،
سنڌي ٻولي سوا لک شاعرن واري ٻولي.

شيخ اياز جو گيت:

سونهريءَ سر سوهڻو، ڪينجهر ڳاڙها گل لوڪ بيت
اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي ڪا نوري نيٽ تہ نچڻي آ
ڪوئي تہ تماچي اڇڙو آ، ڪوئي تہ تماچي اڇڙو آ.
ءُ نورا پائي نوريءَ کي ڪينجهر جي پرسان هڪ ٻي ڏنڍ
تي لهرون لهرون نچڻو آ، آهي سونهري، ڪينجهر کي گهوٽ.
جي گيت مان نوان جوڙيان ٿو ءُ سونهريءَ کي ڪنوار ڇيو،
اي ڪينجهر! تو تي ڳاڙها گل ويندو آهي سانوڻ ۾ جڏهن
جو واءُ ڦلاري وڇڙو آ، ٻئي ڏنڍون پرجنديون آهن اُڇل
هن سونهريءَ جي سر سرجي ڪائي هڪ ٻئي سان ملي وينديون آهن
سو سونهن اُجاري وڇڙو آ، تڏهن ڇيو آهي تہ ڪينجهر،
اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي سونهريءَ لائون لڏيون.

گيت ڦولاربا، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين وو
امن ايندو وري آءُ پرين! آءُ پرين! سانگ ڪري ڪو
شهر ٻهہ ٻهہ ڪندا ڪانگ لنوين وو.
ڇهڪندي زندگي سنڌو ديس مهان سنڌو ديس مهان.
ٻار جي ٽهڪ ۾، لاڙ وچولو اُتر
امن جي آرسي ڪڇ ڪراچي بندر
ماءُ جي مهڪ ۾ هيڏو سارو جر تر
امن جي تازگي ڪيڏو ڪوهستان، سنڌو ديس مهان

پريان جناب ٽالپر جو آواز آيو، ”جلدي هلو دير ٿي رهي آهي.“ اسان گاڏي واري ڪان موڪلائي بزار مان واپس ورياسين. شاهي بزار جي هڪ مهڙ وٽ مڪاني بسيون بيٺيون هيون جن جي پوين سيٽن تي ڪي برقي پهريل، ڪي بنا برقي عورتون-جوانڙيون ويٺيون هيون. پارٽ ۾ مڪاني بسين ۾ عورتن لاءِ اڳيان محفوظ سيٽون رکيل هونديون آهن پر سنڌ ۾ بسين جي پوئين حصي ۾ عورتن جون محفوظ سيٽون مقرر ڪيل آهن. اسان اڳتي وڌي رهيا هئاسين ته بس مان هڪ عورت اسان کي لڳاتار نهاري رهي هئي ۽ پر ۾ ويٺل بين عورتن کي چئي رهي هئي ”هو ڏس پارٽ مان آيل اديب هتان ئي لنگهي رهيا آهن جن کي ڪي.ٽي.اين. تي ڏنو هوسين ۽ ٻڌو هوسين.“ پنين سيٽ تي ويٺل عورتون ۽ ٻيا مسافر جيڪي هنن جي آس پاس ويٺل هئا بس جي درين مان سسيون ڪڍي اسان کي ڏسندا رهيا ۽ اِشارن سان پاڻ ۾ سُس پُس به ڪنديون رهيون. جيستائين اسان هنن جي اکين کان اوجهل ٿيون. هو ڏسنديون رهيون. مان به هنن کي مُڙي مُڙي ڏسندو رهيس. مسڪراهٽ جي موٽ به ڏنم. دل ۾ دپ به ٿيو ته ڪٿي ڪويا حالي موالي مسڪراهٽ بدران جوتا، ٿڦڙ نه هڻي. پر هو به موٽ ۾ مرڪنديون رهيون. جن کي ڪڇ ۾ ٻار هئا اُنهن جا هٿ لوڏي ”باءِ باءِ“، ”الوداعي“ ڪنديون رهيون. اسان ڪار ۾ اڳتي وڌي وياسين. هاءِ وي تي مسافر بسين اسان کي ڪراس ٿي ڪيو، اُن مان به ڪن عورتن ٻاهر هٿ ڪڍي باءِ باءِ ڪئي.

مان ڪار ۾ مسافري ڪندي پاڪستان جي حالات ۽ عورتن بابت سوچڻ لڳس. مونکي لڳو ته پاڪستان ۾ پيوپلس پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿيڻ سان پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ تواريخي موڙ تي اچي بيٺو آهي. آزاديءَ جي سٺ سالن بعد ته پاڪستان ۾ ڪوبه سياسي سرشتو قائم ٿي نه سگهيو آهي. پاڪستان کي ڪهڙو رستو، سياسي طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي اجا تائين طيءِ ڇو نه ڪري سگهيو آهي؟

پاڪستان جي آخر منزل ڪهڙي آهي؟ اڄ ڏينهن تائين دنيا جا سياستدان سمجهي نه سگهيا آهن. پاڪستان اسلامي ملڪ هئڻ سان گڏ جمهوريت، تاناشاهي، فوجي راڄ ڪاروبار ستا هيٺ وقت به وقت گذريو آهي. ڪٽر پنٿين ۽ تاليبانين جي دٻاءَ هيٺ به رهيو آهي. دهشت گرديءَ جو گهر بڻيو آهي. پاڪستان خود وحشت-دهشت جي گهيري ۾ قيد آهي.

سنڌ جي ڏوري ڏوران جتي ڪٿي هڪ ئي سوال بار بار پڇيو ٿي ويو ته پارٽ ۾ ڪشاهيءَ جون جڙون ڪيئن پختيون بڻيون آهن؟ اُتي فوج راڄ ڪاروبار، ستا

خان هو جي چهري تي رونق وري آئي. هن يڪدم ٻوراڻيءَ جو ٻُٽو ڪٽي اسان ک
هٿن ۾ ڏنو. چيائين ”مونکي ڏاڍي خوشي آهي توهين سنڌ جي ٻوراڻي ڪائڻ
هيترو پري ڪهي آيا آهيو.“ مِنوءَ اسان کي ٻوراڻي ڪارائڻ کان اڳ ۾ اُن کي تورڻ
پيسا وٺڻ لاءِ چيو، آکيائين ”مهمانن کان وڏيڪ ٻوراڻيءَ پيسا نہ آهن؟“ هن پر
سان ٻوراڻي ڪارائي ڏاڍي سني هئي، هند جي سنڌي بستين ۾ بہ ٻوراڻي ڪاڌ
هئم پر هئڙي ٻوراڻي چپ تي رکڻ سان ئي مکڻ جيان ترڪي وڃي ڪونہ ڪاڌ
هئم. مونکي ياد اچي ويو تہ جڏهن منهنجا ماتا-پتا 1961 ڌاري سنڌ جي ملاقا
تي ويا هئا تڏهن پڻ هوُ پاڻ سان خوراڪ-قتل جا اڌڙ ۽ ٻوراڻي ڪٽي آيا هئا ۽ سڀ
مٽن مائٽن، عزيزن کي پرساد طور ورهائي ڏني هئي جئن هردوار مان گنگا ت
اِشنان ڪري، تيرٿ ڪري موٽڻ بعد پرساد ورهايو ويندو آهي. پتا صاحب س
ياترا جي پرساد طور اڌڙ، ٻوراڻي ۽ سڪل وڏا بير ورهايا هئا. مون مِني کي ٻڌايو
”هند جي سنڌي بستين ۾ ٻوراڻي ملندي آهي. پراڻي پيڙهي تہ اجا بہ چاهہ س
ڪائيندي آهي، ٻوراڻيءَ لاءِ سڪندي آهي. پر نئين نهيءَ کي اُها ڦڪي، مب
جيان پاسندي آهي. نهہ پهہ ڳاڏي واري ٻڌايو تہ ”پارٽ ۾، خاص ڪري اُلهاسنگ
ممبئيءَ ۾ ٻوراڻي مان ئي موڪليندو آهيان. نئي ۾ سنڌ چاهي هند مان جيڪ
بہ سنڌي گهمڻ ايندا آهن، مون وٽان ئي ٻوراڻي وٺي ويندا آهن. اسان جو ٻوراڻ
جو خانداني ڌنڌو آهي. سڄو ڪٽنب اِن ڌنڌي ۾ ئي رُڌل آهي.“

مِنوءَ ڳاڏي واري کي لوڙهہ ڪائڻ لاءِ ڏيندي چيو، ”بابا، هيءُ ئي سنڌ
اصلي مالڪ آهن.“ هيري کلي چيو، ”نہ ابا اسين تہ مهمان آهيون، سنڌ جا م
توهين ئي آهيو. سنڌ کي توهان کي سنڀالڻو ۽ سجائڻو آهي.“ ڳاڏي واري مون
چيو، ”توهين موٽي اچو، اسين توهان لاءِ اکيون وڇائي ويٺا آهيون. سنڌ سنڌين
آهي. ڇا هندو، ڇا مسلمان؟ سنڌ صوفي درويشن جي آهي.“

شاهہ جي آيت جهونگاريائين،

”واجهائي وطن کي ساري ڏيان ساهہ،
ڪريان ٻي نہ ڪن، ويندس وطن سامهين،
ويندس وطن سامهين، ملير منهنجو ماڳُ.“

ماروئي ملير وطن وڃڻ جو قول ڪيو هو. اسان سڀني کي سنڌ سان نڀائڻ جو
ڪرڻو آهي. هڪ ڳاڏي واري جي مکہ مان اهڙي ڳالهہ ٻڌي مان حيرت
پئجي ويس. سنڌ جي محبوب وطن جي ايڏي سڪ ۽ صدق کي ڏسي اسان
کي آفرين ڏني.

ڪوشش ڪرڻ لاءِ موقعو تہ ڏنو آهي پر ڌرم جنوني، ڪٽرپنٿي، طالبباني، شريعت جو واسطو ڏيئي، عورتن کي برقي ڪان آجو ڪرڻ ڪان نہ صرف اِنڪاري آهن پر عورتن جي آزاديءَ، نوڪرين ۽ اوچ پڙهائيءَ جي بہ مخالفت ڪري رهيا آهن. پر پاڪستاني خاص ڪري سنڌ جون عورتون طاقتور ۽ سگهاريون بڻجي رهيون آهن. ڀارت ۾ حڪومت پئنچايتي راڄ کي وڌيڪ مضبوط ۽ خودمختيار بڻائڻ جي ڏس ۾ سرگرم آهي. اُتي سنڌ ۾ جاڻ ملي تہ پاڪستاني حڪومت پڻ اُتان جي پئنچايتن کي برابريءَ جا ۽ وڌيڪ اڌيڪار ڏنا آهن. ايتري قدر جو اُتان جي پوليس کي پڻ پئنچايتن جي دائري ۾ رکيو ويو آهي. سنڌ جون تعليم يافت، وڏ گهراڻيون، آزاد ويچار ڌارا رکندڙ عورتون پردي ڪان ڪناراڪشي ڪري رهيون آهن. پر پاڪستان ۾ جيستائين وڏيري شاهي، زميندراي ظلم خلاف پختا قدم نہ کنيا ويا آهن تيستائين اُتي عورتن، غريبن، هارين-نارين مٿان اتياچار، ظلم ٿيندا رهندا اِن ۾ ڪوبہ شڪ ٿي نٿو سگهي. پاڪستان مان خراب اِنسانيت وروڌي رواجن، پرمپرائن سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ اِهو ضروري آهي تہ اُتي جمهوريت کي پختو بڻايو وڃي. هڪ ڳالهہ جا بلڪل چٽيءَ طرح نظر آئي تہ پاڪستاني-سنڌي عوام. هند-پاڪ سازگار ناتن جا حمايتي آهن. هو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ عوامي دوريون گهٽائڻ چاهين ٿا. ڪاهيون پرڻ جا خواهن آهن ۽ وڌ ۾ وڌ رابطا قائم ڪرڻ جي ڏس ۾ سرگردان آهن. هنن جو عقيدو آهي تہ ڀل ملڪ ٻہ آهن پر ماڻهو هڪ ئي آهن. ٻنهي ملڪن جي ماڻهن جي سرير ۾ هڪ ئي رت وهي رهيو آهي. سنسڪرتي، تهذيب هڪ ئي آهي. عقيدا-وشواس بہ ساڳيا آهن.

سنڌ زيارت دوران هڪ ڳالهہ جيڪا خاص نظر آئي اُها هئي سنڌين جي مهمانوازي! جتي ڪٿي پرڏيهي اديبن جو آجياڻو هر بار بئنڊ باجن، شرناين سان ڪيو ويندو آهي. سال 2004 ۾ جڏهن ڀارتي اديبن جي وڏي پئماني تي وفد سنڌ جي دوري تي آيل هئي اُن وقت پڻ شاندار آجيان ڪئي ويئي هئي. شاهي رستي تي جتان-جتان اديبن جي لگزري بسين-ڪارن جو ڪافلو گذريو ٿي، رستي ۾ آيل ڳوٺن جي پئنچايتن، ڳوناڻن، سنڌ واسين جو حجوم آجيان لاءِ هٿن ۾ گلاب جي گلن جا هار، اجرڪون ۽ مٺائي کڻي بيٺا هئا. ڪن ڳوٺن ۾ اسان جو ڪافلو اڌ رات جو 12-11 بجي ڪن پهتو هئو پر مرحبا ڪرڻ لاءِ سنڌ جا باشندا حاضر ئي هئا. گهڻن هنڌ تہ دور-دور ڳوٺن مان عوام آجياڻو ڪرڻ ۽ اديبن سان گڏجڻ لاءِ آيا هئا. ايتري شاندار مرحبا، آجياڻو، مهمانوازي ڀارت ۾ ڪٿي آهي؟ سنڌ پاڪستان مان بہ ٽي دفعا سنڌي اديبن جون وفدون ڀارت دوري تي، انترراشٽريہ ليکڪ

ودورهه ڪري واڳون پنهنجن هٿن ۾ چو نہ ٿي وٺي؟

اسان جو جواب هو ڀارت جو هر باشندو اِنساني حق ماڻي رهيو آهي. وڪ
طرف قدم وڌائي رهيو آهي. اُن جو جيون درجو اوچو ٿيندو رهيو آهي. اُن
هڪ ئي جواب آهي تہ ڀارت ڌرم نرپيڪش ملڪ آهي. هر قوم، ڌرم، ذاتيءَ
اڳتي وڌڻ جا هڪ جهڙا حق، وسيلا ميسر ٿيل آهن. لوڪشاهيءَ ۾ هرڪنهن
ووٽ جو هڪجهڙو حق آهي. پنهنجا پنهنجا عيوضي چونڊڻ جو اڌيڪار آ
پاڪستان ۾ جمهوريت صرف نالي ۾ پئي رهي آهي.

هِڪ ڳالهه جيڪا ٻي بہ اُڀري آئي تہ پاڪستان حڪومت صوبن سان پڻ پي
واري نيتي اختيار ڪري رهي آهي. معدني شيون، جن صوبن مان وڌيڪ حا
ٿي رهيون آهن اُنهن جي ورهاست ۾ پڻ ٻہ اکيائي ڪئي ٿي وڃي. بلوچستا
قدرتي گئس ۽ سنڌ ۾ ڪچي تيل جا ڀنڊار حاصل ٿيل آهن. پر قدرتي گئس
ورهاست ۾ هڪجهڙائي نظر نٿي اچي. ڪراچي، لاهور، اسلاماباد ۾ پائيپ لا
دواران گئس جو استعمال ٿي رهيو آهي. باقي شهرن، صوبن لاءِ اڪہ ٻوٽ ڪ
پيئي وڃي. سنڌ ۾ ڪچي تيل جا ڀنڊار آهن پر صوبي جي ضرورت-واهپ
پيدياوَ تہ رکيو ويو آهي پر تيل پئدائش ڊل ورهاست ۾ بہ ٻيائي نظر ٿي ا
حڪومت جي ان تنگہ نظرئي پڻ صوبن ۾ اسنتوش کي جنم ڏنو آهي.

تواريخ شاهد آهي تہ پاڪستاني حڪومت سنڌ ۽ بلوچستان سان وڏا قهر
آهن. ايوب خان بلوچستان ۾ بمبازي ڪرائي هئي. ذلفيڪار علي ڀٽي، صوبي
ضابطي ۾ رکڻ لاءِ هڪ لکہ فوجي موڪليا هئا. جنرل ضيا ال حق، بلوچي م
سان سوُديبازي ڪرڻ چاهي پر اجا تائين ڪو خاطرخواهه حل نہ نڪتو آ
بلوچين ۽ فوجن وچ ۾ چڪتاڻ چالو ئي آهي.

سنڌ سان پڻ حڪومت ڪافي عقوبتون ڪيون آهن. فوجي ڇانوڻيون برپا ڪ
آهن. ڪالا باغ ڊئم جو جهڳڙو تہ سالن کان هلندڙ آهي. سنڌو نديءَ جو وه
بدلائي، نديءَ کي هڪ نالي ۾ تبديل ڪري آباد ڳارن سان نااِنصافي ڪئي
آهي. ڪراچيءَ کان حيدرآباد جي 200 ڪ.م. رستي تي رڳو ريتي ئي ريتي
اچي رهي آهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ لاءِ ماراماري آهي.

ڀارت ۾ مهلائن کي سنا ۾ 33 سيڪڙو محفوظ جايون ڏيڻ جي ڳهر ڏينهو
ڏينهن زور پڪڙي رهي آهي. پئنچايتي چونڊن ۾ عورتن کي 50 سيڪڙو م
جايون حاصل آهن. اُتي پاڪستان ۾ پڻ مشرف مقامي تنظيمن ۾ 33 س
محفوظ جايون ڏيئي اُنهن جي آواز کي بلند ڪرڻ ۽ پنهنجن حقن لاءِ لڙ

جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن اُهي ئي شخص نيتائون جمهوريت جو گلو گهٽي رهيا آهن ۽ خود ستا ماڻي ڏاڍ کي همٿائي رهيا آهن. پر مڪاني ستائن ۾ لوڪشاهي زور پڪڙي رهي آهي. عوام لوڪشاهيءَ جو حمايتي بڻجي رهيو آهي. جا ڳالهه سجاڳيءَ جي نشاني آهي ۽ اُميدون جاڳائي ٿي ته هڪ نه هڪ ڏينهن پاڪستان ۾ به لوڪشاهيءَ جون جڙون پختيون بڻبيون.

ٺٽو سنڌ-دنيا جو قديم علمي، ادبي ۽ تاريخي شهر آهي. چون ٿا ڪنهن زماني ۾ ٺٽي ۾ وڏ ۾ وڏ درگاهون هيون. ٺٽي جي خوشحالي، شان شوڪت ڏسي گهڻن ڌارين حملاورن مختلف دؤرن ۾ ٺٽي کي لٽڻ ۽ اُن تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪاهون-حملا ڪيا، عوام کي لُٽيو، برباد ڪيو، شهر کي باهيون ڏيئي شمشان بڻايو، قتل عام ٿيا پر ٺٽو اڄ به پنهنجي شان شوڪت قائم رکيو ويٺو آهي. اسين ٺٽي مان لنگهي رهيا هئاسين، جناب مِني ٻڌايو ته پورچوگيزن جي تاريخ ۾ ڄاڻايل آهي ته ”هنن وڏ ۾ وڏ مال، دؤلت ٺٽي مان حاصل ڪئي هئي.“ وڏي ڳالهه وري اِها آهي ته ٺٽي جي شهر پرسان مڪلي ٽڪريءَ تي اڄ به هوُ قبرن ۾ دفن ٿيل آهن. جن حملاور قومن وقت به وقت سنڌ تي وحشي حملا ڪيا اُنهن ڌارين قومن جون گهڻيون ئي قبرون آهن. سنڌ جو مڪلي دنيا ڀر ۾ وڏي ۾ وڏو قبرستان آهي جيڪو انيڪ ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي. قبرن جو ڪاتو ئي ڪونهي. بي انداز ڀڳل-ٽٽل قبرون، مجارون آهن.

اسان مڪلي ڏسڻ لاءِ پڻ اندر گهڙياسين اڳي به هڪ دفعو هن قبرستان جي ملاقات ورتي هئم. اُها اُجاتري هئي جو وفد ۾ آيل اديبن ۽ شخصن کي مري ويلن ۾ ڪو به چاهه ڪونه هو. پر قبرستان ۾ قبرن مٿان ڪڙا ڪيل پون، جايون سنڌ جي قديم ڪلاتمڪ ڪاريگريءَ، شلپ ڪلا جو انوکو-اديت نمونو آهن. ڪنڌهر تي ويل ڀڳل-پُرزيل پٿرن جي نقاشيءَ جو ڪم اڄ به ڏسڻ وٽان آهي.

مڪليءَ ۾ جتي ڌاريا دفن ٿيل آهن اُتي ئي سنڌ جا اصلي حاڪم، حڪمران، بادشاهه ۽ عوام پڻ قبرن ۾ آرامي آهن. وطن پرست گهڻن ئي سنڌ جي بانڪن بهادرن، ڌارين سان مقابلو ڪري پنهنجي وطن تان سِر گهوري، سِر ڪپائي، سنڌ جا ڪونڌر ڪهائي شهيد ٿيا اُهي به مڪليءَ ۾ آرامي آهن. قبرستان مان لنگهندي اهڙن بانڪن بهادرن جن سنڌ مٿان سِر قربان ڪيو جي قبرن-يادگارن ويجهو لنگهندي اسان اُنهن شهيدن کي سلام ڪيو. تواريخ شاهد آهي ته اُنهن بهادرن ارغونن ۽ ترخانن سان مقابلا ڪري، پنهنجي وطن کي بچايو ۽ ڪين تڙي ٻاهر ڪڍيو هو. اُنهن مان هڪ هو مبارڪ خان، جيڪو نظام الدين نقوي جي فوج جو

سيمينارن ۾ آيل آهن. ڀارتي سنڌي اديبن اُن جي شان ۾ ڪاريه ڪرم، سيمينار،
گڏجاڻيون تہ رکيون آهن. ڏيهي اديب، تعليمدان، اخبارنويس، فنڪار اُنهن گ
ڏجاڻين ۾ حاضر رهيا آهن پر سنڌ جي عوام جيان، ڀارتي سنڌي عام ناگرڪ،
شهرواسي سنڌ وارن جي مرحبا لاءِ بئنڊ باجا شهنايون ڪٽي بيٺا هجن، مونکي تہ
ڪٿي بہ نظر نہ آيو آهي ۽ نہ ئي وري ٻڌڻ ۾ آيو.

مونکي ياد آهي جڏهن لاڙڪاڻي ۽ ڪنڌياري جي بزار مان لنگهي رهيا هئاسين
تڏهن وفد مٿان ڇتين تان گلن جي ورکا ڪئي تي ويئي ۽ گلن جون مالهائون
اُڇليون پئي ويئون. اِها ڳالهہ پراڻي زماني جي بادشاهن، راجائن، راجڪمارين
جي آجيان ۽ اهڙن انيڪ هندي فلمن جي منظرن جي ياد ڏياري رهي هئي.

پاڪستان ۾ پلي تاناشاهي، فوج شاهي رهي هجي پر هڪ سچائي جيڪا کلي ء
طرح نظر تي اچي تہ ڀارت جي لوڪشاهي، عوام، سماج ۽ طبيبن جي سارا هہ عام
طور سان کليءَ ريت جتي ڪٿي ٻڌڻ ۾ تي آئي.

پاڪستاني سنسڪرتيءَ تي اسلامي اثر لازمي آهي. پر سنڌ جو عوام جيڪو
صوفي آهي اُنهن شاهہ عبداللطيف، سچل سرمست جي درگاهہ، سائين جي. ايم.
سعيد، برک اديب شيخ اياز جي مجار ۽ ٻين هنڌن تي تڪدل سان آجياڻو ڪيو،
سوکڙيون ڏنيون. هندو آستانن تي گهمائڻ ۽ هندو مندرن ۾ درشن، پوڄا ارچنا لاءِ
وفد کي اديبن کي ونڻي تي ويا. اندر درشن لاءِ پاڻ بہ تي هليا ۽ سجدو پئي ڪيو
سنڌ ۾ ڀارتي فلمن ۽ ٽي.وي. چئنلن جي لوڪپريتا ڪافي وڌيل هئي. اُن جو اثر
اُتان جي عورتن، ٻارن تي صاف ۽ چٽو نظر تي آيو. ڀارتي سنسڪرتيءَ جا اثر ب
نمايان هئا. هڪ گهر ۾ نڪاح ٿيو. سڀ ريتيون-رسمون پوريون ٿيون. هڪ ننڍي
ٻار پڇيو ”امين نڪاح تہ ٿيو، پر باهہ جي چوڌاري لاڏي-لاڏيءَ ڦيرا تہ ڪون
ڏنا؟“ امينءَ ٻار کي سمجهايو تہ اِهو ڀارتي-هندو سنسڪرتيءَ جو رواج آهي. سنڌ
۾ ڏياري-هولي بيحد اُتساهہ اُمنگہ سان ملهائي ويندي آهي. ڪراچيءَ ۾ ڊانڊي
راس، گربا بہ ٿيندا آهن.جيڪي سڄي سڄي رات هلندا آهن. ڀارت جي ب
تڪنيڪي تعليم پروفيشنل عورتن جي وڌندڙ اڀياس جي موقعن ڪان اُتان ج
ڪاليجي، نوجوان وڏيڪ متاثر آهن. ڀارت ۾ جتي انگريزيءَ جو بول بالا آهي
مڪاني، صوبائي ٻولين کي انگريزيءَ جو واڳهو ڳرڪائي رهيو آهي اُتي پاڪستا
۾ انگريزيءَ جو سطح ڏاڍو هيٺ آهي. اُردوءَ جو واڌارو، وڪاسءِ بول بالا آهي
صوبائي ٻولين کي اڳتي وڌڻ جا وجهہ بہ گهٽ آهن. سنڌي ٻولي، تعليم مٿان
اُردو حاوي پوندي پئي وڃي. اِها بہ حقيقت آهي تہ جيڪي شخص جمهوري

اڳتي وڌندا رهياسين، اينڊز-ويندڙ رڪشا کي بيهڻ لاءِ هٿ به ڏيکاري رهيا هئاسين. لنگهندڙ يا تہ رڪشا پريل هئي يا وري رڪي نٿي يا ڪنهن کي بئي پاسي وڃڻو هو. مونکي لڳو تہ پارت ۽ پاڪستان جي رڪشا وارن جي منورتي بلڪل ساڳي آهي. ٿوري پنڌ تي ڪوبہ رڪشا وارو هلڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي. ڪانہ ڪا بهاني بازي ڪندو چوندو ”ٻئي پاسي وڃڻو آهي، اسڪول ورڏي آهي. رڪشا ڏيڻ جو وقت ٿي ويو آهي. گئس پرائٽي آهي اِن پاسي پيٽرول پمپ نہ آهي.“ وغيره وغيره ڪنهن بہ وري ايترو پاڙو ٿي ٻڌايو تہ اسين خود هن کي اِنڪار ڪري سگهون. اسان رهائشي هنڌ کان بزار اچڻ وقت جيتري رقم ڏيڻ جي آڇ ڪئي جيتوٽيڪ ڪافي پنڌ پڻ ڪري چڪا هئاسين پر رڪشا نہ ملي نہ ملي. هلندي هلندي سامهون آڪاشواڻي حيدرآباد جي بلڊنگ تي نظر پيئي. هيري نڪر چيو حيدرآباد اسٽيشن جو ڊائريڪٽر جناب نصير مرزا آهي. هوُهڪ سٺو اديب، فنڪار، دوستن جو دوست آهي. هل تہ اُن سان گڏجي اچون.“ فون تي ريڊيو اِسٽيشن جي ملاقات وٺڻ لاءِ پڻ نيند ڏني هئاسين. مون چيو ”هلو.“

حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جو نالو ٻڌي منهنجي ننڍپڻ جي ياداشت موٽ کاڌي. پارت ۾ اڃا ڪنهن بہ ريڊيو اسٽيشن تان سنڌيءَ ۾ ڪاريہ ڪرم نشر نہ ٿيو هو. سلون ريڊيو تان سنڌيءَ ۾ ڪاريہ ڪرم ايندو هو جيڪو وڏي چاهہ سان ٻڌندا هئاسين. پتا صاحب هرروز نيم سان حيدرآباد سنڌ تان ايندڙ سنڌي ڪاريہ ڪرم ٻڌندا هئا. مان بہ اُن جو لطف ماڻيندو هوس جڏهن امر شهيد سنت ڪنوررام، جيوٽي بائي، ڀاڳي بائي وغيره جا گيت، شاهہ سائينءَ جا ڪلام پتا شري ٻڌندا هئا تہ سڏٻڌ ڪوهي وجهندا هئا. سوز ڀريا ڪلام ٻڌي سسڪيون ڀريندا هئا ۽ هنجون هاريندا هئا. اسان سان سنڌ جي گايڪن، ڀڳتن، موسيقارن جون ڳالهيون ڪندا هئا جيڪي ڀڳتيون ماڻيون هئائون اُنهن جو ذڪر ڪري اسان کي لطف وٺائيندا هئا. پتا ۽ ماتا صاحب ورهاڱي بعد سنڌ جي دؤري تي ويا هئا. مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي تڏهن پاڻ سان سنڌ مان ٽرانزسٽر وٺي آيا هئا. پارت ۾ اُن دؤر ۾ وڏن شهرن کي ڇڏي اڃا احمدآباد ۾ بين هنڌن تي ٽرانزسٽر نہ آيا هئا. اُن زماني ۾ ريڊيو بہ ايڪڙ ٻيڪڙ شهرن ۾ هئا. اسان جي گهر ريڊيو هو. اوڙي پاڙي کي ٻڌائڻ لاءِ پتا صاحب گهر مٿان لائوڊ اسپيڪر لڳائي ڇڏيو هو. اُن کان اڳ اسين سابرمتي بزار ڪبيرنگر ۾ شري ڏامي‌مل جي هوٽيل تي بناڪا گيت مالا ٻڌڻ ويندا هئاسين. آندل ٽرانزسٽر تہ پتا صاحب هر وقت پاڻ سان رکندا هئا ۽ حيدرآباد سنڌ تان نشر ٿيندڙ سنڌي ڪاريہ ڪرم ٻڌندا رهندا هئا.

بهادر سپهہ سالار هو ۽ وطن لاءِ پنهنجي رت جي آخرين قطري جو نذرانو پيش
ڪري سنڌ مٿان شهيد ٿي ويو. هن عظيم سپوت کي اڄ بہ سنڌ ساري ٿي، ياد
ڪري هنجون هاري ٿي.

نئي شهر سان جڙيل سنڌي تواريخي عظمت دولهہ درياخان، سنڌين جي عزت،
غيرت، ننگہ ناموس جو نشان آهي. مٺيءَ جا مقبرا بہ تواريخي شاهدي پريندا
آهن تہ اُنهن جي مٺيءَ ۾ کهڙي شان شوڪت دفن ٿيل آهي. اِها بہ حقيقت آهي
تہ گل جنهن مٺيءَ ۾ پورجي ٿو، گل اُن مٺيءَ ۽ ماحول کي پنهنجي خوشبوءِ سان
واسي ٿو. دولهہ درياخان مغلن جو مقابلو ڪيو هو جنهن ۾ درياخان جيت حاصل
ڪئي. مڪليءَ ۾ سندس قبرستان تي جنهن کي چوڏيواري ديوار ڏنل هئي، ڏسي
سجدو ڪيوسين.

پارٽي وفد جي سنڌ جي زيارت وقت مڪليءَ جي ملاقات وقت مان ۽ تاج جويو
دولهہ درياخان جي مجار ڏسڻ ويا هئاسين جيڪا گهٽو پري هئي. اِها ڏسڻ ۽
سجدو ڪرڻ جو هڪ ڪارڻ اِهو بہ هو تہ مون دولهہ درياخان بابت ڪتابن ۾ پڙهيو
هو ۽ سنڌ واسين جي مکہ مان هن جو نالو بار بار ٻڌو هو. سنڌ جي محبوب ڪردارن-
شهيدن ۾ هن جو نالو شماريل هو. تاج جويي مونکي ٻڌايو هو تہ، ”سنڌ جي هن
عظيم فرزند جڪو سنڌ جو بااختيار وزير اعظم هو سو ڪنهن بہ لحاظ سان گهٽ
محب وطن ڪونہ هو. هن بنا ڪنهن لالچ-لب جي سنڌ جي خدمت ڪئي. هن اها
بہ ٻڌايو هو تہ پنهنجي زماني ۾ درياخان لاڙ ۾ ساڪري پرڳڻي جي آباديءَ لا
هڪ نهر کوٽائي، اُن ايراضيءَ کي سرسبز بڻايو هو. سنڌين ۽ پٺاڻن وچ ۾ ساموئي
وٽ سخت لڙائي لڳي هئي، جنهن ۾ درياخان شهيد ٿيو هو.“ مِني ۽ شوڪت شو
پڻ درياخان جي مردانگيءَ ۽ سرداريءَ جي ساراهہ جون سرڪيون پريون. اِهو ب
ٻڌڻ ۾ آيو تہ ٽي پهر لڳاتار جنگ لڙندي، هن کي نڙيءَ ۾ تير لڳو هو جنهن ۾ هن
جو موت ٿيو. هو آخرين دم تائين لڙندو رهيو هو. دشمنن کي منهن ڏنو، پنهنج
سر سنڌ مٿان گهوري سرهو ٿيو. قبرستان جي رکوالي ٻڌايو تہ درياخان جيئر
مڪليءَ کي پنهنجو مُقام نهرائي اُن کي چوڏاري خود ئي ديوار ڏياري هئي
شهادت بعد دولهہ درياخان کي هن جي جوڙايل مقام ۾ ئي دائمي ننڊ-آرام
دفن ڪيو ويو. محب وطن، غيرتمند، قابل، بهادر سنڌي سورهيہ سپاهيءَ ک
هڪوار ٻيهر سلام!

حيدرآباد جي شهر مان، منجهند ڌاري خريداري ڪري موٽي رهيا هئاسين
رڪشا ملڻ ۾ مشڪلات ٿي رهي هئي. رهائشي هنڌ جو پنڌ بہ گهٽو پري هو. اس

جا نالا پڻ اُڪريل هئا. اِهڙو يادگار تواريخي موقعو جناب مرزا اسان کي بہ ڏنو. اُتي ئي زمين کوٽيل هئي، اسان ٻنهي ٻوٽا لڳائي مٿي وجهي، پاڻي ڏيئي وڻ پوکيا. پر ۾ بيٺل شخص تاڙيون وڄائي ماحول کي خوشنما بڻايو. يادگار پلن کي ڪئميرا ۾ پڻ قيد ڪيو ويو. ادبي ڦلواڙي، باغ جو سئر ڪري اسان بہ بيحد خوش ٿياسين. پارت-پاڪ ايڪتا جا لڳايل ٻوٽا وڏي وڻ ٿيندا، ڇاياڊار، مٺا ميويدار وڻ قومي ايڪتا جي ڏور وڌيڪ پختي ڪرڻ ۽ ڀائيچارو وڌائڻ ۾ مدد روپ ٿيندا اِهڙو اسان جو ۽ جناب مرزا جو عقيدو هو.

اسان سڀني حاضرين ۽ خاص ڪري مرزا جا شڪرانا بجا آڻي، هنن کان موڪلايوسين. جناب مرزا جي ٿوري وقت ۾، مان ميٺ ۾ ڪيل بندوبست لاءِ هن هڏڏوکي، ايمانداري، محبتي، پياري شخص لاءِ، هن سان ماڻيل پل اڄا بہ تازا توانا آهن. هن جون محبتون دل کي سڪون بخشيندڙ آهن. جناب مرزا کي سوين سلام! ريڊيو پاڪستان-حيدرآباد جو ”ادبي-فنڪار بغيچو“ عالمي اِنساني برادريءَ ۽ ڀائيچاري جو شان-مان جو هڪ اهم يادگار آهي.

جناب ٽالپر جي گهر هر رات دوستن-اديبن جي ڪچهري ٿيندي هئي. جنهن ۾ محترم محمد يوسف لغاري سنڌ حڪومت جي ساليسٽر جنرل سان ملاقات ٿي. ماڻهو ڇا هو مکڻ هو، ڳالهائڻ ۾ هوائي جهاز جي رفتار واري تيزي. قانوني ماهر هوڻ بہ ڳالهائڻ، بحث ڪرڻ ۾ هوشيار ۽ ذهني هوندا آهن. جناب هيري ٺڪر سان تہ هن جي واقفيت اڳ ئي ٿيل هئي. انيڪ محفلن ۾ وقت بہ وقت شامل بہ ٿيا هئا. منهنجي هن سان پهرين ملاقات هئي. منهنجو نالو ٻڌندي ئي ڦٽاڪ سان چيائين پلي توهان مونکي نہ سڃاڻندا هجو پر مان بخوبي توهان کي سڃاڻان. هن کان اڳ جڏهن ڀارتي اديبن جي وفد آئي هئي تڏهن منهنجي ملاقات توهان سان ٿي هئي. توهان ڪاري سفاريءَ ۾ هئا. توهان ساں منهنجي واقفيت جناب تاجل بيوس ڪرائي هئي ۽ توهان پنهنجو ناٽڪن جو ڪتاب حادثو بہ مونکي ڏنو هو جيڪو مون اڄ تائين سانڍي رکيو آهي. مون هن جي ياداشت اڳيان سجدو ڪيو. جناب يوسف لغاري بلڪل صاف دل، بيباڪ اِنسان آهي. ڳالهہ ڳالهہ ۾ جناب هيري ٺڪر وڌيڪ هن نسبت ڄاڻ ڏني تہ محمد يوسف لغاري چوٿين مارچ واري جي تحريڪ جو مکہ ڪردار هو. يوسف ۽ ٻيا اُن وقت رياستي ڏاڍ ۽ ظلمن جو شڪار بڻيا هئا پر هنن همت نہ هاري هئي. 4 مارچ جو نالو سامهون ايندي ئي جناب پروفيسر اعجاز قريشيءَ جو ڪتاب ”4 مارچ ۽ اڄ جي سنڌ“ يڪدم سامهون ري آيو جيڪو جناب قريشيءَ مونکي هن کان اڳ سنڌ ملاقات دوران تحفي طور

يادگيري ايندي حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن ڏسڻ جو چاهہ پڻ وڌيو. اسان اڳتي
وڌياسين. جناب هيري نکر، شاهي لوهي دروازي جي پرسان بيٺل سپاهيءَ کان
پڇيو ”جناب نصير مرزا اسٽيشن ۾ حاضر آهي؟“ هن کنڌ ڌوڻي ها ڪئي ۽ پر
۾ رکيل ”ملاقاتي بوڪ“ ۾ نالا درج ڪري صحيح ڪرڻ لاءِ بوڪ اڳتي وڌايو. هيرو
نکر فارملٽي پوري ڪئي. سپاهيءَ سامهون بيٺل هڪ پٽيوالي کي سڏ ڪري اسان
کي مرزا صاحب جي ڪمري ۾ وٺي وڃڻ لاءِ هدايت ڪئي. اسان اُن سان اڳتي
وڌياسين. مکيہ حاطي ۽ ڪاريڊار ۾ لنگهندي ڏٺوسين تہ ڀتين تي سنڌ-پاڪستان
جي سنڌي فنڪارن ۽ اُنهن جي ڏنل ڪاريہ ڪرمن جا فوٽا بلئڪ ائنڊ وائيٽ ۽
رنگين فوٽا ٽنگيل هئا. ڪٿي ڪٿي گايڪن، سازيندڙن، لوڪ فنڪارن جا نالا پڻ
لکيل هئا.

مکيہ دروازي تي بيٺل سپاهيءَ فون ڪري جناب مرزا کي اسان جي اچڻ جي
چاڻ ڏني هئي. هوُ ڪمري کان ٻاهر نڪتو ۽ اسان جي دل و جان سان آجيان
ڪيائين، ڀاڪر ۾ ڀري ڏاڍو گدگد ٿيو. ساڻ اسان کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي
هليو. جتي اڳ۾ انيڪ ملاقاتي هن وٽ ويٺا هئا. جن ۾ مايہ ناز فنڪار، اديب،
صحافي، ناٽڪ نگار بہ هئا. ڪنهن ڪاريہ ڪرم جي رٿا رٿجي رهي هئي. جناب
مرزا اسان جي سيني سان واقفيت ڪرائي ۽ حاضرين ملاقاتين کان معافي وٺي
وڏيڪ ڳالهيون فون تي ڪرڻ لاءِ چاٽايو. پٽيوالي کي اسان لاءِ چانهہ-پاڻي ناشتي
جو بندوبست ڪرڻ لاءِ چيو ۽ پنهنجي پي.اي. کي حيدرآباد آڪاشواڻيءَ جي جدا
جدا وڀاڳہ جي بالا عملدارن کي پاڻ وٽ گهرائڻ جي هدايت ڪئي. هن اسان جي
دل کولي مهمانوازي ڪئي. بالا عملدارن سان واقفيت ڪرائي ايتري قدر جو گلاب
جا گل ۽ اجرڪون گهرائي اسان جي آجيان ڪئي.

سنڌي ڪلا، ثقافت، ناٽڪ، گايڪيءَ، موسيقيءَ جي هند-سنڌ ۾ صورت حال
جي ڪيترن پهلن تي گفتگو ٿي. بعد ۾ هوُ اسان کي ريڊيو حيدراباد جي شاهي
سندر باغيچي ۾ وٺي ويو. اُتي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ سنڌيءَ ۾ بورڊ لڳل هو جنهن تي
لکيل هو ”ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ادبي فنڪار بغيچو“. اسان جناب مرزا طرف
سوالي نگاهن سان نهاريو. هن ٻڌايو هيءُ توهين جيڪي وڻ ٻوٽا، گل، ڦل ڏسو ٿا
اِهي سڀ، جن جن اديبن، ڏيهي ڇاهي پرڏيهي فنڪارن هن ريڊيو اسٽيشن جي
ملاقات ورتي آهي، اُنهن جي ملاقات يادگار بڻائڻ لاءِ ۽ اُنهن جي مهڪ ۽ خوشبو
سدائين ماحول کي معتر ڪندي رهي اُنهن جي مبارڪ هٿان وڻ-ٻوٽا پوکيا ويندا
آهن. اسان چوُطرف نهاريو. انيڪ ساوڻ، سرسبز وڻن پرسان، اُنهن جي پوکيندڙ

هيءَ هلچل هئي ڪنهن واقعي جو ردعمل اظهار ڪونہ هو پر سنڌي ٻوليءَ تعليم خلاف ٿيندڙ سازش ۽ سنڌ جي قومي وجود کان اِنڪاري ٿيڻ جي مخالفت جو ردعمل هو. سنڌ هند جي محبوب شاعر سداحيات شيخ اياز 4 مارچ 1967 جي واقع کي سنڌ جو مئي ڏي (May Day) ڪري سڏيو هو. سنڌ جي نوجوانن ۽ سنڌي شاگردن جي بهادريءَ ۽ جدوجهد، سنڌ جي تاريخ جو هڪ سونهري ڏينهن هو جنهنجو مُک سامهون وينل هو.

جناب لغاري حڪومت جون انيڪ اهميت ڀريون ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو تہ وري وچ وچ ۾ رشوتخور، ڀرشٽاچاري عملدارن، وزيرن ۽ حڪمرانن کي ڪچيون-ڪچيون گاريون بہ ڏيئي رهيو هو. گاريون فاحش سڏيون وينديون آهن ۽ سماج اُن کي قبوليت نہ ڏني آهي ۽ گارين کي بداخلاقي سڏيو آهي. پر لغاري گارين کي روزاني جيوت يا لوڪ واهپي جو هڪ وسيلو ٻڌائي پيش ڪري رهيو هو. مون اُن رات ايتريون تہ هن جي وات مان، شڌ سنڌي ۽ نيون نيون گاريون ٻڌيون جيڪي مون زندگيءَ پر نہ ٻڌيون هيون. وچ وچ ۾ هوُ انگريزيءَ ۽ اُرِدوءَ ۾ بہ ڳالهائي رهيو هو پر گاريون سنڌيءَ ۾ ٿي ڏنائين. اِن مان محسوس ٿي رهيو هو تہ سنڌي گاريون جيڪي سنڌي ڳوٺاٽي-اڻپڙهيل شخص جي روزمرّه جي لوڪ ٻوليءَ جو هڪ اڻٽر حصو آهن اُنهن جو انگريزيءَ ۾ انواد ڪرڻ ڏکيو نہ پر مهامشڪل ڀريو آهي، گاريون صرف اڻپڙهيل-گهٽ پڙهيل يا هيٺئين طبقي جا اِنسان ئي ڏين ٿا هرويرو ائين نہ آهي. فائيو اِسٽار ڪلچرل ۾ بہ مون گاريون ٻڌيون آهن. جيڪي وديشي سڀيتا جو هڪ حصو بڻجي اُڀرن ٿيون. گارين کي منووگيانڪ اثر آهي. ڌپيل غصو، ڪاوڙ، وڌروه، جهنگلي‌پڻو گارين ڪڍڻ سان من ڪجهہ هلڪو ٿئي ٿو. ائين وهنوار ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي.

يوسف لغاري گارين سان گڏ خاص سياست تي ڳالهائي رهيو هو. هن کي پنهنجي ڪاليجي جيون جي يادگيري پڻ ڳالهين دؤران تري آئي.

ٻڌايائين تہ سنڌ جو ڪاليجي نوجوان اسين جيترو سڄاڳ ٿا سمجهون هرويرو ائين نہ آهي. حقيقت اِها آهي تہ شاگرد يونيورسٽيءَ ۾ داخلا اِن لاءِ وٺندا هئا جو اُتي سهٽيون ڇوڪريون ڇوڪرن سان گڏ پڙهن ٿيون. پڙهائيءَ دؤران ڇوڪرين سان عشق ڪن ۽ پوءِ ڪا سٺي نوڪري وٺي ويهي رهن. پر مون اُن وقت شاگردن جي اِن سوچ کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪجهہ شاگردن کي قومي تحريڪ لاءِ تيار ڪيو هئم ۽ سنڌ جي حقن لاءِ جاڳرت ڪيو هئم. هن وڌيڪ چيو تہ اڄ سنڌي شاگردن ۾ سياسي شعور آهي. پر سنڌ ۾ ڪا مضبوط اڳواڻي ڪونهي،

ڏنو هو. پروفيسر قريشي خود بہ اُن تحريڪ جو هڪ سرگرم سپاهي هو ۽ اڄ ڏينهن
تائين هو سنڌ جي مسئلن لاءِ جاکوڙ ڪندو رهيو آهي ۽ لڙت ڏيندو پيو رهي ٿو. هن
ڪي پنهنجي محبوب وطن لاءِ پيار، چڪ ۽ ڪشش اڄ بہ قائم دائم آهي. مون اُهو
ڪتاب پڙهيو بہ هو. هيري جي 4 مارچ لفظ ڪڻڻ جي دير هئي سچو پڙهيل منظر
ذهن ۾ تري آيو.

هيءُ هڪ اُهو سياڳو ۽ تاريخي ڪارنامو هو جڏهن سنڌ جي محب وطن شاگردن
سنڌ، سنڌي زبان سنڌي اختيار اعليٰ، حقن جي حفاظت، حق برادري، سنڌ جي
تعليم ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي معاملن ۾ مرڪزي حڪومت اِسلاماباد يعني پنجابي
نظام جي دخل گيريءَ کي للڪاريو هو. هيءُ اُهو وقت هو جڏهن سنڌ جي 'قومي
رهبر'' سائين جي. ايم. سعيد کي حڪومت نظربند ڪيو هو. شيخ اياز ۽ ٻين
شاعرن جي شاعريءَ تي بندش لاڳو ڪئي ويئي. مرڪزي حڪومت پاڪستان جي
سنڌ مٿان ڏاڍ ۽ قهر جاري هو. سنڌ جو نالو ميسارڻ لاءِ حڪومت هر قسم جا
هٿڪنڊا استعمال ڪيا هئا. ايتري قدر ڏهڪاءُ، دهشت ۽ وحشت جاري هئي جو
سنڌ جو نالو وٺڻ معنيٰ شينهن جي منهن ۾ سر وجهڻ، ڪاريهر تي پير رکڻ جي
برابر هو. اُن وقت سنڌ پاڪستان ۾ اهڙي ڪابہ سياسي ڌر ڪونہ هئي جيڪا
تحريڪ جي اڳواني ڪري. سيني سياسي ڌرين جي اڳوانن کي قيد ڪيو ويو ه
اهڙي تنگ ۽ نازڪ ماحول ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگرد ''قومي شعور'' ۽ ''قوم
ٻڌيءَ'' جو مظاهرو ڪندي تحريڪ کي جنم ڏنو ۽ سنڌ جي وڏي ڪمشنر مسر
حسن سان جنگ ڇيڙي ۽ قومي شعور ۽ جمهوريت جي دشمنن حڪومت سان مها
ڏنو. اُن جو سربراه، بيڊپو، نڊر، بيباڪ، بهادر شعوري شخص جناب يوسف لغار
هو. اِهو واقعو سنڌ جي تواريخ ۾ قومي هلچل جو وڏو موڙ هو. هي واقعو سائ
جي. ايم. سعيد جي سالن جي محنت، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي جدوج
۽ سنڌ جي دانشورن، ترقي پسند محبت وطن اديبن جي ڪوششن ۽ خوابن
ساڀيا روپ هو. هن واقع بعد جيئي سنڌ تحريڪ، سنڌي عوامي تحريڪ ۽ سنڌ
قوم پرست ۽ ترقي پسند تنظيمن ۾ هن واقع بعد ڪافي چستي ۽ سرگرمي آ
هئي ۽ سنڌ جو عوام سنڌ جي حفاظت، سنڌي ٻوليءَ جي سلامتي-وڪاس ۽ تهذ
۽ تمدن لاءِ هڪ ٿيو ۽ لڙت ڏني. جيئي سنڌ جو پڙاڏو تہ هند ۾ پهتو هو. هند
اديب ۽ سنڌي شاگرد اُن تحريڪ سان جڙيا هئا ۽ سنڌ جي جيئي سنڌ جي س
سڏ ڏيئي سنڌ ۽ هند جا سنڌي هڪ هجڻ جو ايڪتا، يڪمشتيءَ جو ناد گونج
هو.

وشواس آهي.

جناب لغاريءَ جي گڏجاڻيءَ وقت مون هڪ ڳالهه شدت سان محسوس ڪئي ته سنڌ پاڪستان حڪومت ۾ هن جو ڪافي دٻدٻو هو. دير رات تائين به وزيرن، عملدارن، ججن جا هن کي فون اچي رهيا هئا هئا. اسان کان معافي وٺي فونن تي خُنڪيءَ ۽ رعب سان ڳالهائي رهيو هو، ضروري حڪم به ڏيئي رهيو هئو ته ٻئي ڏينهن ڪورٽ ڪيسن جا تفصيل حاصل ڪري ضروري هدايتون به ڏيئي رهيو هو. حڪومت ۾ رعب به چو نه هجي. ساليسٽر جنرل عهدو ڪو گهٽ ڪونهي. چيف جسٽس، وڏو صوبائي وزير، چيف سيڪريٽري، گورنر ۽ ٻيا بالا عملدارن کي آخرڪار قانوني صلاح وٺڻ لاءِ هن وٽ ته اچڻو ئي پوندن. هيڏي وڏي بالا عهدي تي هوندي به هوُ اسان سان عزت، حليمائي ۽ پنهنجائپ سان گفتگو ڪري رهيو هو. عزت ۽ مان ڀريل لفظن سان مخاطب پئي ٿيو.

سنڌ دؤري دؤران جن ڪن ڳالهين ذهن تي اثر ڇڏيا ۽ اُهي اثر اجا به قائم آهن اُهي پڻ ذڪر لائق بڻجن ٿا.

هند ۾ ڪنهن به ڪتاب جو مهورت، ڪنهن هڪ اديب کان ۽ ڪتاب سٺي موني پئڪ ويپرل ٿيل، ربين ٻڌل بنڊل جي ربين ڪٽي-جوڙي مهورت ڪندڙ ڪندو آهي ۽ ڪتاب منچ تي حاضرين کي ورهائي ڏيندو آهي. پر سنڌ ۾ ڪتابن جي مهورت جو هڪ ڪشش ڪندڙ سهڻو نمونو نظرآيو. جنهن ڪتاب جو مهورت ٿيڻو هوندو آهي اُهو ڪتاب پليٽن ۾ رکيو ويندو آهي، اُهو گلاب جي گلن جون پنکڙين سان ڍڪيل هوندو آهي ۽ منچ تي جيترا به شخص حاضر هوندا آهن، اُنهن جيني اڳيان اُهي پليٽون رکيل هونديون آهن ۽ سڀ گڏجي پليٽن مان گلاب جي گلن وچ ۾ رکيل خوشبوئدار ڪتاب هٿن ۾ کڻي مجموعي مهورت ڪندا آهن.

تاريخ 22 نومبر 2008 جي ڏينهن ڪچاڪچ ڀريل مرزا اسٽوڊيو جي صحافي هال ۾ مسرور مرزا جي شاعريءَ جي ڪتاب روح جا ريلا جو گڏيل مهورت جناب آغا سليم، شمشير علي حيدري، تاجل بيوس ۽ هيري نڪر ڪيو. ڪتاب تي سڀني اديبن پنهنجا پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا ۽ شاعر مسرور مرزا کي واڌايون ڏنيون. هن موقعي تي منهنجو (چيني لالواڻيءَ) جو پڻ سواگت ڪيو ويو ۽ ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويو. جناب هيري نڪر مسرور جي ڪتاب ۾ درج ڪن ڪوتائن کي پڙهي حاضرين کي متاثر ڪيو.

هر رات ٿيندڙ محفل/ڪچهريءَ ۾ سنڌ جا اديب، شاعر، دانشور به حاضر هوندا هئا. اوپاريون-لهواريون ٿينديون هيون. هڪ رات سنڌ جو عظيم ناٽڪ نگار،

شاگردن جي سرگرم تنظيم ڪانهي جيڪا هنن جي رهبري ڪري. سنڌ يونيورسٽي
جا سنڌي شاگرد جيڪي اڄ ڇڙوڇڙ آهن اُنهن کي متحد ڪري سنڌ جي قو
حقن لاءِ لڙڻ لاءِ تيار ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. جيئن سنڌي ۽ سنڌ سپو
سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪري سگهن ۽ مهاجر ليڊرشپ ختم ڪري، سنڌي نوجو
اڳوان پئدا ڪري سگهجن. مونکي لغاريءَ جي صاف گوئيءَ تي فخر ٿيو.
حقيقت آهي ته ڪنهن به تحريڪ جي ڪاميابيءَ لاءِ نوجوان ۽ شاگرد ئي
هلچل جي شڪتي آهن. نوجوان ئي ستائون بدلائي سگهندا آهن ۽ هوائن جا
موڙي سگهڻ جي طاقت رکن ٿا.

مونکي ترت هند جي سنڌي نوجوان-ڪاليجي طبقي طرف ڌيان ويو. جيڪ
وديشي سڀيتا جي اثر هيٺ عياش ٿيندا پيا وڃن. سنڌي سڀيتا کان دور پهچندا
وڃن. سنڌي ڳالهائڻ ته نيڪ پر سنڌي سڏائڻ ۾ شرم پيا محسوس ڪن. هند
ڪابه اهڙي سياسي چاهي سماجي سنڌي تنظيم نه آهي نه ئي وري اهڙو ڪ
برجستو اڳوان آهي جيڪو نوجوانن جي رهبري ڪري ۽ اُنهن کي سنئين
لڳائي سنڌيءَ جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي ڪناري لڳائي. اِهو خال سنڌ-هند ٻن
ملڪن ۾ آهي. اِن ڳالهه تي گنڀيرتا سان سوچڻ-عمل ڪرڻ جديد وقت جي تقا
آهي جيئن پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد ڪري سنڌيت کي زنده رکي سگهجي.

اسان 4 مارچ جي هيرو يوسف لغاريءَ جي زبانيءَ ۾ قومي تحريڪ جي رو
ڏينهن، ون يونٽ خلاف سنڌي عوام جي شاندار جدوجهد جو داستان ٻڌوسي
لغاريءَ جي ٻڌائڻ جو طريقو ايترو ته پُراثر هو جو اسان اُهو هلچل جو منظر اک
اڏو ڏسندي پئي پاسيو.

جناب يوسف لغاريءَ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي بنگلي تي اسان کي هڪ شان
دعوت ڏيڻ چاهي. اسان لاچاري ڏيکاريندي ڇاڻايو ته 26 نومبر تي اسان جي
واپسي آهي. ٽڪيٽون رزروڊ ٿي ويئون آهن باقي اجا ڪجهه فارملٽيون پور
ڪرڻ باقي آهن. نهه پهه جواب ڏنائين اُن جي توهان چنتانه ڪريو. جتي به
رڪاوٽ ٿئيو ته منهنجو نالو کڻجو. نه ته فون ڪجو مان بروقت پهچي ويندس،
فارملٽيون پوريون ڪرائي مان توهان کي هوائي جهاز ۾ وهاري ايندس. توه
باسلامت سفر ڪندا. هند پهچندا، سنڌ جي سرزمين تي توهان جو وار به ونگ
ٿيندو اِها منهنجي جوابداري آهي. موٽ ۾ اسان هن جا شڪرانا مڃيا ۽ ڇاڻاي
سنڌ ۾، چاهي هوائي اڏي تي سيني دوستن جو ساٿ سهڪار مليو آهي. دو
هروقت مدد لاءِ تيار آهن. اچڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿي ته وڃڻ ۾ به نه ٿيندي ا

نامرادن ناياب-اڻلڀ ڪتاب تور ۾ وڪڻي ڇڏيا. اجا جتي لئبرريون آهن پاڻ گم آهن، ڪتاب ڪٻاٽن ۾ بوساٽجي رهيا آهن. مٽيءَ جي دز جا تهه اُنهن مٿان چڙهي رهيا آهن. سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي شاگرد، سنڌي ڪتاب، سنڌي خاص لئبررين جي مقرري ٿيڻ جي باوجود به اسڪولن جا پرنسيپال، بانيڪار ڪتابن جي وڌ ۾ وڌ پڙهائي ٿئي اِن لاءِ بلڪل لاغرض، اُداس آهن. سنڌي اديبن جي گهرن ۾ پڻ ترتيب وار ڪتاب رکيل نه آهن. گهڻا اديب ته نوان سنڌي ڪتاب پستيءَ ۾ وڪڻي ڇڏيندا آهن جڏهن ته سنڌ ۾ انيڪ سنڌي اديبن، شاعرن، مفڪرن، دانشورن وٽ شخصي لئبرريون آهن جن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب سانڍي-سنڀالي رکيل آهن. انيڪ کوجنا ڪندڙ شاگرد، ايم. فل ڊاڪٽوريٽ ڪندڙ شخص اسڪولي، ڪاليجي، يونيورسٽي لئبررين جو ته لاڀ وٺندا ئي آهن پر شخصي لئبررين ۾ رکيل ڪتابن سانڍيل دستخطن جون پڻ واهپو ڪوچ ڪاريه لاءِ ڪندا آهن. جڏهن ته ڀارت ۾ سنڌيءَ سان بي.ايم.، ايم.اي، ايم.فل، ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ لاءِ ڪتابن جي کوج ۽ حاصلات لاءِ در در ڀٽڪڻ ڪانپوءِ به نااُميدي پلئه پوندي. جيئن-تيئن ڪري اپياس ڪندا آهن جو ڪٿي به مرڪزي لئبرري برپا ٿيل نه آهي. جتي هر قسم صنف جا جهجهي انداز ۾ گهربل ڪتاب موجوده هجن.

سنڌي دنيا ۾ هاڪاري منڇر ڍنڍ ۽ ڪينجهر ڍنڍ جي سونهن تي ڇڪجي هزارين ڪلوميٽرن جي اُڏام ڀري دنيا ڀر جا جدا جدا قسمن جا پکي ايندا آهن. ڍنڍن مٿان جُهنڊن ۾ لامارا ڀري، پاڻيءَ ۾ تري انيڪ قسمن جا سندر-من موهڪ درشيه ڪڙا ڪندا آهن. ڄڻڪ نرتڪيون جدا جدا رنگ برنگي پوشاڪن ۾ جدا جدا نرتيه مُدرا ۾ نرتيه ڪري رهيون آهن. اِهڙو آڀاس ٿي رهيو هو. ڪينجهر ڍنڍ جي شام ته لهندڙ سج جي بدلجندڙ رنگن، جدا جدا پکين جي اُڏام، دور ڪان ايندڙ ٻيڙين ۽ اُن جي سڙهن مان ايندڙ هوا جا مڌر آواز، اُٿندڙ لهرن مان پئدا ٿيندڙ پاڻيءَ مان ڪل ڪل ڪندڙ آواز نه صرف دل ۽ دماغ کي راحت بخشي رهيا هئا پر اکين کي پڻ انڊلني نظارا پسڻ ۾ ڪا ڪسر باقي نه ڇڏي هئي. اِهو من موهڪ منظر ڏسڻ سان ئي ڀارت-احمدآباد ۾ به ڏٺل اهڙا انيڪ منظر، اکين آڏو تري آيا.

ڪڇ جي تلاون، احمدآباد جي نزديڪ نارايڻ سروور ۽ توڙي ڍنڍن تي به هيءُ پرڏيهي مهمانن هزارين ڪ.م. پرواز ڪري سياري جي مؤسم ۾ ايندا آهن. ڀارت جا مهمان بڻجي آس پاس جي ماحول کي رنگ برنگي بڻائيندا آهن. سئر سفر جا

دوردرشن سنڌي اُڙدو سيريلن جو اديب جناب عبدل قادر جوڻيجو پڻ حاضر رهي
هي صاحب پنهنجن بهترين ناٽڪن، فلمن جو ذڪر شدمد سان ڪندو رهيو جن
سان سنڌ ۾ ناٽڪي فن ۽ ليکن جي ڄاڻ ته حاصل ٿي. پر هن هڪ ڏيان ڇڪائين
ڳالهه ٻڌائي ته هن جي هڪ ٽي.وي. سيريل ”چار“ نالي يو.ڪي. ۽ يو.اي.اي
هلي. جنهن ۾ عرب پتي هندوجا ڀائرن مالي مدد ڪئي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته پروڊيو
هن سيريل مان ڪروڙين روپيه ڪمايا. اُن کان اڳ منهنجون لکيل پروڊيوسر
اُڙدو سيريل هلايون هنيون. اُن ۾ هنن ايترو نه ڪمايو هو جيترو ناٽو سنڌي سير
”چار“ جيڪا سنڌ، يو.ڪي. ۽ يو.اي.اِي. مان گڏ پرسارت ٿي هئي خوب
ڪمائي ڏنو.

سنڌ ۾ پڙهائيءَ جو ڏاڍو شوق آهي. هر ٻوليءَ جا ڪتاب، رسالا، مخز
ڪافي تعداد ۾ پڙهيا وڃن ٿا. جتي ڪٿي ڪتابن جي وڪري جا بوڪ اِسٽال آه
اِها به ڄاڻ ملي ته سنڌ صوبي جي ڪلچرل وڀاڳ طرفان هر ضلع ۾ لئبرريون
کيل آهن. جن ۾ سنڌي ڪتاب-رسالا پڻ جهجهي انداز ۾ ميسر ڪيل آهن.
سنڌي روزانيون اخبارون واچنالیه ۾ ايندیون آهن. انيڪ پڙهندڙ اُن جو لاڀ وٺ
آهن. دائود پوٽو لئبرري، سنڌ ادبي اٿارٽيءَ ۾ سيني ادارن جا ڪتاب وڪري
موجوده آهن. اسان دائود پوٽو لئبرريءَ جي ملاقات ورتي. لئبررين اسان
ڪافي مرحبا ڪئي. سڄي لئبرري هيٺ مٿي ڏيکاري. جدا جدا وڀاڳن ۾ ڪت
رسالا، ميسر هئا. سڄي لئبرري ڪامپيوٽرائيز ٿيل هئي. اپياس لاءِ ريڊنگ رو
هئا. اسان ڏسي دنگ رهجي وياسين ته سڀ ريڊنگ روم نه صرف ڀريل هئا پر
پانڪ نوجوان، اپياسو ٻاهر قطار ۾ بيٺا هئا ته ڪا سيٽ خالي ٿئي ته وڃي،
حاصل ڪن. ڪافي سٺو بهترين انتظام هو. شانتي ڇانيل هئي. اسان کي ٻڌاي
ته روزانو ٻه هزار شخص هن لئبرريءَ جو لاڀ وٺندا آهن ۽ هر سال سوال لک
وديشي شاگرد هن لئبرريءَ ۾ کوج ڪاريه ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. واقع ئي
ترين وشال لئبرريءَ آهي. اسان کي اِهو به ٻڌايو ته 1988 ۾ سنڌين ۽ مهاج
وچ ۾ ٿيل جهڳڙن ۾ انيڪ لئبريون ساڙي ختم ڪيون ويئون. جنهن ۾ پاڪ
نئشنل سينٽر، آمريڪن سينٽر جهڙيون وشال لئبرريون به هيون. اسان لئب
جناب سڄاد مرزا کان موڪلايو.

مونکي لڳو ته سنڌ ۾ ڪتاب پڙهڻ، اپياس ڪرڻ جو ڪيترو نه چاهه آهي. ه
ورهاڱي بعد جيڪي لئبرريون جهجهي انداز ۾ هر شهر، ڪالونيءَ ۾ کليون
اُهي بند ٿي ويئون. ڪيترن ناياب ڪتابن کي اُڏوهي کائي ويئي ته ڪ

سميت شايع ٿيندا نظر آيا اُنهن ۾ ڪجهه هن ريت هئا :
- سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙي خلاف احتجاج.
- ڪالا باغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي تعمير خلاف احتجاج.
- ناٽي جي نامناسب ورڇ خلاف احتجاج.
- سنڌ جي تيل گئس بي معدنيات سميت وسيلن جي ڦرلٽ خلاف احتجاج.
- سنڌين جون وسنديون ڊاهڻ خلاف.
- ڪچيون آباديون پڪيون ڪرائڻ خاطر.
- پاسپورٽ-ويزائون وقت سر جاري نه ڪرڻ بابت.
- حيدرآباد واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي مُهيا نه ٿيڻ خلاف.
- حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي نشريات محدود ڪرڻ خلاف.
- سنڌ جي جيلن ۾ مظلوم قيدين تي وحشياڻي تشدد ۽ انصاف نه ملڻ خلاف.
- سنڌي ملاحن کي مڇيءَ جا ٺيڪا ڏيڻ بابت.
- سنڌ مان بدامني ۽ بيروزگاري ختم ڪرڻ بابت.
- سنڌ جي فئڪٽرين ۾ سنڌي ماڻهن کي روزگار ۽ نوڪريون ڏيارڻ خاطر.
- اِنساني حقن جي بحاليءَ خاطر.
- امرجنسيءَ ۾ سپريم ڪورٽ جي ججن جي برخاستي رد ڪري نئين سر
دن تي بحال ڪرڻ.
- سنڌ کي مڪمل خودمختياري ڏيارڻ.
- سنڌي آفيسرن کي نوڪرين مان بي‌دخل ڪري، ٻين کي نوڪرين تي آڻڻ
لاف احتجاج وغيره.

هنن احتجاجن تي نظرثاني ڪرڻ سان نظر اچي ٿو ته سنڌ جي سياسي،
ماجي، سيتڪ زندگيءَ سان موت جهڙا مسئلا جڙيل آهن. سنڌ جو عوام، سياسي
ريون اِهو شدت سان محسوس ڪن ٿا ته سنڌ ۽ سنڌين سان هر ڪنهن ۾ ناانصافي
رهي آهي. ناپاڪ نظرن، سوارٿي شخص، پرشناچاري حڪمرانن سنڌ جي
ن-امان ۽ خوشحاليءَ لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪندا پئي رهيا آهن ۽ مسئلن کي
جهائڻ. بوڙن ڪنن تائين آواز بلند ڪرڻ ۽ پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ قومي
ي قائم ڪري ايڪتا جو اظهار احتجاجن دوران ڪري سنڌ جو شان اوچو ڪريون.
ين جن حقن جا حقدار آهيون اُنهن جي حاصلات لاءِ گڏيل طور محض مقابل
ي ۽ حل ڪري، پنهنجا پنهنجا فرض پورا ڪريون.
هند ۾ سنڌي پنهنجن حقن لاءِ لڙي رهيا آهن پر ڪڏهن به اُن لاءِ احتجاج،

شونقين خاص هنڌن تي قدرت جي گود ۾ رهي. هنن پکين جي ولرن، فليمن
پکين جي جُهندن جي وچ ۾ ويهي چوڳو چڱائيندا آهن. ڪڇ ۾ به فليمنگو پکي ڍ
جي ڪناري ريتيءَ ۾ آکيرا ٺاهي انڊا لاهيندا آهن ۽ ٻچن کي جنم ڏيئي چو
چڱائي اُڏامڻ سيکاري پاڻ سان گڏ پرڏيهه وٺي ويندا آهن.

سنڌ پاڪستان ۽ هند جي هنن پرڏيهي مانوارن مهمانن ۾ سلامتيءَ جو خا
فرق آهي. سنڌ جي ڍنڍن تي جيڪي پکي جهجهي انداز ۾ ايندا آهن گهڻا ق
تي ماڻهن جو کاڄ بڻجندا آهن پر ڀارت، ڪڇ- گجرات ۾ اُتي سلامت هون
آهن. شڪارين جو شڪار نه بڻجندا آهن. پکين جو شڪار ڪرڻ ڀارت ۾ قانو
گناهه آهي. پکي ڀارت مان هڪ مان انيڪ بڻجي ٻارن سان واپس پنهنجي م
موٽندا آهن.

سنڌ جي دؤري وقت جتي سنڌ جي اديبن، ادبي تنظيمن، ادارن طرفان ما
سنمان جهجهي انداز ۾ مليو اُتي سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊيل ميمبرن جو پڻ ڪا
سهڪار، عزت، مان-سنمان حاصل ٿيو.

پاڪستان پيپلس پارٽيءَ جي چونڊيل ميمبرا محترما رخسانه شاهه بخار
هيري ٺڪر ۽ منهنجي مان-عزت ۾ گهر دعوت رکي جنهن ۾ هن سنڌ-ڪراچ
جي مانوارن شخصن کي پڻ اُن موقعي تي گهرايو. هن جي گهر خيابان بادبا
جيڪو ڊفينس ڪالوني ڪراچيءَ ۾ هو اسان جو آجياڻو رکيو. موقعي تي حاضر
۾ اديب حميد سنڌي، آغا سليم، قمر شهباز، رکيل مورائي، عبدل پليجو، سنڌ
چينلن جا مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ انيڪ صحافي پڻ حاضر رهيا هئا. خوش خيرا
بعد انيڪ مسئلن، سپيتڪ مُدن تي دل کولي خيالن جي ڏي-وٺ ٿي. شالن ۽ گ
سان اسان کي سنمانت ڪيو ويو. کانو پورو ٿيڻ بعد محترما رخسانه بخاري ا
کي هڪ خاص مهمان خاني ۾ اڪيلي ملاقات ڏني. اسان سان انيڪ مُدن
خيالن جي ڏي-وٺ ڪئي. ڀارت ۾ سياسي عورتن بابت، اُنهن جي نظرئ
ڪاريه ۽ ملڪ طرف جوابدارين بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ موٽ ۾ سنڌ جي سيا
عورت جي سوچ، سوجهه ٻوجهه جي ڄاڻ ڏني ۽ يادگار فوٽا پڻ ڪڍايا.

هن سان اسان جي اِها ملاقات هڪ اهم ۽ يادگار رهي جو سياست ۾ سنڌ-
جي عورت جي حصيداريءَ، اهميت ۽ ضرورت جي ڄاڻ حاصل ٿي.

اسان اڳ ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌ ۾ جدا جدا طبقا حڪومت خلاف اعتراض پ
ڪرڻ لاءِ مظاهرا، ريليون ۽ لانگ مارچ ڪڍندا آهن. اسان جي سنڌ دؤري د
اخبارن، ٽي.وي. چينلن تي جن مظاهرن جا سماچار، احوال شد مد سان

ٻئي جي وڏيڪ ويجها آيا آهن تيئن سنڌين کي ٻه اچڻ گهرجي ۽ وڌيڪ پختا وشواس رابطا قائم ڪرڻ گهرجن. ڊاڪٽر لالواڻيءَ کان پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ ڄاڻايو ته دنيا جا ست عجوبا آهن رني ڪوٽ کي انهن عجائب طور مڃتا قائم ڪرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي ڪوششون وٺڻ گهرجن ۽ رني ڪوٽ کي عالمي سئر سپاٽي جو آستان بڻائڻ گهرجي جيئن دنيا ڀر جا ماڻهو ڇڪجي اچن. اِن سان پاڪستان سنڌ حڪومت جي آرٿڪ خوشحالي پڻ ٿيندي. سنڌ ۾ اهڙا انيڪ آستان آهن جتي ٽوريزم جي وڪاس لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن. ڊاڪٽر لالواڻي سنڌ ۾ واپاري سلامتيءَ جي ڏس ۾ پڇيل هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ ڄاڻايو ته ڀارت-پاڪ جو عوام رشتا ناتا سڌارڻ ۽ صحتمند، سلامتيءَ وارو ماحول ڪڙو ڪرڻ جا خواهشمند آهن پر ٻنهي حڪومتن جي وچ ۾ اوشواس جي گهري کاهي آهي جنهن کي ڀرڻ، وشواس قائم ڪرڻ جون عارضي ڪوششون ٿي رهيون آهن پر دهشت گردي، وحشت، بم ڌماڪا اُن کاهيءَ کي پاڻ وڌيڪ گهرو ۽ اونداهو بڻائي رهيا آهن. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جيڪا ورهاڱي جي پيڙا آهي اُها وسرجي نٿي. ڪشمير معاملي ٻنهي ملڪن کي هڪ ٻئي کان دور رکيو آهي. اسان سئر سفر ۽ واپار کي ٻه هڪ ٻئي کان پري رکيو هو. هڪ حقيقت اِها ٻه آهي ته پاڪستان-ڀارت حڪومت، ٻنهي ملڪن جو عوام ۽ خود عالمگيرن جي اِها اچا ۽ ڪوشش آهي ته ٻئي ملڪ دوستاڻا ناتا قائم ڪن. پر اِها ڳالهه دهشت گردن کي هرگز قبول نه آهي هو پنهنجو سوارٿ سڌ ڪرڻ لاءِ ٻنهي ملڪن ۾ اهڙيون غير اِنساني حرڪتون، ڪارروايون، سرگرميون ڪري رهيا آهن جو ٻئي ملڪ هڪ ٻئي کي پنهنجو-پنهنجو دشمن ٿا سمجهن ۽ شڪي نگاهن سان هڪ ٻئي طرف نهارين ۽ وهنوار ڪن ٿا. لالواڻيءَ ڄاڻايو ته جيستائين هند-سنڌ جي سنڌين ۾، واپارين ۾ وشواس جي گهرائپ پختي نه ٿي آهي ۽ ڪارخانيدارن کي سلامتيءَ جان، مال ۽ پنهنجي ڪيل سيڙپ بابت پڪو-پختو وشواس حاصل نه ٿيو آهي تيستائين هند جا سنڌي سنڌ ۾ اچي پنهنجيون پيڙهيون-ڪارخانا برپا ڪن ذرا ڏکيو لڳي ٿو. ناممڪن ڪونهي. سازگار حالتون، ماحول محبت ۽ وشواس هوا جو رُخ بدلائي سگهي ٿو.

هڪ حقيقت اِها ٻه آهي ته پاڪستان هن وقت خود پنهنجي وجود جي لڙائي لڙي رهيو آهي ٻئي ملڪ ڳڏجي جيڪڏهن دهشت گردن کي جڙ کان نيست و نابود ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا ته ضرور ڪاميابي حاصل ڪندا. ٻئي ملڪ آرٿڪ سلامتي حاصل ڪري وڪاس طرف تڪڙا پختا قدم وڌائي سگهندا. اِها ئي ٻنهي ملڪن جي عوام جي خواهش آهي. اِن لاءِ سڀني کان اول ضروري آهي ٻنهي ديش

مظاهرا نہ ڪيا آهن ۽ نہ ئي وري ڪي بڪ هڙتال، رئلين جهڙا قدم کنيا آهـ
ڀارت جا سنڌي اڳوان ائين سمجهندا آهن حقن لاءِ نهراوَ پاس ڪري سرڪار
موڪلي ڏيڻ، خطن موڪلڻ ۽ اخبارن ۾ نهراوَ شايع ڪري فوٽا ڪڍائي مشهو
حاصل ڪرڻ سان سنڌين کي حق ملي ويندا. ڀارت جا خود بڻجي ويل اڳوا
اخباري مشهوري جا اڳوان رڳو پاڻ ڇڏائي ڄاڻن. سماج جي وڪاس لاءِ ڪنهن
بہ اونو ڪونهي. پاڻ انياءُ ڪندڙ، جاتي، ٻوليءَ جي دشمنن جا ڀنو ۽ پڇ لٽڪ
بڻجي اُنهن جي مان-سنمان ۾ ڪاڪٽيل ۽ فائيوَ اسٽار پارٽيون رکي سرڪا
پيسي جو ڊُراُپيوگ ڪرڻ ۾ اڳرا پئي رهيا آهن.

اديب انعام شيخ جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر پڻ هو، اُن پنهنجي
اسان جي ماني موڪلائي. آجياڻي ۾ هُن سنڌ ٽي.وي. وارن، صحافين ۽
اديبن، فنڪارنکي پڻ پاڻ وٽ گهرايو.

رسوئيءَ بعد سنڌ ٽي.ويءَ وارن اسان کان ”هند سنڌ جا تجارتي ناتا-وس
وشيہ تي ڀارت پاڪ رشتن جي باري ۾ اِنٽرويو پڻ ورتو. هن خاص اِنٽرويو ۾ ب
اُيريو تہ جيئن تہ ڀارت-پاڪ واپاري رشتا ناتا وڌيا آهن. ٻنهي ملڪن وچ ۾ ا
شين جي آمدني ۽ روانگي تي رهي آهي، واپارين، ڪارخانيدارن ۽ چيمبر
ڪامرس جي عهديدارن، ميمبرن کي ويزا پڻ سهوليت سان ملي رهي آهي. اي
قدر تہ مال ڍوئيندڙ واهڻ بہ سڌا ٻنهي ملڪن ۾ اچ-وڃ ڪري رهيا آهن اُ
لاڀ سنڌ جي واپارين، ڀارت ۽ پرڏيهہ ۾ رهندڙ سنڌي واپارين کي پڻ
گهرجي. اِها ڳالهہ بہ بحث هيٺ آئي تہ هندو واپارين کي سنڌ اچي پنه
ڪارخانا، هنر برپا ڪرڻ گهرجن. تجارتي پيڍيون کولڻ گهرجن ۽ عالمي تج
ڪرڻ جو ڀرپور لاڀ وٺڻ گهرجي. جناب انعام شيخ اِها بہ ڳهر ڪئي تہ
پنجاب مان هر طبقي جي وفد پاڪستان دؤري تي اچي رهي آهي تيئن س
اديبن کانسواءِ ڀارت جي سنڌين جي هر طبقي، خاص ڪري نوجوانن، فنڪ
صحافين، واپارين، ڪارخانيدارن جون وفدون پڻ نيمائتيون اچڻ گهرجن.
جيڪي هن وقت سنڌي رهن ٿا اُنهن کي سنڌ ۾ سخاوتي ڪم شروع
گهرجي.

ڀارت جي سنڌين سان ڳڌجي، هند جي وڏن شهرن ۾ جيئن سنڌين
اِسپتالون، ڪاليج، ڌرمشالائون، اسڪول وغيره برپا ڪيا آهن تيئن سنڌ ۾ ب
کولڻ گهرجن. سنڌ جا جيڪي اِدارا سنڌي ادب ۽ سپيتڪ سرگرمين ۾ اڳ
اُنهن کي مالي اِمداد ڏيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان پنجاب جا ماڻهو جيئن

ڪي ڪو انعام، سنمان ملندو آهي ته پاڻ نينڊ هوندي به حاضر نه رهندا آهن. هنن کي لڳندو آهي ته اُن اديب جو نالو چڙهي ويندو. سنڌيءَ ۾ انڪري ئي ته چوندا آهن ”هاٿيءَ جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا ۽ کائڻ جا ٻيا.“ ڪجهه به هجي اِنساني سڀاءُ ته ٻنهي هنڌ ساڳيو آهي، ڀارت ۾ هڪ سٺي ڳالهه آهي ته مالي طور ڪمزور ۽ بيمار اديبن کي ڪي اڪادميون مالي مدد ڪنديون آهن. نالا ظاهر نه ڪيا ويندا آهن. هر مهني روپيه ٽي هزار مني آرڊر يا چيڪ رستي اُنهن جي گهر پهچي ويندا آهن. اِن ڏس ۾ گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي ڪافي اڳري آهي ۽ اِن ئي پهرين اِن قسم جي يوجنا شروع ڪئي هئي. تازو ڪجهه سالن کان شري ناڪر چاولا جي ڪوشش سان اديبن، فنڪارن جي ويلفيئر سوسائٽي شروع ڪئي وئي آهي جنهن جي تحت بيمار، مالي طور ڪمزور اديبن کي دوا درمل لاءِ دوائون، اِسپتال جو خرچ ڏنو ويندو آهي ۽ ڪيترن بزرگ اديبن، فنڪارن جا ميڊي ڪليم به سوسائٽيءَ جي خرچ تي ٿيل آهن. جڏهن مون اِها ڳالهه سنڌ ۾ ڪئي تڏهن اِن ڳالهه جي ڪافي آجيان ڪئي وئي.

ادل سومري سان ڳالهين دؤران جڏهن سنڌ ۾ موجوده دؤر جي ادبي لاڙن بابت ڄاڻڻ جي ڪوشش ۾ هن بيباڪ ٿي ٻڌايو ته ته سنڌ جي موجود ادبي دؤر ۾ فيشن پرستي ڪافي وڌي وئي آهي. اِن فيشن پرستيءَ ۾ نوان چاهي پراڻا، بزرگ اديب به شامل آهن. هن ٻڌايو ته سنڌ ۾ ڪي.ٽي. اين.، سنڌ ٽي.وي. ۽ ٻيا اُن سان جڙيل چينلن جي شروع ٿيڻ سان ۽ اڳ حڪومت جا هلندڙ چينلن ڪري ميڊيا ذريعي مشهور ٿيڻ جو شوق، نمائشي رُجحان ساهتيڪارن ۾ وڌي ويو آهي جنهن ڪري معياري، بامقصد واري ادب جي تخليق نٿي ٿئي پر تحريري ۽ لوڪپريه ٿائيندڙ، سستي مشهوري ڏيندڙ ادب وڌيڪ لکيو پيو وڃي.

ڀڳيم: ”جا سنڌي چينلن جي شروع ٿيڻ سان سنڌي ٻولي ثقافت ۾ اضافو ٿيو آهي؟ جي موٽ ۾ هن جاڻايو ته ڪافي اثر ٿيو آهي. نوان نوان اديب، شاعر، ناٽڪ ڪار، ناٽڪ نويس، ٽي.وي. سيريلون لکندڙ، گائڪ، سنگيتڪار ڪافي اُسريا آهن. اڳ جيڪي اڳتي وڌڻ جا وسيلا محدود هئا اُهي وشال ٿيا آهن. سنڌي گائڪيءَ، سنڌي موسيقيءَ جو اضافو ٿيو آهي. سنڌي لوڪ گيتن ۽ لوڪ سنگيت جو وڌيڪ ڦهلاءُ ٿيو آهي. لوڪپريتا وڌي آهي. وڏو بدلاءُ اِهو ٿو نظر اچي ته سنڌ جو عام ماڻهو ادب، ثقافت سان جڙيو آهي. نئين ٽهي، نوجوان ٻارن ۾ پنهنجي ورثي جي ڄاڻڻ، ماڻڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. سچي سنڌ جا ننڍا-ننڍا ڳوٺ، سنڌ کان ٻاهر پرڏيهي ملڪن ۾ رهندڙ ڀارت ۾ وسندڙ سنڌين کي جوڙڻ جو ڪم ميڊيا ڪيو

جي ماڻهن جي ذهنيت ۾ بدلاءُ آڻڻ جي، فراخ دل ٿيڻ جي ضرورت آهي عوام جو عوام سان رابطو قائم ڪرڻ، گهرو وشواس پيدا ڪرڻ.

سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏي ادبي تنظيم سنڌي ادبي سنگت آهي. اُن جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل اديب ڊاڪٽر ادل سومرو جنهن خود سنڌي ادبي سنگت تي پي.ايڇ. ڊي. ڪئي آهي، اُن ٻڌايو ته ادبي سنگت منڍ کان وٺي هن مهل تائين ڪڏهن به مالي لحاظ کان مستحڪم نه رهي آهي جنهن ڪري اديبن جي ڀلائيءَ جي ٽرسٽ جوڙي باقاعدي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، پر چاهيل ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي آهي. سنگت جون شاخون سڄي سنڌ ۾ ڦهليل آهن ۽ ڪافي سرگرم پڻ آهن. ادل سومري اِهو به ٻڌايو ته سنڌ ۾ ادب ۽ ڪلا جي وڪاس لاءِ جيڪي ادارا آهن اُهي رياستي ادارن کان مالي مدد حاصل ڪندا آهن پر ادبي سنگت ڪڏهن به سرڪاري اِدارن کان اهڙي مالي اِمداد قبول نه ڪئي آهي. صرف اديبن جي ڏنل چندن تي ئي سڄو ڪاريه هلندو آهي، اجلاس ڪيا ويندا آهن. سنگت جي عهديدارن وقت به وقت اِها ڪوشش ضرور ورتي آهي ته ادبي سنگت مالي طور خوشحال ۽ مضبوط ٿئي، سنگت مالي طور خوشحال اديبن کان سنگت لاءِ مالي امداد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويئون هيون. مدد جو هٿ ڊگهيڙي ڪي ڪاريه ڪرم اسپانسر ڪرڻ لاءِ به نيند ڏني ويئي هئي پر ادل سومري کي اِها شڪايت هئي تهسنڌ جا خوشحال اديب صرف وڏيون وڏيون نصيحتون ۽ ڊگهيون تقريرون ڪري جاٽن. وڏيڪ هن جي اِها به شڪايت هئي ته شاهوڪار، وڏا اديب وڏين هوٽلن ۾ پنهنجي ڪتابن جا وموچن (تقريبون) ڪوٺائڻ لاءِ لکين روپيه ڌُڦ ڪري ڇڏيندا آهن پر ڪنهن غريب، بيمار اديب ڀاءُ لاءِ هڪ روپيه به خرچڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن.

مونکي يڪدم هند جي وڏن اديبن جي هلت ، مهون اچي ويئي، جيڪي جتي ڪٿي پاڻ هجڻ چاهيندا آهن. سرڪاري اِدارن ۾ به سٺا ۽ هڪ هٽي قائم رکي وينا آهن. سڀ انعام، لاڀ صرف پاڻ تائين محدود رکندا آهن.

ادبي بئنڪن اِدارن ۾، ڪوبه عملي قدم نه کڻندا آهن نه صرف ايترو پارت ۾ جيڪي به سنڌي ادبي سرگرميون، ڪانفرنسون ٿينديون آهن سالن کان صرف پاڻ کي ئي نيندون ڏياريندا آهن. پل چڪ ۾ ڪٿان نيند نه ملندي اٿن ته نه صرف اُنهن جي مخالفت ڪندا آهن پر پنهنجو شخصي دشمن سمجهي اُن کي نگهوسا ڪرڻ جون ڪوششون به وٺندا آهن. هوُ چاهيندا آهن ته هنن جي انعامي جلسن ۾ نوجوان حاضر رهن. هنن جي ڪتابن جو وموچن ڪن. پر جڏهن نوجوان اديبن

أتم، مدن، مالهي، ڪلا قرب واري
پارو، پوپٽي ۽ هري نند هزاري
اچي شال ڏاهن، ڪالا باغ ڪساري
پريو قيمت، نرمل، سُندري سياڻي
پيين شال بيوس سنڌوءَ جو پاڻي
آشا شاد دلگير سالڪ سچارا
وينا صدف ڇترو شبنم شهاڻي
ميارام نمي گوبند مولاڻي
هجن کير کنڊ شل ڏيڪارا، سيارا
الا ياد پون تا، ماڻهو هند وارا.

ڪوتا ٻڌندي ڏٺم، هن جون اکيون آنسن سان تر ٿي ويئون هيون. اِهي آنسون خوشيءَ جا هئا يا موڪلاڻيءَ جا چوڻ مشڪل هو. مون هن کان ڪوتا گهري ورتي ۽ کيسي ۾ رکي پاڪر پري هڪ ٻئي کي چمي موڪلايو. اِهو منهنجو ۽ هيري نڪر جو تاجل بيوس سان آخرين ياڪر هو. جنهن جو احساس، خوشبوءَ اڄ بہ سرير ۾ واسيل آهي. اِها ڄاڻ نہ هئي تہ اِها موڪلاڻي اسان جي آخرين هوندي.

جڏهن مون هن سان ويهي روح رهاڻ ڪئي هئي تڏهن دل جو درد اوريندي چيو هئائين، ”ادا چينل! ڪهڙيون تو ملڪ جون ڳالهيون ڪرين! توهين هند وارا وري بہ سياڻا آهيو، توهان جي حڪومت کي عوام جي ڀلي لاءِ چنتا آهي. اسان جي حڪومت کي، حڪمرانن ۽ سياستدانن کي ڀارت کان سبق سکڻ گهرجي تہ حڪومت ڇا ٿيندي آهي، ڪيئن هلائبي آهي؟“ هن ٻڌايو تہ ملڪ مان بکہ ۽ بيروزگاريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ پيدائش جي وسيلن کي سُلجهائڻ ۽ وڌائڻ توڙي بيروزگار پڙهيل نوجوان نسل کي روزگار ڏيڻ بدران اُلٽو روزگار ڪمائيندڙن کان نوڪريون ڦريون ٿيون وڃن. ڏکہ سان چيائين ادا! آزاديءَ کان اڳہ انگريزن جي حڪومت جي دؤر ۾ جڏهن حملاور حملو ڪندا هئا، ڦريون ۽ ڌاڙا هنيا ويندا هئا تڏهن اوڙي-پاڙي جا ماڻهو همٿ ڪري اهڙن قاتلن ۽ ڦورن کي سوگهو ڪري پڪڙي وٺندا هئا. پر اڄ ڪالهہ ٽولن جا ٽولا، هٿيار بند ڌاڙيل، قاتل ڦر، لٽ، ڌاڙي جون وارداتون ڪري فرار ٿي وڃن ٿا. پوليس، حڪومت ڪجهہ بہ نٿي ڪري، عوام مان اُها سچائي ۽ همٿ بہ ندارد آهي جو اِهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ قاتلن، ڌاڙيلن کي پوليس جو سهڪار آهي،عوام داد فرياد ڪري تو تہ انصاف ڏيڻ بدران فرياديءَ کي ئي کنو ڪيو تو وڃي. ادا، توهين هتان جون اخبارون

آهي. البت ڪاريہ ڪرمن جي معيار، تڪنيڪي ماهريت ۽ ادبي سرگرمين کي وڌائڻ جي سخت ضرورت آهي. جو اڄ جي سنڌ جو هاري، ناري، پورهيت، هر طبقي جو سنڌي ڪافي سجاڳ ۽ ذهني بڻيو آهي.

جناب ادل سومري اِهو بہ ٻڌايو هو تہ سنڌ ۾ ادب جي جدا جدا شاخن ۾ شاعري صنف وڌيڪ اڀري پئي رهي آهي، جنهن ۾ گهڻائي نوجوان شاعرن جي آهي. پراڻن، وڏن شاعرن جي شاعري اڳ جي ڀيٽ ۾ گهٽ شايع ٿي رهي آهي. هن اِهو بہ ٻڌايو تہ ڪهاڻي بہ زور آهي ڪهاڻيڪارن جي پاڇ ميڊيا طرف وڌيڪ آهي. ڪجهہ نوان ذهني ڪهاڻيڪار بہ ميڊيا جي ڊوڙ ۾ شامل آهن. ائين ڪٿي چئجي تہ ڪهاڻيءَ تي ٽي.وي. ڊراما وڌيڪ حاوي ٿي ويو آهي. ٽي.وي. ڊرامو ڪافي زور آهي باقي اسٽيج ۽ ريڊيو ڊراما ساهي پٽي، سرگرم ٿيڻ جي راهہ جي انتظار ۾ آهي. هڪ حقيقت اِها بہ آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي ميڊيا زور آهي. هند ۾ ڪابہ سرڪاري، غيرسرڪاري سنڌي چينل ڪونهي. ڪن اسٽيشنن تان آڪاشوائڻين، دوردرشن تي نہ جهڙا سنڌي ڪاريہ ڪرم پرسارت ڪيا ويندا آهن. اڳيئن سنڌي ڪاريہ ڪرمن جي سار سنڀال لاءِ جيڪو سنڌي عملو مقرر ڪيو ويو هو اُنهن جي فارغ (رٽائرڊ) ٿيڻ سان نئون عملو مقرر نہ ڪيو ويو آهي. جنهنڪري سنڌي ريڊيو-دوردرشن سنڌي ڪاريہ ڪرم ڏينهون ڏينهن پوين پساهن تي آهي.

سداحيات تاجل بيوس سان جڏهن پارت واپس ورندي ايئر پورٽ جي ڪاريڊور ۾ بينا هئاسين تڏهن تاجل چيو، ”ادا توهين پارت وڃو ٿا، دل چوي ٿي مان بہ توهان سان جيڪر هلان. توهين موڪليو ٿا تہ مونکي پارت جي ڏڌري وقت، دوستن، دلدارن، سڄڻن سان ڪيل ملاقات ياد اچي ٿي. ادل مون رات ئي هڪ نئين ڪوتا لکي آهي، ڪڏهن شايع ٿيندي گهٽ ۾ گهٽ ٻڌندا تہ وڃو ۽ آکيائين :

الا، ياد پون ٿا، ماڻهو هند وارا

الا ياد پون ٿا ماڻهو هند وارا
هيرو، ناڪر، ڪومل، ڪمل، ڪيرت پارا
ڀيا اکين آڏو، ڏکي ڏار ڪيائون
اسان سنڌ وارن کي ڪيڏا وار ڪيائون
ڪٿي سنڌ، ڪٿي هند، ڪٿي دل جا ڏارا
موتي، رام، منوهر، جڳديش جاني
جهمون، نارائڻ، چينو، موهن فاني
ڏسن سال اکڙيون، ازل جا اُجارا

منهنجو جنم تيو هو ڏسڻ جي ڏاڍي دلي خواهش هئي. پر جناب ڪيسواڻيءَ ڪن شخص جي ڪن پرڻ تي حڪم جاري ڪيو هو ته ڪوبه شخص بنا ڪنهن اِجازت جي پنهنجي پنهنجي ڳوٺ جي ملاقات تي نه ويندو. جيتوڻيڪ اِن حڪم اُن کان اڳه وفد ۾ شامل گهڻا اديب پنهنجن پنهنجن ڳوٺن مان وڃي تي آيا هئا. مان اِن حڪم جي تحت نراس تي پيس. تڏهن تاج جويي، جنهن کي مون اڳه ئي پنهنجي خواهش کان واقف ڪيو هو ۽ سنڌ جي دؤري وقت اسان سان گڏ هو، اُن منهنجو لٿل چهرو ڏسي، سمجهي ويو ته مان چو نراس، اُباڻڪو آهيان. هن دل وننڌي آکيو، ''لالواڻي تون ڪابه چنتا نه ڪر. اسين جنهن شاهي روڊ تان سفر ڪري رهيا آهيون اُن رستي تي ئي تنهنجو ڳوٺ ڪنڊيارو ايندو. مون ادبي سنگت ۾ رهندي نوابشاهه ضلع ۾ ڪافي سرگرم ڪم ڪيو آهي. مون سنگت جي دوستن معرفت تنهنجي عزيزن کي اڳواٽ ئي نياپو هلايو آهي ۽ ڪنڊياري پهچڻ جو وقت به ڄاڻايو آهي. هو تنهنجو انتظار ڪندا هوندا. تون چنتا نه ڪر اُتي پهچائڻ، تنهنجو ڳوٺ ڏيکارڻ جي جوابداري مون مٿان آهي.'' مون موٽ ۾ چيو ته ''هن شاهي بندش حڪم جو ڇا ٿيندو. جناب سريش ڪيسواڻيءَ کي خبر پوندي ته هو توهان تي، مون تي ناراض ٿيندو.'' چيائين، ''تون ڪابه چنتا نه ڪر. هن کي خبر به نه پوندي،اگر پوندي به ته تون ڪنڊياري مان موٽي ايندين بعد ۾، پوءِ ڏسنداسين ته هوُ ڇا ٿا ڪن.'' مون سامت جو ساهه کنيو.

اسان جو قافلو نوشيرو فيروز حميد سنڌيءَ جي گهر پهتو هو. اُتي سڀني جي رسوئيءَ جو بندوبست ٿيل هو. مان رسوئي کائي رهيو هوس ته ادي تاج جويي اڇي آهستي چيو هو، ''اسين هتان رسوئيءَ بعد ڪاهي قاسم نارايڻ شيام جي ڳوٺ هلنداسين. ڳوٺ جي مُهڙ تي ويندڙ رستي تي ''نارايڻ شيام'' روڊ نالو رکڻ جو مهورت ڪنداسين. بعد ۾ نارايڻ شيام جي گهر سڄي وفد جو هڪ وڏو آجياڻو رکيل آهي. سڀ آجياڻي ۾ شامل هوندا. اُتي هڪ پوليس جي ڪاري گاڏي بيٺل هوندي تون اُن ۾ وڃي ويهج اُتي جناب گل مورو، علي نواز تگهر، يوسف مگي، خادم مري ۽ ٻيا سنڌي ادبي سنگت نوشورو فيروز جا عهديدار توکي اِن ڪم ۾ مدد ڪندا. ڪاهي قاسم کان مون سان گڏ .D.D.O شري سڪندر خشق، .D.S.P جي گاڏيءَ ۾ چاڙهي مونکي ڪنڊياري موڪليو هو ۽ ڪنڊياري مان گهمائي، مائٽن سان ملائي خود .D.S.P مونکي واپس وٺي آيو هو ۽ مونکي اڇي قافلي تائين موٽايو هو.

اهڙي دلير، همٿ واري تاج جويو تي مونکي سدائين ناز رهيو آهي. مان وشواس سان چئي سگهان ٿو ته تاج جويو هرڪا ذميواري نڀائڻ ۾ سدائين اڳرو

ڪٺي پڙهندا تہ تہان کي سواءِ مار ڌاڙ، قتل جي بيون خاص خبرون گهٽ پڙهڻ
لاءِ ملنديون. ماڻهن کي اغوا ڪر ڻ تہ هرروز جي ڳالهہ آهي.

اغوا جي وارداتن سبب انيڪ هندو سنڌي ڪٽنب آهن جيڪي سنڌ جي انيڪ
ڳوٺن، شهرن مان لڏپلاڻ ڪري اچي ڀارت جي انيڪ شهرن ۾ ٽانئيڪا ٿيا آهن
جن کي ڀارت ۾ ناگرڪتا ملڻ جون تڪليفون تہ آهن اُهي اِن لاءِ ڏکي نہ آهن پ
هنن کي ”پاڪستاني“ ڪري سڏيو ويندو آهي اُن لفظ کان هو ڏاڍو ڏکي ٿيند
آهن. چوندا آهن اسان کي سنڌي-سنڌ واسي سڏيو وڃي. جڏهن ڪو اسان کي
پاڪستاني سڏي ٿو تڏهن لڳندو آهي تہ اسين سنڌ ۾ تہ ڌاريا ڳڻيا ويندا آهيون پ
هند ۾ بہ اسان کي ڌاريائپ ۽ نفرت جي نظرن سان ڏٺو ٿو وڃي. اسين سنڌي
سنڌ واسي وفادار سنڌي، ديش ڀڳت ۽ صوفي آهيون. اسان جو ورثو ساڳيو آهي
اسان کي پاڪستاني سڏي ڌاريو نہ بڻايو وڃي. مون گهڻن جي اِن دک پيڙا جا پ
سنڌ مان.هند لڏي آيل سنڌ ڄاون جي چهرن تي ڏٺا آهن.

جڏهن اسين قاعدِ اعظم هوائي اڏي ڪراچيءَ تي لٿا هئاسين تڏهن اسا
جي آجياڻي ۾ آيل ادو تاج جويو پڻ حاضر هو. تاج جويي هوائي اڏي تي ئ
خوشخبري ٻڌائي هئي تہ سنڌ حڪومت هن جي مقرري سيڪريٽريءَ طور بااختي
سنڌي ادبي اِداري، حيدرآباد ۾ ڪئي آهي. اسان کي ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي
شري تاج جويو هن کان اڳہ سنڌ حڪومت جي جدا جدا اِدارن ۾ خدمتون ڏيئ
چڪو هو. نہ صرف ايترو پر سنڌي ادبي سنگت جيڪا سنڌ جي وڏي ۾ وڏ
تنظيم آهي اُن جي صدر پد تي بيحد ڪاميابيءَ سان چونڊجي آيو هو. سنگ
جي چونڊن ۾ ڪافي رساڪشي ٿيندي آهي پر تاج جويو جيئن تہ سدائين ادبي
جي حقن ۾ لڙندو پيو رهيو آهي. سنڌ ڌرتي ماتا جي هر هميشهہ خدمت ڪن
پئي رهيو آهي ۽ اُن جي بچاوَ ۽ سلامتيءَ لاءِ هر وقت لڙندو پئي رهيو آهي، سنڌ
سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو جائز مقام ڏيارڻ لاءِ جاکوڙ جاري رکي وينو آهي، اهڙ
اُتساهي، هڏڏوکي ڪم ڪندڙ نالي واري دانشور ۽ اديب، چونڊن ۾ گهڻائيءَ س
پنهنجي سڄي پينل سميت لاثاني ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. حقيقت ۾ ت
جويو تمام سٺو اديب، محقق، يار دوست، جاکوڙي گهڻ پاسائي شخصيت آه
ذاتي طور مان بہ هن جي خلوص، اعليٰ انتظامي صلاحيتن ۽ خوبين جو شا
آهيان. مونکي هن جي ڪاريہ ڪرڻ جي ڍنگہ جو ذاتي آزمودو آهي. مان جڏ
حناب سريش ڪيسواڻيءَ جي سرپرستيءَ ۾ ڀارتي سنڌي اديبن جي وفد سان
-ڙري تي ويو هئس تڏهن مونکي پنهنجي جنم ڀومي ڪنديارو ۽ جنهن جڳه

مون سرديءَ کان بچڻ لاءِ بند ڳلي جو ڪوٽ پهريون هوءَ مٿي تي ٽوپ. ڳالهين-ڳالهين ۾ ٻڌم ته حيدرآباد ۾ اُتر جون ٿڌيون هوائون لڳي رهيون آهن جنهن سبب سرديءَ ۾ واڌارو ٿيو هو. ڳالهائيندي اِهو به ٻڌم ته هن وقت حيدرآباد ۾ گندءَ دونهين جا ڍير لڳل آهن. پر ڪو ڏڍر هو جڏهن حيدرآباد شهر جا روڊ رستا ڌوتا ويندا هئا ءَ جڏهن خوبصورت عورتون پنهنجا وار ڌوئنديون هيون تڏهن اُن پاڻيءَ جي خوشبوءِ تي پنئور اچي گڏ ٿيندا هئا. ٻڌي حيرت لڳم. مون ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هو ته حيدرآباد جيڪو سنڌ جو وڏوءَ ٻئي نمبر جو شهر آهي اُتي ڪنهن وقت صحافت توڙي ادب ۾ عورتون ڪافي سرگرم هونديون هيون. اِها ڳالهه ياد ايندي ئي مون پڇيو ڇا حيدرآباد ۾ اڄا اديبائون ڪافي سرگرم آهن؟ جواب مليو اُهو زمانو گذري چڪو آهي. سرگرم رهندڙ عورتن ۾ ڪافي ڪوٽ اچي ويئي آهي. قسمتي ڪنهن محفل ۾ اچ ڪالهه ڪا عورت شريڪ ٿئي ٿي. جتي ڪٿي ”ڪاريءَ وارا ڪڪر“ آهن. اهڙي ڀيانڪ صورتحال لاءِ ڪيترائي سبب آهن. هڪ ٻڌايو ته اُن لاءِ جوابدار ڪامورا ءَ اديب آهن. جنهن ڪري محفلن ۾ ڪنهن ڇهري ڏسڻ لاءِ گهٽڻ جون اکيون ترسنديون آهن. هڪ ڳالهه اِها به ٻڌڻ ۾ آئي ته سنڌ جي گهٽڻ اديبن جي اِها دلي خواهش هوندي آهي ته هنجي ڪتاب جو مهورت ڪو وزير ڪري. اِن ڪري وزيرن جي پويان اديب تاريخ وٺڻ لاءِ ڊوڙندا نظر ايندا آهن. سونهن نگر جا پوڄاري اديب هاڻي منسٽر پوڄاري بڻجي رهيا آهن.

سنڌ جي دؤري وقت هڪ ڳالهه اِها به اُڀري بيٺي ته حڪومتن سنڌ سان انيڪ نااِنصافيون ڪيون آهن. اخبارن، عوام وقت به وقت آواز پئي ڪڙو ڪيو آهي ته سنڌ سان هاڻ ناانصافي ختم ٿيڻ گهرجي. اِها به گهر اُٿي هئي ته صوبن کي مالي خودمختياري ڏني وڃي. وسيلن جي ورڇ فقط آباديءَ جي بنياد تي نه ٿيڻ گهرجي. پر روينيو اوڳاڙيءَ ٻين اسمن کي به بنياد بڻايو وڃي. اِها ڳالهه به ڪئي ويئي ته سڄي دنيا ۾، ڀارت ۾ گهڻ بنيادي ورڇ ٿيندي آهي. اِن ڳالهه تي زور ڏنو وڃي. اِها به ڳالهه ٻڌڻ ۾ آئي ته صوبن مان جيڪي اوڳاڙيون ڪيون ٿيون جن، سنڌ کي ڇڏي ٻين صوبن کي ته سنڌن حصي جيترو يا اُن کان ڪجهه گهٽ ڪجهه مٿي ملندو رهي ٿو. پر سنڌ کي اُن جو صرف 14 حصو يا اُن کان به گهٽ حاصل ٿئي ٿو. نه صرف ايترو پر سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ زرعي پيدائش کي ڪاپاري ڌڪ رسايا آهن. سنڌ ۾ ٻين صوبن جا به تمام گهڻا ماڻهو رهن ٿا. روزگار جا وسيلا فقط سنڌ جي ئي ماڻهن لاءِ ئي اٽڪرا آهن انهن وسيلن تي جيڪڏهن

رهندو آهي ۽ جوابداري نڀائڻ لاءِ پنهنجي ڀرپور توانائي استعمال ڪندو آهي
مون تاج جويي ۾ هڪ ٻي به خوبي ڏٺي آهي. هن کي ڪٿي ڪا اوڻائي يا ڪمي
نظر ايندي آهي ته هو اُن کي نهايت ئي تدبر، ڏاهپ ۽ حڪمت عليءَ سان حل
ڪندو آهي. دوستن جي سهڪار سان، پنهنجي ذميوارين کي نڀائڻ ۾ ڪابه ڪسر
نه ڇڏيندو آهي. تاج جويو سنڌ جو هاري پٽ آهي. سندس ننڍپڻ ۽ جواني سنڌ
جي ٻهراڙيءَ جي کليل فضا ۾ گذري آهي. هن کي بخوبي ڄاڻ آهي ته هڪ
جفاڪش ۽ جاکوڙي هاريءَ کي غيرآباد ۽ اڻسڌي ڪاراڻي زمين کي هموار ڪري
آباد جي لائق بڻائڻ لاءِ ڪيتري قدر نه محنت، جاکوڙ ۽ خون جگر ڏيڻو پوي ٿو
تاج ادبي سنگت ۾ رهندي اديبن جي ڄٽابندي جي مشڪل ۽ ڪٺن ڪم کي
پنهنجي دوانديشيءَ سان سلجهائي سنگت کي چست بڻايو هو ۽ سنگت ۾ پيد
ٿيل نظرياتي ۽ عملي رابطي ۾ گهٽائي آندي هئي. تاج پنهنجي سوچ ۽ عمل سا
اِهو ثابت ڪيو آهي ته هوُ خود ۽ سندس ساٿي سچا قوم پرست ته آهن پر گڏوگ
سچا ترقي پسند به آهن. قوم پرستي ۽ ترقي پسندي هڪ ئي عمل جا به رُخ ۽ هڪ
ئي سنڌو نديءَ جي وچ سير مان نڪرندڙ ٻن مختلف ڪنارن ڏانهن ويندڙ ڌارائو
آهن جيڪي وري موٽي به ساڳي سير ۾ اچي جذب ٿين ٿيون. تاج جويو ذات جي
لحاظ کان سچو قوم پرست آهي ۽ عمل جي لحاظ کان ترقي پسند به آهي.

تاج جويو کان مون جڏهن سنڌو نديءَ جي سڪي وڃڻ بابت پڇيو، تڏه
چيائين، ”پنجاب وارن سنڌو درياهه تي تربيلا ۽ منگلا ڊيم ناهي، پاڻيءَ کي فق
پنجاب جي گهرجن لاءِ ڪتب آڻي، سنڌ جي ڪچي واريءَ لکين ايڪڙ زمين ک
ويران ڪري ڇڏيو آهي. هوڏانهن سنڌو درياهه مان نڪتل چشما جهلم لنڪ ڪئن
ٻارهن ئي مهنا وهائي، پنجاب جون زمينون آباد ڪيون ويئون آهن ۽ سنڌ ک
غيرآباد بڻايو پيو وڃي. پنجاب جون پنج نديون ستلج، بياس، راوي، چناب
جهلم پنجاب جون زرعي گهرجون پوريون ڪري اچي سنڌو درياهه کي پرتي ڪنديو
هيون. اُن پاڻيءَ کان به سنڌ ۽ سنڌوءَ کي محروم ڪيو ويو آهي. سنڌوءَ کي اجا
وڌيڪ سڪائڻ لاءِ سانباها ڪيا پيا وڃن. ڪالا ڊيم جي مخالفت کان تون واقف آهي
سنڌ کي جهلم نديءَ جي پاڻيءَ کان به محروم ڪيو ويو آهي.“ هن جي ڳالهه ٻڌي م
تڏو شوڪارو ڀريو ۽ سڪل سنڌوءَ جو وشال پيٽ ڏسندو ئي رهجي ويس.

حيدرآباد ۾ جناب ٽالپر جي گهر رهندي هر رات محفل-ڪچهري ٿيند
هئي. ڪچهرين جا ڪوڏيا دير رات تائين اوپاريون لهواريون ڪندا رهندا ه
هڪ رات ماحول ۾ اچانڪ بدلاءَ آيو. جنهن ڪري سرديءَ ۾ ڪجهه اضافو ٿيو

ڪئي ڪئي گناهه پناهه وٺي ٿو. ڌوهن جا ڪهڙا ڪهڙا مرڪز آهن ۽ اُنهن جا سنپالیندڙ خود پولیس جي رحم ڪرم تي پلجندا آهن ۽ اُنهن جي اِشارن تي ڦيچ ڌاڙا، ويڙهه، فسادن جون ڪارروايون ڪندا آهن ۽ قانوني اوٽ وٺي پنهنجي دشمني پاڙيندا آهن. سنڌ پاڪستان ۾ اهڙن ڪلئي عام هلندڙ اڏن ۽ ڀاتاريدارن خلاف قانون جا رکوالا ڪي به قدم نه کڻندا آهن. اسين خود ڏسون ۽ ٻڌون ويٺا ته پاڪستان ۾ ڪافي عرصي کان وٺي امن-امان جي صورتحال خطرناڪ حد تائين خراب ٿي ويئي آهي. عوام جو جيئڻ جنجال ٿي پيو آهي. ڦرون، اغوا، ڏينهن ڏٺي ڌاڙا، چوريون، قتل وغيره روزانو نت نيم بڻجي چڪا آهن. اڪثر ائين به ڏٺو ويو ته سنڌ-پاڪستان ٽي.وي. چينلن تان جيڪي به سيريل پرسارت ٿي رهيون آهن اُنهن ۾ اڪثر ڌاڙيلن، ڪاري ڪاريءَ جي اوٽ ۾ قتل جي واردات وارا انيڪ واقعا فلمايل هوندا آهن. سنڌ جو عوام، سياسي ڌريون، مذهبي اڳوان خاموش نظر ٿا اچن. پوليس، فوجي انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندا به خاموش آهن. سوال آهي ته اِنهن غيرقانوني حرڪتن کي آخرڪار، ڪير اڳتي اچي، همٿ ساري سڌاريندو.

هڪ حقيقت اِها به آهي ته پوليس اِدارو هڪ سگهارو اِدارو آهي، اُن ۾ سٽاڌاري پنهنجي مرضيءَ وارا آفيسر مقرر ڪرائي نه رڳو پنهنجي چڱه مڙسي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر پنهنجن شخصي مفادن لاءِ پڻ استعمال ڪندا آهن. نه صرف ايترو پر گهڻا چڱا مڙس، سياسي اڳوان جيڪڏهن پنهنجي پسنديءَ وارن عملدارن جي مقرري ڪرڻ ۾ اسمرٿ رهندا آهن ته پوءِ جائز-ناجائز الزام لڳائي آفيسرن جون بدليون پڻ ڪرائي ڇڏيندا آهن. بدليون نه ڪرائي سگهڻ جي حالت ۾ ڪونه ڪو مسئلو، سوال، گهر، ڪڙي ڪري مظاهرا ڪرائيندا آهن ۽ ٻاهه ڀڙڪائيندا آهن. اِن بدامنيءَ جي ٻاهه ۾ بي گناهه ماڻهن کي ته اُجاڙيو ويندو آهي پر ايماندار آفيسرن جي ٻلي پڻ چاڙهي ويندي آهي. سياسي نيڪي وارا پوليس عملدار سمجهندا آهن ته اسان مٿان سياسي آشيرواد جو ڪوڇ آهي، اسين جيڪي ڪجهه به اُن اوٽ ۾ ڪنداسين اُهو ثواب جو ڪم آهي. اسان جو ڪم آهي جاوا ڪرڻ، ٻهر يرڻ، عوام جي جان مال جي حفاظت سان اسان جو ڪهڙو واسطو؟ سياست ۽ ڏوهگارن جي ملي ڀڳت پارت ۾ پڻ ڦلي ڦولي آهي- جنهن ڪري هتي به انيڪ ڏسمن جا گناهه ٿين ٿا. پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ چونڊجي آيل غيرقانوني حرڪتون ڪندڙن، ڌوهن ۾ شامل چونڊيل اُميدوارن خلاف قدم کڻڻ ۽ زير زمين مافيا گروپن کي سياست کان ٻاهر رکڻ جي مدي تي انيڪ واد وواد ٿيندا پئي

سچي ملڪ جي ماڻهن جو بار هوندو تہ اُهي وسيلا تہ ڊهي پوندا. وڏي ڳالھ آهي تہ سنڌ ۾ پرڏيهي بہ تمام گهڻي انداز ۾ رهن ٿا اُنهن کي ڪيڻ لاءِ سر تيار ناهي. اِنهن سمورين نااِنصافين جي ڪري سنڌ پاڪستان جي امير ترين هوندي بہ هتان جا ماڻهو غريب ترين آهن. سنڌ جي عوام جي اِڌا گهر بلڪل لڳي تہ سموريون نااِنصافيون ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي وڪاس لاءِ هڪ واضع پاليـ گهڙڻ گهرجي. سنڌ ۾ سنڌي ٿورائيءَ ۾ ٿيندا پيا وڃن.

هند ۾ بہ پاڙيسري ملڪن جا انيڪ شخص گهسي، لڏپلاڻ ڪري ايندا رهن اُنهن پڻ انيڪ مسئلا ڀارت لاءِ کڙا ڪيا آهن. هتان جي حڪومت پڻ اُنهن پرڏيـ کي تڙي ڪيڻ ۾ ناڪام رهي آهي. جيستائين سنڌين جي ٿورائيءَ جو آهي. هند ۾ پڻ آزاديءَ جي شروعاتي سالن ۾ جن علائقن، نگرن ۾ سن گهڻائيءَ ۾ رهندا هئا اُنهن علائقن ۾ غيرسنڌين جي آمد ۽ سنڌي خطن سنڌين جو لڏي دور دور وڃي ورسڻ ڪري سنڌي پڻ ٿورائيءَ ۾ ٿيندا پيا وڃن ڪري سنڌي جيڪي سياسي طور ڪجھ مضبوط هئا پنچايتن، ميونسپالٽ وڏان سيائن جي چونڊن ۾ سولائيءَ سان چونڊجي ايندا هئا اُنهن لاءِ چونڊ اڄڻ مشڪل بڻجندو پيو وڃي. نہ صرف ايترو پر سياسي ڌريون جن تڪن سالن کان صرف سنڌين کي سنڌن جي گهڻائيءَ تحد چونڊون لڙڻ لاءِ پسند ڪنديون هيون هاڻي سياسي ڌرين سنڌي علائقن ۾ غيرسنڌين کي ٽڪيٽون ڏيـ سنڌين کي پاڻ وڌيڪ سياسي طور اپالو ۽ اپاهج بڻائي رهيون آهن، اهڙين حا ۾ هند چاهي سنڌ جي سنڌين جو سياسي شعور ڪٿي قائم رهندو اِهو هڪ آهي؟ هڪ طرف سنڌي سياسي حقن جي گهر ڪن ٿا ٻئي طرف حاصل حق بہ مان سرڪندا پيا وڃن. اهڙين حالتن ۾ آخرڪار ڇا ٿيندو؟

سنڌ دؤري دوران منهنجي ذهن ۾ اِهي تاثر بہ اُڀريا ۽ مون شدت سان محسـ بہ ڪيو تہ سنڌ جا شهري توڙي ٻهراڙيءَ جو لوڪ هڪ طرف ڌاڙيلن، چورن، ڪندڙن، دهشتگردن، ڪٽر پنٿين، جهاد جي نالي قران جي پاڪ پوتر اصو مقصدن جي اُبتي معنيٰ ٻڌائي مذهبي جنون ڦهلائيندڙ جا شڪار آهن تہ طرف ڪامورن، پاٽاريدارن، زميندارن ۽ پوليس وارن جا بہ ستايل آهن. ٻڌ هتان جي پوليس ڌوهاري، گنهگار، اغوا ڪندڙن، ڌاڙيل پئدا ڪندڙن جي م ۽ پوليس چونڪيون وڏا ڪارخانا بڻجي پيا آهن. ڌوهارين ۽ قانون جي رک جي ملي ڀڳت ڪري ماڻهو ظلم، ڦرلٽ، ڌپ، ڌهڪاءَ جا شڪار بڻيا آهن. پول جاسوسي تنظيمن کي ننڍي سطح کان بالا سطح تائين اِها ڄاڻ هوندي آه



قمريتي ۽ جي ڪٽنب سان
چينو لالواڻي ۽ هيرو نڪر.




ڪينجهر آجياڻي وقت ادي سسئي پليجو،
وزير هيرو نڪر، چينولالواڻي، شوڪت شورو ۽ ٻيا.



ادي سسئي پليجو وزير
سياحت ۽ ثقافت کاتو.



ٻال ادب سيمينار وقت
منچ تي اديبن سان.



جناب سعيد قاسم علي
شاهه اعليٰ وزير سنڌ



چينولالواڻي، هيرو نڪر ۽ قمر شهباز



شيخ اياز ڪانفرنس وقت
شرڪت ڪندڙ اديبن سان گڏ



ريڊيو حيدرآباد ۾ ادبي فنڪار بغيچو ۾ وڻ
پوکيندي چينو لالواڻي جناب مرزا سان گڏ

رهيا آهن. قانون گهڙڻ، چوندڻ جي نيمن ۾ بدلاءَ آڻڻ ۽ لوڪشاهي سرشتي
صاف سٿرو، شفاف بڻائڻ، پاڪ، پوتر رکڻ لاءِ ڪوششون تہ ڪيون پيئون وڃن
”جيئن تڏ تيئن وڏ“ واري ڪار لڳي پيئي آهي. ڪرائيم (گناهن) سان جڙيل
ڪرائيم ۾ مبتلا اُميدوارن ۾ اضافو ٿيندو پئي رهيو آهي. نہ صرف ايترو پارت
ڪي اهڙيون پوليس اسٽيشنون بہ آهن جتي آمدنيءَ جا انيڪ وسيلا آهن اُن
هنڌن تي بالا عملدار پنهنجي مقرري ڪرائڻ لاءِ نہ صرف سياسي ستا، سياس
آقائن جو اُپيوگ ڪندا آهن پر من گهري رشوت ڏيڻ لاءِ بہ تيار هوندا آهن. اُن
جي بولي لڳائي ويندي آهي. دلالي ڪندڙ بہ جام آهن. چوندا آهن ”جتي لو
هجن اُتي نوڪري بکہ نہ مرن. قانوني بچاءَ مرڪز نوڪين جا آسائش گاهہ آهن.“

اِها بہ هڪ حقيقت آهي تہ هند-سنڌ ۾ پوليس ڏوهارين جي چار ٽوڙڻ
غيرقانوني طور لڪ چوريءَ آندل هٿيارن، پنوارن، شين ۽ خود ماڻهن جي گهم
خوريءَ تي ضابطو قائم ڪرڻ لاءِ اجا تائين ڪا حڪمت عملي، طور طريقو جوڙ
نہ سگهي آهي. بنهي ملڪن ۾ هر شخص صرف اِهو سوال ڪري ٿو تہ آخر ڳو
شهر، صوبي، ملڪ ۾ امن امان، صلح-شانتي ڪير موٽائي ڏيندو؟ ☐



ميتا اوارڊ حاصل ڪندي جينو لالواڻي، محترما فهميدا حسين، ادل سومرو ۽ ابراهيم جويو.



شيخ اياز ڪانفرنس وقت منچ تي جينو لالواڻي مقالا نويسن سان



حميد سنڌي جيني لالواڻيءَ جو سنمان ڪندي ۽ ڊا. غلام علي الانا.



لئنگويج اٿارٽيءَ طرفان رکيل آجياڻي وقت هيرو نڪر جينو لالواڻي، ڊا. چندر ڏاسواڻي، ابراهيم جويو ۽ ٻيا.



ميتا اوارڊ حاصل ڪندي هيرو نڪر، جينو لالواڻي، فهميدا حسين ۽ ابراهيم جويو.



قمر پٽيءَ سان جينو لالواڻي، هيرو نڪر ۽ تاجل بيوس



جناب غلام علي الانا جيني لالواڻيءَ کي 'جامع سنڌي لغت' پيش ڪندي.



رني ڪوٽ تي هيرو نڪر ۽ جيلو لالواڻي.



شيخ اياز ڪانفرنس جي موقعي تي رڪيل مورائي،
تاج جويو، هيرو نڪر، جينو لالواڻي، قاسم ٻگهيو ۽ ادل سومرو




مڪليءَ ۾ دولهه درياهه خان جي
مجار تي سنڌ جي اديبن سان





انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جي آدم قد پتلي ۽ ير واري جهانڪيءَ
پرسان شوڪت شورو، جينو لالواڻي، هيرو نڪر ۽ بيا.



’ادا سائين‘ ٻال رسالي جو سمپادڪ محمد وسيم
خان لالواڻيءَ کي انڪ ڀيٽ ڏيندي.



رني ڪوٽ قلعي تي جناب قاسم ٻگهيو،
هيرو نڪر ۽ جينو لالواڻي.




سنڌالاجيءَ ۾ تاج جويو، شوڪت شورو،
هيرو نڪر، جينو لالواڻي عملي سان.



ٻين شيخ اياز بن ال قوامي ڪانفرنس ۾
جينو لالواڻي مقالو پيش ڪندي.


inblu®
GROUP ITALY
Leading Brand in 'PU' Footwear
Our other prominent brands
aerowalk™
inblu PRODUCTS
Chips®
CONDOR GROUP ITALY


PAKISTAN RANGERS
CELEBRATES 50TH YEAR OF INDEPENDENCE
ڪٿي منجهڪئي ۽ جيئن لوهار ليپيو
سيد نا پنائي
سنڌ
ڪان وڇڙيل
هند جي
سنڌي
اديبن، شاعرن ۽ دانشورن
پنائي جي پون تي
ڀليڪار
چئون
پاران، سنڌي ادبي سنگت




سنڌ وارا
هندڪان آيل مهمانن کي
سنڌ ڌرتي تي ڀليڪار چئون ٿا
سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن